11/12
2010

# سارنگا



Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ايڊيٽوريل بورڊ:
شوڪت حسين شورو
جامي چانڊيو
سردار شاهه
اڪبر لغاري
علي دوست عاجز
منظور ميراڻي

# سارنگا

ايڊيٽر (اعزازي):
اسحاق سميجو

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
پاران ايم. ايڇ. پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# سارنگا


جلد: ٽيون
شمارو: يارهون/ٻارهون (اونهارو-سيارو)
سال: 2010
**جولاءِ- ڊسمبر**
ٽائيٽل: سعيد منگي
ويب سائيٽ: www.sarangaa.com
ويب ڊزائينر: محمد يعقوب ڪونڊر
ڪمپوزنگ: آفتاب حسين ڪوهارو- سعيد سميجو
ڇپيندڙ: آڪاش پرنٽنگ پريس، حيدرچوڪ، حيدرآباد
قيمت: 100 روپيا

ساليانو چندو: 400 روپيا (عام ٽپال)
500 روپيا (ڪوريئر ذريعي)

**SARANGAA**
Volume:3
Issue:Third-Fourth
Year: 2010
**July -December**
Editor: ***Ishaq Samejo (Hon.)***
website: www.sarangaa.com
Postal Add: First Floor, Gulzar Marhi,
Shah Latif Kitab Ghar, Hyderchowk,
Hyderabad-71000, Sindh, Pakistan.
Mobile: +92 333 2746344
Publisher: Ayaz Ali
**Sarangaa Literary and Cultural Society**
Hyderabad, Sindh.

ايڊورٽائيزنگ اينڊ مارڪيٽنگ مئنيجر:
**حميد سميجو**
Cell: 0345_8830151

e-mail:
sarangaa.sindh@gmail.com
editor.sarangaa@gmail.com


---

- سارنگا ۾ ڇپيل ڪنهن بہ تحرير جي متن ۽ نقطئہ نظر سان ايڊيٽر جو سهمت هجڻ ضروري نہ آهي.
- سارنگا راءِ جي آزادي ۽ اختلاف جي حق کي احترام جي نگاهہ سان ڏسي ٿو.
- سارنگا ۾ شايع ٿيل ڪابہ تحرير ڪنهن بہ رسالي، اخبار ڪتاب يا ويب سائيٽ لاءِ فقط حوالو ڏيڻ جي صورت ۾ ڪٺي سگهجي ٿي.



# اَول اَول


● ڪجلا سَر — اداريو — 7

● سيلف انٽرويو — 9
وڏ ۾ وڏ خطرناڪ لفظ "محبت" آهي
جڳ مشهور ليکڪ ٽرومين ڪيپوٽ جي پنهنجو پاڻ سان گفتگو۔
عبدالقادر جوڻيجو

● تاريخ
آرٽ: بازار کان دربار تائين — ڊاڪٽر مبارڪ علي/عائشہ الاهي — 24

● 2010 : ادب جو نوبل انعام
ڪابيءَ ڏرڪان ساڄيءَ ڏر ڏانهن سرڪندڙ- ماريو ورگاس يوسا
منظور ملاح — 30

● تخيل
بخشڻ مهراڻوي — 34

● آتم ڪٿا
وهي ڪاتي جو اٺهون پنو — لڇمڻ ڪومل — 43

● ڀارت ياترا
جئپور لٽريچر فيسٽيول۔II — شوڪت حسين شورو — 51

● پروفائيل — 74
سيٺ ڪمار: لفظ "مخير" جو عملي روپ — منظور جوکيو

● **ليک**

فاطمہ پتو رت ۾ تلوار جا گيت لکي ٿي — خوشونت سنگھہ/ رام اوڏ — 81

● **غزل** — 85

ساحر راهو رخسانہ پريت چنڙ روبينہ ابڙو بخشل باغي، ابرار ابڙو شبير هاليپوٽو ذوالفقار گاڏهي، خليل ڪنڀار اشرف پلي، مشتاق گبول، رياضت برڙو برڪت بلوچ شبير بروهي، خالد چانڊيو ساجد چانڊيو عاجز عزيز کوسو شوڪت تبسم ڪنير فياض منصور بابر جاگيراڻي.

● **ڪتا**

هُو جو گلزار آهي! — ميگهنا گلزار/منوج ڪمار — 97

● **ننڍي ڪنڊ جي شاعري**

ـ جينت پرمار جا ڪجھ نظم — جاويد ساغر — 116

● **مان ڇو ٿو لکان؟**

لڇان ٿو پڇان ٿو تڏهن ڪجھ لکان ٿو.... — انعام شيخ — 120

● **پرڏيهي ڪهاڻيون**

اعتراف — محمود درويش/اختر رند — 130

منهنجي ملڪ جو دستور — هئنرخ بال/ساجد سومرو — 136

● **نظم** — 163

طارق عالم ابڙو اسحاق سميجو حاجي ساند، اياز امر شيخ، عزيز گوپانگ فراق هاليپوٽو نثار بانيڻ، عبيدالله عبد پنيرو.

● **ڪهاڻيون**

ـ نہ سمجھڻ جو ڏک — اخلاق انصاري — 152

ـ سهميل ڇهري تي چانڊوڪيءَ جو عڪس — شبنم گل — 157

ـ سرابن جي قلواڙي — امر لغاري — 162

ـ مون ڪانپوءِ سچ نہ ايرندو — مراد قريشي — 168

● **يادگار ڪهاڻي**

ڪارو پاڻي — جمال ابڙو — 186

● **وايون/ گيت**

مير محمد پيرزادو ادل سومرو سعيد ميمڻ خليل عارف سومرو ماڻڪ ملاح — 190

● **خاڪو**

مکي جو ماڻهو – چاچو لونگ ملاح — منظور ملاح — 195

● جائزو

ـ گراموفون جي يونيوءَ مان نڪرندڙ آواز

رسول ميمڻ جي ڪتاب "فونو" بابت راءِ — ممتاز مهر — 198

● پروفائيل

وطن ۾ بي وطن ماڻهن جو شاعر — اشوني سيٺ/گوبند مينگهواڙ — 203

اپياس

ـ روايتن جو باغي شاعر — ڊاڪٽر حميد سومرو — 208

● خاص ورق

ـ اڪيلائيءَ جي 75 سالن جي ڪهاڻي — اشفاق لغاري — 211

ـ حليم بروهيءَ جون ڪجھ يادگار لکڻيون — 214

● ٽربيوٽ

مدهوش: پريءَ جو مسافر — خليل عارف سومرو — 223

ـ مدهوش جا ڪجھ غزل

● بڪ شيلف

ـ چنڊ, چنڊ آهي

ـ فياض چنڊ ڪليريءَ جي ڪتاب تي هڪ نظر — ذوالفقار گاڏهي — 228

ـ سنڌ ۾ رهندڙ ذاتيون, قومون ۽ قبيلا — فدا چانڊيو — 232

ـ درد جي ساڳي ڪٿا

محبت جي شاعري — فرحان اُجڻ — 237



نامور نوجوان آرٽسٽ اي. آر. آزاد جو تخيل

## حليمَ! سنڌ تو کي ”ڪنفرم“ ڪري ٿي

چون ٿا تہ حليم بروهي بہ گذاري ويو. حليم بروهي بہ ڀلا گذارڻ جي شيءِ آهي؟ هن تہ پاڻ پنهنجي هٿن سان سنڌي سماج، ڪلچر، مزاج ۽ ادب جا ڪئين ديوَ دفن ڪيا هئا. هو هڪ سچو جينيوئن، ضدي ۽ کرو ماڻهو ۽ ليکڪ هو ۽ انهن سڀني De_merits هن کي اڪيلو بہ ڪري ڇڏيو هو جنهن جو کيس رَکي رَکي احساس بہ ٿيندو هو تہ پڇتاءُ بہ پر هو پنهنجي انا ۽ سرشت کان مجبور هو. هن کي نہ واهہ واهہ سان دلچسپي هئي، نہ انعام اڪرام سان. نہ تمغي جي تمنا هئي، نہ نوازجڻ جي خواهش. هو هڪڙو سچو پچو من مَوجي ۽ پنهنجيءَ نرالي ادا جو انوکو مثال هو. حليم هڪ مڪمل غير روايتي ۽ ڏار مزاج هو. سنڌي نفسيات ۽ سوچ جي حوالي ۾ بي پرواهي ۽ بي ڊپائي هن جي لکڻ توڙي ڳالهائڻ جا خاص اهڃاڻ هئا. هن نہ ڪنهن جي ڪوڙي خوشامد ۽ ساراهہ ڪئي، ۽ نہ ان جي ڪنهن مان تمنا رکي. هن پنهنجي مرضيءَ سان جيئڻ جي چونڊ ڪئي، ۽ پنهنجي مرضيءَ سان، حيدرآباد صدر ۾ ڊاڪٽرس لائين جي پويان واري گليءَ ۾ پنهنجي پراڻي گهر جي ڏاڪڻ تي ويٺي ويٺي، زندگيءَ جا سمورا ساهہ عياشيءَ سان اڏائڻ جو ڪم ڪيو. هو جلسن ۽ مجمع بازيءَ کان پري، شامن ۽ ڪتابن جي مهورتن کان پري، ڪتابن جا مهاڳ ۽ بئڪ ٽائيٽل لکڻ کان پري، ادارن ۽ ايڊيٽرن سان يارين رکڻ کان پري، ادبي سياست ۽ گروهہ بنديءَ کان پري، دنيا ۽ خاص طور سنڌ تي ڪاوڙيل، چِڙيل، ناراض ۽ جهيڙيڪار طبيعت جو هو. ڪئين ڳالهين ۾ هو غلط بہ هو. ڪئين ڳالهيون هن نج هن جي جذبات ۽ ڪاوڙ ۾ ويڙهيل هيون، ڪئين ڳالهين کي فقط هن جي مزاج جي پس منظر ۾ ئي سمجهي سگهجي ٿو، پر ٿلهي ليکي ۽ بنيادي طور هو هڪ يُونيڪ، ليجنڊ ۽ ڀرپور ليکڪ ۽ انسان هو. حليم سنڌ جي روايت پسند، فرسوده مزاج، هر شيءِ کي ”قديم“ ۽ ”عظيم“ سمجهي واه واهہ ڪرڻ واري سطحيت تي چِڙيل ماڻهن جو رول ماڊل هو. هن جي شخصيت ۽ قدڪاٺ کي رڳو ليکڪ يا مزاح نگار جي معيار تي پرکڻ زيادتي ٿيندي. هو پنهنجن همعصرن ۾ پنهنجي شعبي ۽ ڪم جو نمائندو هيو. جيئن شاعريءَ ۾ اياز ڪهاڻيءَ ۾ امر جليل، غير افسانوي نثر ۾ راشدي پائرن کي هڪ نمايان حيثيت حاصل آهي، حليم کي مزاح ۾ اهڙئي اڪيلي شهسوار جو درجو حاصل رهيو آهي. هن جي سوچ، رويي ۽ طبيعت سان اختلاف سئو ماڻهن کي ٿي سگهي ٿو ۽ ٿيڻ بہ گهرجي. بلڪل ايئن جيئن اسان کي ٻين سوين ماڻهن سان سوين اختلاف آهن، پر انهن جي ڪم ۾ انهن جي حيثيت تي منڊيٽڙو ڦيرائي نٿا سگهون. هن پاڻ لکيو هو:”منهنجي شخصيت ئي ڪجهہ اهڙي آهي، جو جتي منهنجي شخصيت

ڪي ڪنفرم (Confirm) ڪرڻ وارو ڪو هڪڙو هوندو. تہ اتي منهنجي شخصيت ڪي ڊسٽورٽ (Distort)ڪرڻ وارو ڪو هڪڙو بہ ضرور هوندو. ساڳئي نموني ۾ جتي منهنجي شخصيت کي ڊسٽورٽ (Distort) ڪرڻ وارو ڪو هڪڙو بہ هوندو. تہ اتي ئي منهنجي شخصيت کي ڪنفرم (Confirm) ڪرڻ وارو ڪو هڪڙو بہ ضرور هوندو.“ سندس ان دعوي ۾ ذري برابر بہ شڪ جي گنجائش نہ آهي، بلڪ حقيقت اها آهي، تہ حليم کي ڪنفرم ڪرڻ وارا، ان کي ڊسٽورٽ ڪرڻ وارن کان تمام گهڻا آهن.

حليم جي شخصيت جا ڪئين تضاد چئي سگهجن ٿا، پر هو ڪو اسان جو تڪراري ليکڪ نہ آهي. ان تي هڪ ئي راءِ آهي، تہ هو شمس الدين بلبل کان وٺي، نور عباسي، رشيد ڀٽي، علي احمد بروهي، ويندي امتياز ابڙي تائين، سنڌيءَ جي مزاح نگارن ۾ سڀ کان وڌيڪ پڙهيو ويندڙ ۽ مقبول ترين ليکڪ هو. جنهن وٽ مزاح جي حس سان گڏ پنهنجي دور جي اهم تخليقي ادب، سياسي سماجي حالتن جو شعور ۽ ادراڪ بہ هو. بس هن جي هڪڙي ئي خرابي/خوبي هئي، تہ هو اسان سڀني جو ”ضد“ هو ۽ ”ضدي“ بہ هو! ۽ اسان سڀني کي فقط ”هم خيال“ ۽ ”ها ۾ ها ملائيندڙ“ ئي پسند آهن!

- سارنگا جو هيءُ پرچو ڪجهہ وڌيڪ ئي دير سان اوهان تائين پهتو آهي. دراصل تازي آيل ٻوڏ جي ڪيل تباهين، حڪومت ۽ حڪمرانن جي بدانتظامين سبب مُني سنڌ جي دربدر ٿيڻ ۽ ڏيڍ بہ ڪروڙ ماڻهن تي آيل قيامت ذهني طور تي جيڪو حال ڪيو هو تنهن ان قابل ڇڏيو ئي نہ هو جو ويهي شعرن جا پروف پڙهجن ۽ ڪهاڻين کي ايڊٽ ڪجي. هاڻ جڏهن ماڻهن جي گهرن ۽ ساهن تي چڙهي آيل پاڻي، معذرت خواهيءَ سان موٽڻ شروع ڪيو آهي، سنڌ هوريان هوريان ٻيهر بحاليءَ لاءِ پَر ساهڻ لڳي آهي، ماڻهو پنهنجن پنهنجن ويڙهن طرف واپس ٿي رهيا آهن. ٽٽل همت ۽ ڊٺل جُهڳا ڪک ڪک ٿي ميڙجڻ ۽ تعمير ٿيڻ لڳا آهن. تڏهن اسان بہ موٽي آيا آهيون. سنڌ تي آيل هن تباهيءَ اسان سڀني کي، ان ڳالهہ جو احساس بہ شدت سان ڏياريو آهي، تہ اسين هن خطي جا سڀ کان لاوارث ماڻهو آهيون. جن کي قدرتي آفتن توڙي سماجي ڏاڍاين سان پنهنجي سِر پاڻ ئي مُنهن ڏيڻو آهي. ڇا بہ حڪومت، انتظاميہ، سياست توڙي نظام انهن کي پنهنجو ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي. ڪنهن بہ مصيبت ۽ ڪربلا ۾ نہ تہ ڪو سنڌن والي ٿيندو ۽ نہ مددگار. حڪومت جا فلاح لاءِ ٺهيل ادارا ۽ ماڻهن جي خدمت جي نالي ۾ ڪروڙين روپيہ وصول ڪندڙ فائونڊيشنس ۽ سوسائٽيز فقط مخصوص علائقن ۽ ماڻهن لاءِ ٺهيل آهن. ان ڪري اسان کي پاڻ ڪي ڪرڻو آهي تہ ذهني ۽ سماجي غلاميءَ جو هيءُ زنجير، اسين پاڻ ئي پيرن مان لاهي ڦٽو ڪنداسين. يا اهو بہ پنهنجن پوين لاءِ ورثي طور ڇڏي هلنداسين؟!

- اسحاق سميجو



# وڏي ۾ وڏو خطرناڪ لفظ ”محبت“ آهي

## جڳ مشهور ليکڪ ٽرومين ڪيپوٽ جي پنهنجو پاڻ سان گفتگو

سنڌيڪار: عبدالقادر جوڻيجو

*پنهنجو خاڪو پاڻ لکڻ لاءِ ٻه طريقا استعمال ڪيا ويندا آهن: هڪڙو اهو ته جيڪي ڪجهه دل ۾ اچي، اهو سِڌو ئي سِڌو لکجي. ٻيو اهو ته پنهنجو پاڻ کان ئي پنهنجي باري ۾ سوال پڇجن، ۽ پوءِ پاڻ ئي جواب ڏيئي پنهنجو پاڻ کي ظاهر ڪجي. منهنجي پنهنجي ذاتي راءِ آهي ته جي سوالن جي ذريعي پنهنجو پاڻ کي اندران کوٽيو ته اهڙيون ڳالهيون نڪري اينديون، جو شايد سڌيءَ ريت لکڻ سان نه نڪرن. تنهن هوندي به هر ماڻهوءَ جي نفسيات پنهنجي هوندي آهي. تنهن ڪري جنهن کي به جيڪا ڳالهه دل سان آئڙي، اهو ائين ئي ڪري. لکڻ ۾ زور زبردستي نه هوندي آهي. راءِ ذبي آهي، پر ٽڦبي ناهي. ٽرومين ڪيپوٽ سوالن جوابن وارو طريقو استعمال ڪيو آهي.*

*ٽرومين ڪيپوٽ (Trueman Capote) سن 1924ع ۾ ڄائو ۽ 1984ع ۾ وفات ڪيائين. هن پهريون ناول Other Voices 1948ع ۾ لکيو جنهن جي ڪري کيس بين الاقوامي شهرت ملي. سندس ٻين ڪئي ڪتابن ۾ Breakfost at Tiffons, A Tree of Night, The Grass harp, Summer Crossing اچي وڃن ٿا. جڏهن ته سندس ڪتاب Cold Blood کي ويهين صديءَ جو وڏو ڪارنامو ڪري ليکجي ٿو. - مترجم)*

**سوال: جيڪڏهن توکي ڪنهن هڪڙي هنڌ رهڻو پوي ۽ بئي پاسي ڪيڏانهن به نه وڃڻو پوي، ته تون ڪٿي ڪُپ ڪوڙي وهندين؟**

جواب: اڙي يار ڇڏ. اهو ته خيال ئي ٻوڏارن ۾ وجهڻ وارو آهي. گذريل ٽيهارو سال ته رولڙي ۾ گذاريا آهن. سڄي دنيا منهنجو گهر آهي. پر پوءِ به هڪڙي ڳالهه آهي ته دنيا جهان کي ڏسڻ ۽ پروڙڻ لاءِ آئون اسپين يا اٽليءَ ۾ هجان، سئٽزرلينڊ، هانگ ڪانگ يا ڪئليفورنيا ۾ هجان، ۽ ڪئليفورنيا، ڪئنساس يا لنڊن ۾ هجان- پر پوءِ به مون هيستائين نيويارڪ وارو پنهنجوگهر ڪڏهين به هٿ مان نه ڪڍيو آهي. رلندو ته اجا به رهندس. پر جي ڏسندس ته منهنجيون سڀ ڏسيون بند ٿي چڪيون آهن ۽ هڪڙي ئي هنڌ رهڻ لاءِ لاچار آهيان، ته پوءِ ته چوندس ته نيويارڪ کان سواءِ ٻئي هنڌ نه رهندس.

**سوال: پر ڇو؟ نيويارڪ ته گندو ۽ خطرناڪ شهر آهي، جتي هر نڪته نگاهه کان رڳو تڪليفون ئي تڪليفون آهن. جتي رهڻ ئي مصيبت آهي.**

جواب: ها، اها ڳالهه ته صحيح آهي. جيتوڻيڪ آئون ڪنهن ٻڪرٽيل جابلو علائقي ۾ يا سمنڊ جي ڪناري تي اڪيلائيءَ جي زندگي گهاري سگهان ٿو پر بنيادي طرح تي آئون وڏي شهر جو ئي رهاڪو آهيان. مونکي نيويارڪ جا فٽ پاٿ ۽ روڊ وڻن ٿا ۽ فٽ پاٿ تي هلندي پنهنجي جوتن جا آواز پسند آهن. مونکي هن شهر جون پريون تريون دريون وڻن ٿيون. مونکي هتان جا سڄي رات کليل ريسٽورنٽ ۽ سڄي رات وڄندڙ سائرن جا آواز وڻن ٿا. ائين برابر آهي ته هن شهر ۾ ذات ڏوهاري ماڻهو رهي ٿو. پر هي شهر اهوئي آهي، جتي ڪتابن ۽ سنگيت جي رڪارڊن جا وڏي ۾ وڏا دوڪان آهن. آءُ دل جي هٿان مجبور ٿي آڌيءَ رات جو انهن دوڪانن تي هليو ويندو آهيان. هن شهر ۾ سڄي دنيا وسي ٿي. آئون ته ائين چوندس ته نيويارڪ شهرن جو به شهر آهي.

روم شهر ۾ رڳو گوڙ شور آهي ۽ مقاميت جو شڪار آهي. پئرس هڪ ڏڪارو، پوتاڙيل، مايوس، خاموش، ٻوساتيل ۽ مَر سهو شهر آهي. لنڊن؟ منهنجا سڀ آمريڪي دوست ڪجهه وقت لاءِ لنڊن ۾ وڃي رهندا آهن ۽ اتي بور ٿيندا آهن. پوءِ به موٽي اچي چوندا آهن، "لنڊن سُڌريل شهر آهي." خبر ناهي ڇو ائين چوندا آهن. لنڊن ته هڪ تڪل ۽ اڌ مئو ٿيل شهر آهي. نه رڳو اهو پر لنڊن ۾ مقاميت به ڏاڍي آهي. ساڳيا ماڻهو ذر ذر ساڳين ماڻهن کي پيا ڏسندا آهن. هر ماڻهوءَ کي ٻئي ماڻهوءَ جي خبر هوندي آهي ته اهو ڇا ٿو ڪري. مصيبت اها آهي ته لنڊن ۾ رهندي ڪري ماڻهوءَ کي ٻٽا رويا اختيار ڪرڻا پوندا آهن.

نيويارڪ جي وڏ ۾ وڏ اها اهميت آهي ته اهو باقاعدي هڪ شهر آهي، جتي هڪ ماڻهو ٻئي ماڻهوءَ تي اک به نه رکندو آهي. جي شهر مان رڳو ڏهه ماڻهو چونڊبا ته هر ماڻهوءَ جي سنگت جو ٽولو ڌار ڌار هوندو آهي. ائين نه هوندو آهي ته هڪڙي ٽولي جو

ماڻهو ٻئي ٽولي جي ماڻهوءَ سان سنگت ۾ رهندو هجي. ڪو ڪنهن کي ڪراس نه ڪندو آهي.

**سوال: تون ڀلا ماڻهن کان وڌيڪ جانورن کي ترجيع ڏيندو آهين ڇا؟**

جواب: ماڻهو توڙي جانور وٽندا اٿم. ڪا اهڙي ڳالهه نه آهي. پر اجا تائين اهو ڏسندو پيو اچان ته اهو هڪ ڳجهو ناحق آهي جو ماڻهو ماڻهن کان وڌيڪ جانورن جو خيال وڌيڪ تا رکن. خاص ڪري ڪتن، ٻلين ۽ گهوڙن جو. اهو آهي ته ظلم.

**سوال: تون به ظالم آهين ڇا؟**

جواب: ڪڏهين ڪڏهين، سو به ڳالهين جي حد تائين. ڪڏهين ڪڏهين منهنجيون ڪيل ڳالهيون ٻين کي ڦٽي وجهنديون آهن. چرڪو ڏيئي وٺندو آهيان. منهنجي خيال ۾ اها ڳالهه هيئن ٿي ٿهي ته آئون پنهنجي ڪنهن دشمن کان وڌيڪ خود پنهنجو دوست وڌيڪ هوندو آهيان.

**سوال: تنهنجا ته ڳچ دوست به هوندا؟**

جواب: لڳ ڀڳ ست ڇٽا اهڙا دوست اٿم، جن تي پڪو ڀروسو اٿم. ۽ ويهارو کن اهڙا به دوست هوندا آهن، جن تي گهٽ يا وڌ اعتبار ڪندو آهيان.

**سوال: توکي تنهنجن دوستن جون ڪهڙيون ڳالهيون وڻنديون آهن؟**

جواب: سڀ کان پهرين اها ڳالهه ته دوست عقل جو دشمن نه هجي ۽ سر کان ٻتال ٽيل نه هجي. مون هڪ يا ٻه پيار اهڙا به ڪيا آهن، جو مون کي سر کان ٻتال ٽيل مٿي ۾ لڳيون. ائين هر ڪنهن سان ٿيندو رهندو آهي. ڪڏهين عورت مُني ته ڪڏهين مرد مُنو. پر پيار جو هڪ بيو مامرو به آهي، ڪڏهين ڪڏهين پيار جي چڪر ۾ اڇي مرد ۽ عورت شادي ڪري وٺندا آهن، جو ٻئي ڇٽا هڪ ٻئي کي سمجهي نه سگهندا آهن ۽ هڪ ٻئي جي احساسن کان اڻ واقف هوندا آهن. يا خدا، مون کي اها خبر نه پوندي آهي ته اهڙا جوڙا ڀاڻ ۾ شادي ڇو ڪندا آهن. انهيءَ ڪري ئي ته گهڻيون شاديون ڏنين ۽ ڏکن سان ڀريل هونديون آهن.

گهڻو ڪري ائين به ٿيندو آهي جو ماڻهو هڪ ٻئي سان ملڻ کان پوءِ هڪ اڌ جملي مان خبر پئجي ويندي آهي، ته دوستي ٿي ويئي. جملو پورو ئي نه ٿيندو آهي ته خبر پئجي ويندي آهي. منهنجي چوڻ جو مطلب آهي ته توهان اجا پنهنجي ڳالهه پوري ئي نه ڪندا آهيو ته هڪدم اوهان کي پڪ ٿي ويندي آهي ته جنهن سان توهان ڳالهايو وينا، اهو/اها اوهان جي ڳالهه پوري ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي سڀ ڪجهه سمجهيو ويٺو هوندو آهي. اهو هڪ ذهني، جذباتي ۽ زباني ڪلامي ڪرنٽ هوندو آهي، جيڪو هڪ ٻئي ڏانهن ڇڪي وٺندو آهي.

ذهانت کي پاسي تي رک. اصل اهميت ته هڪ ٻئي ڏانهن ڏيان ڏيڻ جي هوندي آهي. آئون دوستن تي ڏيان ڏيندو آهيان ۽ سندن خيال رکندو آهيان. موٽ ۾ دوست به ائين ڪندا آهن. منجهائن اها ئي توقع رکندو آهيان.

**سوال: ڪڏهين ڪنهن دوست توکي مايوس ڪيو؟**

جواب: نہ اهڙي تہ ڪا ڳالهہ ناهي. ڪڏهين ڪڏهين آئون بنا سوچ سمجهہ جي تڙ تڪڙ ۾ اجوڳن ماڻهن سان واسطيداري پيدا ڪري وٺندو آهيان (اسان سڀ ائين نہ ڪندا آهيون ڇا؟) پر پوءِ بہ پنهنجيون اکيون کولي رکندو آهيان. لڳ لاڳاپن جي سلسلي ۾ ڪڏهين ڪڏهين اندر کي لڳندڙ ڌڪ ماڻهوءَ کي اندرو ئي اندر زخمي ڪري وجهندو آهي ۽ ماڻهو حيران ٿي ويندو آهي تہ آخر ائين ڇو ٿيو. پر آئون اهڙن مامرن تي ڪڏهين بہ حيران نہ ٿيندو آهيان. جو ڪو ڏک رسيم. البت ڪڏهين ڪڏهين ڪاوڙ ۾ اچي پاڻيءَ مان نڪري ويندو آهيان. پوءِ سڄي ڪاوڙ پي ويندو آهيان. باقي مايوس تہ ڪو نہ ٿيندو آهيان.

**سوال: تون سچارو ماڻهو آهين؟**

جواب: لکڻ جي حد تائين تہ سچارو ماڻهو آهيان. رهي ڳالهہ منهنجن ذاتي شخصي روين جي، تہ منهنجي باري ۾ هر ڪنهن ماڻهوءَ جو پنهنجو پنهنجو خيال هوندو آهي. منهنجي ڪجهہ دستن جو خيال آهي تہ جڏهين مون کي ڪنهن جي باري ۾ ڪا خبر پوندي آهي تہ آئون انهيءَ خبر ۾ پنهنجي طرفان ٽانڪا هڻندو ويندو آهيان ۽ وڌاءَ کان ڪم وٺندو آهيان. پر آئون پنهنجي طرفان اهو چاهيندو آهيان تہ اها خبر اهڙي رنگ ۽ ڍنگ ۾ بيان ڪيان جو انهيءَ ۾ ڪا جان تہ هجي، رُکي خبر تہ نہ هجي. بين اکرن ۾ ائين بہ چئي سگهجي ٿو تہ اهو بہ هڪ قسم جو آرٽ آهي. ضروري ناهي تہ جيڏانهن سچ جو منهن هجي، اوڏانهن ئي آرٽ جو ئي منهن هجي. سچ رُکو هوندو آهي، جڏهن تہ آرٽ رَس ڀريو آهي، فرق تہ سڌو ڀيو آهي.

**سوال: ٻچپل وقت ۾ ڇا ڪندو آهين، جو توکي مزو اچي؟**

جواب: منهنجي زندگيءَ ۾ اهڙا ڪيترا ئي موقعا ايندا رهيا آهن جو آئون ڪڏهين ڪڏهين اُسڙڪي چوندو آهيان، پر جنسي طور تي نہ. اهو وقت اهڙو هوندو آهي جو رڳو رواجي طور تي ٺلهو وقت گذارڻو نہ هوندو آهي، پر انهيءَ وقت منهنجي دل ۾ هڪڙي ڳالهہ چَڪ هڻي ويهي رهندي آهي، تہ ٻيو ڪجهہ نہ ڪريان، رڳو پڙهندو ئي رهان، سو بہ سدائين لاءِ ڪري. جيتوڻيڪ آئون همعصر ليکڪن کي ايترو ڪو نہ پڙهندو آهيان، پر پوءِ بہ ڪيترا ئي اهڙا همعصر ليکڪ آهن، جن کي آئون واڪاڻيندو رهندو آهيان. انهن ۾ فلينري اورڪو نارمن ميلر، وليم اسٽائرن، يُو ڊورا ويلٽي، ڪيترائين ايني پورٽر ۽ شروعاتي سئگلنر اچي وڃن ٿا. ٻيا بہ ڪيترا آهن، مون کي گور وائيڊل جو فڪشن نپ ڪو نہ وڻي، پر سندس ٻيا ڪتاب بنهين ڀلا آهن. اهو ئي حال جيمس بايوڊن جو آهي.

گذريل ڏهاڪو سالن ۾ آئون انهن ليکڪن کي وڌيڪ پڙهڻ لڳو آهيان. جن کي اڳ ۾ ئي پڙهي چڪو آهيان. پرائوسٽ، فلابرٽ، جين آسٽن، ريمنڊ چينڊلر،

(ڊڪينس جا سڀ جا سڀ ڪتاب سورهن سالن جي عمر کان به اڳ ۾ پڙهي چڪو هوس. هينئر سندس ڪتابن کي ٻيو ڀيرو ڏٺو اٿم.)

فلمن جي باري ۾ آئون صفا ڏنگو ماڻهو آهيان. جيتوڻڪ ڪجهه وقت فلمي دنيا ۾ رهيو آهيان. پر پوءِ ڏٺم ته اتان ڪجهه ورڻو سرڻو نه آهي، سو اهو ڪم ڪٽي اڌ ۾ ڇڏيم. هاڻي ڪڏهين ڪا فلم ڏسڻي هوندي اٿم ته ڏينهن ڏني جو اڪيلو وڃي ڏسندو آهيان ۽ اهڙي وقت تي ويندو آهيان جو سئنيما هال لڳ ڀڳ خالي هوندو آهي. فلم ڏسڻ وقت وڏي سوچ ويچار وچان ڏسندو آهيان ۽ صفا غرقور ٿيل هوندو آهيان. پر فلم ڏسڻ کان پوءِ فلم تان ارواح ئي کڄي ويندو آهي، ۽ ڪنهن سان به فلم تي تبصرو نه ڪندو آهيان. ڇاڪاڻ ته تبصرو بحثا بحثي ۽ هڪ ٻئي کي دليل ڏيڻ تائين پهچي ويندو آهي. بحث ڪرڻ ۽ دليل ڏيڻ اهڙي بري بلا آهي جو ماڻهو هڪ ٻئي سان تڪا منا ٿيو وڃن ۽ تلخيون وڌيو وڃن.

آئون گهڻو ڪري صبح جو لکندو آهيان. روز چار پنج ڪلاڪ لکندو آهيان. لکڻ کان پوءِ آئون اهو سمجهندو آهيان ته آئون شهر ۾ اڪيلو آهيان ۽ شهر وري مون کان سواءِ اڪيلو آهي. جڏهين منجهند جي مانيءَ جو وقت ايندو آهي ته آئون ڪنهن نه ڪنهن دوست کي ساڻ ڪري، پنهنجي پسند جي ريسٽورنٽ ۾ وڃي ماني کائيندو آهيان. ڪيترا ئي ماڻهو وري منجهند جي ماني ريسٽورنٽ ۾ ويهي کائڻ کان پاسو ڪندا آهن. سندن خيال آهي ته منجهند جي ڳري ماني ماڻهوءَ کي سست ۽ ٿلهو ڪري ٿي ڇڏي، ۽ سڄو ڏينهن حرام ٿيو وڃي. ڏينهن ته منهنجو به حرام ٿي ويندو آهي، پر ڪي ڪي ماڻهو اهڙا هوندا آهن، جن سان گڏ ماني کائيندي مزو اچيو وڃي. انهن ماڻهن مان گهڻا ئي انهن جوان سال عورتن جي آهي، جيڪي سهڻيون، حد کان وڌيڪ پُر ڪشش، برجستيون، نهيل نڪيل ۽ ذهين هونديون آهن. پر هڪڙي اهڙي نوجوان عورت ته وڃي اسٽاڪ بروڪر سان شادي ڪئي. پاڻ ته وڃائي ڇڏيائين. جنهن به نوجوان عورت وٽ ٺاهه ٺوهه، رک رکاءُ، سونهن ۽ اندر کي ڇهندڙ ذهانت نه هوندي آهي، اها پاڻ لاءِ مڙيئي ائين هوندي آهي. هر ڪا سڀ ڪجهه نه لهڻي، پر پوءِ به انهن جوان عورتن جا نالا ڪٽندس ته پنجاهه جي انگ کان ته ٽپي وينديون. انهن مان جيڪي خلقت ۾ مشهور آهن، انهن ۾ گاربو (خود غرض ۽ بور ڪندڙ آهي) ۽ ايلزبيٿ ٽيلر (حساس، سخت جان، معصوم ۽ پاڻ وهيڻي آهي ۽ اڪثر ڪري چوندي آهي ته مارَ پوپس، جنهن به مرد سان سمهه ته اهو ائين سمجهڻ لڳندو آهي ڄڻ مون سان شادي ڪئي هجيس.) به اچي وڃن ٿيون. سونهن ئي سندن اصليت هوندي آهي.

جيتوڻڪ مون کي اها ڄاڻ آهي ته گهڻا ماڻهو مون کي محفل باز ۽ گهڻي سنگت ساٿ وارو ماڻهو سمجهندا آهن. پر حقيقت ۾ آئون اڪيلائي پسند آهيان. مون کي وڏي اسپيڊ واريون ۽ پليون ڪارون وڻنديون آهن. مون کي تنها تنها لڳندڙ اهڙيون

ننڍڙيون هوٽلون وٽنديون آهن. سو ڪڏهين ڊرائيونگ سيٽ تي ويهي، اڪيلو ئي اڪيلو گاڏيءَ کي ڇڪي رکندو آهيان ۽ اهو نہ سوچيندو آهيان تہ مون کي ڪيڏانهن وڃڻو آهي. اڪيلي هٿڻ جي ڪري لڳندو اٿم ڄڻ هزار ميلن جي فاصلي تي نڪتو آهيان. هيسيتائين رڳو نفسيات جي ڊاڪٽر کان پنهنجي تپاس ڪرائي اٿم. باقي تہ دل تي گهري تہ آئون ڪيئن نہ ڪيئن ڪري کلي گاڏيءَ ۾ چڙهي، هينئان مٿان رستن تان ٿيندو هوا ۾ اُس جهٽيندو وتان.

سوال: سڀ کان وڌيڪ ڪهڙي شيءَ کان ڊپ ٿيندو اٿئي؟

جواب: نہ، ڊپ ڪو نہ ٿئيم. موت کان نہ ڊڄندو آهيان. باقي سور ۽ تڪليف کان ونءُ ويندو آهيان. هڪڙي رات جيئن ڪٿي ننڊ ۾ سُتُس تہ جاڳان ئي نہ پيو. ننڊ ۾ ماٺهو سور ۽ تڪليف کان آجو هوندو آهي. ننڊ ۾ پيو رهڻ تہ وچان ئي الڳ ڳالهہ آهي. 1961ع ۾ گاڏيءَ جو حادثو. ٻئي گاڏيون آمهون سامهون هڪ ٻئي سان لڳيون. ايڏي حادثي کان پوءِ بہ آئون هوش ۾ هئس ۽ رت ۾ ٻڏو پيو هجان. سور کان بچڻ لاءِ ۽ ڏيان هٽائڻ لاءِ رڳو پيو دوستن جا نمبر ياد ڪريان تہ جيئن ذهن اوڏانهن رهي ۽ تڪليف جو احساس نہ ٿئيم. انهيءَ حادثي ۾ بچڻ کان پوءِ ڪئنسر جو آپريشن ڪرايم. آپريشن ۾ مون کي جيڪا تڪليف رسي، اها بيماري ڊائگنوز ٿيڻ کان وٺي آپريشن ٿيڻ تائين پورو هفتو هلي. اسپتال ۾ پيو هئس ۽ بنا ڪنهن مقصد جي رڳو ٽلهين ٽٻين ۾ هجان.

ڪيئن بہ هو پر ڪئنسر جو ڏک ڪاٽڻ کانپوءِ جيڪو وقت اسپتال ۾ گذريو اهو وقت ڏاڍو واهيات ۽ بڇڙو هو. اها جيڪا ميڊيڪل انڊسٽري آهي، انهيءَ انڊسٽريءَ جي پيڙهہ جوانيءَ جي روزڇڻ، پوڙهپڻ جي خوف ۽ موت جي دهشت تي ٻڌل آهي. الائي ڇو سڀ جا سڀ ماٺهو سدائين لاءِ زنده رهڻ جي تمنا رکندا آهن. پر منهنجي نظر ۾ اها تمنا اجائي خام خيالي آهي. ڪيئن بہ هجي، حياتيءَ جي بہ ڪا حد هوندي آهي. ڊگهي عمر گذارڻ کان پوءِ تہ ماٺهو اهو محسوس ڪندو تہ ذر ساڳيون ڳالهيون پيون ورجائجن ۽ زندگيءَ ۾ هڪ قسم جي يڪسانيت اچي ويندي آهي. جيئڻ بہ ٿڪائيندو آهي.

غربت؟ هئني برائيس چيو آهي، ”مون غربت بہ ڏٺي آهي ۽ شاهوڪاري بہ ڏٺي آهي. ٻنيهن مان مون کي شاهوڪاري سٺي لڳي.“ پر آئون سندس انهيءَ خيال سان سهمت ناهيان. آئون نہ ٿو سمجهان تہ پئسي اچڻ سان انسان جي حيثيت ۾ ڪا تبديلي اچي ويندي آهي يا وٽس خوشيون لنگهي اينديون آهن. مون کي ڪيترائي اهڙا امير ماٺهو سجهن ٿا، جيڪي ڏوڪڙن ۾ ٻڏا پيا هوندا آهن. انهن مان ڪي تہ تڪبر ۾ اچي ويندا آهن. (آئون انهن سڪين ستابن ماٺهن جي ڳالهہ نہ ٿو ڪريان، جيڪي موٽ ۾ بر وقت چيڪ ڪيڍي ڏيندا آهن ۽ ڪڏهين بہ قرض نہ ڪٽندا آهن.) سڄي ڳالهہ انهيءَ نُڪتي تي اچي بيهي ٿي تہ ڪو بہ امير ماٺهو مطئمن هوندو آهي يا وري ڪو ذهني ڇڪتاڻ کان بچيل هوندو آهي، جو ڪٿي چئون تہ اهو ماٺهو ٻين ماٺهن

کان بهتر هوندو آهي. ائين ٿي ئي نہ ٿو سگهي. آئون پاڻ مختلف هنڌن تي سٺن گهرن جي سٺن ڪمرن ۾ نت نانگر واري زندگي گذاريندو آهيان. پر پوءِ بہ مون کي تڪليفون رسنديون رهنديون آهن. اهي تڪليفون شايد ٻين کي معمولي نظر اينديون هجن، پر منهنجو اندر تہ پٽي ٿيون رکن. مون ڪڏهن بہ ائين نہ چيو آهي تہ ڪو منهنجو وقت سٺو ٿو گذري، مون تہ رڳو اهو چيو آهي تہ آئون نہ ڪڏهين غربت کان ڊنو آهيان ۽ نہ ئي مان ڊڄان ٿو.

ناڪامي؟ اصل ۾ جيڪي ناڪاميون هونديون آهن، اهي ئي تہ ڪاميابيءَ جو نشان هونديون آهن. ايمانداريءَ جي ڳالهہ تہ اها آهي تہ آئون ڪڏهن بہ انهن ماڻهن تي مُڇ ئي نہ چنبڙيندو آهيان تہ ڪير مون لاءِ ڇا ٿو چوي يا ڇا ٿو لکي. ائين ضرور آهي تہ جوانيءَ ۾ جڏهين منهنجو پهريون ڪتاب شايع ٿيو هو تڏهن آئون ٻين ماڻهن جون ڳالهيون ٻڌي ۽ پڙهي دل ۾ ڪندو هوس. اهو وقت نڪري ويو هاڻي ڪنهن جي بہ پرواهہ نہ ڪندو آهيان. ها، اها ڳالهہ ضرور آهي تہ جنهن ماڻهوءَ کي آئون گهڻو پائيندو آهيان، اهو جڏهن دوکو ڏيندو آهي تہ ايڏو ڏک رسندو اٿم جو پير ئي نہ ڪپندو اٿم. باقي ٻي صورت ۾ تہ آئون شڪست ۽ تنقيد کان صفا لاپرواهہ رهندو آهيان ۽ ايترو تہ پري هوندو آهيان، جيترو چنڊ جا جبل پري آهن.

**سوال: ڪا نہ ڪا شئي تہ توکان چرڪ پرائيندي هوندي، ڊپ وچان؟**

جواب: اهو ڊپ ۽ انديشو هوندو اٿم تہ متان اڳتي هلي ڪري سينس آف هيومر وڃائي نہ ويهي رهان. جنهن ماڻهوءَ جي ذهن ۾ روح نہ رهندو آهي، پوءِ اهو ماڻهو چريائيءَ ڏانهن وڌڻ شروع ڪندو آهي. ٻُڌ ڌرم جي جپاني پيشوا زين اهڙن سوالن ڏانهن ڊوڙڻ شروع ڪيو هو جن جو ڪو جواب ئي موجود نہ هوندو آهي. ائين سندس ذهني تباهي ٿي ويئي. اهڙي حالت ٽيس جو ڪيس سڄي عمر لاءِ هڪ هٿ سان هنيل تاڙيءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو رهيو.

**سوال: توکي ڪهڙي ڳالهہ صدمو پهچائيندي آهي؟ جي ڪا بہ هجي؟**

جواب: ڄاتي واٽي جو ظلم. ظلم زباني ڪلامي هجي يا جسماني هجي، پنهنجي ليکي هوندو آهي. خون، ڳري سزا، ٻارن کي ملندڙمار، جانورن کي سٽڻ ۽ ڪٽڻ.

تمام گهڻو وقت اڳي مون کي خبر پئي تہ منهنجي 18 ورهين جي گهاٽي دوست جا پنهنجي ويڳيءَ ماءُ سان تعلقات آهن، تڏهين بہ شاڪ رسيو هئم. وڏيڪ ڳالهہ ڪرڻ اجائي آهي. پر انهيءَ وقت کان پوءِ هاڻي ڪنهن بہ قسم جي جنسي اخلاقيات جي سلسلي ۾ ڪو صدمو نہ رسندو اٿم. باقي هونئن تہ هن وقت اسان جي قوم ۾ لکها اهڙا منافق وينا آهن. اهي ايترا تہ آهن جو انهن جو وڏو جلوس ڪڍي سگهجي ٿو.

**سوال: ڪتاب (In Cold Blood) لکڻي کي ڇهہ ورهيہ گذري ويا آهن. انهيءَ کان پوءِ بہ ڪو ڪم ڪيو اٿئي؟**

جواب: منهنجو نئون ڪتاب The Thanks Giving Viitor ڇپجي پڌرو ٿيو آهي. اهو ڪتاب هڪ ڏکي ڪهاڻيءَ تي ٻڌل آهي. منهنجيون ٽي ڪهاڻيون گڏائي Trilogy نالي سان فلم ٺهي رهي آهي. انهيءَ فلم جي سلسلي ۾ فلم ٺاهيندڙن سان ڪم ۾ شريڪ آهيان. گرين سزائن تي ABC چئنل لاءِ ڊاڪيومينٽري ٺاهي اٿم. اها ڊاڪيومينٽري ٻئي هنڌ هلي چڪي آهي ۽ ڪئناڊا ۾ به هلي آهي، پر هتي آمريڪا ۾ هلي نه سگهي آهي، انهيءَ جا ڪارڻ ڳجها ۽ سمجهه ۾ نه ايندڙ آهن. تازو ئي تازو فٽز جيرالڊ جي ناول Great Gat by تي ٺهندڙ فلم جو اسڪرين پلي لکيو اٿم، پر انهيءَ اسڪرپٽ مون کي هٽي ڳاري وڌو آهي. ساڳئي ناول تي اڳ ۾ به هڪ فلم ٺهي چڪي آهي، پر مون انهيءَ کان متي ڪري اسڪرپٽ لکيو آهي. هڪ ئي ناول کي فلم ۾ منتقل ڪرڻ جو پنهنجو پنهنجو طريقو آهي. مون کي منهنجو طريقو پسند آهي. پر پيراماؤنٽ پڪچرس جا پروڊيوسر مختلف راءِ رکن ٿا. هاڻي وينو منهن ٿو پٽيان ته انهيءَ کي بيهر لکان ته ڪيئن لکان.

In Cold Blood ڪتاب لکڻ ۾ پنج سال لڳايم ۽ انهيءَ کان پوءِ پورو سال پنهنجو پاڻ کي سنڀالڻ ۾ هوس.

جڏهين اهو ڪتاب لکيم پئي، ته اهو ڏينهن خالي نه هو جو منهنجي زندگيءَ جي تجربي جو ڪو نه ڪو نئون پهلو منهنجي دماغ ۾ ايندو هجي.

جيڪي ڪجهه به آهي، جڏهين In Cold Blood لکي پورو ڪيم هوم ته انهيءَ کان اڳ منهنجو ڪتاب Geak Fast at Tiffany,s ڇپجي پڌرو ٿي چڪو هو. تنهن کان پوءِ مون پنهنجي هڪ ٻئي ناول Answard Prayer,s لاءِ مواد پئي گڏ ڪيو ۽ انهيءَ ويچار ۾ رهيس ته اهو مواد ڪهڙي قسم جي گهاڙيتي ۾ لکي سگهجي ٿو. اصل ۾ منهنجي سامهون سائينٽ ٽيريسا جي اها راءِ هئي ته "جيڪي دعائو قبول ٿين ٿيون، انهن تي وڌيڪ لڙڪ ڳاڙيا ويندا آهن. پر جيڪي دعائون قبول نه ٿيون ٿين، انهن تي گهٽ لڙڪ ڳاڙيا وڃن ٿا." مون کي اها راءِ وڻي هئي. مون لاءِ پاڻ لاءِ اهو مسئلو ناهي ته ڪهڙين خواهشن جي وڌيڪ ضرورت آهي ۽ ڪهڙين خواهشن جي گهٽ ضرورت آهي. ڇاڪاڻ ته وقت سان گڏ هڪ ٻئي جون خواهشون جاءِ والاريندڙيون رهنديون آهن. اهو سڄو سلسلو ائين آهي جڻ گري مائونڊ ڪتا ڊوڙندي ڊوڙندي هڪ ٻئي کان گوءِ کٽندا هجن. جن کي ماٺهو ته رسي ئي نه ٿو سگهي. خواهشن جي اها ڊوڙ زندگيءَ جو پيڙو بوڙي سگهي ٿي ته پيڙو تاري به سگهي ٿي. منهنجو هڪڙو دوست آهي، اهو پنهنجي سنگتياڻيءَ سان گڏ رابرٽ ڪينيڊي جي جنازي ۾ شريڪ ٿيو. جنازي ۾ شريڪ ٿيڻ کان پوءِ ڪجهه وقت رکي سندس سنگتياڻي کيس چيو "اهو ڏينهن ڏاڍو گرم هو اصل صفا ساڙي پيو. هڪ وڏي وڻ جي ڇانوَ هيٺ ساوڪ جي وچ ۾ ٿيل رابرٽ جي قبر سندس مڙهه جي انتظار ۾ هئي. دل ۾ سوچيم ته پر سڪون ساوڪ موجود آهي، سو بابي!

(رابرٽ ڪئنيڊي) توتي رب جي رحمت ٿي آهي. نيٺ بچي وئين. هاڻي تنهنجو ڪو به نالو نه ونندو. تون هاڻي جهيڙن جهٽن کان آجو هوندين. آرام ۾ هوندين." سو سڀ ڪجهه ائين آهي.

هينئر اهو جيڪو ڪتاب Answard Prayer,s پيو لکان. اهو ڪتاب ٽيڪنڪ جي حساب سان گهڻ پاسائون ۽ وچڙيل آهي. اهو ڪتاب ايڏو ته ڏگهو آهي جو منهنجي ٻين سيني ڪتابن کان ٽيٽو وچي بيهندو. گذريل سڄو سال انهيءَ دٻاءَ ۾ رهيو آهيان ته ڪيئن نه ڪيئن ڪري اهو ڪتاب لکي پورو ڪيان. پر ادب جي تخليق جي پنهنجي چمار آهي. ادب محبت وانگر پنهنجي آگرين تي پاڻ نچندو آهي.

**سوال: جيڪڏهن تون ليڪڪ ٿيڻ جو فيصلو نه ڪرين ها ۽ ادبي دنيا ۾ نه اچين ها ته ڇا ڪرين ها؟**

جواب: وڪيل ٿيان ها. ڪيترا ئي پيرا سوچيم ته وڪيل ٿي وڃان. مون کي ڪيترن ئي وڪيلن چيو هو ته آئون بهترين وڪيل ٿي سگهان ٿو. اها صلاح ڏيندڙن مان هڪڙو اٽارني جنرل هو ۽ هڪڙو سپريم ڪورٽ جو جج به هو. منهنجو آواز ڳرو هجڻ جي بدران سنهون، تکو ۽ ٻاراڻو آهي. تنهن ڪري شايد منهنجي وڪالت هلي نه سگهي ها.

گڏوگڏ اها حقيقت به پنهنجيءَ جاءِ تي آهي ته جيڪڏهن حالتون مون کي ڪنهن ٻئي ڪم ۾ قابو ڪن ها ته دل ۾ نه ڪريان ها. پر ڪهڙيون به حالتون هجن، اهي مون کي هفتي کان وڌيڪ ڪنهن ٻئي ڪم ۾ قابو نٿيون ڪري سگهن.

**سوال: ڪا ورزش ڪندو آهين؟**

جواب: ها، مساج ڪرائيندو آهيان.

**سوال: رڌ پچاءُ ڪري سگهين ٿو؟**

جواب: ٻين ماڻهن لاءِ نه. رڳو پنهنجو پاڻ لاءِ رڌ پچاءُ ڪري سگهان ٿو. جو مون کي پنهنجي پسند جو کاڌو پچائڻ اچي ٿو. ڪريڪر، ٽماٽي جي سوپ جي ڪريم يا وري اوون ۾ پٽاٽا، مڇي ۽ بيضا گڏ ڪري پچائي سگهان ٿو.

**سوال: جيڪڏهين ريڊرس ڊائجسٽ وارا توکي جام ڊوڪڙ ڏيئي توتي اهو ڪم رکن ها ته تون ڪنهن اڻ وسرندڙ شخصيت تي مضمون لکي ڏي، ته ڪر تون ڪهڙي شخصيت چونڊين؟**

جواب: رب پيو پناهه ڏئي جو ريڊر ڊائجسٽ وارن جي چئي تي لڳي اهڙا ڪم ڪري، پنهنجي واٽ ڪوٽي ڪريان... هون؟ ها. هڪڙي ماڻهوءَ تي نظر پوي ٿي. آمريڪا جي بنهين وڏي ۽ حد کان وڌيڪ واڪاڻيل شاعر رابرٽ فراسٽ جي شخصيت تي گهڻو ڪجهه لکي سگهجي ٿو. مون زندگيءَ ۾ ڪجهه اهڙا ماڻهو ڏٺا

آهن. رابرٽ فراسٽ وڏو حرامي پوڙهو هو. اهڙو حرامي ماڻهو ٻيو ڪو نظر نہ آيم. آئون ارڙهن ورهين جو هوس، تڏهين ساٺس مليو هوس. آئون تہ ساٺس سان وڏي نهٺائي ۽ عزت سان مليو هوس. سندس انا ايڏي تہ چوٽ چڙهيل هئي جو مون کي ماڻهو ئي نہ پيو سمجهي. ترڙپائيءَ وچان مون ۾ اک بہ نہ ٻوڙيائين. جيڪي بہ ڪجهہ هو، آئون جڏهين The Newyorker اخبار ۾ ڪم ڪندو هوس تہ هڪڙي پيري مون هيرالڊ راس کي بدتميزيءَ سان پرپيل خط لکيو جنهن ۾ کيس گهٽ وڌ ڳالهايو هوم. اها خبر جڏهين ايڊيٽر کي پئي تہ هن مون کي يا عمر لاءِ نوڪري مان گولي ڪري ڇڏيو. هن تہ پنهنجي ليکي مون کي سزا ڏني هئي، پر اها سزا جزا ۾ تبديل ٿي ويئي جو ٻيا سڀ ڪم پاسي تي رکي، پنهنجو پهريون ڪتاب (Other Voices, Other Rooms) لکڻ ۾ جنبي ويس.

اچا ٻار هجان. ڏهاڪو سالن جو هوس. تڏهن آئون الباما جي هڪ پوئتي پيل ننڍي ڳوٺ ۾ پنهنجي هڪ ويجهي مائٽياڻي مس سوڪ فاڪ سان رهندو هوس. سندس عمر شاديءَ کان چڙهيل هئي. عمر وڏي هوندي بہ ذهني طور تي ٻارنهن سالن جي معصوم ڇوڪري لڳندي هئي. ائين کٽي چئجي تہ هوءَ پوتي پاڪ، تنل ۽ ڪنهن حد تائين اوپري لڳندي هئي. سندس ڏاهپ بہ عجيب قسم جي هوندي هئي. مون سندس شخصيت تي A Chrismas Memory ۽ The Thangsgiving Vistor نالن سان بہ ڪهاڻيون لکيون. اڳتي هلي ڪري انهن ڪهاڻين تي ٻڌل ٽي وي ڊراما پيش ڪيا ويا. انهن ڊرامن ۾ هوءَ ڳجهي ۽ ڍڪيل سونهن واري ۽ پوتيءَ پاڪ لڳي ٿي.

پيبج نالي هڪ نوجوان ڇوڪريءَ کي بہ نہ ٿو وساري سگهان. سندس جسماني بناوت ڏاڍي سهڻي نظر ايندي هئي. سندس ٽنگون تہ ڊيٽرچ جي ٽنگن کان بہ وڌيڪ وٽندڙ هيون. هوءَ اداڪاري ڪندي حد کان وڌيڪ من موهڻي لڳندي هئي. پر اداڪاريءَ کان هٽي ڪري عام زندگيءَ ۾ هوءَ الائي ڇو وِگون هٽي ۽ اجوڳا ڪپڙا پائيندي هئي، جو صفا ڏائڻ لڳندي هئي. شايد هر ويرو ٻار ڏانهن ڏيان ڇڪائڻ لاءِ ائين ڪندي هئي.

اها هڪ حقيقت آهي تہ آئون اداڪارن ۽ اداڪارائن کي ليکيندو ئي ناهيان. منهنجو هڪڙو دوست هو جنهن جو نالو هينئر ياد نہ ٿو اچيم. هڪڙي پيري انهيءَ دوست چيو "جيڪي اداڪارائون آهن، اهي عورتن کان بہ وڌيڪ عورتون آهن ۽ جيڪي اداڪار آهن، اهي مردن کان بہ گهٽ مرد آهن." منهنجي خيال ۾ اها پرک اڌوري آهي، پر پوءِ بہ ٻين ماڻهن لاءِ اها راءِ پرپور آهي. چاڪاڻ جو ماڻهو فلمن جي پويان چريا لڳا پيا آهن. منهنجيءَ نظر ۾ اداڪارائن سان وڏي مصيبت اها آهي جو صفا ڏڏ آهن ۽ منجهن عقل جي ذري بہ ناهي. هيءَ دنيا اهڙن مثالن سان پري پئي آهي تہ جيڪي ٻنهين ڏڏ هوندا آهن ۽ منجهن ڪا بہ مٽيا نہ هوندي آهي، اهي ئي نوازيا ويندا آهن. سر جان گيلگڊ هڪ مهربان ماڻهو آهي ۽ اچا جيئرو آهي. سندس آواز ۽

ٽيڪنڪ جو ڪو جواب ناهي ۽ منجهس وڏي مٺيا آهي. پر ڏک جي ڳالهه اها آهي ته ڪيس نوازڻ ته ڇا، مورڳو ليکي ۾ ئي نٿو آندو وڃي. مارلن براندو منهنجي پيڙهيءَ جو ماڻهو ته ناهي، پر ڪيس قدرت وڏي ڏات ڏني آهي. باقي ٻيا ته سڀ جا سڀ ڏڏ ۽ ٻي عقل آهن، پوءِ به سندن چوڌاري ڏوم ڏام لڳي پيئي آهي.

بس، انهيءَ سوال ڪي ڇڏ. هرويرو واٽرو ٿي انهيءَ سوال جي جواب ڏيڻ جي شروعات ڪري ويهي رهيس.

**سوال: دنيا ۾ موجود ڪهڙي لفظ مان وڏ ۾ وڏ اميد رکي سگهجي ٿي؟**

جواب: محبت.

**سوال: تنهنجيءَ دل ۾ ڪنهن کي قتل ڪرڻ جي خواهش اُڀري آهي؟**

جواب: تون پاڻ ٻڌاءِ ته تنهنجيءَ دل ۾ اهڙي خواهش اُڀري آهي؟ نه؟ دل تي هٿ رکي چو نه ٿو چوين؟ حقيقت ته اها آهي ته هر ماڻهوءَ جي دل ۾ ڪڏهين نه ڪڏهين ڪنهن کي قتل ڪرڻ جي خواهش اڀرندي آهي ۽ هو چاهيندو آهي ته فلاڻي کي قتل ڪريان. ڪو ته ڪارڻ هوندو آهي جو ڪيترا ماڻهو خودڪشي ڪندا آهن. ڇاڪاڻ جو اهي ڊڄڻا هوندا آهن. جو اصل ته اهي ڪنهن کي قتل ڪرڻ چاهيندا آهن، پر ڊپ وچان قتل ڪري نه سگهندا آهن. انهيءَ ڪري پنهنجو پاڻ کي قتل ڪري ڇڏيندا آهن. جي منهنجي من ۾ اهڙي خواهش اپري ته پوءِ قتل ڪندي دير ڪو نه ڪندس. جيڪي ڪجهه به آهي، ڪنهن کي قتل ڪرڻ جي خواهش هڪ وندرائيندڙ شئي آهي. اها هيئن ته پهرين ته ڳجهه ئي ڳجهه ۾ ستا ستجي، ستا سترڻ کان پوءِ رٿا جوڙبي ته ڪڏهين ۽ ڪيئن ڪنهن کي قتل ڪجي. تنهن کان پوءِ اوچتو وار ڪري قتل ٿيندڙ کي حيران ڪري ڇڏبو. تنهان پوءِ اهڙو ڏيکاءُ ڏبو ته ڄڻ پاڻ قاتل ڪنهن کي نشانو نه بڻايو هجي، پر الٽو پاڻ نشانو بڻيو هجي. بس، پوءِ ته مزو اچي ويندو. گهٽ ۾ گهٽ اهڙي رڌ ته ته نه ٿبو جو ڪو پيو دسي ڪُهي وڃهي.

ڪجهه وقت اڳ منهنجي ڊاڪٽر مون کي هدايت ڪئي ته آئون قسمين قسمين شراب چکڻ ڇڏي ڏيان ۽ پرائين عورتن سان سمهڻ جي بدران ڪو صحتمند ڪم ڪريان. گڏوگڏ مون کان اهو به پڇيائين ته منهنجيءَ نظر ۾ ڪهڙو صحتنمنديءَ وارو ڪم ٿي سگهي ٿو. مون جواب ڏنومانس، ”ها، آهي- قتل ڪرڻ جو ڪم.“ اها ڳالهه ٻڌي ڊاڪٽر پهرين ته کلي ڏنو پر پوءِ وڃي اک پٽيائين. انهيءَ ڏينهن کان پوءِ اٺ ڏينهن پوءِ آئون بيمار ٿي پيس ۽ بسترو جهليم. ۽ ائين پئي لڳو ته ڪا بلئڪ ڪالرا جهڙي بيماري ٿي هجيم. انهيءَ ڏينهن کان وٺي اڄ تائين اهو ڊاڪٽر مون کي گهر ۾ تپاسڻ نه آيو. هرويرو ڊڄي ويو.

**سوال: تنهنجيون سياست ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون دلچسپيون آهن؟**

جواب: منهنجي تمام ٿورن سياستدانن سان ڏيٺ ويٺ آهي. اها به انهن سان جيڪي مون کي پسند آيا. گهڻو ڪري منهنجي تصور ۾ جيڪا سندن تصوير جڙي

ٿي، اها پنهنجي حدن کان ٻاهر نڪتل ۽ ڏنڊلي آهي، ۽ ٿورو ٿورو وڏاءُ واري بہ آهي.
اسٽيونسن منهنجو دوست هو. جنهن ڏينهن سندس وفات ٿي تہ اسان ٻئي هڪڙي ٿي هنڌ تڪيل هئاسين. سندس مرڻ کان پوءِ اڪين سان سندس سامان ويڙهجندي ۽ پئڪ ٿيندي ڏٺم. جڏهن انهيءَ سامان سان ٻئگون پرجي رهيون هيون ۽ اجا بند نہ ڪيون ويون هيون، تہ مون کي ڏک بہ ٿي رهيو هو. پوءِ بہ مون اک جهلي، سندس هڪ ٽائي چوري ڪري ورتي. چاڪاڻ تہ هڪ رات اڳ ۾ هن منهنجي خواهش تي مون کي هڪ ٽائي سوکڙي طور ڏيڻ جو واعدو ڪيو هو. اها چوري جذباتي ۽ ڏک ڀري هئي، جو سندس مرڻ کان پوءِ بہ سندس واعدو پورو ٿي ويو ۽ هو دوست جي ميار کان بچي ويو.
ٻئي پاسي مون کي سندس مخالف سياستدان رونالڊ روگن بہ وڻندو هو. مون جڏهين پنهنجي انهيءَ پسند جي ڳالهہ دوستن سان ڪئي تہ سمجهايائون تہ شايد آئون ڪين تنگ ڪري رهيو آهيان. گررنر اسٽيونسن ۽ گورنر ريگن جا روح هڪ ٻئي جي برعڪس هئا. پوءِ بہ ٻئي جڻا هڪ ٻئي سان سياسي ڳالهيون ڪندا هئا. ۽ هڪ ٻئي کي سهڻ سان گڏوگڏ هڪ ٻئي کان گوءِ کڻڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. هڪڙو ٻئي کي چوندو هو "مون ڏانهن ڏس، توسان اک ۾ اک ملايو بيٺو آهيان. ائين نہ سمجهجانءِ دل وٽان ٿو ڳالهہ ڪريان" سياستدانن کي ڇڏي ڪري باقي اسان ماڻهن ۾ ايتري بہ سهپ ناهي. مُنهن پٺي هڪ ٻئي سان ڳالهہ ڪريون. جي ڳالهہ ڪنداسين تہ بہ رُکي ڪنداسين ۽ هڪ ٻئي جو اندر ساڙينداسين.
نيويارڪ جو سينيٽر جيڪب جيوٽس ۽ گورنر ريگن بہ ڪن سببن جي ڪري هڪ ٻئي سان اختلاف رکڻ جي باوجود هڪ ٻئي کان منهن ڪو نہ ڦيريندا هئا. هڪ ٻئي سان سڌا ٿي هلندا هئا. منهنجي خيال ۾ اها هڪ حقيقت هئي جو هڪ ٻئي کان ڌار هوندي ڪري بہ ٻئي جڻا هڪ ئي سڪي جا ٻہ پاسا هوندا هئا. عجيب غريب ميلاپ هو. (آئون جيڪا اها ڳالهہ پيو ڪريان، اها انهيءَ ڪري پيو ڪريان، جو مون کي ٻنهين جڻن جون زالون وڻنديون هيون. مسز جيوٽس ٻِسَر هئي، پر پوءِ بہ ڳالهائڻ ۾ تيز ۽ ڪنهن وڏي شهر جي هڪ سهڻي عورت هئي. سندس آواز وڻندڙ ۽ اکيون سيڪسي ۽ معصوميت سان ڀريل لڳنديون هيون. سندس گفتگوءَ ۾ ايڏي تہ نواڻ ۽ تک هوندي هئي جڻ سمنڊ جون تيز ڇوليون هڪ ٻئي مٿان چڙهنديون ايندڀون هجن. جڏهن تہ مس ريگن آمريڪا جي ڪنهن ننڍي شهر جي رهاڪو لڳندي هئي. ڪيس پنهنجي پٽ ڏسڻ جو هورو ڪٽيو بيٺو هوندو هو. هو هڪ اهڙي راڻي وانگر لڳندي هئي، جڻ گلن جي ڪنڌن مٿان پير رکي پنهنجي اباڻي پَٽ ڏانهن وڃي رهي هجي.)
ٻن سياستدانن کي آئون تمام گهڻو سڃاڻندو هوس. هڪڙو صدر ڪئنيڊي ۽ ٻيو سندس ننڍوڀاءُ رابرٽ ڪئنيڊي. اهي ٻئي جڻا ڀائر هوندي ڪري بہ هڪ ٻئي کان صفا مختلف هوندا هئا. ماڻهو سمجهن ٿا تہ ٻئي جڻا هڪ ٻئي کي ويجها هئا، پر ائين نہ هو جيڪي ڪجھ بہ آهي، ننڍو ڀاءُ وڏي ڀاءُ کان ڊڄندو هو.

جواب: جنهن ماڻهوءَ جي دماغ ۾ تضاد نہ هوندو آهي، انهيءَ جي مٽي ۾ ٺلهو اٽو پريل هوندو آهي. پر منهنجي دماغ ۾ اٽو پريل ناهي. تي سگهي ٿو تہ منهنجو مٽو ڦريل هجي، پر ايترو بہ ڦريل ناهي جو تضاد کان خالي هجي. تضاد فطري ڳالهہ آهي. ماڻهو ڪڏهين کهڙي ڳالهہ ڪندو تہ ڪڏهين ڪهڙي.

**سوال: سمجهہ کٽي تہ تون ٻڍڻ واور آهين. ٻڍڻ وقت ڪهڙيون ڳالهيون تصور ۾ ايندئي؟**

جواب: 1932ع. الباما جو گرم ڏينهن، هاءِ هاءِ! پڪ سان اٺن ورهين جو هجان. پاڃين جي باغيچي ۾ هجان. منهنجي چوڌاري گرم هوا جون لهرون ۽ ماڪيءَ جي مکين جا ڀونيٽ هجن. آئون آهيان سو تماتا، بصر، گجرون ۽ ٻيون پاڃيون پٽي توڪريءَ ۾ وجهندو ويجان. انهيءَ کان پوءِ آئون گهاٽن وڻن جي ڇانوَ هينان اونهي ۽ ٿڌي ڪريڪ تائين پهچي، اتي وهنجڻ ٿو لڳان. وهنجندو بہ ويجان تہ تماتا ۽ گجرون ڌوئي کائيندو بہ ويجان. پکي پکين جي ٻولي جو سنگيت، وڻن جي پنن جي ڇانوَ ٺڏڪار ۽ گجرن توڙي تماٽن جو چشڪو هجي. اهڙا مزا هجن جڻ ڪا دعا هجي. مون کان ٿورو پرڀرو پاڻيءَ کان ٻئي پاسي ٻاهر نانگ جون ڦوڪون ۽ لهرا هجن، پر پوءِ بہ نہ پيو ڊڄان.

ڏهہ سال پوءِ نيويارڪ ويسٽ 52 اسٽريٽ ۾ جنگ جي زماني جو جاز سنگيت هجي، The Famous Door ڪلام هجي. منهنجيءَ دل کي ويڙهي ويندڙ ڳائڻي مس ٻلي هاليڊي جو مستيءَ ۾ آٽڻ وارو آواز هجي ۽ سندس نشي ۾ ٻڏل اکيون هجن، جيڪي واڱڻائي گاڏڙ پيلي رنگ جي روشنيءَ ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڦرنديون هجن. سندس چپن مان لهري دار آواز ۾ اهو ڪلام هلي رهيو هجي. ”دل اندر موجود ڏکن کي سلام هجي، وري ٺاڪ ناهڻ لاءِ موٽي آيا آهيون، سلام هجي!“

جون 1947ع. البرڪامئو سان کلهو ڪلهي ۾ هجي ۽ ڪيفي ڏانهن ويندڙ فوٽ پاٿ جي واٽ هجي. ڪجهہ وقت رکي هو مون کي چوي ٿو تہ اها ڳالهہ هينئين سان هنڊائي ڇڏ تہ جڏهين بہ توتي ڪا تنقيد ٿئي تہ انهيءَ کي نظر انداز ڪري ڇڏجانءِ (ڪاش! ڪامئو وقت کان اڳي نہ مري ها ۽ اڃا جيئرو هجي ها ۽ مون کي هن حال ۾ ڏسي ها.)

ميڊيٽيرين جو ٻيٽ هجي. ٻيٽ اندر رهائش هجي، جنهن جي دريءَ مان ٻاهر نهاري رهيو هجان. ٽيپهريءَ جو وقت هجي ۽ ڪجهہ ماڻهو ٻيڙيءَ ۾ چڙهي پهتا هجن. ڇا ٿو ڏسان تہ اوچتو ئي اوچتو ٻيڙيءَ مان ڪا سوٽ ڪيس کٽي ٻاهر نڪتي آهي. ڪيس چڱيءَ طرح سڃاڻان. پلا سائين پلا، هيءَ اها ئي هئي، جيڪا ٿورائي ڏينهن اڳ ۾ مون کان تہ يا عمر لاءِ موڪلائي روانو ٿي هئي ۽ سٽت ئي واپس اچي رهي آهي. ٿي سگهي ٿو يار ڏانهن واپس ورڻ جو خيال هجيس. واپس دل ڏيڻ لاءِ اچي رهي آهي؟ يا مون مٿان ڪرڻ لاءِ اچي رهي آهي، يا وري يا عمر لاءِ پيار ۾ ٻڏجڻ لاءِ اچي رهي آهي؟ (ائين هو.)

جواڻ مڙس لڳو پيو هجي. نيور ڪارا وار هجنس. چمڙيءَ جو سوڙهو ۽ چوٽو ڪارو جئڪيٽ پيل هجيس. هٽ جئڪيٽ هينان لڪل هجنس. هو سيءَ وچان ڏڪي بہ رهيو آهي تہ مرڪي مرڪي مون سان ڳالهائي بہ رهيو آهي. سندس ڳالهيون ٻڌندي ائين پيو لڳيم ڄڻ منهنجي ڪنن ۾ رت جون ڇوليون گُرنديون هجن. ويهن منٽن کان پوءِ هو مري چڪو آهي ۽ ڳچيءَ ۾ پيل رسي ۾ لڙڪي پيو آهي.

انهيءَ کان بہ سال پوءِ پنهنجي ڪار ڊرائيو پيو ڪريان. آلپس جبل جي برفاني ٽڪ جي وچ مان لنگهندڙ روڊ تان لهندو بهارن ۾ ٻڏل اٽليءَ ڏانهن پيو وڃان.

پئرس، جنوري 1966ع. مرگز هوٽل. اوپري دوست ملڻ آئي آهي. پاڻ سان گڏ مون لاءِ سوڪڙيون بہ کڻي آئي آهي. انهن سوکڙين ۾ رنگا رنگ گلن جي ڍير سان گڏوگڏ ڀچري ۾ بند ٿيل ڇبرو بہ آهي. جيڪي ڪجهہ ٻڌان پيو انهيءَ مان اهو پيو لڳيم تہ ڇبري جو گذران ڪوئن کائڻ تي آهي. هوٽل جو ويٽر ڇبرو ڏسي ٿو ۽ پوءِ مون تي مهرباني ڪندي، پنهنجي ڪنهن ڳوناٽي دوست جي فارم تان ڇبري جي خوراڪ گهرائي ٿو.

هوءِ هوءِ! هاڻي تہ دماغ جي اسڪرين تي هلندڙ سلائيڊ تيزيءَ سان گذري رهيا آهن. سمنڊ جي ڇولين ڇلڻ چڙي ڏنو آ هي. سرءُ جي مند اچي ويئي آهي، سو ٽپهريءَ جو بينو صوف پٽيان. موت جي مندن ۾ آيل بيمار گُلريءَ (ڪٽڙي) جي سار سنڀال لهڻ ۾ پورو آهيان. گُلري جيئري آهي. ڪئليفورنيا جي رڻ پٽ ۾ باغ بينو آهي. ناريل جي وڻن مان هوا جون لهرون ائين اٿي رهيون آهن، جيئن ڇوليون ڇلنديون آهن. جيڪا شئي آئون پيو ڏسان، ڇا اهو تاج محل آهي؟ يا پري کان نظر ايندڙ اسبري پارڪ آهي؟ يا اهو اڻ ڪٿ پيار آهي؟ (خدا ٿو ڄاڻي تہ الائي ائين آهي بہ سهي يا نہ آهي).

جيئن ڏاڪي جو ويڙهو کلندو آهي، ائين اوچتو ئي اوچتو يادون واپس کلڻ لڳيون آهن. آئون پوئتي پيو موٽان، فاڪ مون لاءِ سوَڙ سبي رهي آهي ۽ سوڙ تي رنگ رنگ جا گل مڙهي رهي آهي. جڏهين آئون اها سوڙ اوڍيندس تہ انهيءَ ۾ ڍڪجي ويندس. منهنجي بستري جي پير ۾ گاسليٽ واري بتي ٻري رهي آهي. منهنجي جنم جون گهڙيون اچن ٿيون تہ برٿ ڊي ملهائڻ لاءِ فاڪ ڦوڪ ڏيئي بتي وسائي ٿي ڇڏي

۽ آڌيءَ رات جو جڏهين چرچ جون گهنڊيون وڄن ٿيون تہ آئون اٺن ورهين جي ڄمار کي پهچي وڃان ٿو.

ٻيو پيرو بہ ڪِريڪ. گجرن جو ذائقو منهنجي زبان تي چڙهيل آهي. اونهاري جي مند جي پاڻيءَ منهنجي اگهاڙي بدن کي پاڪر وڌا آهن. پاڻي ائين گهمرا کائي رهيو آهي ڄڻ نچندو هجي. منهنجي سامهون ڪيئي نانگ ٻلائون آهن، پر آئون انهن کان نہ ٿو ڊڄان. ڇو تہ پلا ڊڄان ٿو؟

1972ع.

◆◆



# آرٽ: دربار کان بازار تائين

ڊاڪٽر مبارڪ علي / عائشه الاهي

ايشيا ۽ يورپ جي بادشاهن ۽ حڪمرانن جيان هندستان جا مغل بادشاهه به اهي سمورا طريقا ڪتب آڻيندا هئا، جن ذريعي هو پنهنجي شان ۽ شوڪت جو اظهار ڪري سگهن، ۽ پنهنجي رعيت ۾ پنهنجو اميج وڌائي سگهن. ان مقصد لاءِ بادشاهه سڳورا مورخن کي پاڻ وٽ ملازم طور رکندا هئا، جيڪي انهن جي حڪومتي دور ۽ ڪارنامن کي قلمبند ڪرڻ جو ڪم ڪندا هئا. شاعر پنهنجي شاعري انهن جي ساراهه تي صرف ڪندا هئا. موسيقار انهن جي تفريح لاءِ پنهنجين صلاحيتن جو استعمال ڪندا هئا ۽ تعميرات جا ماهر وري انهن جي رهڻ ۽ دفاع لاءِ قلعا، محل، باغ ۽ مقبره جوڙيندا هئا. ان ڏس ۾ حڪمران مصور ۽ آرٽسٽن کي ملازم رکندا هئا ته جيئن اهي تصويرن ذريعي سندن شخصيت، لباس، زيورن ۽ انهن جي سرگرمين کي محفوظ ڪن. جيئن ايندڙ نسلن تائين سندن نالو قائم رهي.

هر حڪمران جي اها ڪوشش هوندي هئي ته هو پنهنجيءَ دربار ۾ سڀ کان وڏا ۽ بهترين موسيقار، رقاص / ناچو، شاعر، رازا ۽ مصور ملازم طور رکي. جو ته اهي سڀ ماهر حڪمران جي شخصيت کي اڀارڻ ۾ مدد ڪندا هئا. ان لاءِ انهن جي شاهي سرپرستي ضروري هئي. انهن جي خدمت عيوض حڪمران ملازمن کي تمام قيمتي انعام اڪرام ڏيندا هئا. ۽ پنهنجي پسند ۽ خوشيءَ جي اظهار ۾ ته انهن جا منهن موتين سان ڀري ڇڏيندا هئا. ۽ ٻين تخليقي صلاحيت رکندڙ ڌنڌي وارن لاءِ ان کان سواءِ ٻيو ڪو رستو به نه هو. سواءِ ان جي ته هو پنهنجون تخليقون اميرن ۽ بادشاهن جي حوالي ڪن. جو ته اتي ئي هنن جي فن ۽ هنر جو قدر ٿيندو هو. تنهن ڪري تخليق ۽ فن دربار سان جڙيل رهيو. بادشاهن جي سرپرستيءَ ۾ پروان چڙهندو رهيو. ان جو نتيجو اهو نڪتو ته آرٽ جي تخليق سرپرست جي مرضي ۽ حڪم مطابق ٿيڻ لڳي.

آرٽسٽ کي پنهنجي ذاتي خواهشن مطابق ڪم ڪرڻ جو موقعو گهٽ ملندو هو. ڇو ته آرٽ اهڙي ماحول ۾ تخليق ٿيڻ لڳو جتي آرٽسٽ جي اندروني تخليق ۽ جذبات بجاءِ سرپرست جي جذبن جو گهڻو خيال رکيو ويندو هو. ماڻهن ۽ معاشري جو ان ۾ گهٽ دخل هوندو هو. فن بادشاهن ۽ اميرن جي فائدي جي پورائي لاءِ ڪم ايندو هو. جيتوڻيڪ بابر ۽ همايون کي مصورن سان وڏي رغبت ۽ لڳاءُ هوندو هو پر سياسي حالتن انهن کي موقعو نه ڏنو ته هو ان فن جي سرپرستي ڪري سگهن ۽ ان کي عروج تائين پهچائين. ان ڪم کي اڪبر پورو ڪيو ۽ مصورن جو باقاعده هڪ شعبو قائم ڪيائين. جتي مصورن کي تصويرن ٺاهڻ جو ڪم ڏنو ويندو هو. بلڪ نون ۽ نوجوان آرٽسٽن جي تربيت به ڪئي ويندي هئي.

انهن نون آرٽسٽن ۾ اڪثريت هندو نوجوانن جي هئي، جن کي ايران جي استادن



جي تربيت مليل هئي. ۽ هر فن ۾ ماهر هئا. ابوالفضل "آئين اڪبري" ۾ مصوريءَ جي ان شعبي جي باري ۾ لکي ٿو ته:

"سئو کان وڌيڪ ان فن جا استاد پيدا ٿي ويا، جيڪي ڪمال کي پهچڻ جي ويجهو آهن، يا اهو طبقو جنهن هاڻ اڌ رستو طئي ڪيو آهي، شمار کان ٻاهر آهن. اهل هند جو ڇا ذڪر ڪريان ته انهن باڪمال استادن ڪهڙي حقيقت نگاري ڪئي آهي. انهن اهڙي ته مصوري ڪئي آهي، جنهن جو مثال خواب ۽ خيال ۾ به نظر نٿي آيو."

ابوالفضل جن مشهور مصورن جا نالا لکيا آهن، تن ۾ سيد علي تبريزي، خواجه عبدالصمد ۽ سندن شاگردن ۾ دسونت، بساون، ڪيسو لعل، ڪمند، مشڪين، فرخ ۽ ماڌو وغيره مشهور آهن.

اڪبر اهڙي فن جي ساراهه ڪندي چيو هو:"هڪ گروهه فن تصوير ڪشي جو دشمن آهي، ۽ هن ڪم کي عيب سمجهي ٿو پر انهن جي قول ۽ دليلن کي قبول نٿو ڪريان. بلڪ عقل جي ڳالهه اها آهي ته مصورن جو طبقو اڪثر ماڻهن کان وڌيڪ

خداشناس ٿي سگهي ٿو. تنهن ڪري هي شخص جانور جي تصوير ناهڻ وقت هر عضوي جي شڪل ناهيندو آهي ۽ تصوير مڪمل ڪري، جڏهن ان کي ڏسندو آهي ته خوبصورت تصوير ناهڻ جي باوجود به هو ان ۾ روح ڦوڪڻ کان عاجز آهي، ته ان کي خالق جي قدرت ڪاملہ جو اندازو ٿيندو آهي.“

مغل دربار ۾ فن ۽ مصوريءَ جي جيڪا ترقي ٿي، ان ڏس ۾ اسان کي مختلف رجحان چٽا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. مثلن سڀ کان پهرين ڳالهہ اها نظر ٿي اچي ته مغل بادشاهہ پنهنجي تاريخ ۽ ابن ڏاڏن جي باري ۾ وڏي ڄاڻ رکندا هئا ۽ پنهنجي خانداني سلسلي تي فخر ڪندا هئا.

ان ڪري مصورن جي حوالي اهو ڪم ڪيو ويو هو. ته هو انهن ڪتابن جي متن کي به تصويرن ۾ آڻين، جنهن جو تعلق ان جي خانداني تاريخ سان هو. ان ۾ چنگيزنامو، ظفرنامو، تيمورنامو قابل ذڪر آهن. انهن تصويري تاريخي ڪتابن مغل حڪمرانن جي تسلسل ۽ ان جي جواز کي ثابت ڪندي، انهن جي خاندان کي هڪ قانوني حيثيت ڏني. مغل خاندان چنگيز خاندان سان رشتي داريءَ تي به فخر ڪنداهئا، بلڪ هندستان تي پنهنجي حڪومت ڪرڻ جو جواز پڻ اهو پيش ڪندا هئا ته ان کي تيمور فتح ڪيو هو. ان ڪري ان ملڪ تي حڪومت ڪرڻ انهن جو حق آهي. اڪبر ۽ جهانگير ٻئي ان سلسلي ۾ ڏاڍا حساس هئا، ته تاريخ ۾ انهن جو مقام پڻ ابن ڏاڏن جي برابر هجڻ گهرجي. انهن جا اهي خيال اڪبرنامي ۽ تزڪ جهانگيريءَ ۾ عام جام ملن ٿا. اڪبر ۽ جهانگير پنهنجي دور جي انهن تاريخي ڪتابن کي دربار جي مصورن کان تصويري صورت ڏياري هئي، جيئن جيڪو ڪجهہ تحرير ۾ آهي، سو تصوير ذريعي به سامهون اچي. اها تحريري ۽ با تصوير تاريخ مغل عهد، مغل سلطنت ۽ مغل دربار جي مختلف رنگن جي خوبصورت انداز ۾ عڪاسي ڪري ٿي.

مغل حڪمرانن جي اها روايت ته انهن جي حڪومت بنا ڪنهن رڪاوٽ ۽ وقفي جي هڪ تسلسل سان جاري آهي، تنهن کي هڪ تصوير ”شاهان تيموريہ“ ۾ بيان ڪيو ويو آهي. ان ۾ بابر، همايون ۽ اڪبر تئي گڏ ويٺل آهن ۽ پوءِ جهانگير ۽ شاهجهان به ان تصوير ۾ پاڻ کي شامل ڪرايو ۽ ايئن هو به پنهنجي وڏڙن سان گڏ باغ جي منظر مان لطف اندوز ٿيڻ ۾ شامل ٿيا.

بادشاهن جو اهو هجوم خانداني حڪومت ۽ انهن جي تسلسل جو هڪ بهترين مثال آهي. مغل ان سلسلي ۾ گهڻا حساس هئا ته پنهنجي ثقافتي روايتن کي برقرار رکن. تنهنڪري فارسي زبان جي ڪلاسيڪل ادب سان انهن جي لڳاءَ مان ظاهر ٿئي ٿو ته جامي جي خمسہ ۽ بهارستان ۽ داستانِ امير حمزه، هفت پيڪر، ۽ ڪليلہ و دمنہ کي باتصوير ڪيو ويو. اڪبر کي خاص طور داستان گهڻو وڻندا هئا، ان لاءِ ابوالفضل چوي ٿو ته: ”داستان امير حمزه 12 جلدن ۾ ورهايو ويو ۽ ان ڪتاب ۾ هڪ هزار ۽ چار سئو حيرت انگيز تصويرون ناهي وڌيون ويون، جنهن ڏسندڙن کي حيران ڪري ڇڏيو هو.“



Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.



مغل حڪمران هندستان جي سنسڪرت ادب کان بہ گھڻو متاثر هئا, تنھن ڪري ان جي ڪلاسيڪل ڪتابن جا سنسڪرت مان فارسيءَ ۾ ترجما ڪرايا ويا. جن ۾ مهايارت خاص طور تي قابل ذڪر آهي. ان کي بہ اڪبر جي حڪم سان تصويري صورت ڏني وئي. جيڪڏهن ڏسجي تہ مصوريءَ ذريعي مغل دربار ٿن ڪلچرن کي پاڻ ۾ ملائي, هڪ نئون ڪلچر تخليق ڪيو جيڪو مغل ڪلچر جي نالي سان مشهور ٿيو. اهي ٿي ڪلچر منگولي, ايراني ۽ هندستاني هئا. ان ميلاپ مغل ڪلچر کي روشن خيال, ترقي پسند, سيڪيولر ۽ روادار بڻائي ڇڏيو.

مغل مصوريءَ جو هڪ اهم پهلو اهو آهي تہ مغل دربار ۾ ٿيندڙ اهم تاريخي, ثقافتي ۽ سماجي واقعن کي خوبصورت انداز ۾ رنگن ۾ پروئي, ان نمونې پيش ڪيو ويو آهي, جو سمورو منظر جيئرو جاڳندو ٿي سامهون اچي وڃي ٿو. انهن واقعن ۾ شڪار جا منظر, تهوارن جا رنگ روپ, شاهي جلوس, هاٿي ۽ ٻين جانورن جي ويڙهہ, ٻارن جي پيدائش جون تقريبون, دربار ۾ سفيرن جي آمد ۽ انهن جو استقبال ۽ عمارتن جي تعمير جا مرحلا ڏيکاريا ويا آهن. دربار بابت جيڪي تصويرون آهن, تن ۾ ادب آداب ۽ دربار جا قاعدا قانون ڏيکاريا ويا آهن. جهانگير جنهن کي مصوريءَ سان خصوصي دلچسپي هئي, ان جو دستور هو تہ هو مصورن جي هڪ گروهہ کي هميشہ پاڻ سان گڏ رکندو هو. جيڪا بہ شيءِ يا منظر ان کي وڻندو هو تہ هو مصورن کي حڪم ڏيندو هو تہ ان کي پنهنجي رنگ ۾ رنگي ڇڏين. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو جهانگير جي البم ۾ حيرتناڪ نمونې هر قسم جون تصويرون ملن ٿيون. پکي, جانور, گل, وڻ, فقير, گداگر, ڳائڻ وارا, جوڳي, سادو- اهي تصويرون ان زماني جي باري ۾ حد کان وڌيڪ معلومات فراهم ڪن ٿيون. جن منجهان ماحول کان وٺي پکين جي علم ۽ ماڻهن جي رهڻي ڪرڻيءَ جو پڻ پورو پورو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. مغل بادشاهت کي ان جو وڏو شوق هو تہ انهن جون تصويرون اميرن ۽ درٻارين جي هجوم سان گڏ ناهيون وڃن, تہ جيئن اهي ٻين کان ممتاز نظر اچن. ساڳيءَ ريت هو الڳ نمونې تصويرون ٺهرائڻ جا بہ وڏا شوقين هئا. جهانگير کي پنهنجي تصويرن ٺهرائڻ جو ايترو تہ شوق هو جو هو تصويرون پنهنجي دربارين کي انعام طور بہ ورهائي ڏيندو هو. ۽

دهليءَ جي ماڻهن کي اهي مصور چانڊني چونڪ تي ويٺل نظر ايندا هئا، جتي هو پنهنجي سامان سميت تيار ويٺا هوندا هئا تہ متان ڪو اچي پنهنجو پورٽريٽ ٺهرائي. انهن وٽ پهرين ئي تيار تيل تصويرون موجود هونديون هيون، جن ۾ فطرت جا منظر، تاريخي واقعا ۽ شخصيتن جي تصويرڪشي هوندي هئي. اهي تصويرون وچولي درجي جي ماڻهن جي گهرن جي سونهن بڻبيون هيون. اهي ماڻهو اوريجنل تصويرون خريد ڪرڻ جي سگهہ نہ رکندا هئا. سندن ذوق جي پورائي ۾ اهي تصويرون ڀرپور ڪردار ادا ڪنديون هيون.

مغل آرٽ جي باري ۾ اهو چئي سگهجي ٿو تہ هي ان وقت پنهنجي ڪمال کي پهتو جڏهن ان کي شاهي سرپرستي حاصل هئي، پر جڏهن اها سرپرستي ختم ٿي ۽ آرٽسٽ معاشري ڏانهن موٽ ڪاڏي، تہ ان سان گڏ ئي ان جي نفاست، دلڪشي ۽ رنگن ۾ هلڪاڻ اچي وئي. جيتوڻيڪ اهو آرٽ معاشري ۾ ڦهليو ضرور، پر ان ڦهلاءَ ان کي سستو ۽ اعليٰ طبقي جي چواڻي، "بازاري" ڪري ڇڏيو. هتي هڪ اهم سوال بہ پيدا ٿئي ٿو تہ ڇا اسان کي آرٽ جي ترقي ۽ ان جي تخليقي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ دربار جي ضرورت آهي؟ يا دربار بجاءِ اسان هڪ تعليم يافتہ، باذوق ۽ ثقافتي طور تي ذهين معاشرو پيدا ڪريون، جيڪو آرٽ جو قدر ڪري ڄاڻندو هجي؟ ۽ آرٽسٽن جي سرپرستي ڪري؟ هاڻ دربار جو عهد ختم ٿي چڪو آهي، ۽ معاشري جي تربيت جي ضرورت آهي.

◆◆

اينٽن چيخوف "ٽي ڀينرون" جو "الميو" لکي، جڏهن اسٽيج تائين آيو ۽ سندس ناٽڪن جي ڊائريڪٽر هيءُ ناٽڪ اداڪارن کي پڙهي ٻڌايو تڏهن اسٽيج تي ويٺل ماڻهن ۾ روڄ پئجي ويو. پر چيخوف چيو تہ "هيءُ ناٽڪ توهان شايد نہ سمجهيو آهي. هيءُ اصل ۾ الميو ناهي، پر هيءُ ناٽڪ انسان جي حالات جي چڪر ۾ انسان جي ڪلائيندڙ صورتحال ڏيکارڻ لاءِ لکيو اٿم." خود ڊائريڪٽر، جيڪو ناٽڪ پيش بہ ڪري رهيو هو سو بہ اها ڳالهہ سمجهي نہ سگهيو پر اڄ اسان سمجهون ٿا تہ "الميا" سڀ روئارڻ جي لاءِ نٿا لکيا وڃن. ۽ ڪي، مثال طور "آڊيپس"، جيڪو سوفوڪليس جو ناٽڪ آهي ۽ الميو آهي، افلاطون جو "سمپوزيم"، جيڪو ارسطو عظيم بہ ڏٺو هو سي انسان جي مقدر لاءِ اهو ئي چوڻ گهرن ٿا تہ اهو ايترو تہ المناڪ آهي، جو ان تي کلڻ گهرجي.

**الهداد ٻوهيو /ٻوهيي جون تحريرون**



## کاہيءَ ڌر کان ساڃيءَ ڌر ڏانهن سِرڪندڙ :

# ماريو ورگاس لوسا

منظور ملاح

2010 جو نوبل پرائيز حاصل ڪندڙ ليکڪ ماريو ورگاس لوسا جو تعلق لاطيني آمريڪا جي ملڪ پيرو سان آهي، جنهن جي لکڻين جو محور لاطيني آمريڪا جون فوجي آمريتون ۽ سياسي ڪرپشن آهي.

سوئيڊش اڪيڊميءَ وارن موجب ورگاس لوسا کي ان ڪري نوبل انعام ڏنو ويو آهي، ڇاڪاڻ ته سندس لکڻيون لاطيني آمريڪا جي اقتداري سياست جي گهاڙيٽي ۾ فرد جي مزاحمت، بغاوت ۽ شڪست جو اعليٰ شاهڪار آهن. سندن ڪاميابين جو سلسلو 1963 ع ۾ اسپينش زبان ۾ ڇپجندڙ ناول The Time of the Hero کان شروع ٿئي ٿو جيڪو سندس فوجي اڪيڊميءَ ۾ رهڻ دوران سامهون ايندڙ حقيقتن ۽ تجربن جي بنياد تي لکيو ويو آهي. هيءَ ناول ڇپجڻ شرط ان خلاف ردعمل سامهون آيو ۽ ان فوجي اڪيڊميءَ جي آفيسرن ڪتاب جون هڪ هزار ڪاپيون سر عام باهه ڏئي، ساڙي ڇڏيون. سندس لکيل ٻيا ناول The Green House (1966), Aunt Julia and Script Writer (1977), The War of the end of the World (1981), The Feast of the Goat(2000) The Bad Girl (2006) آهن.



ڪابيءَ ڏر جي سياست کان ڦري ساڄيءَ ڏر ڏانهن سرڪندڙ هن ليکڪ ۽ سياستدان 1990ع ۾ پيرو جي هڪ ڪهنہ مشق جهوني سياستدان البرٽو فوجي موري سان صدارتي اليڪشن پڻ وڙهي، پر شڪست کائي ويو. چونڊن جي عمل دوران هن پيرو جي سياست تي ڪليءَ ريت ڳالهايو. بعد ۾ هن 1993ع ۾ پنهنجي لکيل يادگيرين تي مشتمل ڪتاب A Fish in the Water ۾ انهن واقعن تي ڪافي روشني وڌي.

ورگاس لوسا تازو جمهوريت ۽ ملڪيت بابت هڪ فورم ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ ڪراڪس آيل هو جتي هن ٻڌايو تہ ڪيس وينزويلا جي حڪومت پاران سياسي بيان ڏيڻ کان خبردار ڪيو ويو آهي. ملڪ ۾ سياسي حوالي سان عتاب هيٺ آيل سندس لکڻين ۾ بہ هن اظهار جي آزاديءَ سان گهري وابستگيءَ جو چٽو ثبوت ڏنو آهي. اهو ئي سبب آهي جو ساڄي ۽ کابيءَ ڏر سان لاڳاپيل ڌريون هڪ ئي وقت هن تي تتل آهن.

**سندس ٻالڪپڻ :**

پيرو جي علائقي ايري ڪوپا ۾ جنمر وٺندڙ ورگاس لوسا جو ننڍپڻ پنهنجيءَ ماءُ سان گڏ بوليويا ۾ گذريو. ڇاڪاڻ تہ سندس پيءُ ان کان اڳ ۾ سندس ماءُ کي طلاق ڏيئي چڪو هو پر اڳتي هلي ٻيهر سمورو ڪٽنب پيرو ۾ رهڻ لڳو.

لوسا پنهنجي گريجوئيشن پورا جي ڪاليجيو نيشنل سان مگيول ڪاليج مان ڪئي. اتان کان ادب ۽ قانون جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ لنڊن ۽ ميڊرڊ جا وچي وڃ وسايائين. ان کان پوءِ پيرس ۾ لسانيات پڙهائڻ لڳو ۽ ايجنسي فرانس پريس ۽ فرانسيسي ٽيليويزن لاءِ رپورٽر طور ڪم ڪرڻ لڳو.

هڪ رپورٽر ۽ فٽ بال سان چاهہ رکندڙ جي حيثيت ۾ هن 1982ع ۾ پيرو ۾ ٿيندڙ ورلڊ ڪپ فٽبال جي ڪوريج بہ ڪئي.

**لکڻيون :**

1963ع ۾ ڇپجندڙ هن جي شهره آفاق ناول The Time of the Hero کان پوءِ هن ٻيا بہ خوبصورت ناول لکيا آهن.

1966ع ۾ ڇپيل سندس ناول The Green House هن جي شروعاتي ڪلاسڪ ناولن مان هڪ آهي، جنهن ۾ پيرو جي هڪ ننڍڙي شهر ٻاهران قائم ڪيل چڪلي جو ذڪر آهي، جتي اهڙي دنيا وسي ٿي، جنهن ۾ چور ۽ ساڌ سڀ گڏ رهن ٿا. 1977ع ۾ ڇپجندڙ ناول Aunt Julia and The Script Writer آهي، جيڪو هن جي ڦوهہ جوانيءَ ۾ سندس پهرينءَ زال سان ڪيل عشق تي ٻڌل آهي. سندس اها محبوبا هن جي چاچي جي سالي ۽ ڪانئس عمر ۾ ڏهاڪو سال ڪن وڏي هئي. 1981ع ۾ ڇپجندڙ سندس ڪتاب The War of the End of the World ۾ هن 19هين صديءَ ۾ برازيل ۾ پيش ايندڙ تاريخي واقعي کي افسانوي روپ ڏنو آهي، جنهن ۾ هڪ ڪرشمي ساز شخصيت عوام کي تلقين ڪري ٿي تہ دنيا ختم ٿيڻ واري آهي. نتيجي ۾ غريبن ۽ ٻي گهر ٿيل ماڻهن

جا انبوهہ سندس حمايت ۾ نڪري پون ٿا ۽ ڪندوس ۾ پنهنجي لاءِ نئون شهر اڏين ٿا. جيڪو متبادل رياست ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو. ان شهر کي برازيل جون اختياريون سخت حملن جو نشانو بڻائين ٿيون. 2000ع ۾ ڇپجندڙ سندس هڪ بيو ناول The Feast of the Goat آهي. هن ۾ 1930 ع کان ڊومنيڪن رياست تي حڪمراني ڪندڙ آمر رافي ٽروجلو جو وحشي قسم جو خاڪو چٽيو ويو آهي. ڇاڪاڻ ته سندس حڪمرانيءَ جي دور ۾ ڊومنيڪن رياست ۾ سخت قسم جي سياسي بي چيني پکڙيل هئي، جنهن جو خاتمو 1961ع ۾ کيس قتل ڪرڻ سان آيو.

2006ع ۾ سندس ڇپيل ناول The Bad Girl آهي. هي پنجاه واري ڏهاڪي ۾ پيرو جي هڪ نوجوان جي ڪهاڻي آهي، جيڪو هڪ غريب مهاجر ڇوڪريءَ جي پيار ۾ جڪڙجي وڃي ٿو. بعد ۾ اها ڇوڪري پئسن ۽ طاقت جي حاصلات لاءِ کيس اوچتو ڇڏي هلي وڃي ٿي. ڪافي وقت کان پوءِ جڏهن ٻئي آمهون سامهون ٿين ٿا ته ڇوڪري غرور وچان کيس سڃاڻڻ کان انڪار ڪري ٿي.

**پرنسٽن يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائڻ:**

ورگاس لوسا اڄڪلهہ پرنسٽن يونيورسٽيءَ ۾ تخليقي ادب ۽ ارجنٽينا جي ليکڪ جارج لوئس بورجس جي ادبي پورهئي تي ليڪچر ڏئي ٿو.

**بهترين قصہ گو ليکڪ:**

پرنسٽن يونيورسٽيءَ ۾ لاطيني آمريڪن اسٽڊيز پروگرام جو ڊائريڪٽر ۽ اسپينش-آمريڪي ادب جو پروفيسر روبن گلو چوي ٿو: "ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته پيرو جو هي ناول نگار لاطيني آمريڪا جي ڪڙيل ليکڪن مان هڪ آهي. سندس لکڻين جو اثر نہ صرف ليکڪن جي لڏي، پر پوري هڪ نسل تي آهي."

بقول گلو: "منهنجي خيال ۾ هيءُ انهن بهترين قصہ گو ليکڪن مان هڪ آهي، جيڪي نہ صرف پنهنجي وقت جا وڏا نالا آهن، پر لاطيني آمريڪا جي سياست ۽ ثقافت جو ڳوڙهو اڀياس پيش ڪن ٿا."

تازو نيويارڪ ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي، ورگاس لوسا پنهنجي خيالن جو اظهار ڪجهہ هن طرح ڪيو آهي:"جڏهن صبح جو سوير فون آيو ته مون کي نوبل انعام لاءِ نامزد ڪيو ويو آهي، ته مون کي اهو يوڳ لڳو. ان هوندي بہ آئون سوئيڊش اڪيڊميءَ وارن جو ٿورائتو آهيان. منهنجي لاءِ اها حيرت جوڳي ڳالهہ هئي. منهنجي خيال ۾ اهو انعام مون کي نہ پر اسپينش زبان کي ڏنو ويو آهي، جيڪا جهڙپون ڏيندڙ ۽ تخليقي قسم جي ٻولي آهي. جڏهن تہ اهو انعام پوري لاطيني آمريڪن ادب لاءِ بہ اعزاز آهي." هن موجب: "جڏهن دنيا ۾ ماڻهو لاطيني آمريڪا جو ذڪر ڇيڙين ٿا تہ سندن ذهنن تي اهو هڪ آمرن ۽ انقلابين جي خطي طور تري اچي ٿو پر هاڻي اسان سيني کي خبر پئجي وئي آهي تہ هيءُ خطو تمام

بهترين ناول نگار بہ پيدا ڪري سگهي ٿو. جڏهن آئون لکندو آهيان تہ ان وقت نظريو منهنجي لاءِ ثانوي حيثيت رکندو آهي. هونئن بہ ادب لکڻ جو بنياد ڏکيا ۽ ڪڙا انساني تجربا هوندا آهن".

**هيوگو شاويز کي چئلينج:**

گذريل سال، ورگاس لوسا وينز ويلا جي صدر هيوگو شاويز کي چئلينج ڪنديءَ اها دعوت ڏني هئي تہ هو سائنس سندس بوليوين انقلاب تي هلڻ واري راهہ تي کليو بحث ڪري. ورگاس لوسا ، اسپين جي اخبار"ايل پيس" جي 3 آڪٽوبر 2010ع واري شماريءَ ۾ ڇپيل پنهنجي ڪالم ۾ وينز ويلا جي ان اڳواڻ تي ڏاڪا ہڏي چڙهي ويو آهي، تہ شاويز هاڻوڪين ڪانگريس جي چونڊن ۾ ملڪ جي جمهوري ادارن جي بنيادن کي پاڙان پٽڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. "مون کي يقين آهي تہ لاطيني آمريڪا بغير پوئتي مڙي ڏسڻ جي حقيقي جمهوريت تڏهن ئي ہڻجي سگهي ٿو جڏهن لاطيني آمريڪا جي عوام جي غالب



اڪثريت جي ذهنن کي انهن واهيات، مدي خارج، آزاديءَ لاءِ زهر قاتل ہٽيل خيالن کان ڇوٽڪارو ڏيارجي تہ صرف ڪو سُپر مين ئي ملڪي ڪاروهنوار کي بهتر نموني هلائي سگهي ٿو." ورگاس لوسا پنهنجي ڪالم ۾ لکي ٿو.

بقول پيرو جي صدر ايلن گارشيا، تہ لوسا کي ايوارڊ ڏيڻ وڏو انصاف پريو عمل آهي، جنهن جو هن کي جوانيءَ کان انتظار هو. "ورگاس لوسا ہوليءَ جو هڪ غير معمولي تخليقڪار آهي ۽ لڳاتار گذريل پنجاهہ سالن کان ناول نگار، نثر نويس ۽ ڊراما نگار طور پاڻ ملهائيندو اچي. پيرو لاءِ هيءُ هڪ عظيم ڏينهن آهي."

ورگاس لوسا کي هاڻوڪو نوبل انعام ملڻ کان اڳ ۾ آخري پيرو لاطيني آمريڪا جي ليکڪ آڪتاويو پاز کي 1990ع ۾ ادب جو نوبل انعام ملي چڪو آهي.

(فرانسيسي نيوز ايجنسي ريوٽرز ۽ برطانوي اخبار گارجين جي ٿورن سان.)

◆◆



# بخشڻ مهراڻوي

بخشڻ مهراڻوي - هڪ شاعر، ميزبان، ڪمپيئر، فنڪار. هڪ شخص جي سڃاڻپ جا ايترا حوالا هجن، ته ان ڪي ڪنهن هڪ حوالي جي رستي وسيلي شناخت ڪرڻ ڏکيو ئي نه، اڻورو عمل به ٿيندو. ان ڪري، بخشڻ جي شخصيت ڪنهن مخصوص ڪارب ۽ سانچي ۾ فٽ ڪرڻ ڏکي آهي. هن جي ذات جي انڪشاف جا جيئن ته ڪئين حوالا آهن، تنهن ڪري هو انهن مان هرهڪ ۾ ٿورو ٿورو ظاهر ٿئي ٿو. هن سان مڪمل ملڻو هجي ته هن کي هر رنگ ۽ روپ ۾ ڏسڻ ضروري آهي. اها ڏاڍ ڳالهه آهي، ته هن جي شخصيت جي اها گهڻ طرفائي ۽ گهڻ رنگائي، هن جي هر پهلوءَ ۾ آسانيءَ سان پائي سگهجي ٿي. هن جي ڪمپيئر مان شاعر، ۽ شاعر مان ڪمپيئر ڳولڻ آسان آهي. ائين ئي هن جي گفتگوءَ جي مخصوص ادا، هن جي شعري اسلوب جي ادا منجهان به جهاتيون پائيندي، ڏسي سگهجي ٿي. هڪ ورهايل شخص هجڻ ڪري، هن جي شاعرانه تخليقي صلاحيت پنهنجو مڪمل جوهر پسائي نه سگهي آهي، جيئن هن کي پسائڻ گهربو هئو- پر پوءِ به پنهنجن هڪ جيڏن ۾، بخشڻ کي هڪ مڃيل شاعر جو تعارف حاصل آهي. دراصل هو پابند شاعريءَ جو ماڻهو آهي، ۽ ان ۾ ئي هن جي شاعري پنهنجي تخليقي جلوي نمائي پوري حسن ۽ اثر سان ڪندي ڏسجي ٿي، پر الائي ڪيئن، هو نثري نظمن ڏانهن هليو ويو آهي- ۽ هاڻ هو پابند نظم بجاءِ نثري نظم ئي وڌيڪ سگهارا ۽ ڏيان ڇڪائيندڙ لکي ٿو. ڪٿي ڪٿي ته، هن جي نثري نظمن ۾ خيال ۽ موضوع جي اهڙي ڇرڪ پرائيندڙ نواڻ اڀرندي ٿي ڏسجي، جو ماڻهو بي ساخته چئي ٿو ويهي: "بخشڻ! توکي نثري نظم لکڻ جو پورو پورو حق حاصل آهي." - **اسحاق**

## غزل

هيءَ حياتي، الائي اجا ڪيترو
ڪيستائين هلي ساهہ جو سلسلو.

بي قراري سمندر جيان تي لُڇي،
ڪھڙي نگريءَ وتان ٿو مٿي قافلو.

ڪير جاڳي پيو رات جي سانت ۾،
چنڊ چانڊاڻ ڪان رات تارن پڇيو.

دير تائين ڏيئو پئي ٻريو ڏھر ۾،
ڪو بہ اچڻو نہ ھو پوءِ بہ اُلڪو ھيو.

هيل ڳالهيون بہ ورهين جيان هن وڏيون،
ڪير ٻڌندو ڀلا، هي پراڻو قصو.

نہ هلي ٿي سگهيس، نہ ٿي روڪي سگهيس،
ڪير بيهندو ڀلا، وقت ڪنهن کي هيو.

....

پيار جهڙو نشو مڌ جهڙو بدن،
ڪيئن وساريون ڀلا، هاءِ تنهنجو حسن.

ڪنهن جو ورتو پئي، نانءُ تنهنجو پرين!
آهہ! ءِ گهاءَ جون سڀ ڪڙيون ٿيون ڪلن.

چپ چڻ چنڊ هئا، ڪيئن نہ اُپريا لٽا،
راتيون روشن ڪيون، چانڊنيءَ جي چُمين.

نينهن نانگڻ بہ آ، نينهن جوڳڻ بہ آ،
درد مُرليءَ جيان پيا ٿا من ۾ وڄن.

....

# لڳي ٿو اڄا هوءَ ساري پئي

ويل وقت ماضيءَ ۾ مدفون ڪيڏو
گلابي رُتن جون گنهگار يادون۔
هو ٺهڪن جا ٽولا
هو مُرڪن جا ميلا
هو چنچل ادائون
هو چُوڙين جا چرچا
هو ڪچڙي منجهند جا
قصا ۽ ڪهاڻيون
چپن سان چپن جون
هو رم جهم رهاڻيون
ڪهاڙين جا ڦهري پئي رشتا ڪٿياسين
لڪي پيار جون پئي ٿي پينگهون لڏياسين
گهتا هئي جواني پئي تجلا ڏناسين۔
مگر وقت گولي جان گذري ويو.
مشيني حياتي گذاريون پيا ٿا
ويل وقت کي بس، وساريون پيا ٿا
الائي تہ اڄ هي ڪٿان اوچتو
پراڻي محبت پڪاري پئي ٿي،
ڪچي ننڊ مان جڻ اُٿاري پئي ٿي
لڳي ٿو اڄا هوءَ ساري پئي ٿي
اسان جي اچڻ جون ڪي واٽون نهاري،
ڏيئو روز ٻاري ۾ ٻاري پئي ٿي!!

# اسان ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو آهي

اسان ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو آهي
ڇاڪاڻ تہ
اسان جي وجود جو هر انگ
درد جو ڪو اشتهار بنجي چڪو آهي
اسين
جيڪي رحم جي اپيل جيان
رجيڪٽ ٿي چڪا آهيون
وچوڙن جي ڪال ڪوٺڙيءَ ۾
توسان ملڻ جي
آخري خواهش بہ
اسان سان گڏ
درد جي ڦاسي- گهاٽ تي
ڪنهن بي ڏوهيءَ جيان ماري ويندي
اسان جون اکيون
آخري ملاقات لاءِ ايندڙ
ڪنهن آشنا جي سڏ لاءِ واجهائي رهيون آهن
لڳي ٿو
هاڻ ڪو بہ نہ ايندو
رات
آخري هڏڪين ۾ آهي
هاڻ اسان کي سمهڻ گهرجي -
پر اسان جي ننڊ بہ
اکين جا رستا وڃائي چڪي آهي
۽ اسين
تنهنجي چمين
تنهنجي ڀاڪرن
تنهنجي ڇهڻ
تنهنجي چُوڙين
تنهنجي هٿن

۽
تنهنجي وطن جا سمورا گيت
ورجائڻ لاءِ
سگريٽن جو ساز ڇيڙيون ٿا.

گهڙيال جي ٽِڪ ٽِڪ
وقت جي سنتريءَ جيان
اسان کي سڏي رهي آهي
ماٺار جي منڊ ۾
تنهنجي يادن جا گهنڊ وڄي رهيا آهن.
فرار جي رستن تي
فيصلو!
ڪنهن بي وفا دوست جيان
دوکو ڏيئي ويو آهي.
۽ اسين
اڪيلاين جي اونده ۾
پنهنجي هٿن سان
پاڻ کي ماري ٿا ڇڏيون
۽
صبح جا ڪرڻا
اسان کي زنده هئڻ جو احساس ڏياري
عذاب ڏين ٿا.
ڪنهن ضدي ٻار جيان
مسلسل اهو چئي رهيا آهيون:
”نه نه......
اسين مُئل آهيون!
اسان لئه
قبرستانن جا در کوليو!
اسين مئل آهيون
چاڪاڻ ته.....
اسان
ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو آهي!“

## اڻ چيل ڳالهين سان ڀريل خواب

هيسل ۽ گهبرايل محبت!
ڪنهن آئت جي چانئٺ تي ويٺل آهي.
پکين جون اڏارون
سانوڻيءَ جا گيت
ڪرندڙ محبت کي سهارو ڏين ٿا.
زندگيءَ سان ويڙهيل تمنا
اڻ چيل ڳالهين سان ڀريل خواب
اُجهامندڙ اکين جي عيادت ڪن ٿا.
ڪيڏي نہ ڪهل ٿي اچي
اهڙي محبت تي
جا هوا جي جهونڪي تي
ڇرڪ ڀري جاڳي ٿي
۽ بار بار دروازي تان
خالي واپس موٽي ٿي!!

## ايف آءِ آر

صوبيدار صاحب!
مون کي ٻڪ جي خلاف
ايف آءِ آر ڪٽرائڻي آهي.
تو آڏو اُگهاڙو تيڻ ڪان اڳ ۾
مون کي گهر جي ڏيئي لاءِ تيل ونڻو آهي.
مون کي ايف آءِ آر ڪٽرائڻي آهي
بي وسيءَ جي خلاف
جنهن منهنجي ٻارن جي انگ تان بہ
ڪپڙا لاهي ڇڏيا آهن.
صوبيدار صاحب!
مرڻ ڪان پهرين مونکي،
ايف آءِ آر ڪٽرائڻي آهي
جنهن جي جوابدارن ۾ پهريون نالو
تنهنجيورديءَ ۾ لڪل آهي!!

# هُوءَ!

هُوءَ!
ڏک جون سموريون موسمون
پنهنجي اکين سان ناهي ٽي.
ڇوڙيون پائڻ جي موسم ۾
هو ٽڪرا ٽي پوندي آهي.
سرتيون هن کي
پنهنجي اڌوري محبت جون ڪهاڻيون ٻڌائين ٿيون.
هوءَ انهن جي ڪچهرين ۾
دکي گيت ڳائيندي
پاڻ کي ٻوڙي ڇڏيندي آهي.

# انسان ۽ تاريخ

پهرين هنن منهنجو
نڪ وڍيو
هنن منهنجا هٿ وڍيا
پير وڍيا
ڳن، ڇپ، زبان وڍيا
۽ جڏهن هو منهنجي اکين تائين پهتا آهن
ته آءٌ
ڪچيءَ ننڊ مان جاڳي اٿيو آهيان.
اچو دوستو!
شيطانن جي فصل جو لابارو ڪريون
ڪرو ڪٽو
جيئن آئنده ڪو به شيطان،
ڪنهن انسان کي،
ڪٽڪ جو داٽو ڪارائڻ ۾،
ڪامياب نه وڃي!

# درياءَ ڪناري ويٺل شخص

هزار ڪوشش جي باوجود
تون ڪنهن طرح
زخمن جي رهجي ويل نشانن جيان
منهنجي وجود ۾ رهجي وئي آهين.
توڙي جو ڇٽيل پَن ۽ گل،
ٻيهر ساڳيءَ جاءِ ناهن جڙي سگهندا،
اڪيون وري، ساڳيا سپنا ناهن ڏسي سگهنديون،
يادگيرين جي
وشال لائبريرين ۾
هزار لمحا
ڪتابن جيان قيد رهجي ويندا آهن.
ٻاهر نڪرندڙ ساهه
ٻيهر ساڳي صورت ۾ موٽي ناهن سگهندا.
وقت جو ڪانٽو
پلي ابتو ڇو نه هلي
پر ڪئلينڊر جون ساڳيون تاريخون
ساڳيا ڏينهن ۽ ساڳيون شامون
موٽائي ناهن سگهنديون.
توڙي جو سموريون حقيقتون
ڪيتريون نه اٽل آهن
پر پوءِ به الائجي ڇو؟
آءٌ پاڻ کي موٽائڻ لاءِ
هڪ وڏي عرصي کان
درياءَ جي ڪناري تي اڪيلو
تنهنجي انتظار ۾ ويٺو آهيان.

# شاور هيٽ وهنجڻ سان
# نٿي لهي سگهي

زندگيءَ جو ڪرايو ختم ٿي ويو آهي
هر روز گهر خالي ڪرڻ جو نوٽيس ڏنو ٿو وڃي
زندگي ايتري ايڊاونس هوندي به
نئين گهر لاءِ ايڊوانس ڏيڻ کان قاصر آهي.
هو پاڙو ايڊز جو ڪرائي دار آهي،
زندگيءَ جون باداميون ڪائيندڙ
ڇا "وڇون" رستو وساري ويهندا؟
طوائف جي گهر جو چلهو سوچي ٿو.
پريشاني
شاور هيٽ وهنجڻ سان
نٿي لهي سگهي.
ڪا به بدنامي
صابڻ سان نه ٿي ڌوئي سگهجي.
سيني بيمارين جا پير اگهاڙا آهن!
مايوسي گناهه آهي
پر بارود جي ڍير تي
ءِ انتها پسنديءَ جي موسم ۾
زندگي!
ڪو به فيشن شو افورڊ نٿي ڪري سگهي.
گلن جا سڀ خريدار جلاوطن آهن
بس ڇوڪريون آهن جو
درين جيان اندر ٻاهر
ڪلنديون رهن ٿيون!

••



# وهي ڪاتي جو اٺهون پنو

لڇمڻ ڪومل

جنهن تيز رفتاريءَ سان فرنٽيئر ميل هلي رهي هئي، ان کان وڌيڪ رفتار سان منهنجو ذهن هلي رهيو هو. مون کي ياد ناهي ته عينيءَ ”روشنيءَ جي رفتار“ ڪهاڻي ان کان اڳ لکي هئي يا پوءِ پر مون ان ڏينهن سچ پچ روشنيءَ جي رفتار ذنيءَ ۾ محسوس ڪئي هئي.

وقت مون کي ايتري مهلت نه ڏيندو جو مان پنهنجي هيءَ مهمل ڪيل آتم ڪٿا مڪمل ڪري سگهان ان ڪري هر پنو پورو ڪري، گوپيءَ کي پڙهڻ لاءِ ڏيندو آهيان ۽ هن جي يادداشت به تازي ڪندو آهيان. مان چاهيان ٿو ته اسين ٻيئي اهي رومانوي ڏينهن نئين سر Re_Live ڪيون. هوءَ پنا پڙهي چوندي آهي: ”ڪجهه مَرمِ ڏار ائين اچي مٿي سان عوام اڳيان اگهاڙو ٿي ٿو بيهين. ٻارن ٻچن، پٽن پوٽن، ڌيئرن، ڏوهٽن وارو آهين. اڳتي هلي، جڏهن هو تنهنجو هي زندگي نامو پڙهندا ته ڇا سوچيندا؟“

۽ مان هن کي چوندو آهيان: ”راڻي، هر ڪو اچي مٿي سان ئي پنهنجو ڪارو اعمال نامو لکندو آهي.“ پوءِ به هوءَ منهنجي هن تحرير جا صفحن جا صفحا، جملن جا جملا، سٽن جون سٽون منڌيڙا ڏيئي، ميساري ڇڏيندي آهي ۽ منهنجي هيءَ آتم ڪٿا ”ڪبوتر با ڪبوتر“ ”باز با باز“ بڻجي ويندي آهي.

ميجان ٿو ته مان به امر جليل جيان سلسليوار ۽ ترتيبوار آتم ڪٿا نه ٿو لکي سگهان ۽ نه ئي مان رسول بخش پليجي جهڙو ”جينيس“ آهيان جو ڪوٽ لکپت جهڙي جابراڻي جيل ۾ رهندي، ڪنن سان لتا منگيشڪر جا گانا ٻڌان ۽ گڏوگڏ هٿن سان ”ڪوٽ لکپت جي ڊائري“ لکندو رهان. پليجي صاحب جي باري ۾ مون کي اڳتي هلي ڪيترو ڪجهه لکڻو آهي. جي هن کي هن جي ۽ مون کي منهنجي حافظي ساٿ ڏنو ته مان ڪيس بنگلور جي انڊر گرائونڊ مئخانن ۾ ساڻس گڏاريل راتين جون يادگيريون تازيون ڪرائيندس.

ڊاڪٽر جي مشوري هيٺ پيئڻ ڇڏي ڏنو اٿم. ڇڪڻ نٿو ڇڏي سگهان. پيگ پي ٽِڪو لکندو هوس. پاڻي پي ڦِڪو ٿو لکان. پر لکڻ ٻنهي حالتن ۾ مجبوري بڻجي چڪو آهي. (ٿئنڪس ٿو اسحاق سميجو)

ڪالهہ شوراتڙي هئي. منهنجو ننڍو ڀاءُ ڏنو بنارسي ينگ جو ٽرماس پري ڪٽي آيو پر مون نہ پيتي. مون کي ياد اچي ويو تہ اهو شوراتڙيءَ جو ڏينهن هو جڏهن ڪراچيءَ جي ڪياماڙي بندر تان مان ٻاهٺ سال اڳ ”جل درگا“ جهاز ۾ ويهي جلاوطن ٿيو هوس. ٻاهٺ سال جلاوطنيءَ ۾ گذارڻ ۽ پنهنجي ٿي وطن ويزا وٺي وڃڻ جهڙو عذاب تہ يروشلم جي يهودين بہ نہ سَنو هئو. مان وري بہ خوشنصيب آهيان جو ٻٺيهن سالن جي انتظاري ۽ بيقراريءَ بعد مون کي سنڌ وڃڻ جو وجهہ مليو ويو. مون کي لڳو ڄڻ منهنجي نصيب جو ڦاٽڪ اوچتو کُلي ويو آهي.

سال اسيءَ جي مئي جو مهينو هئو. دهليءَ جي جامعہ مليہ اسلاميہ ۾ ڀارت-پاڪ اردو ڪهاڻيءَ تي ستن ڏينهن جو سيمينار هئو. ڀارت ۽ پاڪ جا سؤ کن ڪهاڻيڪار سيمينار ۾ شرڪت ڪرڻ پهتا. ويهارو کن پاڪستان مان پهتل هئا. منهنجي ٽائيمس آف انڊيا جي ايڊيٽر گري لال مون کي چيو: ”هيءَ تنهنجي Beat تہ ناهي، پر تون اُردو بہ ڄاڻين ٿو ۽ اردو ادب تي بہ تنهنجي تِکي نظر آهي. چيف رپورٽر شميم سان گڏ تون بہ سيمينار ۾ شرڪت ڪري ”Sidelines“ وارو ڪالم لکہ. دستوري رپورٽنگ شميم ڪندو. تون ٻاهريون ادبي آتش بازيءَ وارو رخ پيش ڪج. اردو ادب ۾ ايئن بہ معرڪي آرائي ۽ لطيفي بازيءَ جي ڪوتاهي ڪونهي.“

شميم ۽ مون افتتاحي اجلاس کان وٺي الوداعي اجلاس تائين سڄي سيمينار جي دلپسند ۽ دلچسپ رپورٽنگ ڪئي. منهنجا ڪالم هندي اخبار ”نوڀارت ٽائيمس“ بہ ترجمو ڪري شايع ڪيا. جامعہ مليہ جي ميزبانن کان سواءِ سڄي نظرداري پاڪ سفارتخاني جو ان وقت جو پريس سيڪريٽري منير شيخ ڪري رهيو هو. منير شيخ پنجابيءَ جو مجيل مزاح نگار هو ۽ شاهاڻي شخصيت جو مالڪ هو. هن جي ظرافت جي رڳ سدائين ڦڙڪندي رهندي هئي. هن جي گهر واريءَ جي صورت شڪل هُوبهو مشهور فلمي گلوڪاره ۽ اداڪاره نور جهان جهڙي هئي ۽ هوءَ سدائين پاڇي جيان هن سان گڏ گڏ هلندي هئي. شايد ان ڪري هو گهڻي ۾ گهڻا لطيفا پنهنجي گهر واريءَ سان وابستہ ڪندو هو. پريس سيڪريٽري هئڻ جي ناتي هو ٽائيمس آف انڊيا جي آفيس ۾ اڪثر ايندو هو. اسين ڪڏهن ڪڏهن پريس ڪلب ۾ بہ اچي ويهندا هئاسين. سخت پرهيزگار هئڻ جي ڪري هو رڳو ليمي جو شربت ئي پيئندو هو. ٻڌو اٿم تہ هاڻي هو هن دنيا ۾ ناهي. (ڏٺي ڪري اها خبر ڪوڙي هجي.)

سيمينار پوري ٿيڻ جي ٻئي يا ٽئين ڏينهن هڪ منجهند ڌاري منهنجو دوست ڊاڪٽر گوپي چند نارنگ پاڻ سان ڊاڪٽر وزير آغا جيڪو هن دنيا ۾ هاڻ ناهي رهيو. (ايڊيٽر)، انتظار حسين ۽ مشفق خواجہ کي منهنجي آفيس وٺي آيو جن سان منهنجي سيمينار دوران ئي خاصي چاڻ سڃاڻ ٿي ويئي هئي. گوپي چند نارنگ سان منهنجي سالن کان دوستي هئي ۽ اسين هم پيالا بہ هئاسين. اچا بہ اسان هڪ ٻئي سان حجاتا آهيون. نارنگ چيو تہ ”ڀهريون ڪم اهو تہ هنن ٽنهي جي ويزا وڌائڻي آهي. پيو اهو تہ هنن مان هڪ کي حيدرآباد (دکن) ٻئي کي ميرٺ ۽ ٽئين کي سهارنپور ۽ بمبئيءَ جون ويزائون گهرجن. تنهنجي اهليہ وزارت داخلہ (هوم منسٽري) جي فارينرس ڊويزن ۾ ڪنهن اهم عهدي تي آهي. هنن کي ويزائون لڳرائي ڏي“ اسين گڏجي

گوپيءَ جي آفيس لاءِ روانا ٿياسين. زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو مان پنهنجي گهر واريءَ جي گهرو ڪاتي جي مرڪزي وزارت واري آفيس ۾ ويجي رهيو هوس.

برِصغير جي اردو ادب جي اهڙن برک اديبن سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي هلڻ ۽ سندن اهڙو اهم ڪم سرانجام ڏيڻ جي احساس ڪان بود ۾ پرجي، مان ساڻن هندستان جي مرڪزي وزارت داخله جي دفتر جي پهرينءَ منزل تي پنهنجي رفيقه حيات جي نالي جي نيم پليٽ ڏسي ڏاڍيءَ تاڻ ۾ پرجي ويو هوس. ڪمري ٻاهران ملاقاتي هال ۾ سيني کي ويهاري، مون ٻاهر ويٺل پٽيوالي کي اندر وڃڻ جي لاءِ چيو. پٽيوالو پڙ ڪڍي بيٺو. هو بلوچي نسل جو قوي هيڪل هيبت ناڪ ماڻهو هو. چيائين، "مئڊم بهت ضروري فائيلون پر ڪام ڪر رهين هين. مجهي حڪم ديا هي ڪي ڪسي ڪو اندر آني نا دينا. يي لال بتي ديک رهي هين؟"

مون کي اهو سيني جي سامهون ٻڌائڻ ۾ عار ٿي رهيو هو ته مان مئڊم جو مڙس آهيان. پٽيوالي جو رخ به غاصباڻو هو. مان چپ چاپ اچي سيني سان صوفا تي ويهي رهيس. گوپي چند نارنگ منهنجن ڪنن ۾ سرٻاٽون ڪندي چوڻ لڳو "اري، تو بڙا چُوتيا هي. اپني بيوي ڪي ڪمري ۾ جاني سي ڊرتا هي." انتظار حسين ۽ مشفق خواجه طنزيه مرڪ سان منهنجي اندر ۾ آريون هلائي رهيا هئا. جڻ منهنجي مردانگيءَ تي شڪ ڏيکاري رهيا هجن.

وزير آغا صاحب پنهنجي ٿڙڪي واري ٽوپي هيٺ مٿي ڪري رهيو هو. وچ وچ ۾ اٿي به ٿي پيرا مون ان بلوچيءَ کي اندر وڃڻ لاءِ اپيلاز ڪيا. پر هو حرامي ڍيٺ ٿي بيٺو اڏ ڪلاڪ ڪن شرمساريءَ وچان مان پنهنجيءَ زال جي پٽيوالي جي اسٽول تي ڪنڌ جهڪائي ويٺو رهيس. سامهون صوفا تي اردوءَ جا عظيم اديب پنهنجا پنهنجا پاسپورٽ هٿن ۾ جهلي ويٺا رهيا. ٻي صبريءَ وچان گوپي چند نارنگ اٿي کڙو ٿيو. (هو به لورالائيءَ جو بلوچ آهي) چيائين:"پنهنجو وزيٽنگ ڪارڊ ڪڍ." ڪارڊ وٺي اردليءَ کي سخت لهجي ۾ چيائين:"يي ڪارڊ جا ڪر مئڊم ڪو دو". ڪجهه هيسجي، هو ڪارڊ کڻي اندر ويو.

گوپي حيرت ۾ هڪدم ٻاهر نڪري آئي ۽ اسان سيني کي ڪمري ۾ وٺي هلي. اسان کي ويهاري پٽيوالي کي ڪافي آڻڻ لاءِ چيائين. گوپيءَ سيني جي مرحبا ڪندي، ڪانئن سندن پاسپورٽ وٺي رکيا ۽ سيني تي گهربل ويزائون لڳرائي گهر کڻي آئي. ٻئي ڏينهن هڪ پاڪستاني شاعر احمد هميش به نارنگ جي مشوري تي پاسپورٽ کڻي ويزا وٺڻ لاءِ گوپيءَ جي آفيس ويجي نڪتو پر ڪن ڪارٽن ڪري ڪيس حيدرآباد (دکن) وڃڻ جي ويزا نه ملي. سياسي نوعيت جي معاملن ۾ مان وچڻ نٿو چاهيان.

گوپيءَ پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ منهنجن ڪيترن ئي پاڪستاني خاص طور سنڌي دوستن کي ممنوع ايراضين کي ڇڏي، هر شهر جون ويزائون وٺي ڏنيون آهن ۽ مهينن تائين سندن ويزائون وڌايون آهن. پر ڪڏهن ڪڏهن چڱائيءَ جا نتيجا برا به نڪري پوندا آهن.

تائيمس فوٽو حيدرآباد جو نور احمد خوجو ۽ منهنجو قطب مينار جي قد وارو دوست عمر قاضي هتي منهنجي گهر مهينو کن اچي رهيا. پوءِ به سندن دهليءَ مان دل نه ڀري ۽ هو بمبئيءَ ۾ گوئا وڃڻ لاءِ آتا هئا. گوپيءَ کين ٻنهي شهرن جون ويزائون لڳرائي ڏنيون ۽ وڌائي به ڏنيون. ٻئي

سير سپاٽا ڪري ۽ گوٺا منظرن جا مزا ماڻي، ٻه مهينا ڪن هن ملڪ جا شهر چاڪاري، سڪ سان سنڌ وڃي پهتا. اٺويهن سالن جي عمر قاضيءَ کي ٻه صاحب ڪتاب ٿيڻ جو شوق جاڳيو سو پنهنجي قلم کي جنبش ۾ آڻي وڃي هتان جو سفرنامو لکيائين. ۽ ڏهه ويهه ڪاپيون هتي موڪلي ڏنائين. سفرنامو ته بيحد دلچسپ ۽ ديانتداريءَ سان لکيل هو پر نئين نئين لکاريءَ کي اجا اها سمجهه ۽ سنجيدگي نه آئي هئي. سو ڪٿي اسان ٻنهي جي نالن، سرنامن، ملازمتن ۽ عهدن سميت، ويهي تفصيل درج ڪيائين ته ڪيئن ڪين گهر وٺي گوٺا جهڙن رومانوي شهرن جون ويزائون مليون ۽ ڪيئن ۽ ڪنهن اهي ويزائون ڏياريون. سرڪاري مخبرن (جن جي ڪٿي به کوٽ ناهي) مرڪزي حڪومت کي وڃي رپورٽون پهچايون ته "دشمن" ملڪ جي ماڻهن کي ڪيئن گهر ويٺي ممنوع علائقن جون ويزائون ٿيون ملن.

نابينه شاعر ملٽن پنهنجي شاهڪار نظم PARADISE LOST (گم گشته جنت) ۾ چيو آهي "دوزخ طرف ويندڙ رستا نيڪ نيتيءَ سان جوڙيا ويندا آهن".

اسان جي نيڪ نيت نادان دوست جي سفر نامي جو نتيجو اهو نڪتو جو هو ته هڪ ڪتاب لکي پاڻ کي ادبي لڏي سان جوڙي ويو پر پويان پنهنجن محسنن لاءِ معاملا ڪري ويو.

هڪ ڏينهن گوپي آفيس پهتي ته در تي ئي استقباليه جي آفيسر هن کي هٿ ۾ پرڏيهي ڊويزن مان بدليءَ جو آرڊر ڏنو جنهن ۾ ڪيس هدايت ڪيل هئي ته هوءَ "فريڊم فائيٽرس" جي پينشن وارو کاتو وڃي سنڀالي. ان ۾ پلائي اها ٿي جو ان کاتي ۾ اچي هن ويهن پنجويهن سنڌي انقلابين کي تا عمر نه رڳو پينشنون ڏياريون. پر اڳيون پويون بقاياڻون به مُٺا ڀري ڏياريون. انهن پينشن بردارن ۾ اجا به ڪي حيات آهن ۽ پيريءَ جي ٽويشي لاءِ منهنجي گهر واريءَ کي دعائون ڏيئي رهيا آهن. ان وهندڙ درياءَ مان اسان جا ڪي انقلابي اديب به فيضياب ٿي ويا.

جامعه مليه اسلاميه جي سيمينار ۾ منهنجي پاڪستان جي اديبن سان سني ڏيٺ ويٺ ٿي. منهنجي گهر ۾ هنن سان دلچسپ محفلون ٿيون. ڪجهه پيگ چاڙهڻ کان پوءِ انهن وٽ ادب گهٽ ۽ فقري بازي وڌيڪ هوندي هئي. منهنجو ڪٽر ترقي پسند دوست اتم به ان وقت آيل هو ۽ ڪنهن غير ترقي پسند اردو اديب سان هن جو جهيڙو ٿي پيو. ترقي پسندن جي هڪ وروڌي اديب هندوستاني حڪومت مٿان ملامتون وجهندي چيو ته توهان جي جمهوري حڪومت دعوي ته سوشلزم جي ٿي ڪري، پر دنيا جي وڏي ۾ وڏي ڪئپيٽلسٽ نظام جي پشت پناهي ڪري رهي آهي. پنجاهه جي ڏهاڪي ۾ هندوستاني سرڪار سيني ترقي پسندن کي جيل ۾ وڌو هو. ڪيرالا جي مارڪسوادي حڪومت کي ختم ڪيو هو وغيره. اتم جو پارو چڙهي ويو. هن وٽ دليلن کان وڌيڪ ٽپت هئي. هن جي واڇن مان آب پاشي ٿي رهي هئي. ڏاڍي ڏکيائيءَ سان جهيڙو ٽاري ڇڏيم.

منهنجي گهر ۾ بيو هڪ اهڙو جهيڙو منهنجي ساڪرو شاعر دوست فتاح ملڪ ۽ ٽائيمس آف انڊيا جي رپورٽر بالي وچ ۾ ٿيو هو ۽ جام ساقيءَ وچ ۾ بيهي ٻنهي کي ٿڌو ڪري ڇڏيو هو.

مسئلو ڪو سياسي هو. سيني جي وچڻ کان پوءِ رات جو اتم اچي مون تي متيو "تون هنن شرابي ڪبابي رجعت پسندن سان رشتو ڇو ٿو رکين؟ هي اسان ترقي پسندن جا دشمن آهن. چون ٿا، سيني ترقي پسندن کي جيل ۾ وڌو ويو. ٻڌاءِ مون کان وڌو ڪو ترقي پسند آهي؟ مان ته تحريڪ ۾ عملي طور پڻ شامل هوس. مون کي جيل ۾ وڌائون؟"

چيومانس، "يار اتم، سرڪار بيوقوف ته ناهي جو توکي جيل ۾ رکي؟ هوءَ ڄاڻي ٿي ته ٻاهر رهندي به تون تحريڪ کي نقصان پهچائي سگهين ٿو". اتم جو رد عمل بيان ڪرڻ منهنجي وس کان ٻاهر آهي. هن مون سان سالن تائين ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو.

ادب جي دنيا ۾ اديبن جا نفاق نئين ڳالهه ناهن. هيمنگ وي، فِٽزجيرالڊ جو جاني دشمن هو. ٽالسٽاءِ دوستو وسڪي ۽ ترگنيف هڪ ٻئي کي جڳ جهان اڳيان ذليل ۽ خوار ڪندا رهندا هئا. هڪ ٻئي کي گار گند ڪندا هئا. هڪ ٻئي تي چٿرون ڪندا هئا. تنهي هڪ ٻئي سان ويهن سالن تائين نه ڳالهايو. اهڙيون رقابتون هند- سنڌ جي اديبن ۾ پڻ آهن. هند وارن وٽ وڌيڪ آهن. لکڻين ۾ هڪ ٻئي کي خوار ڪرڻ جو وجهه هٿان نه وڃائيندا آهن. پر سنڌي اديبن ۾ اهڙو ڪو مثال نه ٿو ملي جتي هڪ اديب ٻئي سان ٻي وجهه سال نه ڳالهايو هجي. اسين عالمي سماج جي اديبن کان وڌيڪ اداردل آهيون.

تن ڏينهن منهنجو گهر هڪ اوپن هائوس هو. ناوَ نوش جون محفلون مچنديون رهنديون هيون ۽ منهنجي دلبر دوست هيمر ناگواڻيءَ جي لفظن ۾ مور نچندا رهندا هئا. ۽ نارايڻ شيام دعائون ڏيندو هو ته "ڏٺي توهان کي اهي محفلون بخشي ڏئي." سنڌ مان شيخ اياز، تنوير، ناصر مورائي، تاجل بيوس، ظفر ڪاظمي ۽ ٻيا ڏينهن جا ڏينهن، هفتن جا هفتا ۽ ڪي مهينن جا مهينا مون وٽ اچي رهندا هئا. منهنجي ماءُ ۽ گوپي سدائين آجياڻو ڪنديون هيون. ظفر ڪاظمي بوتل جو دلدادو هو ۽ منهنجي گهر رات دير تائين گلاس مٿان گلاس چاڙهيندي، هن لاليءَ کان ورتل ڊرائنگ پيپر تي ٽڏي تي امر جليل جو بيحد دلڪش اسڪيچ تيار ڪري ورتو. جليل جو اهو اسڪيچ مون سانڍي رکيو آهي.

ان ئي سال ڏياريءَ جي ڏينهن خيرالنساء جعفري (گُڏي) پنهنجيءَ والده شيرين ۽ ٽن سالن جي ڌيءَ صائمه سان گڏ دهلي آئي. هو هڪ هندو ڌرمشالا ۾ هندو نالن سان اچي رهيون. هن مون کي اتان فون ڪري پنهنجو ڪو هندواڻو نالو ٻڌائي اچڻ لاءِ چيو. چيومانس مان ته ڪنهن اهڙي نالي واري ڇوڪريءَ کي نه سڃاڻان. "چيائين، ايندين ته سڃاڻپ ٿي ويندي." هن احمد آباد جي گنگارام سمرات جو حوالو ڏنو. مان هن وٽ فتحپوري ڌرمشالا ۾ پهچي ويس ۽ ٽنهي کي پنهنجي گهر وني آيس.

ٻئي ڏينهن ڏياري هئي ۽ خيروءَ کي ڏياريءَ جي لڪشمي پوڄا ڏسڻ جو شوق هو. خيروءَ جي ٽن سالن جي ڌيءَ صائمه غسلخاني ۾ به هن جي ڪڇ نه ڇڏيندي هئي. پر پوڄا وقت صائمه ماٺ ڪري منهنجي ماءُ جي گود ۾ ويني رهي ۽ حيرت وچان ڏٺائين. ڌوپ، لوبان ۽ اگر بتي وچ ۾

آرتي ٿيندي ڏسندي رهي. تن ڏينهن خيرو چين سموڪر هئي. پوڄا جي رسم پوري ٿيندي ئي هن بالڪنيءَ ۾ اچي بہ سگريٽ دکايا ۽ هڪ مون کي ڏيندي چيائين، ”مون کي هردوار ضرور هلڻو آهي. وني هل.“ چيومانس، ”خيرو بنا ويزا تو کي هردوار ڪيئن وٺي هلان؟“ ڏياريءَ جي ٽن موڪلن جي ڪري گوپيءَ جي آفيس بہ بند هئي. گوپيءَ چيس ”اچي ساڙهي پائي سويل صبح جو وڃي سانجهن تائين آرتي ڏسي موٽي اچجو. هردوار هتان چئن ڪلاڪن جو سفر آهي. رات تائين موٽي سگهندئو.“

گنگا ڪناري وسيل هردوار هڪ اهڙو رمڻيڪ تيرٿ آستان آهي جتي وڃي موٽڻ تي دل نہ ڪندي آهي. اردوءَ جو مشهور اديب محمد خالد اختر هندڪو نالو رکائي، سڄو مهينو هردوار جي هڪ ڌرمشالا ۾ وڃي رهيو هو ۽ هردوار جي خوبصورت ۽ پاڪيزگيءَ تي لکيل هن جو منظر نامو هڪ ادبي شاهڪار آهي.

خيروءَ جي بہ ساڳئي ڏينهن واپس ورڻ تي دل نہ وري ۽ اسين گنگا ڪناري وسيل ”ياتريہ يوَن“ جهڙي محلات نما آستان تي رهي پياسين. دهليءَ موٽندي بس ۾ ڏاڍي پيهہ هئي. عورتن لاءِ محفوظ ٿيل نشست تي هڪ گوجر بالم ٻٽجي ويهي هٽ وارو حقو پيي رهيو هو. خيروءَ جي ڪڇ ۾ صائمہ هئي. اهو ڏسي بہ گوجر کي ڪو شرم نہ آيو. هو مزي سان حقي مان ٻڙ ٻڙ ڪندو دريءَ مان دونهون ٻاهر اُڇلائي رهيو هو.

خيروءَ چيس ”زناني سيٽ خالي ڪر.“ هو پوءِ بہ نہ اٿيو. ٻيون پيرو، ٽيون پيرو ڪنڊ کان جهلي اٿاريائينس. گوجر خيروءَ جي ٻانهن کي جهٽڪو ڏنو ۽ خيروءَ پريندي ئي (هردوار مان ورتل) چوڙين سان ڀريل ساڄي هٽ وارو نونشو لڪاءَ ڪرايس. گوجر جي وات مان رت وهڻ لڳو ۽ خيروءَ جي ٻانهن بہ ضربجي پئي. مون کي خوف رڳو اهو هيو تہ هنن کي بنا ويزا جي وٺي آيو آهيان. پوليس ڪيس ٿي پيو تہ ڏچي ۾ اچي ويندا سين. پر رهجي آئي جو ڪنڊڪٽر ۽ ڊرائيور اچي گوجر مٿان ملامتون وجهي، هن کي پنهنجي پاسي ۾ ڪٽي وڃي ويهاريو.

مان جڏهن جڏهن بہ سنڌ ويو آهيان تہ منهنجي قربدار دوستن مون کي پنهنجي جيءَ ۾ جايون ڏنيون آهن. سچاٽپ ٿيڻ تي سائين سليم ميمڻ تہ مون کي ٻي ڪنهن هنڌ رهڻ ئي نہ ڏيندو آهي. منهنجي سنڌ ۾ اٺ ڏهہ ڀيرا رهائش دوران ڪڏهن ڪو مسئلو نہ ٿيو آهي. رڳو پهريون ڀيرو سال اسيءَ ۾ جڏهن ضياءالحق جهڙي آمر جي تاناشاهي حڪومت هئي تہ واپسيءَ واري ڏينهن ڏاڍي ڏچي ۾ اچي ويو هوس. ان واردات جو تفصيلي احوال پنهنجي سنڌ جي پهرئين سفر دوران آزمودن وارن اينڊڙ پنن ۾ لکندس. پر اهو منهنجو ذاتي تجربو آهي تہ سنڌ جا سرڪاري، نيم سرڪاري يا پوليسي ادارا انڊيا جي ادارن بنسبت وڌيڪ اداردل آهن ۽ اجائي پڪڙ پڇاڙ نہ ڪندا آهن. سنڌ مان اينڊڙ دوستن ۾ پنهنجن کان سواءِ ڪڏهن ڪڏهن ڪي ڪوتا ماڻهو بہ اچي وارد ٿيندا آهن ۽ انهن دوستن جا حوالا ۽ پار پتا کڻي ايندا آهن. جن جي نالي تان ئي ٻلهار وڃبو آهي- پر پوءِ خبر پوندي آهي تہ اهي ڪيترا ڪوڙا ۽ ڪُساڪي آهن. حبيب الله ناريجي جي باري ۾ اڳ ۾ ئي لکي آيو آهيان. هڪ اڌ رات ڏاري هڪ ٻُٽ ٻڌل نيڻن واري

پيانڪ ماڻهوءَ اچي در تي گهنٽي هنئي. چيائين، ”مون کي فلاڻي (منهنجي هڪ دل گهرئي دوست جو نالو) موڪليو آهي. مان تحريڪ ۾ به قتل ڪري آيو آهيان. مون کي هتان بنگلور وڃڻو آهي. ٻه ڏينهن هتي رهندس. مان هڪ پڪو قوم پرست آهيان، وغيره.“ اڌ رات جو گوپيءَ ٻار اهڙي خوفائتي اجنبيءَ کي ڏسي، هراسجي ويا. گوپيءَ چيو ”هڪدم ٻاهر اُماڻينس.“ چيومانس ”سياري جي هن اڌ رات ۾ ڪيڏانهن موڪليانس ۽ وري (سچو الائي ڪوڙو) نالو به اهڙي دوست جو ورتو اٿائين. جنهن جي اڳيان سر تسليم خم آهي. رات رهائي صبح جو اُماڻي ڇڏيندوسانس.“ مون هن کي هال ۾ ويهاري چانهه پياري ۽ پاسي واري ڪمري ۾ سمهاري، ٻاهران در تي تالو هڻي ڇڏيم. صبح جو هن کي نيرڻ ڪارائي، ٻاهر اچي آٽو رڪشا ۾ ويهاري، پنج سئو روپيه ڪيسي ۾ وجهي، نئين دهلي اسٽيشن تي اماڻي ڇڏيو. هو ڪيڏانهن هليو ويو؟ خبر خدا کي. پنيان هڪ پراڻي رلي ڇڏي ويو جيڪا گوپيءَ ڪنهن نوڪرياڻيءَ کي ڏيئي ڇڏي.

گوپيءَ مون کي رهڙ ڪيندي چيو ”ڄاڻين ٿو ته مان هڪ اهم سرڪاري عهدي تي آهيان. آئينده احتياط رک ۽ اهڙن مشڪوڪ ماڻهن کي گهر گهرائڻ کان پاسو ڪر.“

ٻئي ڏينهن هتي ساپرو هائوس ۾ عابده پروين جي پروگرام ۾ مسرور جوڻيجي کي رات وارو احوال ڏنم ته چيائين ته اهڙن دهشت گردن کي گهر ۾ گهڙڻ نه ڏي. مسرور جوڻيجو تن ڏينهن هتي پاڪ سفارتخاني ۾ ڪنهن سينيئر عهدي تي هو. اسان جو هن وٽ اڪثر اچڻ وڃڻ هو. هن مون کي پنهنجي شاديءَ ۾ حيدرآباد هلڻ لاءِ چڱو زور پريو پر مان ڪنهن مشغوليءَ ڪري وڃي نه سگهيس. هن جي شاديءَ بعد مون هن کي پنهنجي گهر ۽ سندس ڊاڪٽرياڻي بيگم کي مانيءَ تي گهرايو هو. مون کي ياد آهي ته جڏهن سائين جي ايم سيد هتي آيو هو ته ڪن سياسي پابندين سبب هن سان ملي نه سگهڻ ڪري مسرور جوڻيجي جي اکين ۾ ڳوڙها اٽڪي پيا هئا. اڄ ڪلهه يقينن مسرور جوڻيجو ڪنهن ملڪ ۾ سفير جي عهدي تي هوندو.

لکندي لکندي ڪيئي وارداتون ياد اچي رهيون آهن. سُروائيڪل اسپانڊ لائيٽس (گردن ۽ ڪرنگهي جي تڪليف) ڪري، ڳچيءَ ۾ ڪُٽي وارو پٽو ٻڌي ڪنڌ مٿي ڪري جئن تيئن هي سٽون رهڙي رهيو آهيان. وڏنڍڙ عمر جا عذاب اڪثر انسان کي پوڳڻا پون ٿا. ڪن کي اڳي ڪن کي پوءِ. پر دل کي اها ئي تسلي آهي ته هي اڪيلايون مون اڪيلي سان ناهن. بين جون پيڙائون ڏسي، پنهنجا ڏک هلڪا ٿا لڳن. اهو سوچي ڪجهه هنيانءَ به هلڪو ٿو ٿئي. پر پنهنجين اکين آڏو ٿيل وحشي وارداتون هيبت کان ڏيل ڏڪائي ٿيون ڇڏين.

ڪجهه سال اڳ سنڌ جو هڪ غريبڙو ماستر منهنجي گهر منهنجن ٻن پيارن دوستن حميد سنڌيءَ ۽ تنوير عباسيءَ جا خط کڻي آيو. حميد سنڌيءَ خط سان گڏ پنهنجا ڪجهه ڪتاب به موڪليا هئا. ماستر صاحب منهنجي گهر ويجهو مهروليءَ ۾ ڪن ماڻهن وٽ اچي رهيو هو جيڪي سنڌ مان ويجهڙائيءَ ۾ لڏي آيا هئا. ماستر صاحب جو چوڻ هو ته حميد ۽ تنوير هن جا شاگرد ٿي رهيا آهن ۽ هن کي پيرين پئي ملندا آهن. ماستر صاحب اڪثر مون وٽ گهر ۾ ايندو ويندو رهندو هو. مان به ساڻس عزت ۽ پنهنجائپ سان پيش ايندو هوس. هڪ ڏينهن هو

پنهنجي هڪ قداور نوجوان مائٽ کي مون وٽ وٺي آيو ۽ چيائين ته مان خيرپور واپس وڃي رهيو آهيان هن کي هاڻي هتي ئي رهڻو آهي. ڪيس ڪنهن روزگار سان لڳائڻ ۾ هن جي مدد ڪجو.

ماستر صاحب ته سنڌ موٽي ويو پر هڪ ڏينهن منجهند ڌاري اهو ڇوڪرو هڪ ٻهراڙيءَ جي سوسيءَ جي سلوار ۽ پرت پريل چولو پاتل جوان ۽ حسين ڇوڪريءَ کي منهنجي گهر وٺي آيو جنهن جي هنج ۾ ڪجهه مهينن جو ڪير پياڪ ٻار هو. گوپي آفيس هئي ۽ ٻار اسڪول ۾. مون کين اندر اچي ويهاريو. جوان (هن کي رانجهن ڪري ٿو ڪوٺيان) ڇوڙ لڳو ”مان هن کي ڳوٺ مان ڀڄائي وٺي آيو آهيان. جيسين هن جي رهڻ جو ڪو انتظام ڪريان هن کي پنهنجي گهر ۾ پناهه ڏيو.“ مون ڇوڪريءَ کان نالو پڇيو. هن هٻڪي هٻڪي هندڪو نالو ”سنگيتا“ ٻڌايو پر هن کي صحيح نالو اچارڻ ئي نه ٿي آيو. ڇيومانس ”تنهنجي پوشاڪ ۽ ڳالهائڻ جي لهجي مان تون ان نالي واري نٿي لڳين. سڀ صحيح ٻڌاءِ ته تولاءِ جيڪي ڪري سگهيس ڪندس.“ ۽ هن سچي حقيقت بيان ڪئي:

ٻاگهل... ڳوٺ جي وڏيري جي ويهاريل هئي. وڏيرو عمر چڙهيل هو. ڳوٺ جو هيءُ جوان هن کي ريهي ريبي لاهور گهمائڻ جو دلبو ڏيئي جعلي پاسپورٽ ۽ ويزا تي لاهور کان ٽرين ۾ دهليءَ وٺي آيو. ٻار ڪنهن جو هو اها کين به خبر نه هئي (يا هنن ٻڌائڻ نه پئي چاهيو).

مون ٻاگهل کي پنهنجي گهر ۾ رهائڻ کان صاف انڪار ڪيو ۽ کين ڪجهه رقم ڏيئي روانو ڪري ڇڏيو.

مهيني کن اندر ڳوٺ جي وڏيري جي موڪليل ڪن شاهينگن ٻهچي پتي ڪائين اندر ٻاگهل کي ڪهاڙين سان ڳترا ڪري ڇڏيو. هو هتي ڪيئن پهتا؟ وٽن ڪهاڙيون ڪٿان آيون؟ مون کي ڄاڻ ناهي.

ان بعد نه ڪڏهن ماستر صاحب مون وٽ آيو ۽ نه هن جو اهو اغوا ڪندڙ مائٽ معصوم ٻار جو الائي ڇا ٿيو؟

ڪاري ڪري مارڻ وارا ڪٿي به پهچي ويندا آهن.

Address:
B-26, Press Enclave Saket,
New Delhi – 17, India.

◆◆

اهي ماڻهو جيڪي مالي فائدي لاءِ علم حاصل ڪن ٿا، تن ۾ اها لڳن نٿي ٿئي، جيڪا فن ۾ ڪمال رکندڙ ماڻهن ۾ ٿئي ٿي. هڪ پيري يوناني ڏاهي ۽ حسابن جي ماهر اقليدس وٽ ڪو وڏ گهراڻو ٻار پڙهڻ لاءِ آيو. اقليدس کيس هڪ حساب حل ڪرڻ سيکاريو. ڇوڪري پڇيو:

”هن حساب سکڻ مان ڪهڙو فائدو ٿيو؟“

اقليدس پنهنجي ملازم کي سڏي چيو:

”هن صاحبزادي کي هيءُ حساب سکڻ جي عوض ۾ هڪ اشرفي ڏيءِ ۽ کيس چلتو ڪر.“

**عام فڪري مغالطي / علي عباس جلال پوري**



# جئپور لٽريچر فيسٽيول

شوڪت حسين شورو

20 جنوري صبح واري سيءَ ۽ ڏنڊ ۾ هيٺ وڃي ناشتو ڪري آيس. ڪمري ۾ اچي جئپور وڃڻ جي لاءِ ڪپڙا، ڪتاب ۽ ٻيو سامان سهيڙڻ لڳس. 11 ڌاري ڊاڪٽر روي ٽيڪچندا‌ڻي به اچي ويو. اسين ڳالهيون ڪندا، ڪار جي اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳاسين. هڪ ٿي ويو. پر ڪا نه آئي. ڊاڪٽر روي ٽيم ورڪ فلمس جي آفيس ۾ فون ڪئي. هنن ٻڌايو ته ڪار صبح جو جئپور کان نڪتي آهي، پر شديد ڏنڊ جي ڪري دير ٿي ويئي اٿس. هنن اهو به ٻڌايو ته ڪار مون کي ڪٺڻ کان پوءِ سچيدانندن کي به کڻندي، جئپور ايندي ڊاڪٽر روي کان خبر پئي ته سچيدانندن مليالم ٻوليءَ جو وڏو شاعر آهي. انڊيا جي ساهتيه اڪادميءَ جو سيڪريٽري رهي چڪو آهي.

”دادا، اوهان لنچ ڪري وٺو نه.“ روي چيو. ٻڌايومانس ته مون لنچ بند ڪرائي ڇڏائي آهي. ڪٿي رستي ۾ ڪائي وٺندس.

ڪار اڍائي لڳي ڌاري اچي پهتي. ڊرائيور جئپور جو هو. هن کي دهليءَ جي رستن جي ايتري خبر ڪا نه هئي. هو پڇائون ڪندو دهلي يونيورسٽيءَ جي گيٽ تي پهچي ويو پر سچيدانندن جو گهر ڳولڻ هنن لاءِ مشڪل هو. ڊاڪٽر روي سچيدانندن سان فون تي ڳالهائي سندس گهر جي ائڊريس نوٽ ڪئي ۽ پوءِ اها تفصيل سان ڊرائيور کي سمجهائي. هن سچيدانندن کي منهنجو سيل نمبر پڻ ڏنو. گيسٽ هائوس مان نڪري روڊ تي آياسين. اڳتي هلي ڊرائيور ڪنهن غلط روڊ تي اچي ويو. هو اتي منجهي بيهي رهيو. هن ماڻهن کان پڇيو ته هنن کيس صحيح روڊ سمجهايو ۽ اسان کي ورڻ واپس موٽڻو پيو. ائين ڪيترا ڦيرا منجهندي ۽ پڇائون ڪندي رلندا رهياسين. ان وچ ۾ سچيدانندن پاڻ به ٽي دفعا فون ڪئي ۽ رستو سمجهايو. نيٺ چئين لڳي ڌاري ماڳ تي پهتاسين. مون سچيدانندن کي فون ڪئي ته اسين ٻاهر گيٽ تي سندس انتظار ڪري رهيا آهيون.

ٿوريءَ دير ۾ هڪ پڪيءَ عمر جو شخص ڪلهي ۾ ٿيلهو لٽڪائيندو فليٽ ڪامپليڪس جي گيٽ مان ٻاهر آيو ۽ ڪار طرف وڌيو. مون ڪار مان لهي ساڻس ملڻ چاهيو هن هٿ جي اشاري سان مون کي روڪيو ۽ در کولي ڪار ۾ اچي ويٺو.

سچيدانندن قومي ۽ بين الاقوامي شهرت رکندڙ مليالم جو وڏو شاعر آهي. هن جي شاعريءَ جا 21 مجموعا شايع ٿي چڪا آهن. جن مان 16 مجموعن جا انگريزيءَ سميت مختلف ٻولين ۾ ترجما ٿيا آهن. هن جي شخصيت ۽ فن تي هڪ فلم Summer Rain ٺهي آهي. اٽليءَ جي حڪومت کيس Knighthood جو خطاب ڏنو آهي. سچيدانندن ساهتيه اڪادمي ۾ سيڪريٽري جي عهدي تان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ اڪادميءَ طرفان شايع ٿيندڙ انگريزي رسالي Indian Literature جو ايڊيٽر مقرر ٿيل آهي. سچيدانندن ڏسڻ ۾ تمام سادو ماڻهو آهي. اسين سنت ٿي هڪ ٻئي سان هري مري وياسين.



ڪار اندرا گانڌي انٽرنيشنل ايئرپورٽ وٽان مڙي دهلي- گرگائون ايڪسپريس وي تي آئي، جيڪو 8 لائينن جو عاليشان روڊ آهي. گرگائون دهلي ءَ کان 30 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي جڻ دهليءَ جو سيٽلائيٽ شهر آهي، پر اصل ۾ هريانه اسٽيٽ ۾ شامل آهي. گرگائون اصل ۾ هڪ ڳوٺ هو جيڪو هاڻي هڪ وڏو صنعتي ۽ ڪمرشل سينٽر بنجي ويو آهي. ان ۾ ورلڊ ڪلاس بلڊنگون، شاپنگ مال ۽ هوٽلون آهن. رات جو لنگهندي ايئن لڳندو آهي جڻ يورپ ۽ آمريڪا جي ڪنهن شهر ۾ ماڻهو اچي ويو هجي. اتي اجا وڌيڪ تعميراتي ڪم زورن سان جاري آهي ۽ گهڻائي ڪارخانن جي آهي. گرگائون کان ٻاهر نڪتاسين ته ڪار جئپور جي هاءِ وي تي اچي وئي. هيءَ روڊ 2_2 لائينن جو آهي پر ان کي وڌائي ايڪسپريس وي ڪرڻ جو ڪم هلندڙ آهي. جيڪو 2011ع ۾ مڪمل ٿي ويندو. دهليءَ کان جئپور 277 ڪلوميٽر آهي. روڊ تي ٽريفڪ تمام گهڻي آهي. خاص طور ٽرڪن جي ته قطار لڳل هوندي آهي. ڪار ۾ چار ڪلاڪ لڳي وڃن ٿا. پر رات جو وڌيڪ ٽريفڪ هجڻ سبب پنج ڪلاڪ به لڳي ويندا آهن. دهلي ۽ گرگائون ۾ ڏنڌ پکڙيل هئي، پر اڳتي هلي ان ۾ گهٽتائي ايندي وئي.

سچيدانندن مون کي چيو تہ ڪار ڪنهن هوٽل وٽ بيهاري چانهہ پيئڻ ٿا ڪپي. مون سندس ڳالهہ جي تائيد ڪندي ڊاڊيان ڊرائيور کي چيو هن ڪنڌ تہ لوڏيو پر ڪيتري دير گذرڻ کان پوءِ بہ ڪٿي ڪار نہ روڪي. جيتوڻيڪ روڊ جي ٻنهي پاسي ٿوري ٿوري مفاصلي تي هوٽلون ٺهيل هيون جن ۾ ڪي سٽيون بہ هيون. ان جو سبب اهو آهي تہ جئپور ۾ خاص طور راجستان ڏانهن سياحن جي اچ وڃ تمام گهڻي هوندي آهي.

انڊيا ۾ ٽوئرزم جڻ هڪ وڏي انڊسٽري آهي. سڄيءَ دنيا مان لکين سياح انڊيا ۾ ايندا رهن ٿا. سياحت جي لحاظ کان انڊيا ۾ وري راجستان سڀ کان وڌيڪ ڪشش رکندڙ علائقو سمجهيو وڃي ٿو. جئپور منهنجو بہ پسند جو شهر آهي. جتي آئون بہ پيرا اڳ ۾ وڃي چڪو آهيان. پهريون ڀيرو تہ آئون 1986ع ۾ ويو هئس. تڏهن هري موٽواڻي گڏجي هليو هو. اتي سندر اگناڻيءَ سان مليا هئاسين جيڪو دوست بڻجي ويو هو. سندر نہ رڳو جئپور شهر، پر ان جي آسپاس ٺهيل قلعا ۽ جايون خاص طور آمر قلعو گهمائڻ وٺي هليو هو. تڏهن پهريون ڀيرو اجمير بہ ويا هئاسين، جتي خواجہ غريب نواز جي مزار جي زيارت ڪرڻ ۽ ٻاهر فقيرن جي فوج مان جند ڇڏائي، اسين سنڌيءَ جي وڏي ڪهاڻيڪار ايشور چندر سان ملڻ جي لاءِ سندس گهر ويا هئاسين. ايشور چندر انڊين ريلوي مان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ هڪ ننڍڙي گهر ۾ سادگيءَ سان رهندو هو. پاڻ سادي زندگي گذاريندڙ هو. هن دل کولي اسان جو آدرڀاءَ ڪيو. هري همٿاڻي سان بہ تڏهن جئپور جي ريلوي آفيس ۾ ملڻ ويا هئاسين. ان ئي ڀيري جئپور ۾ جنهن ٻئي پياري شخص سان ملياهئاسين، سو واسديو سنڌو پارتي هو. ٻيو دفعو 18 سالن جي وڏي عرصي کان پوءِ 2005ع ۾ سنڌيءَ جي ليکڪن واري ڊيليگيشن سان گڏ وڃڻ ٿيو هو. نيشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لئنگويج جي تڏهوڪي وائيس چيئرمن سريش ڪيسواڻيءَ جي دعوت تي اسين جئپور کان سواءِ انڊيا جي ٻين 10 شهرن ۾ سنڌي مها اُتسو ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ويا هئاسين.

سچيدانندن کي مون سنڌي مهااُتسو ۽ ان کان پوءِ 2007ع ۾ ساهتيہ اڪادمي جي دعوت تي دهليءَ ۾ اچڻ جو احوال ٻڌايو. سچيدانندن 2006ع ۾ رٽائرڊ ٿي چڪو هو. مليالم ۽ سنڌي ادب بابت اسان جي ڪچهري هلندي رهي. مليالم ڪيرالا جي سرڪاري زبان آهي، ان ۾ لکيل ادب هندوستان جو شاهوڪار ادب ليکيو وڃي ٿو. ارون ڏتي راءِ بابت هن جو چوڻ هو تہ هوءَ تخليقي ليکڪ هجڻ کان وڌيڪ Activist آهي. سچيدانندن ڪملاداس بابت ٻڌايو. جيڪا مليالم جي تمام وڏي ڪهاڻيڪار ناول نگار ۽ شاعر آهي. هن انگريزيءَ ۾ پڻ شاعري ڪئي آهي. سندس اخباري ڪالم بہ گهڻو مشهور هئا. ڪملاداس پنهنجين ڪهاڻين ۾ هندوستاني عورتن جي جنسياتي خواهشن جو اظهار ڪيو آهي. سندس آتم ڪٿا My Story ۾ پڻ هن اهڙي قسم جون

ڳالهيون لکيون آهن. جنهن ڪري هوءَ تڪراري ليکڪ ليکي وئي. ڪملاداس 65 سالن جي عمر ۾ مسلمان ٿي ۽ پنهنجو نالو ڪملا ثريا رکيو. هوءَ 75 سالن جي عمر ۾ 2009ع ۾ گذاري وئي. جئپور لٽريچر فيسٽيول ۾ هن بابت هڪ ويهڪ رکيل هئي، جنهن ۾ سندس زندگيءَ ۽ فن بابت هڪ فلم ڏيکارڻ کان پوءِ سچيدانندن کي هن بابت ڳالهائڻو هو.

ٻن ڪلاڪن جي مسافريءَ کان پوءِ اسين بهرور جي صنعتي شهر ۾ پهتاسين ته اسان جي ڪار مڊوي ريسٽورنٽ طرف مڙي وئي. ڊرائيور جا ٿورا مڃيندي سچيدانندن ۽ آئون ريسٽورنٽ ۾ وياسين. وڏي ۽ صاف شفاف سٿري ريسٽورنٽ ۾ کاڌي جون شيون، چانهه، ڪافي ۽ ڪولڊ ڊرنڪ جا الڳ الڳ اسٽال هئا. مکيه ڪائونٽر تي پنهنجي پسند جي شين جا پئسا ڀري ڪوپن وٺي واسطيدار اسٽال تي ڏئي، شيون کڻي اچي کائڻيون هيون. مون سچيدانندن کان پڇيو ته اوهان ڇا کائيندا؟ "ڪا هلڪي ڦلڪي شيءِ کائجي. سموسا ٺيڪ رهندا"سچيدانندن ته پنهنجي گهران منجهند جي ماني کائي نڪتو هو. مون پنهنجي لنچ پاڻ بند ڪرائي هئي، پر هاڻي سچيدانندن کي ڇا ٻڌايان



ها! مون اڳواٽ وڌي ٻنهي ڄڻن جي لاءِ پئسا ڏئي ڪوپن وٺڻ چاهيا.

"اهو مناسب ڪونهي، اوهان مهمان آهيو." سچيدانندن مون کي روڪيندي چيو "آئون اوهان جي ملڪ ۾ اچان، پوءِ ڀلي اوهان پئسا ڏجو." سچيدانندن پئسا ڏئي ڪوپن ورتا. اسٽالن تان سموسا ۽ ڪافيءَ جا مگ کڻي اچي ٽيبل تي ويناسين. سموسا چڱا خاصا وڏا، ڀريل ۽ مزيدار هئا. سچيدانندن مرڪندي چيو "منهنجي ته ڊنر ٿي وئي." مون جواب ۾ رڳو مرڪيو.

ريسٽورنٽ مان نڪري وري ڪار ۾ اچي ويناسين. باءِ پاس نه هجڻ ۽ شهر جي وچ مان لنگهڻ سبب گهڻو ڪري هر شهر ۾ ٽريفڪ ڦاٿل نظر آئي ۽ اتان نڪرڻ ۾ گهڻو وقت لڳي ٿي ويو. سچيدانندن پنهنجي ڊنر ڪرڻ کان پوءِ ڪار ۾ سمهي پيو. مون کي پنهنجا جئپور جا اڳيان سفر ياد اچڻ لڳا. راجستان ۽ سنڌ ته پاڻ ۾ پاڙيسري آهن ۽ سندن هڪ ٻئي جي ثقافت تي گهرو اثر رهيو آهي. راجستان ۾ سنڌ سان سرحد وارن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ سنڌين جون سماٽ ذاتيون وڏي تعداد ۾ رهن ٿيون. راجستان ۾ سياحت کي جهڙيءَ ريت زور وٺرايو ويو آهي سو حيرت جوڳو آهي. سچو

راجستان راجپوت نڪرن جي حويلين، محلن، قلعن ۽ تاريخي عمارتن سان پريو پيو آهي. ڪلچر جي لحاظ کان بيحد شاهوڪار علائقو آهي. سياري جي مند ۾ ٻاهريان سياح ائن تي چڙهي ٿر ۾ اچي راتيون ٽڪندا آهن. واريءَ جي پٽن تي تنبو لڳائي مچ مچائي راجستاني لوڪ گيتن تي لوڪ ناچ، الغوزي، ڪماچ، چنگ ۽ تنبوري جي سازن ٻڌڻ ۽ نچڻ جو مزو ماڻيندا آهن.

جئپور راجستان جي گاديءَ جو هنڌ آهي، جنهن کي Pink City سڏيو ويندو آهي. جئپور جو شهر مها راجا سواءِ سنگهه (پيو) 1727ع ۾ خوبصورت رٿابنديءَ سان جوڙايو. وڏا ويڪرا رستا، هڪ ئي قسم جي بازارن ۾ هڪ جهڙا دوڪان ۽ انهن جي مٿان نهيل گهر ۽ انهن سيني جو رنگ گلابي. اهو جئپور جو پراڻو شهر آهي، جنهن کي چوطرف ڪوٽ آهي. پراڻي شهر ۾ اچ وڃ جي لاءِ وڏا شاهي دروازا آهن. قلعي کان ٻاهر وڏيون محلن جهڙيون حويليون ۽ عاليشان باغ آهن. هاڻي ته جئپور گهڻو پکڙجي ماڊرن شهر بنجي چڪو آهي. آزاديءَ کان پوءِ راجستان جي خودمختيار رياست واري حيثيت ختم ٿي وئي. جئپور ۾ راجپوت ۽ راجائن ۽ نڪرن جا محل ۽ حويليون هاڻي 5 ۽ 4 اسٽار هوٽلن ۾ تبديل ٿي ويا آهن. راجستان جي راجائن ۽ نڪرن جي پوين جاگيرداري ۽ زمينداري ختم ٿيڻ کان پوءِ ڪمائيءَ جو هڪ سنو عزت پريو طريقو ڳولي ڪڍيو آهي.

پريان جڏهن جئپور جي جبلن تي نهيل قلعن جون بتيون نظر آيون ته لڳو هاڻي ويجها آهيون. سچيدانندن ٻه جاڳي چڪو هو. ڪار جل محل وٽان لنگهي ته رات جي وقت جل محل جي بتين جا تلاءُ جي پاڻيءَ ۾ پاڇا ايترا ته موهيندڙ لڳا جو مون سچيدانندن کي چيو: ”چا ته نظارو آهي!“ سچيدانندن مرڪي ڪنڌ لوڏيو. جل محل جئپور شهر کان ٿورو ٻاهر پاڻيءَ جي وڏي تلاءُ اندر نهيل آهي. رات جو ساڍي نائين ڌاري ڪار جئپور جي شهر ۾ داخل ٿي. بازارون بند ٿي چڪيون هيون. روڊن تي ٽرئفڪ ٻه تمام ٿوري هئي. جئپور جا ماڻهو شايد سويل سمهڻ جا هيراڪ آهن. ڪار اسان کي هوٽل مانسنگهه تي اچي لاٿو. هيءَ 4 اسٽار هوٽل جديد عمارت ۾ آهي. سوچيم ڪنهن حويليءَ مان تبديل ٿيل هوٽل ۾ رهائين ها ته سنو. سچيدانندن کي ته رڳو رجسٽر ۾ نالو لکرائڻو هو، پر مون کان پاسپورٽ ۽ ويزا ورتي اتي ئي رکيل فوٽو اسٽيٽ مشين مان ڪاپيون نهرايون ويون ۽ گهربل معلومات رجسٽر ۾ داخل ڪئي وئي. سچيدانندن منهنجي ڪري ايتري دير مون سان گڏ بيٺو رهيو. سچيدانندن ۽ مون کي ڪمرا آمهون سامهون مليا هئا. اسان گڏبنائيٽ چئي هڪ ٻئي کان موڪلايو. تازو توانو ٿي ڪپڙا بدلائي بيڊ تي اچي ليٽي پيس. ساڍن پنجن ڪلاڪن جي سفر ايترو ٿڪايو ڪو نه هو، ان جو ڪارڻ شايد سچيدانندن جو سات ۽ جئپور لٽريچر

فيسٽيول جو اتساهہ هو. ٽي وي ڪوليمر. انڊيا جي نيوز چئنلن تي اسان وانگر رڙيون واڪا هئا جڻ ملڪ هٿن مان نڪتو پئي وڃي. هڪڙي چئنل تي هالي ووڊ جي ڪا ٽرلر فلم هلي رهي هئي. مون ان کي ڏسڻ وڌيڪ بهتر سمجهيو جيستائين ننڊ اچي. جئپور ۾ ڪو خاص سيءُ محسوس نہ ٿيو جڻ حيدرآباد واري ساڳي موسم هئي. دهلي ايئرپورٽ جي ڊيوٽي فري شاپ تان ورتل هيگ جي بوتل بئگ مان ڪڍي سائيڊ ٽيبل تي رکيم. فرج مان منرل واٽر ۽ برف ڪڍي آيس. پهرين سوچيم تہ رات جو متان بک لڳي، ڪجهہ گهرائڻ جي لاءِ آرڊر ڏئي ڇڏيان. سامهون ٽئبل تي هڪ وڏي پليٽ ميون سان ۽ ٻي پليٽ بسڪوٽن سان ڀريل رکيون هيون. ميون ۾ زيتون، صوف، ڪيلا ۽ چڪو هئا. مون زيتون ۽ صوف صاف ڪري ڇريءَ سان ڪٽي پليٽ کي سائيڊ ٽيبل تي گلاس سان گڏ رکيو. خبر ناهي ڪيڏي مهل ننڊ اچي وئي.

صبح جو اٺين فيسٽيول ۾ وڃڻ جي تياري ڪرڻ لڳس. تيار ٿي ڪپڙا بدلايا هئم تہ در جي گهنٽي وڳي. ڏٺم تہ سچيدانندن تيار ٿيو، ٽيلهو ڪلهي ۾ لٽڪائي بيٺو هو. چيائين، "بريڪ فاسٽ تي هلو ٿا. "آئون در بند ڪري هن سان گڏ هيٺ ريسٽورنٽ ۾ ويس. ريسٽورنٽ يورپي مردن ۽ عورتن سان ڀريل هئي. خبر ڪانہ ٿي پئي تہ انهن مان ڪهڙا ليکڪ هئا ۽ ڪهڙا سياح هئا. ليڪڪن کي ڊگي پئليس هوٽل سميت ڇهن مختلف هوٽلن ۾ رهايو ويو هو. سچيدانندن کي ڪي واقفڪار رائٽر مليا ويا ۽ هو انهن سان گڏ ويهي رهيو. آئون مٿي پنهنجي ڪمري ۾ موٽي ويس. ناشتي ڪرڻ کان پوءِ بلڊ پريشر جون ۽ ٻيون گوريون کاڌيون هيون.

ٿوريءَ دير کان پوءِ هيٺ ويس تہ سچيدانندن وڃي چڪو هو. فيسٽيول جي لاءِ رضاڪار ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون هوٽل جي لابي ۾ موجود هئا. مون ساڻن ڳالهايو تہ هنن مون کي وڻي وڃي هڪ ڪار ۾ ويهاريو. ڪار ڪجهہ روڊن تان هلندي شهر وچ ۾ ٺهي ڊگي پئليس هوٽل ۾ اندر داخل ٿي. ائين لڳو جڻ ڪو وڏو ميڙو هجي. آئون رجسٽريشن ڪرائڻ جي لاءِ ان مقصد لاءِ ٺهيل ڪائونٽر تي ويس، جتي ٽي چار ڇوڪريون ويٺيون هيون. هنن وٽ اسپيڪرس، ڊيليگيٽس ۽ صحافين جا مختلف قسمن جا بيجز ٿيلها ۽ سووينئر رکيل هئا. هڪ ڇوڪريءَ مون کان پڇيو "اوهان ڇا آهيو؟" ڀڌايومانس تہ رائٽر آهيان. هن مون کي پنهنجي نالي وارو بيج ڳولي ڪڍي ڏنو. بيج جي پوپان ڪنڌ ۾ هڪ ٻئي هينان 9 وڏا ٽبڪا ڇپيل هئا. انهن ٽبڪن جو راز پوءِ پڌرو ٿيو. بيج وڻي گلي ۾ پاتم. ڪتابن، رسالن، ڊائري، پئڊ ۽ بال پينن سان ڀريل ٿيلهو ڪلهي ۾ لٽڪائي دربار هال ڏانهن ويس جتي فيسٽيول جي افتتاحي تقريب ٿيڻي هئي. ٽائيم ڏهين وڳي جو هو ۽ آئون سادي ڏهين وڳي پهتس. منهنجو خيال هو تہ اسان وٽ فنڪشن ڪلاڪ ڏيڍ دير سان شروع ٿيندا آهن، هتي بہ اها حالت هوندي. پر پوءِ خبر

پئي تہ فيسٽيول جي هر ويهڪ پوري ٽائيم تي شروع ٿي چڪي هُئي. دربار هال ننڍو هو جنهن ۾ سٺ ماڻهن جي ويهڻ جي گنجائش هئي. ڪيترا ماڻهو بيٺا هئا. ڏنم تہ دروازي تي ماڻهن جي پيهہ لڳي پئي هئي. اندر وڃڻ جي واهہ ڪا نہ هئي. ٻاهر ورانڊي ۾ ٻن پاسن کان ٻہ وڏيون اسڪرين رکيل هيون جن تي دربار هال ۾ ٿيندڙ ڪارروائي وڊيو تي ڏيکاري پئي وئي. اڳڻ ۾ ڪرسيون ۽ اخبارون رکيل هيون جن تي ويهي ۽ ڪي بيهي، اها ڪارروائي ڏسي رهيا هئا. آئون بہ هڪ خالي ڪرسي هٿ ڪري ويهي ڏسڻ لڳس. افتتاحي ڪارروائي سنجوائي راءِ پئي هلائي، جيڪو ٽيم ورڪ پراڊڪشنس جو مُک ۽ جئپور لٽريچر فيسٽيول جو پروڊيوسر آهي. فيسٽيول جو سڄو انتظام ٽيم ورڪ وارن جي حوالي ٿيل هو. روايت جي ابتڙ افتتاحي تقريب ۾ نہ ڪنهن جي صدارت هئي ۽ نہ وري ڪو خاص يا اعزازي مهمان هو بلڪ اسٽيج تي ڪنهن کي ويهاريو ئي ڪو نہ ويو هو. گريش ڪرناڊ کي ڪي نوٽ ائڊريس پڙهڻي هئي، پر دهلي- جئپور هاءِ وي تي گهٽي ڌنڌ هجڻ سبب هو صبح جو سويل دهليءَ مان روانو نہ ٿي سگهيو هو. گريش ڪرناڊ ڪنڙ ۽ انگريزي زبان ۾ ڊراما لکيا ۽ پيش ڪيا آهن. آرٽ فلمن جي ايڪٽر جي حيثيت سان هو گهڻو مشهور آهي. ادبي ميلو مچائيندڙ نميتا گوکلي ۽ وليم ڊالرمپل اسٽيج جي ڪناري تي ويهي، آيل مهمانن جي آجيان ڪئي ۽ فيسٽيول جي هر سال وڌندڙ مقبوليت بابت ٻڌايو. رينو عيدناٽي، جيڪا 2005ع ۾ سريش ڪيسواٽيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ آيل وفد سان گڏ سنڌ مان ٿي وئي آهي، تنهن پڻ ڳالهايو. ان کان پوءِ چئن مختلف ٻولين جي شاعرن پنهنجي شاعري پڙهي ٻڌائي. اروند ڪرشنا مهروترا انگريزيءَ ۾، سچيدانندن پهرين مليالم ۽ پوءِ ان جو انگريزيءَ ۾ ترجمو اشوڪ واجپائي هنديءَ ۾ ۽ گلزار اردوءَ ۾ شعر پڙهي ٻڌايا.

افتتاحي تقريب کان پوءِ ڊگي پئليس ۾ ئي چئن مختلف هنڌن تي ڇپيل پروگرام موجب ويهڪون شروع ٿي ويون. دربار هال ۽ اڳيان واري مکيہ لان کان سواءِ ٻئي طرف لان تي مغل ٽينٽ ۽ ٿورو پريرو بينڪ هال جي نالي سان تنبو لڳائي، ويهڪن جو انتظام ڪيو ويو هو. مغل ٽينٽ ۾ موڙا رکيل هئا. اسٽيج پڻ فرشي نشست واري هئي. ويهڪن ختم ٿيڻ کان پوءِ روزانو شام جو موسيقيءَ جا پروگرام مکيہ لان تي رکيل هئا. لنچ ۽ ڊنر جو انتظام پڻ مکيہ لان تي ٻن پاسن کان ڪيل هو.

ڊگي پئليس اصل ۾ 18هين صديءَ ۾ ڪنهن راجپوت ٺڪر جي ٺهرايل حويلي آهي، جنهن کي پوءِ سنڌس پوين هوٽل ۾ تبديل ڪيو آهي. جئپور لٽريچر فيسٽيول گذريل پنجن سالن کان هر جنوريءَ جي 21هين تاريخ کان 25هين تاريخ تائين باقاعدگيءَ سان ڊگي پئليس ۾ ٿيندو رهيو آهي. پهريون فيسٽيول 2006ع ۾ ٿيو هو جنهن ۾ 18 ليکڪ شريڪ ٿيا هئا. اهي سمورا ڀارتي ليکڪ هئا جيڪي انگريزيءَ ۾ لکندا رهيا آهن. ان کان پوءِ هر سال ليکڪن جو انگ وڌندو رهيو آهي. جيڪي چار

فيسٽيول اڳ ۾ ٿي گذريا آهن، تن ۾ فقط انهن ليکڪن کي سڏايو ويو هو جيڪي انگريزيءَ ۾ لکن ٿا. پر 2010ع ۾ سنڌيءَ سميت ڀارت جي ڪجهه ٻين ٻولين جي ليکڪن کي پڻ سڏايو ويو. سنڌ مان مون کي ۽ ڀارت مان ومي سدارنگاڻي ۽ ڀڳوان اٽلاڻيءَ کي مدعو ڪيو ويو هو. هن سال دلت ادب کي خاص اهميت ڏني وئي هئي. دلت پوئتي پيل اڇوت ذاتين وارا آهن. ڀارت جي مختلف ٻولين جهڙوڪ هندي، مرهٽي، پنجابي، تامل ۽ ڪن ٻين ٻولين ۾ دلت ليکڪ جيڪو ادب تخليق ڪري رهيا آهن، تنهن کي آهستي آهستي مڃتا ملڻ لڳي آهي.

جئپور لٽريچر فيسٽيول ايشيا جو تہ وڏي ۾ وڏو ادبي ميلو آهي ئي، پر ٿوري وقت اندر ان کي دنيا جي وڏن ادبي ميلن مان هڪ مڃيو ويو آهي. هن سال لڳل ميلو اڳين سالن کان وڌيڪ وڏو ۽ شاندار هو جنهن ۾ 30 ملڪن کان 220 ليکڪ اچي شريڪ ٿيا هئا. پنج ڏينهن هلندڙ ميلي ۾ اندازي موجب 30 هزار ماڻهو ليکڪن کي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ آيا هئا. اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جا شاگرد ۽ شاگرديائيون بہ وڏي تعداد ۾ روزانو ايندا رهيا. جئپور ۽ آسپاس جي شهرن کان سواءِ سڄي انڊيا مان پري پري کان ماڻهو ڪهي آيا هئا ۽ انهن ۾ ٻاهرين ملڪن جا سياح بہ شامل هئا. ميلي ۾ ادب، ثقافت، سياست، تفريح، تنقيد، جنسيات ۽ ٻين مختلف موضوعن تي رکيل ويهڪن جو ڪل تعداد 94 هو. انهن ۾ ڪنهن هڪ ليکڪ سان ڳالهہ ٻولهہ، ليکڪن کان سندن شعر، ڪهاڻي يا ناول جو باب پڙهائڻ، ليکڪن جي فن تي گفتگو بحث ۽ پينل گفتگو فيسٽيول ۾ آيل ليکڪن جي نون ڇپيل ڪتابن جي مهورت، نامور ليکڪن تي ٺهيل ڊاڪيومينٽري فلمن جي نمائش، شام جو ٿيئٽر ۽ موسيقيءَ جا اسر شامل هئا. گهڻو زور انڊيا ۾ توڙي ٻاهر انگريزي لکندڙ تازي افسانوي ادب (Fiction) ۽ غير افسانوي ادب (non_fiction) تي هو.



2010ع واري فيسٽيول ۾ دنيا جا جيڪي ناميارا ليکڪ آيا هئا، تن ۾ ادب جو نوبل پرائيز حاصل ڪندڙ نائيجيريا جو ناول نگار ۽ ڊرامہ نگار وول سوئينڪا، راڊي ڊوئل (بوڪر پرائيز 1993)، اٿني انرائٽ (بوڪر پرائيز 2001)، جيف ڊائر (سمرسيٽ ماهم پرائز ۽ ايم فارسٽر ايوارڊ)، اسٽيوڪول (پلٽزرپرائيز)، ڪرسٽاف جيفرلاٽ، نيال فرگوسن، لارينس رائٽ، حنيف قريشي، امتياز ڪمار، اميت چوڌري، رابرٽو ڪلاسو شوڀا ڊي، اندرا گوسوامي، سچيدانندن،

مها سويتا ديوي، اليگزينڊر مڪال سمٿ، وڪرم چندرا، لوئيس ڊي برنيئرس، پون ورما، اشوڪ واجپائي، آشي دور جي (ڀوٽان جي راڻي)، چيتن ڀاڳت، تارون تيجپال، نوتيج سرنا، دلت ليکڪن ۾ اجي نويريا، اوم پرڪاش والميڪي، ڪنچا الايا، پاڪستان مان عاصمه جهانگير، علي سيٺي، ايم ايچ نقوي ۽ آئون. باليءَ ووڊ جي شخصيتن ۾ جاويد اختر، شبانه اعظمي، اوم پوري، گريش ڪرناڊ، گلزار ۽ راهول بوس شامل هئا. گذريل سال واري فيسٽيول ۾ محمد حنيف ۽ فاطمه ڀٽو شريڪ ٿيا هئا.

ميلي ۾ وڏن ننڍن ليکڪن، يا اهم شخصيت ۽ عام ماڻهن ۾ ڪو به فرق نه هو. راجستان جي اڳوڻي وزير اعليٰ وسونڌرا راجي سنڌيا به هڪ سيشن ۾ آئي ته هوءَ سڄو ڪلاڪ عام ماڻهن سان گڏ ويٺي رهي. ليکڪن جو هڪ ٻئي سان ميل جول البت گهٽ نظر آيو. پرڏيهه مان آيل ليکڪ پنهنجي الڳ چوڪڙي ناهيو ويٺا هئا. ڪي مون جهڙا اڪيلا اڪيلا پنهنجيءَ دنيا ۾ مست به هئا. باقي فلمي شخصيتون هر وقت ماڻهن جي گهيري ۾ هيون. هر سال وڌندڙ فيسٽيول جي لاءِ ڊگي پئليس هوٽل بنهه سوڙهي پئي لڳي، پر ان جي طرفان فيسٽيول وارن کي جيڪي سهولتون مليل هيون، تن مان ڪاڏن جو معيار تمام سٺو هو. انتظام ۾ به ڪنهن قسم جي ڪوتاهي نظر نه آئي. فيسٽيول وارا سچ پچ ان ڳالهه تي جس لهڻن ته پرڏيهه ۽ ڏيهه مان ايترن سارن ليکڪن جي رهائش ۽ ٽرانسپورٽ جو تعريف جوڳو بندوبست ڪيو ويو هو. فيسٽيول جي ڪل خرچ جو ڪاٿو اڍائي ڪروڙ روپيا هو. اٽڪل 45 ڪمپنين ۽ ادارن ان کي اسپانسر ڪيو هو.

چئن مختلف هنڌن تي هلندڙ ويهڪن مان اها چونڊ ڪرڻ مشڪل هئي ته ڪهڙيءَ ويهڪ ۾ وڃي ويهجي. خاص ڳالهه اها هئي ته هر ويهڪ ۾ ڪرسين تي ويٺل ماڻهن کان وڌيڪ بيٺل ماڻهو نظر آيا ٿي. پهرئين ڏينهن اڪيلائيءَ سبب آئون ڪجهه واٽڙو ٿي پئي هليس. سيٺي ويهڪن مان ٿورو ٿورو چڪر هڻندو ڦرندو رهيس. اوچتو هڪ ڄاتل سڃاتل شڪل نظر آئي. ذهن تي زور ڏنم ته ياد آيو لڇمڻ ڀمياڻي هو. لڇمڻ ڪهاڻيڪار آهي. اڪل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جو جنرل سيڪريٽري آهي. ساڻس اڳ ۾ ملاقات ٿيل هئي. مون وڌي وڃي سندس ڪلهي تي هٿ رکيو ته مڙي مون ڏانهن ڏنائين ۽ هڪدم چيائين:

”سائين شوڪت شورو! مون کي سڃاڻو ٿا؟“

چيومانس: ”سڃاڻان نه ها، ته ملان ڪيئن ها.“

”سندر اگناڻي مون کي اوهان جي باري ۾ ٻڌايو هو. چيو اٿس ته شوڪت سان ملجانءِ ۽ سندس خيال رکجانءِ. جئپور گهمڻ يا ڪيڏانهن هلڻ لاءِ دل چئي ته هن جي ڪار پاڻ کي ملندي.“

لڇمڻ ڀمياڻيءَ جو ساٿ منهنجي لاءِ غنيمت هو. شابس اٿس واهه جو نڀايائين ۽ پورا پنج ڏينهن مون سان گڏ رهيو. سندر اگناڻيءَ جي ڪار ۾ شهر جا چڪر به

هنياسين ۽ منهنجي خاص فرمائش تي سنڌي ادب جي پياري شخصيت واشديو سنڌو پارتيءَ جي گهر وڃي ساڻس ملي آياسين. هڪ ٿيٽر هال ۾ سنڌي ڊرامو به ڏٺوسين.

Voices Of Sindh واري ويهڪ ۾ مون سان شامل سنڌي ليکڪ ومي سدارنگاڻي ۽ ڀڳوان اتلاڻي اچا فيسٽيول ۾ ڪو نه مليا هئا. ومي بابت خبر پئي ته آديپور مان ٽرين ۾ رواني ٿي آهي ۽ ٻئي ڏينهن تي جئپور پهچندي. ڀڳوان اتلاڻي جئپور جو رهواسي آهي. هو سنڌي ۽ هنديءَ ۾ ڪهاڻيون ۽ ناول لکندو رهيو آهي. اهو به جئپور کان ٻاهر ويل هو ۽ هڪ ٻين ڏينهن ۾ موٽڻو هو.

لنچ ٽائيم کان اڳ لڇمڻ پمياڻي مون کان موڪلايو ۽ چيو ته "مان شام وري ايندس." هڪ وڳي لنچ هئي. ٽانو رکجي چڪا هئا. مون سوچيو ميلي جي هيڏي ساري رش ۾ خلق اچي ڪڙڪندي، ماني مشڪل سان نصيب ٿئي. اڳئين لان تي ئي هڪ ڪائونٽر تان ماڻهو وسڪي جا پيگ، وائن جو گلاس ۽ بيئر جا ڊبا وٺي پي رهيا هئا. سوچيم ته ويجهو وڃي ڏسان ڇا ماجرا آهي. ڏٺم ته اهو سڀ انهن ماڻهن کي ملي رهيو هو جن جي گلي ۾ اسپيڪر وارا بيج پاتل هئا. آئون به وڃي ٻين سان ڪلهو هڻي بيهي رهيس. ڪائونٽر وارن مان هڪ همراهه اول منهنجي بيج تي نظر وڌي، پوءِ مون کان پڇي ڪارلسبرگ جو ڊبو ڏنو. ان ڪائونٽر جي پاسي ۾ وري هڪ ٻيو ڪائونٽر کليو جتي ڊيليگيشن ۽ عام ماڻهن کي خريد ڪري آيل ڪوپن تي دارون پاڻي ڏيڻ شروع ڪيو ويو. گهمندي ڏٺم ته لان جي هڪ ڪنڊ ۾ لنچ جي لاءِ پليٽون، چمچا ۽ ڪانٽا هڪ وڏي ٽيبل تي رکيل هئا. اتي هوٽل جا چار پنج ماڻهو بيٺا هئا جيڪي فقط انهن ماڻهن کي پليٽون، چمچا ۽ ڪانٽا ڏئي رهيا هئا جن کي مون وارا بئج پاتل هئا. مون خالي ٽيل ڊبو ڊسٽ بن ۾ اڇلايو ۽ رڙهي پليٽن واري ٽيبل جو پاسو ورتو. اتي بيٺل هڪ همراهه منهنجي بيج جي پويان ڇپيل ٽڪن مان پهرئين ٽڪي کي مشين سان سوراخ ڪيو ۽ پوءِ مون کي پليٽ، چمچو ۽ ڪانٽو ڏنو. آئون ٻين سان گڏ قطار ۾ بيهي پنهنجي واري جو انتظار ڪرڻ لڳس. انڊيا ۾ اها تمام سني ڳالهه آهي ته شادي هجي يا ٻي ڪا به دعوت، ماڻهو اسان وانگر حملو ڪو نه ڪندا آهن. پر قطار ۾ هلندا پنهنجي پسند جا کاڌا پليٽ ۾ رکندا، اڳتي وڌندا ويندا آهن ۽ پوءِ ڪٿي ويهي آرام سان کائيندا آهن.

لنچ جي وٿيءَ کان پوءِ اڍائي وڳي ويهڪن جو سلسلو وري شروع ٿيو ۽ ساڍي ڇئين وڳي اڌ ڪلاڪ جي لاءِ چانهه جو وقفو ٿيو جنهن کان سواءِ چار ويهڪون ٿيون. مغل ٽينٽ، بينڪ هال ۽ اڳئين لان تي پنج پنج ويهڪون ٿيون. شام جو ڇهين کان ستين وڳي تائين اڳئين لان تي گريش ڪرناڊ جي لکيل انگريزي ناٽڪ "تغلق" جو هڪ حصو اوم پوري ۽ گريش ڪرناڊ پيش ڪيو. ان کان پوءِ اٺين وڳي کان موسيقي جي محفل سان گڏ ڊنر به هلندي رهي. پنج ئي ڏينهن صبح جو پوري 10 وڳي ويهڪن جي شروعات ٿيندي هئي. فيسٽيول ۾ سمورين ويهڪن جو معيار بيحد علمي هو.

مختلف هنڌن تي هڪ ئي وقت هجڻ سبب هر ويهڪ ۾ شريڪ ٿيڻ ۽ ان بابت لکڻ ناممڪن هو. البت ڪن ٿورين خاص ويهڪن جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي، خاص طور جنهن ويهڪ لاءِ آئون سنڌ مان هلي فيسٽيول ۾ شريڪ ٿيڻ آيو هوس.

Voices Of Sindh واري ويهڪ آخري ڏينهن يعني 25 جنوري تي 11 وڳي کان 12 وڳي تائين مغل ٽينٽ ۾ رکيل هئي. ومي سدارنگاڻي فيسٽيول جي ٻئي ڏينهن صبح جو جئپور پهچي وئي هئي. هڪ ٻئي جي خيرعافيت معلوم ڪرڻ کان پوءِ ومي ٻڌايو ته پاڻ واري سيشن جي ماڊريٽر ميتا ڪپور اوهان سان ۽ پڳوان اتلاڻي سان ملڻ چاهي ٿي جيئن پاڻ ۾ ڳالهائي پروگرام جي رٿا جوڙجي. ومي ۽ مون ڳالهايو پئي ته ميتا ڪپور به اتي اچي نڪتي. ومي هن سان منهنجي سڃاڻپ ڪرائي. ميتا ڪپور چيو ته سڀاڻي يا ٻئي ڏينهن تي پڳوان اتلاڻي به اچي ويندو پوءِ پاڻ ۾ هڪ گڏجاڻي ڪنداسين.“ هن پريشاني وچان چيو ته”مون کي سنڌي ٻولي ۽ ادب بابت خبر ڪانهي، پر نميتا گوگلي جو ضد آهي ته مان ڪريان. مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته ڇا ڪريان.!“ ومي ۽ مون هن کي آٿت ڏني ته ڪا ڳالهه ناهي، پاڻ صلاح ڪري وٺنداسين.

ويهڪ کان هڪ ڏينهن اڳ چارئي ڄڻا گڏجي ويٺاسين. ميتاڪپور ٻڌايو ته سندس ماءُ سنڌياڻي آهي، پر سنڌي پڙهي ڪانهي. هوءَ ننڍي هئي ته جپان ۾ رهندي هئي. آمريڪا جڏهن جپان تي بمباري ڪئي ته هوءَ ڪيئن بچي وئي، اهو هڪ وڏو قصو هو. ورهاڱي کان پوءِ سندس ماءُ والدين سان گڏ انڊيا ۾ آئي جتي هن جي شادي هڪ مرهٽي سان ٿي. ميتاڪپور پاڻ اجمير ۾ هڪ پبلشنگ ادارو هلائيندي آهي. کيس سنڌي ڪلچر سان دلچسپي ته هئي، پر ان بابت گهڻي ڄاڻ ڪا نه هئي. ويهڪ جي رٿا بابت ڳالهائيندي ٻڌايائين ته ”مان شروعات پنهنجي ماءُ جي ڳالهه سان ڪنديس. پوءِ ورهاڱي سبب لڏي آيل سنڌين پاڻ کي انڊيا ۾ حالتن سان ڪيئن ٺهڪايو ۽ ڪهڙي جاکوڙ ڪئي، ان بابت ومي ۽ پڳوان کان سوال پڇنديس“. مون کي چيائين ته ”اوهان کان سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي موجود صورتحال ۽ سنڌي ماڻهن تي صوفي ازم جي اثرن بابت پڇندس.“

مون چيو: ”ڊاڪٽر ريتا ڪوٺاري منهنجي هڪ ڪهاڻي ’خوف جو موت‘ انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪئي آهي، جيڪا پينگوئن انڊيا وارن جي ڇپايل ڪتاب ”Unordered: Sindhi On Partition“ ۾ شامل آهي، ڇٺو ته اها ڪهاڻي پڙهي ٻڌايان؟“

”ها، ضرور...“ ميتاڪپور چيو. اسين جيتري دير ويٺا هئاسين، هوءَ مُنجهيل ۽ پريشان پئي لڳي. رکي رکي پئي چيائين: ”مون کي ته ڄاڻ ئي ڪانهي.“

آئون پاڻ سان گڏ سنڌي ڪلچر ۽ ادب بابت انگريزيءَ ۾ لکيل ڪجهه مواد کڻي آيو هوس، سو به ميتاڪپور جي حوالي ڪيم ته هوءَ ان مان ڪجهه مدد حاصل ڪري سگهي.

25 جنوري تي آئون اڌ ڪلاڪ اڳ مغل ٽينٽ پهچي ويس. ان وقت اتي ٻيو ڪو پروگرام ڪو نه هو. پگوان اتلاٽي پنهنجي ڌيءُ، ناني ۽ ٻارن سان گڏ اڳي ئي موجود هو. سندس ناني پڙهيل لکيل ۽ ذهين نوجوان آهي. هن جي سنڌي به صاف ۽ سٺي هئي. ٿوريءَ دير کان پوءِ ماڻهو اچڻ شروع ٿيا. ميتاڪپور به اچي ويئي. واشديو سنڌو پارتي، لڇمڻ پمياڻي ۽ جئپور جا ڪجهه سنڌي ليکڪ خاص طور هن ويهڪ ۾ شريڪ ٿيڻ آيا هئا. نيشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لئنگئيج جو وائيس چيئرمن شريڪانت ڀاٽيا دهليءَ مان ڪهي آيو هو. رينو عيدناڻي ۽ سندس مڙس به موجود هئا. پوري وقت تي آئون، پگوان اتلاٽي ۽ ومي سدارنگاڻي ميتا ڪپور سان گڏ اسٽيج تي وڃي ويٺاسين. ميتاڪپور جيئڻ پهرين ٻڌايو هو جيان ۾ ٻي مهاڀاري لڙائي دوران پنهنجي ماءُ واري ڳالهه شروع ڪئي ۽ اهو داستان ايترو ڏکو تي ويو جو ان ۾ ڏهه منٽ گذري ويا! مون کي سمجهه ۾ ڪو نه آيو ته ان قصي جو ويهڪ جي موضوع سان ڪهڙو تعلق هو! ان تمهيد کان پوءِ ميتاڪپور ومي سدارنگاڻي ۽ پگوان اتلاٽي کان ٽئي ٽيل سوال پڇيا. پوءِ نيٺ هن مون کان سوال پڇڻ جي مهرباني ڪئي. مون ورهاڱي کان پوءِ سنڌ جي حالتن بابت ٻڌايو ۽ ان سلسلي ۾ پنهنجي ڪهاڻي 'خوف جو موت' پڙهي ٻڌائڻ جي اجازت ورتم. اڌ ڪهاڻي پڙهي هيم ته ميتاڪپور مون کي وڏيڪ پڙهڻ کان روڪيندي، معذرت ڪئي ته ٽائيم گهٽ آهي. هن وري پگوان اتلاٽي ۽ ومي سدارنگاڻيءَ کان ڪجهه سوال پڇيا ۽ آخر ۾ مون کي سنڌي شاعريءَ ۾ صوفي ازم جي خيالن بابت ڳالهائڻ لاءِ چيو. ان کان پوءِ هن حاضرين کي سوالن پڇڻ جي دعوت ڏني. سوال گهڻو ڪري مون کان ئي پڇيا ويا جيڪي سنڌ ۾ موجوده سنڌي هندن بابت ۽ سنڌي ٻوليءَ جي موجوده صورتحال بابت هئا. وقت ختم ٿيڻ سبب ڪيترا ماڻهو سوال پڇڻ کان رهجي ويا. ويهڪ ختم ڪري اٿياسين ته حاضرين مون کي گهيري ورتو ۽ اڻ پڇيل سوال پڇڻ لڳا.

هڪڙي همراهه پڇيو "سنڌي ته اجا خودڪش بمبار ڪو نه بڻيا آهن؟" چيومانس، "سنڌي ماڻهو صوفي آهن ۽ انهن ڳالهين کان پري آهن." اخبار وارن به مون سان گڏجڻ تي چاهيو. حاضرين سان ڳالهائڻ کان پوءِ صحافين سان گڏجي ويٺس. هنن پهرين اهو پڇيو ته "اوهان جي ڪهاڻي اڌ ۾ روڪي وئي، اها ڳالهه خراب لڳي. اوهان ان باري ۾ ڇا ٿا چئو؟"

مون چيو "وقت جي گهٽتائي سبب ائين ڪرڻو پيو. آئون ان مجبوريءَ کي سمجهان ٿو ان ڪري مون کي خراب نه لڳو."

پوءِ هنن مختلف سوال پڇيا جن مان سياسي سوالن کي نٽائيندي چيم، "انهن سوالن جا جواب هڪ سياستدان ڏئي سگهي ٿو. آئون ليکڪ آهيان، ادب ۽ ٻوليءَ بابت اوهان کي ٻڌائي سگهان ٿو."

ٻئي ڏينهن ڪجهه اخبارن لکيو ته، "سنڌ مان آيل ليکڪ کي وڏيڪ ڳالهائڻ جو موقعو ڏنو ويو ها. هتي ماڻهن ان کي ٻڌڻ چاهيو ٿي. ماڊريٽر پاڻ وڏيڪ ڳالهائي وقت خراب ڪيو."

ٻين ويهڪن ۾ هڪ مزيدار ويهڪ حنيف قريشيءَ سان هئي. انگريزيءَ جو نامور ليکڪ حنيف قريشي ڪهاڻيڪار، ناول نگار، ڊراما نگار ۽ اسڪرين پلي رائيٽر آهي. My Beautiful launderette فلم جو اسڪرين پلي حنيف قريشيءَ لکيو هو جنهن کي آسڪر ايوارڊ جي لاءِ نامزد ڪيو ويو هو. هن کي ناول Budha of Suburbia کي 1990ع ۾ وائيٽ بريڊ پرائيز مليو هو. هن جي ناول Intimacy تي پڻ 2001ع ۾ فلم ٺهي هئي. سنڌس ڪهاڻي My Fanatic Son تي ساڳئي نالي سان فلم ٺهي، جنهن جو اسڪرين پلي حنيف قريشيءَ پاڻ لکيو هو ۽ ان تي ڪيس ايوارڊ مليو هو. فيسٽيول جي ويهڪ ۾ حنيف قريشي پنهنجي پروفيشنل ليکڪ هجڻ بابت ڳالهائيندي چيو ته "آئون جڏهن کان ٻارن جو پيءُ بڻيو آهيان، مون ڪڏهن به لکڻ ۾ اديباڻي رنڊڪ محسوس نه ڪئي آهي. آئون پنهنجن بلن جي ادائگيءَ جي لاءِ لکندو آهيان. آئون پنهنجو پاڻ کي آرٽسٽ سمجهڻ جو ڍونگ ڪندي، موڊ جي انتظار ۾ ڪو نه وينو هوندو آهيان. مون کي گهر جو خرچ هلائڻو آهي. آئون ان لاءِ لکندو رهندو آهيان ته مون کي پنهنجي ننڍي پٽ لاءِ پلي اسٽيشن گيم خريد ڪرڻي هوندي آهي، پنهنجن جوان ٻارن جي لاءِ وسڪي وٺڻي هوندي آهي. آئون پنهنجو پاڻ کي عملي ماڻهو سمجهان ٿو ۽ هڪ پروفيشنل ليکڪ. حقيقت ۾ آئون تبصرن ۽ تنقيد کي ليکيان به ڪو نه. منهنجي لاءِ تنقيد جو سڀ کان اعليٰ نمونو هڪ سٺو چيڪ آهي." حاضرين مان ڪنهن حنيف قريشي کان پڇيو ته، "مسلمان هجڻ جي ناتي اوهان پاڻ کي گمراهه تي ويل سمجهو ٿا؟"

حنيف قريشيءَ جواب ڏنو "اهو هڪ وڏو سوال آهي..." ۽ پوءِ هن پنهنجو پاڻ کان پڇيو، "ڇا آئون گمراهه تي ويل آهيان؟"

ته هال ۾ ٽهڪڙو مچي ويو. هن چيو، "آئون سڄي عمر مطلق العنان نظام جي خلاف وڙهندو رهيو آهيان ۽ ڪو به مذهب هڪ مطلق النعان نظام آهي. نه آئون پنهنجو پاڻ کي مسلمان نٿو سمجهان."

جيڪڏهن اهو هڪ وڏو سوال هو ته ان کان پوءِ وري هڪ عظيم سوال پڇيو ويو. هڪ پڪي عمر جي فل سوٽ پاتل معزز شخص حنيف قريشيءَ کان پڇيو "مسٽر. قريشي، ميڊيڪل مجبوريءَ سبب منهنجي پوٽي جو طهر ڪرايو ويو جنهن ڪري هن

ڪي تمام سخت سور سَهڻو پيو. ڇا اوهان اهو سور خوشيءَ سان برداشت ڪيو هو؟" حنيف قريشيءَ وراڻيو. "گهڻي عرصي کان پوءِ ڪنهن منهنجي مرداني عضوي ۾ ايتري دلچسپي ڏيکاري آهي." سچو هال ٽهڪن سان ڀري اٿيو.

ٻي هڪ خاص ويهڪ ايان هرسي علي سان رکيل هئي، جنهن جو اڳواٽ اعلان ڪيل نہ هو. ايان هرسي علي صوماليا جي مسلمان ڄائي آهي. پر پاڻ کي مسلمان سڏائڻ پسند نہ ٿي ڪري. سندس ڄمار هن وقت 40 ورهيہ آهي. هوءَ ليکڪ، سياستدان ۽ فيمينسٽ آهي. اسلام جي نقاد جي حيثيت سان هن وڏيڪ شهرت ماڻي آهي. ايان هرسي علي پنجن سالن جي هئي تہ سندس ڏاڏيءَ هن جو طهر ڪرائي ڇڏيو. جوان ٿيڻ کان پوءِ سندس شادي پنهنجي هڪ سئوٽ سان ڪرائي پئي وئي تہ هن ڀڄي وڃي هالينڊ ۾ سياسي پناهہ ورتي. جڏهن ڪيس اتي جي شهريت ملي تہ هوءَ سياست ۾ حصو وٺڻ لڳي ۽ اڳتي هلي ڊچ پارليامينٽ جي ميمبر چونڊجي وئي. پوءِ سندس شهريت بابت تڪراري ڳالهين سبب ايان پارليامينٽ تان استعيفا ڏئي ڇڏي ۽ آمريڪا هلي وئي. ڪيس بعد ۾ آمريڪي شهريت ملي وئي. هوءَ هن وقت واشنگٽن ۾ سخت سيڪيورٽي هيٺ رهي ٿي. ايان هرسي علي ٽي ڪتاب لکيا آهن.(سندس چوٿون ڪتاب تازو مارڪيٽ ۾ آيو آهي)؛ The Caged Virgin, Submission ۽ آتم ڪٿا Infidel . ايان هالينڊ جي فلم ڊائريڪٽر ٿيو وان گوگ سان گڏجي پنهنجي ڪتاب Submission جو اسڪرين پلي لکيو هو. ٿيو وان گوگ کي هڪ انتهاپسند مسلمان قتل ڪري ڇڏيو. ايان کي بہ موت جون ڌمڪيون مليون تہ هوءَ جان بچائڻ لاءِ لڪي وئي.

ايان هرسي علي جي سلامتيءَ کي نظر ۾ رکندي، منتظمين پاران جئپور لٽريچر فيسٽيول ۾ سندس شرڪت کي ڳجهو رکيو ويو. هڪ باڊي گارڊ پاڇي جيان هر وقت ساڻس گڏ هوندو هو. ايان هرسي علي ويهڪ ۾ ڳالهائيندي، دنيا جي لبرل جمهوريتن کي ميار ڏني تہ انهن اسلام پسندن کي خوش رکڻ جي چڪر ۾ جمهوري روايتن کي پاسيرو ڪري ڇڏيو آهي. اهي ملڪ اسلام جي اڻ وڻندڙ پهلوئن تي سوال ڪرڻ يا تنقيد ڪرڻ کان لهرائي رهيا آهن. ايان هرسي علي جو چوڻ هو تہ "اسلام کي انتهاپسنديءَ کان بچايو وڃي. ڇوتہ ان سبب اهو هاڻي انسانيت جو مذهب ناهي رهيو." هن ان کي هڪ اهڙي مطلق العنان آئيڊيالاجي سڏيو جنهن کي مذهب جو روپ ڏاريل آهي. هن پڇاڙيءَ ۾ حاضرين کي چيو تہ" سيني مسلمانن کي هڪ جهڙو يا انتهاپسند نہ سمجهيو وڃي، ڇوتہ ان ۾ لبرل مسلمان بہ آهن."

انڊيا جي اخبارن ايان هرسي علي جي ڳالهين کي شد مد سان پيش ڪيو. حيرت جي ڳالهہ اها هئي تہ انڊيا جي مسلمانن طرفان ڪوبہ رد عمل نہ ڏيکاريو ويو. هونءَ

سلمان رشدي ۽ تسليمہ نسرين جي خلاف تہ انڊيا ۾ مسلمانن وڏا گوڙ ڪيا هئا. پڙهندڙن کي بہ اهو ٻڌايان تہ ايان هرسي علي ۽ انگريز اديب ۽ تاريخدان نيال فرگوسن جي وچ ۾ چيتو عشق هلندڙ آهي. فيسٽيول ۾ ٻئي گڏ هلندا هئا. ڊگي پٽلئس جي اڳئين لان تي هڪ ويهڪ ختم ٿيڻ کان پوءِ ٻنهي چٽن هڪ ٻئي کي چميون ڏنيون، جنهن جا فوٽو انڊيا کان سواءِ دنيا جي ڪيترن اخبارن ۾ شايع ٿيا.

فيسٽيول جو فوڪس هن ڀيري دلت لٽريچر هو جنهن لاءِ چار ڪن ويهڪون رکيل هيون. هڪ ويهڪ ۾ آئون ويو هئس. اجي نوبريا هنديءَ جو مشهور دلت ليکڪ آهي. هن ٻڌايو تہ ”هنديءَ جي ادبي برادري جيڪا ذات پات کي اهميت ڏيندڙ تنگ نظر ۽ روايتي سوچ رکندڙ آهي، ان مان دلت ليکڪن کي نيڪالي مليل آهي. هندي ادب جي ڪانفرنسن ۽ سيمينارن ۾ دلت ليکڪن کي ڪونہ سڏايو ويندو آهي.“ اوم پرڪاش والميڪي پڻ مشهور دلت ليکڪ آهي. هن جو ناول ”جوٺن“ ۽ شاعريءَ جو مجموعو ’اب اور نهين‘ ڇپجي مچتا ماٺي چڪا آهن.

ميلي ۾ روز رات جو موسيقيءَ جون محفلون مچنديون هيون، جن ۾ راجستان جي لوڪ گيتن تي لوڪ ناچ، الغوزو، ڪماچ، سرندو، ڪڙتال جا ساز شامل هوندا هئا. هڪ خاص اسم شاهہ جو راڳ هو. ڇپيل پروگرام ۾ شاهہ جي راڳين کي صوفي قوال لکيو ويو هو. درگاهہ جي راڳي فقيرن جمن شاهہ ۽ سندس ٽولي کي سنڌ مان سڏايو ويو هو. سندن پروگرام 23 جنوريءَ تي رکيل هو پر ويزا ۾ دير ٿيڻ ۽ ٽرانسپورٽ جي مسئلن سبب هو ان ڏينهن جئپور پهچي نہ سگهيا. ان ڪري سندن پروگرام ڦيرائي 24 جنوريءَ تي رکيو ويو پر شيڊيول ۾ نہ هئڻ سبب ڪين ٻين پرگرامن مان ٿورو وقت ڪيڍي ڏنو ويو هو. ڪاري لباس ۾ ائن ماڻهن جو هٿن ۾ تنبورا کڻي اسٽيج تي اچي ويهڻ ئي هڪ عجيب نظارو هو. هنن جي ڳلي مان رکي رکي سنهي آواز جو نڪرڻ هڪ اهڙي نئين ڳالهہ هئي جنهن ماڻهن جو ڌيان ڇڪي ورتو. شاهہ جو راڳ انڊيا وارن توڙي ٻاهرين ليکڪن ۽ سياحن جي لاءِ موسيقيءَ جو هڪ بلڪل الڳ ۽ انوکو نمونو هو. فقيرن جي ڳائڻ جي انداز ماڻهن کي موهي ڇڏيو. اڌ ڪلاڪ ۾ راڳ ختم ڪري، فقير جيئن اٿڻ لڳا تہ ماڻهن جا هوڪرا مچي ويا ۽ اجا ٻڌائڻ جي لاءِ رڙيون ڪرڻ لڳا. ان ڪري مجبور ٿي هنن کي ٻيهر ويهاريو ويو. هنن شاهہ لطيف جي هڪ وائي ٻڌائي، تاڙين جي ڦهڪن ۽ رڙين ۾ موڪلايو.

سچيدانندن ڪنهن ضروري ڪم هجڻ سبب 24 جنوريءَ تي دهليءَ موٽي ويو. ومي سدا رنگاٺي 25 جنوريءَ تي آديپور وڃڻ جي لاءِ رواني ٿي وئي. آخري رات آمر قلعي ۾ رائيٽرس بال هو. آئون لنچ ڪرڻ کان پوءِ فيسٽيول کي الوداع چئي، هوٽل ۾ اچي پنهنجي ڪمري ۾ سمهي پيس. شام جو اٺي رائيٽرس بال ۾ وڃڻ جي تياري

ڪرڻ لڳس. جئپور لٽريچر فيسٽيول جي الوداعي تقريب واري دعوت ڪي رائيٽرس بال جو نالو ڏنو ويو آهي. آمريڪا ۽ يورپ ۾ رائيٽرس بال ٿيندا رهندا آهن. دعوت ۾ ليکڪ موج مستيءَ ۾ نچندا، پيئندا ۽ ڪائيندا آهن. پر ان جو اصل مقصد ليکڪ لڏي جي ڀلائيءَ جي لاءِ فنڊ گڏ ڪرڻ هوندو آهي. ليکڪن کان علاوه ڪو به ادب دوست ٽڪيٽ خريد ڪري، ان دعوت ۾ شريڪ ٿي سگهندو آهي. جئپور لٽريچر فيسٽيول ۾ رائيٽرس بال دعوت تي آيل ليکڪن جي لاءِ مفت هو باقي ڊيليگيٽس ۽ ٻيا ماڻهو پنج هزار روپين ۾ دعوت جو ڪارڊ خريد ڪري سگهيا ٿي. هوٽل مانسنگهه ۾ ترسيل ليکڪن کي رات جو انين وڳي ڪوچ ڪٽي رواني ٿي. آمر قلعو جئپور کان 11 ڪلو ميٽر پري آهي. قلعي ۾ راجپوت راجائن جي نهرايل دربار، محل ۽ ٻيون عمارتون آهن. قلعي کان هيٺ پرپرو هڪ ريسٽورنٽ ٺهيل آهي، جنهن ۾ رائيٽرس بال ٿي رهيو هو. اتي پهچي ڏٺوسين تہ محفل مچي چڪي هئي. کليل ڇت تي ڪرسيون ۽ ٽيبلون رکيل هيون. دارونءَ جا بہ ڪائونٽر کليل هئا، جتي بيئر ۽ اسڪاچ وسڪي (شواز ريگل) جو مال مٺين پيو هو. ان کان سواءِ ويٽر بہ ٽري ۾ ٺهيل پيگ پاڻي ۽ سوڍا کڻي گهمي رهيا هئا. ٻيا ويٽر ڪباب، ٻوٽيون ۽ تريل ٻيهي مڱ کڻي گهميا پئي. ان وڏي ويڪري ڇت سان لڳ هڪ ٽڪريءَ کي هموار ڪري اتي ڪٿين گل، ٻوٽا، ڦوهارا ۽ هڪ اسٽيج ٺاهيو ويو هو. اسٽيج تي سازن وارا ۽ سازن جي تيز لئہ تي نچندڙ عورتون ۽ مرد هئا. انهن مان گهڻائي پرڏيهين جي هئي. آئون چڪر هڻي گلاس، ڪبابن ۽ ٻوٽين جي پليٽ کڻي هڪ اڪيلي ٽيبل تي اچي ويٺس. ڇت تي تمام هلڪي روشني هئي. باقي پارڪ واري حصي ۾ جتي ناچ ٿي رهيو هو اتي تيز روشني هئي. گهڻا ماڻهو گلاس هٿن ۾ کڻي اوڏانهن وڃي رهيا هئا.

ڪجهه دير کان پوءِ هڪ بزرگ مرد ۽ عورت نوجوان ڇوڪري سان گڏ مون واري ٽيبل تي اچي ويٺا. ڇوڪريءَ هنن کان ڪجهه پڇيو ۽ پوءِ اتي وئي. ٿوريءَ دير ۾ وسڪيءَ جا بہ گلاس ۽ ڪبابن جي پليٽ کڻي آئي. هن ٻئي گلاس سندن آڏو رکيا. هڪ ٻئي سان ڳالهائي ڇوڪريءَ مون ڏانهن ڏٺو.

"اوهان شوڪت شورو آهيو؟" ڇوڪريءَ مون کان پڇيو.

آئون واٽڙو ٿي ويس، "ها، پر اوهان مون کي ڪيئن سڃاتو؟"

"اڄ صبح جو Voices of Sindh واري سيڪشن ۾ اوهان کي ڏٺو هوسين." ڇوڪريءَ سرڪي چيو.

"اسين بہ ان سيشن ۾ آيا هئاسين." بزرگ عورت چيو.

ايتري ۾ ميتا ڪپور اسان جي ٽيبل تي آئي. ان مون کي ڏسي چيو "هائي! اوهان منهنجي فيملي سان مليا آهيو؟"

پوءِ هن سجاڻپ ڪرائيندي ٻڌايو ”ته بزرگ عورت ۽ مرد سندس ماءُ پيءُ هئا ۽ ڇوڪري سندس ڀيڻ هئي.“ ميتا ۽ سندس ڀيڻ چڪر هڻڻ جي لاءِ اٿي ويون.

”مان سنڌي آهيان.“ ميتا جي ماءُ انگريزيءَ ۾ چيو.

”اوهان ڪي سنڌي ڳالهائڻ اچي ٿي؟“ مون ڪانئس پڇيو.

”نه. سمجهي وڃان ٿي، پر ڳالهائي نه ٿي سگهان. ننڍي هوندي کان جپان ۾ رهي هيس.“ پوءِ هن وري ساڳيو نميتا وارو قصو ٻڌائڻ شروع ڪيو جڏهن هوءَ ٻي مهاڀاري لڙائيءَ دوران جپان ۾ هئي ۽ ڪيئن موت جي منهن مان بچي نڪتي هئي. جيڪي تفصيل ميتا نه ٻڌايا هئا، سي هاڻي سندس ماءُ ٻڌائڻ لڳي. ايتري ۾ شاهه جا راڳي فقير گهمندي ڦرندي اسان واري ٽيبل وٽ آيا. مون کي ڏسي مليا. ٻه ٽي ڪرسيون خالي هيون. مون کين ويهڻ جي لاءِ چيو.

پارڪ مان تيز ڏنن جو آواز اچي رهيو هو. آءُ خالي گلاس کڻي ڪائونٽر تي ويس ۽ گلاس وٺي پارڪ طرف ويس. ناچ بيخوديءَ جي صورت اختيار ڪري چڪو هو. منهنجين ٽنگن ۾ ٻه چر پر ٿي ۽ پاڻمرادو ٿڙڪڻ لڳيون. ڏٺم ته هڪ ٺاهوڪي يورپين جوانڙي شاهه جي راڳائي فقيرن مان سيني کان ننڍي نيٽي جوان کي ٻانهن کان ڇڪيو وٺيو پئي آئي. هٿي ”هلو هلو ڪاڪ ٽڙين. جتي نينهن اڇل“ واري ڪار لڳي پئي هئي. وڏيءَ عمر وارا ليڪڪ جيڪي فيسٽيول ۾ تمام گهٽا سنجيدا ٿي لڳا، سي به ڏٺم ته موج مستيءَ ۾ اچي ويا هئا ۽ اهي وري انڊين عورتن سان نچي رهيا هئا.

مون پاڻ کان پڇيو: ميلي ۾ تون تنها تنها ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

آئون هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ وڃي سامهون جبل تي آمر قلعي کي ڏسڻ لڳس. قلعي جي ديوارن سان لڳ پٽ تي رکيل اسپاٽ لائٽن جي روشنيءَ ۾ قلعو جرڪي رهيو هو. سوچيم هيڏي گوڙ شور ۾ آمر قلعو ڪيڏو اڪيلو آهي! پارڪ مان موٽي اچي ڏٺم ته ماڻهن ماني کائڻ شروع ڪئي هئي. آئون به قطار ۾ بيهي رهيس.

رات جا 12 ٿي رهيا هئا، پر محفل اجا متل هئي. هڪڙا نچي نچي ٿڪجي ٿي پيا ته وري ٻين انهن جي جاءِ ٿي ورتي. لڇمڻ ڪومل کي دهليءَ فون ڪيم. ”يار هتي رائٽرس بال ۾ موج لڳي پئي آهي. نياڳا اچين ها ته گهٽ ۾ گهٽ پاڻ ته گڏجي نچون ها.“

کلندي چيائين، ”منهنجون ٽنگون ڪٽي ٿيون ٻيهن جو نچان ها.“ پوءِ ٻڌايائين ته ”يار طبيعت صحيح ڪانه ٿي پئي، ان ڪري نه اچي سگهيس. تون منهنجي پاران به موج ڪر.“

پوءِ پاڪستان فون ڪري مشتاق شوري ۽ نذير شوري سان ڳالهايم. دل چيو ڪنهن دوست سان به ڳالهايان. سوچيم شريف ماڻهو ته هاڻي سمهي پيا هوندا. پوءِ اوچتو اوچاڳن تي هريل منو مهيري ياد آيو جيڪو به هفتا اڳ دهليءَ مان ٽي ويو هو.

رائٽرس بال جو ٻڌائيندي چيومانس،" مِنا، هتي تہ قهر لڳو پيو آهي. هھڙي موج نہ ڏٺي هوندئي... تون هجين هاتہ نچي ڳائي ڇورين کي ڇتو ڪري ڇڏين ها."

"ابو ڙي!" مِني رڙ ڪئي. مني سان گڏ ٿهڪ ڏئي اڪيلائيءَ جو بار هلڪو ڪيم.

سوچيم محفل مٿل ڇڏجي. ڇوتہ هر شروعات جي پڇاڙي ٿيڻي آهي. ڪائونٽر تان گلاس وٺي ٻاهر آيس. 15 منٽن جيترو پنڌ ڪري پارڪنگ ايريا ۾ بيٺل پنهنجي ڪوچ کي ڳولهي چڙهي وينس. رات جو هڪ وڳي ڌاري ماڻهو موٽڻ لڳا ۽ اسان وارو ڪوچ هوٽل ڏانهن روانو ٿيو. هوٽل مانسنگهہ جي ڪمري ۾ اها آخري رات خمارن ۾ گذري وئي.

ٻئي ڏينهن صبح جو اک کلي تہ ٽائيم ڏٺم. سَت ٿيا هئا. دهلي وڃڻ جي لاءِ ڪار 12 وڳي اچڻي هئي. سوچيم: "اڃا 5 ڪلاڪ پيا آهن، وري سمهي ٿو پوان. ناشتو 10 وڳي ڪندس." پر هاڻي ننڊ ڪٿي هئي! ليٽئي ليٽئي جئپور ۾ گذاريل پنج ڏينهن اکين جي اڳيان ڦرڻ لڳا. فيسٽيول کان سواءِ جئپور جي سنڌي ليکڪن سان گڏجاڻيون، جئپور جي گلابي شهر جا وچ وچ ۾ چڪر ۽ لڇمڻ پمياڻيءَ جو ساٿ ياد اچڻ لڳو. اڃا دهليءَ ۾ ئي هئس تہ هيري ٺڪر ٻڌايو هو:" جئپور جي دوستن کي خبر پئي آهي تہ اوهان جئپور اچو پيا. راجستان سنڌي اڪيڊمي پاران اوهان جي مان ۾ هڪ گڏجاڻي رکڻ جو پروگرام ناهيو اٿن." هيري اهو بہ چيو تہ هو ان گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ خاص طور جئپور ايندو. هن راجستان سنڌي اڪيڊميءَ جي سيڪريٽري ڊي-سي تنواڻي کي مون سان فون تي بہ ڳالهرايو ۽ اسان 23 جنوريءَ جي تاريخ طئي ڪئي. هيرو ٺڪر پروگرام موجب هڪ ڏينهن اڳواٽ رات جو جئپور پهچي ويو. سندس ساهرا جئپور ۾ آهن، ان ڪري هتي هن جو پنهنجو گهر آهي جڻ.

راجستان سنڌي اڪيڊمي ۽ اردو اڪيڊمي آمهون سامهون آهن. سنڌي اڪيڊميءَ جي سيڪريٽري تنواڻي اسان جي آجيان ڪئي. گڏجاڻي آفيس جي پڌر ۾ ٿيڻي هئي، جتي ڪرسيون رکيل هيون. جسٽس اندرسين اسراڻي ۽ ڪجهہ ٻيا دوست اچي چڪا هئا. جسٽس اسراڻي سنڌي ايسوسيئيشن آف انڊيا جو چيئرمن آهي. ساڻس اڳ بہ ٿي پيرا ملاقات ٿيل هئي. نيشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لئنگيج طرفان 2005ع ۾ 11 شهرن ۾ جيڪو سنڌي مها اُتسَوَ ملهايو ويو هو تنهن ۾ جسٽس اسراڻي جي سنڌي ائسوسيئيشن جو پڻ سهڪار هو. پاڻ جئپور ۾ رهندو آهي ۽ راجستان هاءِ ڪورٽ ۾ جج جي حيثيت سان رٽائرڊ ٿي چڪو آهي. سنڌيت سان پيار ڪندڙ مهربان ماڻهو آهي. راجستان سنڌي اڪيڊمي جو چيئرمن وزير تعليم آهي، ۽ وائيس چيئرمن پگوان اٽلاڻي هو. جنهن جو مدو سال کن اڳ ختم ٿي ويو هو. تڏهن کان وٺي سنڌي اڪيڊمي وائيس چيئرمن کان سواءِ هلي رهي آهي. سيڪريٽري تنواڻي مون کي جسٽس اسراڻي، هيري ٺڪر، ومي سدا رنگاڻي ۽ لڇمڻ

يمياڻي کي ونی وچي اندر آفيس ۾ ويهاريو. جتي ڇپي چوري جو انتظام ٿي ل هو. ايتري ۾ ڀڳوان اتلاڻي به اچي ويو. اسان سان ملي وري ٻاهر وڃي وينو. لڳو ته سيڪريٽري ۽ سندس وچ ۾ تعلقات سنا نه هئا. شايد ان ڪري هو ڳڏجاڻيءَ ۾ به چپ وينو رهيو. اتي جئيپور دور درشن جو ڊائريڪٽر هريش ڪرمچنداڻي به آيل هو. هريش سنڌي شاعر به آهي ۽ سندس هڪ مجموعو به شايع ٿي چڪو آهي.

ڳڏجاڻيءَ جي شروعات ٿي ته مون کي جسٽس اسراڻي، هيري ٺڪر ۽ ومي سدا رنگاڻيءَ سان ڳڏ اڳيان ويهاريو ويو. سيڪريٽري تنواڻي منهنجو آڌرڀاءُ ڪيو. هيري ٺڪر تمام سهڻن لفظن سان منهنجي سڃاڻپ ڪرائي. ان کان پوءِ تقريرن ۽ شعرو شاعريءَ جو دور شروع ٿي ويو. ومي سدا رنگاڻي پنهنجي سنڌ جي سفر جا تاثرات بيان ڪيا. ڳڏجاڻيءَ ۾ آيل گهڻو ڪري سڀ وڏي عمر وارا هئا. هنن مان ڪن پنهنجون سنڌ جون يادگيريون ٻڌايون. لڳو ته اتي آيل سڀ شاعر هئا. ڳڏجاڻيءَ ۾ مشاعرو به ٿي ويو. پڇاڙيءَ ۾ مون سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب جي موجوده صورتحال تي ڳالهايو. پر منهنجي ڳالهين مان حاضرين جي پوري تسلي ڪا نه ٿي هئي. ان ڪري مون کان جيڪي سوال پڇيا ويا، سي به سنڌ جي موجوده صورتحال بابت ئي هئا. خاص طور اتر سنڌ ۾ سنڌي هندن جي اغوا وارين خبرن تي منجهن ڳڻتي هئي. مون کين ٻڌايو ته ڌاڙيلن طرفان اغوا جا واقعا مذهبي بنيادن تي نه پر پئسن جي لاءِ ٿي رهيا آهن، ۽ سنڌي مسلمانن کي اغوا ڪرڻ روز جو معمول بڻجي ويو آهي. ان جي ڀيٽ ۾ سنڌي هندن جا واقعا تمام ٿورا آهن، پر ان سان هندو برادريءَ ۾ برابر ڌڪاءُ پيدا ٿئي ٿو. انهن واقعن تي اسين سڀ شرمندگي محسوس ڪريون ٿا. باقي سنڌ جي عام زندگيءَ ۾ مذهبن جي بنياد تي سنڌي مسلمانن ۽ هندن ۾ ڪو به ويڇو نه اڳ ۾ هو ۽ نه هاڻي آهي. اتي وينل هڪ ٻن همراهن جيڪي تازو سنڌ مان چڪر هڻي ماڻهن سان ملي ويا هئا، تن منهنجي ان ڳالهه جي پٺڀرائي ڪئي ته اتي کين ڪو به فرق يا متڀيد نظر ڪو نه آيو هو. اها ڪچهري به اڍائي ڪلاڪ هلي.

راجستان سنڌي اڪيڊميءَ ۾ دوستن کان موڪلائي، اتان مليل سوکڙيون کڻي، هيرو ٺڪر، لڇمڻ ڀمياڻي ۽ آئون سندر اگناڻيءَ جي ڪار ۾ اچي ويٺاسين. صلاح اها بيٺي ته هاڻي فيسٽيول ۾ هلڻ بدران جئيپور جي بازارن جو چڪر هڻجي. راجستان جي پرت وارا ڪجهه وڳا گهر وارن جي لاءِ ورتم ۽ پنهنجي لاءِ جئيپوري جُتي وٺڻ جو شوق پورو ڪيم. رات جا اٺ ٿي ويا. هيري ۽ لڇمڻ کي چيم ته "هوٽل مانسنگهه ۾ هلي پنهنجي ڪمري ۾ ڪچهري ٿا ڪريون.

هريش ڪرمچنداڻيءَ کي به منهنجي پاران چئو اچي ته سنو." ان ڏينهن صبح جو جئيپور دور درشن جي ٽي وي سينٽر هفتيوار سنڌي پروگرام جي لاءِ منهنجو انٽرويو به رڪارڊ ٿيو هو. جيڪو هيري ٺڪر ورتو هو.

ڪمري ۾ آياسين تہ مون هيگ جي بوتل ڪڍي ٽيبل تي رکي، ۽ چيو: ”مون کي فڪر هو تہ بوتل بچي پوندي تہ ڪمري ۾ ڇڏي ايندس. اڄ رات پاڻ ٽئي ڄڻا جئپور جي هيءَ رات گڏجي ٽا ملهايون ۽ بوتل کي پورو ڪيون.“

ڪچهري هلندي رهي تہ هريش بہ اچي ويو. هو ويجيٽيرين هجڻ سان گڏ پيئڻ کان بہ پري آهي. واندا ٿياسين تہ صلاح بيٺي ماني کائڻ جي لاءِ ٻاهر هلجي. هيٺ لهي ڪار ۾ اچي ويٺاسين. لڇمڻ ڀمياڻي اسان کي هڪ اهڙي ريسٽورنٽ ۾ وٺي هليو جنهن ۾ گوشت ۽ ويشنو ٻئي کاڌا هئا. هريش جي لاءِ سندس پسند موجب ڀاڄين جو آرڊر ڏنو ويو. پوءِ ٿيو ائين تہ کاڌو ايترو لذيذ هو جو اسين ٽئي ڄڻا پنهنجي مانيءَ سان گڏجي آيل ڀاڄيون بہ کائي وياسين.

پنج سال اڳ جڏهن آئون، اسحاق سميجو ۽ ٻيا دوست سنڌ جي اديبن جي وفد سان گڏ جئپور آيا هئاسين تہ هڪڙي رات اسان جي دعوت شهر کان 12 ڪلو ميٽر پري چوکي ڍاڻي ۾ رکي وئي هئي. چوکي ڍاڻي ڳوٺ 1989ع ۾ هڪ ريسٽورنٽ جي حصي طور تاهيو ويو. ان اڳتي هلي هڪ نسلي ڳوٺ جو روپ ورتو جتي راجستاني ڪلچر جا سمورا رنگ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ڏهن ايڪڙن تي پکڙيل هن ڳوٺ ۾ روزانو ميلو متل هوندو آهي. راجستان جي روايتي گهرن ۽ چونئرن وارو هيءَ هڪ نج ڳوٺ لڳي ٿو جتي روز شام کان وٺي ڪٿي لوڪ ناچ پيو ٿيندو آهي، ڪٿي لوڪ گيت پيا ڳائيندا آهن، ڪٿي الغوزو، ڪماچ، سرندو، ڪرتالون ۽ چنگ پيا وڄندا آهن. راجستان جي ڪلچر جا سمورا هنر ۽ ڪاريگريون، سوارين جي لاءِ گهوڙا، هاٿي، اٺ نظر ايندا آهن. وري جڏهن اسان کي ماني کارائڻ وٺي ويا هئا تہ سڀ هيٺ فرش تي رکيل گاديلن تي وچي ويٺا هئاسين. ۽ اسان جي اڳيان صندلن تي کاڌا آڻي اڳيان رکيا ويا. طرح طرح جون ڀاڄيون، چٽڻيون، پاپڙ، جوئر ۽ ٻاجهر جون مانيون، لسي، منايون..... چوکي ڍاڻي جو مطلب آهي سٺي وسندي. هي اصل ۾ 5 اسٽار وليج ريزارٽ آهي ۽ هي ثقافتي ڳوٺ ان جو حصو آهي. لڇمڻ ڀمياڻي جنهن ريسٽورنٽ ۾ ماني کارائڻ وٺي هليو هو ان ۾ راجستاني لباس پهريل سُرندي وارو لوڪ گيتن جون ڌنون وڄائي رهيو هو. سرندي جي سُرن ۾ سُرور وڌي ويو ۽ مانيءَ مزو ٻئي ڏنو. لڇمڻ ڀمياڻي بل جا پئسا ڏنا تہ اٿي ٻاهر آياسين. هيري ۽ هريش کي ٻئي ڏينهن دهلي وڃڻو هو. 26 جنوريءَ تي انڊيا جو ريپبليڪن ڊي ملهايو ويندو آهي. ان ڏينهن جي مناسبت سان سنڌي اڪيڊمي دهليءَ طرفان سنڌي مشاعرو 25 جنوريءَ تي شام جو رکيل هو جنهن ۾ هيري ۽ هريش کي شرڪت ڪرڻي هئي. هوٽل تي اچي هيري موڪلائيندي چيو: ”پاڻ 26 جنوري تي دهليءَ ۾ ملنداسين.“

26 جنوري، جئپور ۾ آخري ڏينهن. ٽائيم ڏنم تہ ساڍا اٺ ٿيا هئا. مطلب تہ هنڌ تي ليٽئي مون کي ڏيڍ ڪلاڪ ٿي ويو هو. هنڌ تان اٿي، تيار ٿي، هيٺ ريسٽورنٽ مان ناشتو ڪري ڪمري ۾ موٽي آيس. باقي رهيل سامان سهيڙڻ لڳس. ڏهين ڌاري لڇمڻ يمپاٽي بہ اچي ويو. ٽيسيتائين آئون بہ واندو ٿي ويو هوس. ٿوريءَ دير کان پوءِ جهامن پنهنجن ٻن نوجوان دوستن سان گڏ ملڻ لاءِ اچي ويو. جهامن مون سان فيسٽيول ۾ مليو هو. چيائين، "اوهان جو ناول پڙي آيو آهيان. اوهان کي پڙهيو اٿم."

سوچيم انڊيا جي سنڌي نوجوانن ۾ هي ٿوريون آهي جنهن کي سنڌي ادب سان ايترو چاهہ آهي. پوءِ خبر پئي تہ جهامن اصل عمر ڪوٽ جو آهي، جتي سنڌس ماءُ پيءُ رهن ٿا. پاڻ فقط ڇهہ مهينا اڳ جئپور ۾ پنهنجي چاچي وٽ اچي رهيو پيو آهي ۽ هتي ايم اي سنڌيءَ ۾ داخلا ورتي اٿس. ڀارت جي ڪافي ڪاليجن ۾ سنڌي ليڪچرارن جون جايون خالي آهن، پر ماڻهو نہ ٿا ملن. ان ڪري جهامن کي نوڪري ملڻ جي پڪ هئي. لڇمڻ کي ڪٿي ڪم سان وڃڻو هو. مون سنڌس ساٿ جي لاءِ ٿورا مڃيندي، ڪائنس موڪلايو. جهامن جا دوست بہ ڪجهہ دير ويهي هليا ويا. 12 بہ گذري ويا، پر گاڏي نہ آئي. ٽيم ورڪ پراڊڪشنس جي شيئلي سيني کي فون ڪيم تہ پريشان ٿي وئي.

"آئون ڏسان ٿي تہ ڪار اوهان وٽ جلدي پهچي." ٿوريءَ دير کان پوءِ سنڌس اسسٽنٽ جو فون آيو تہ هو گاڏيءَ سميت ڪلاڪ کن ۾ پهچي رهيو آهي. جهامن کي چيم تہ "جيڪڏهن تو کي ڪو ڪم هجي تہ ڀلي وڃ."

"نہ سائين، آئون اوهان کي روانو ڪري پوءِ ويندس."

جهامن ٻڌايو تہ جئپور جا سنڌي وڏا جهيڙيڪار آهن.

بازار تي سنڌن قبضو آهي. ڳالهيون ڪندي بہ ٽيڻ وارا هئا تہ هوٽل وارن گاڏيءَ جي اچڻ جو اطلاع ڏنو. سامان کڻائي اچي گاڏيءَ ۾ رکايم. جهامن ڀاڪر پائي موڪلايو. جئپور کان دهليءَ جو سفر اڌ جاڳ ۾، اڌ ننڊ ۾ گذرندو ويو. جئپور جون يادگيريون سڄي واٽ ذهن تي ڇانيل رهيون. وچ ۾ هيري ٺڪر فون ڪري خبر چار ورتي.

گرگائون پهتاسين تہ رات ٿي چڪي هئي. گرگائون ايڪسپريس وي ۽ وڏن شيشن وارين عاليشان بلڊنگن جون بتيون هڪ موهيندڙ ڏيکاءُ ڏئي رهيون هيون. لڇمڻ ڪومل کي فون ڪيم.

"اڙي ڪٿي آهين شوڪت؟" لڇمڻ جو رڙ ڪري ڳالهائڻ وڻندڙ هوندو آهي. ٻڌايومانس تہ گرگائون پهتو آهيان تہ چيائين، "اچ يار اچ. مان ۽ گوبي تنهنجي انتظار ۾ ويٺا آهيون. ۽ ٻُڌ..... منهنجي گهر ۾ جيڪا مسلمان مائي ڪم ڪندي آهي، ان جي هٿان تو لاءِ زبردست گوشت ٺهرايو اٿم. بس اچ تہ موج ڪريون."

ڊرائيور کي چيم تہ مون کي پريس انڪليو وٺ لاهي. پريس انڪليو دهليءَ جي صحافين جي ڪالوني آهي، جنهن ۾ سنا فليٽ ٺهيل آهن. دهليءَ جو پراڻو قلعو ۽ قطب مينار ساڪيٽ جي علائقي ۾ آهن. مهرولي بہ هتان ويجهي آهي، جتي خواجہ قطب الدين بختيار ڪاڪي جي مزار آهي. گاڏي پريس انڪليو ۾ داخل ٿي تہ لڇمڻ کي فون ڪيم. گاڏيءَ مان هيٺ لهڻ سان دهليءَ جو لڳ ڪانڊاريندڙ سيءُ هڏين ۾ گهڙي ويو. ڏنم تہ پريان اوني ٽوپ، مفلر ۽ اوور ڪوٽ پاتل ماڻهو ٻانهون مٿي ڪري هٿ سان اشارا ڪندو پئي آيو. ويجهو آيو تہ ڏٺم لڇمڻ ڪومل هو. ڳري اوور ڪوٽ ۾ ڦاٿل ٻانهن سان ڀاڪر پائيندي چيائين، ”دهليءَ جي سيءَ کي ياد ڪندين ٻچا.“

سامان کڻائي فليٽ ۾ آياسين. ڀاڄائي گوپي شال ۾ ويڙهي ويٺي هئي. مون کي ڏسي کلي کيڪاريائين. چيومانس، ”آئون 24 سالن کان پوءِ وري اڄ اوهان جي فليٽ ۾ رهڻ آيو آهيان، پر تڏهن اوهان بمبئيءَ ويل هئا.“

”ها گوپي، مون ۽ شوڪت سڄي رات ڪچهري ڪئي هئي.“ لڇمڻ چيو.

”ٻڌ گوپي! شوڪت کي بک لڳي هوندي، ڪجهہ کائڻ لاءِ ڪڍي اچ.“

سندن ٻہ ڌيئر پرڻجي آمريڪا هلي ويون آهن. سندن پٽ بہ آمريڪا ۾ ڪنهن فرم ۾ وڏي پگهار تي ڪم ڪندو آهي. باقي هي هنجن جو جوڙو هتي هن فليٽ ۾ اڪيلو رهيو پيو آهي.

”ڪپڙا بدلائي فريش ٿي اچ تہ شغل پاڻي شروع ڪيون.“ لڇمڻ پنهنجي خاص انداز ۾ چيو.

چيومانس، ”هيري کي فون ڪر، اچي تہ سنو.“

لڇمڻ هڪدم هيري کي فون ڪئي تہ هن چيس تہ سڀاڻي صبح جو ايندس.

”چڱو پوءِ صبح جو ناشتو مون سان ۽ شوڪت سان گڏ اچي ڪجانءِ.“لڇمڻ چيس. هيري اها ڳالهہ مڃي، ۽ پوءِ مون سان ڳالهايائين تہ ”هاڻي دير ٿي وئي آهي، منهنجو گهر ايترو پري آهي جو اچڻ وڃڻ ۾ ٻہ ڪلاڪ لڳي ويندا. مان صبح جو اوهان وٽ ايندس، پوءِ گڏجي ايئرپورٽ تي هلنداسين.“

ان رات هيرو نڪر بہ اچي ها تہ ڪچهري ۾ مزو ٿئي ها، پر لڇمڻ بہ ڳالهين جو ڳهير آهي. سندس ساٿ ۾ بيزار ٿيڻ يا ٿڪجڻ جو سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي. گوپي بہ چڱي دير ويٺي رهي. پوءِ چيائين،”مان وڃي ليٽان ٿي، جنهن وقت ماني کائڻ جو پروگرام ٿئي تہ مون کي ٻڌائجو تہ گرم ڪري وٺان.“

”گوپي، تون ڀلي وڃي سمهي پئہ. ماني مان پاڻ گرم ڪري وٺندس.“ لڇمڻ چيو.

پوءِ لڇمڻ جي وهي کاتي جا پنا کلندا ۽ اٿلندا ويا. 2 وڳي ڌاري چيوسين تہ هاڻي ماني کائي سمهڻ کپي.

صبح جو تيار ٿي ڪمري ۾ آيس تہ لڇمڻ ۽ گوپي چانهہ پي ۽ اخبارون پڙهي رهيا هئا. مون کي ڏسي لڇمڻ چيو "اڄ اڄ، چانهہ پي. نيرن پوءِ ٿا ڪريون. پلي هيرو اچي." ياچائي گوپي اٿي ۽ منهنجي لاءِ چانهہ جو ڪپ ٺاهي آئي.

"گوپيءَ تنهنجي لاءِ خاص پوريون ۽ سيرو تيار ڪرايو آهي." لڇمڻ ٻڌايو.

ڳالهيون ڪندي 11 ٿي ويا. لڇمڻ چيو تہ "هاڻي دير ٿي وئي آهي. پاڻ نيرن ڪريون ٿا. هيرو پلي پوءِ اچي ڪري."

اسين ڊائننگ ٽيبل تي اچي ويٺاسين. گرم گرم پُوريون، سيرو ۽ دال واقعي مزيدار هئا. 12 وڳي هيرو بہ اچي ويو. هن ٻڌايو تہ ڊائيبيٽڪ هجڻ سبب هن صبح جو سوير ناشتو ڪري ڇڏيو هو. فلائيٽ جو ٽائيم 4 وڳي هو. ان ڪري ايئرپورٽ تي ٻہ ڪلاڪ اڳ پهچڻ ضروري هو. ڪلاڪ کن ڪچهري ڪرڻ کان پوءِ سامان کڻائي، ياچائي گوپي ۽ لڇمڻ کان موڪلائي، هيري جي ڪار ۾ اچي ويٺاسين.

ايئرپورٽ جي ڊپارچر لائونج وٽ اچي جڳديش ڪار مان سامان لاهي ٽراليءَ ۾ رکيو. هيري نڪر سان ڀاڪر پائي، ان آس سان موڪلايم تہ هاڻي وري سنڌ ۾ ملنداسين. هيرو ڪار ۾ چڙهي، هٿ لوڏيندو روانو ٿيو تہ آئون ٽراليءَ کي ڌڪيندو اندر ايئرپورٽ ۾ گهڙي ويس.

جئپور لٽريچر فيسٽيول جي لاءِ پارت ياترا جي ذهن ڏينهن کان هلندڙ وڊيو اتي اچي بيهي رهي، ۽ اڳيان سڀ بلينڪ آهي. يادگيريءَ جي آڌار تي ايترو ٻڌايان تہ جهاز چئين وڳي اڌاٽو ۽ سوا ڪلاڪ ۾ لاهور جي ايئرپورٽ تي اچي پهتو. لاهور انٽرنيشنل ايئرپورٽ جي عمارت جيڪا بدذوقيءَ جو اعليٰ مظاهرو آهي سا اندر ويران لڳي پئي هئي. ڪراچيءَ جي جهاز جو ٽائيم ڏهين وڳي هو. سڄا سارا چار ڪلاڪ سڃي ۽ ويران ايئرپورٽ تي بيزاريءَ سان گذاري، جهاز ۾ چڙهي، رات جو 12 وڳي ڪراچي ايئرپورٽ تي لٿس، ۽ 2 وڳي ڄامشوري ۾ پنهنجي گهر پهتس. هنڌ تي ليٽندي، خيال آيو تہ جئپور ۽ ڄامشوري/ حيدرآباد ۾ سوءَ ساڳيو آهي، سنڌ ۽ راجستان جي سرحد تي لوهي تارن جي لڳڻ باوجود ٿر تي وسڪار ساڳيو آهي.

♦♦




# سيٺ ڪمار: لفظ ”مخير“ جو عملي روپ

(1938ع-2010ع)

منظور جوکيو

سڄي دنيا لاءِ هو نمايان تعارف ۾ حيثيت واري بمبئي بيڪريءَ جي مالڪ جي سڃاڻپ رکندڙ هو پر پنهنجن ڏينهن جي شروعات گرو گرنٿ صاحب ۾ قرآن شريف جي انگريزي ترجمي پڙهڻ سان ڪندڙ سيٺ ڪمار، رات جو اُپ ۾ تارن جي وسيع جهرمٽ کي ڏسي، ڪائنات جي وسعتن تي ويچار ڪندڙ ۾ انسان ذات جي ڀلائيءَ لاءِ جاکوڙيندڙ صوفي منش جي شخصيت رکندڙ به هو. جيڪو نه رڳو خاندان جي پراڻي ڪاروبار کي پنهنجيءَ اڻٿڪ محنت ۾ ايمانداريءَ سان پنهنجي آخري ساهه تائين وڌائيندو ۾ ويجهائيندو رهيو پر ساڳئي وقت انيڪ خاندانن جي پالنا، هزارين لکين مريضن جي علاج، لاتعداد جانورن جي چاري ۾ پاڻيءَ جي بندوبست ڪان وٺي پنجرن ۾ بند پکين کي خريد ڪري، کين اڏائي آزادي ڏيارڻ تائين جا چڱا ڪم به ڪنهن عبادت وانگر فرض سمجهي ڪندو رهيو.

هو نه رڳو بمبئي بيڪريءَ جي ڪيڪ سبب سڃاتو ويندو هو پر هن جي شخصيت ۾ موجود سياءُ، اخلاق، مروت، aesthetic sense ۾ سٺن دوستن جي هڪ وڏي حلقي جي ڪري به مشهور هو. سندس وڏا سنڌ پرڳڻي جي ڪنهن دور ۾ راڄڌاني رهندڙ خداآباد مان لڏي اچي حيدرآباد ۾ آباد ٿيا هئا. جتي هنن 1910ع ڌاري هاٿوڪي ناران هوٽل جي سامهون موجوده پاڻي ڪاتي يعني ايريگيشن ڊپارٽمينٽ جي آفيس واري هنڌ بمبئي بيڪريءَ جو بنياد رکيو هو جيڪا بعد ۾ هاٿوڪي بمبئي بيڪريءَ واري هنڌ 1922ع ۾ شفٽ ٿي وئي ۾ اتي ئي هيءُ عظيم انسان، جنهن کي سيٺ ڪمار جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو 1938ع ۾ پيدا ٿيو. پراڻي بمبئي بيڪريءَ واري هنڌ ته انگريز سرڪار پنهنجي ڪا آفيس قائم ڪئي ۾ انهي ساڳئي هنڌ

سورهيہ بادشاه سيد صبغت الله شاه راشديءَ کي 1940ع واري ڏهاڪي جي شروع ۾ سندس خلاف حيدرآباد جي پڪي قلعي ۾ برطانوي سرڪار جي ٺاهيل خاص ٽربيونل ۾ هلندڙ ڪيس دوران نظربند بہ رکيو ۽ بعد ۾ ڦاهيءَ جي سزا ٻڌائڻ بعد ڪيس حيدرآباد جيل منتقل ڪيو. پر نئين بمبئي بيڪريءَ واري گهر ۾ پاڳوان سيٺ ڪمار جي ڄمڻ کان پوءِ انهي هنڌ هميشہ خوشحالي ۽ رونق ٿي رهي.

هاڻوڪي بمبئي بيڪريءَ جي ديوارن سيٺ ڪمار ٽڏاڻي جي والد محترم ڪشنچند ٽڏاڻي ۽ والده محترمہ هرديوي ٽڏاڻيءَ سان گڏ هنن جي فيملي فرينڊس حيدر بخش جتوئي، علامہ آءِ آءِ قاضي ۽ ايلسا قاضيءَ کي ڏٺو تہ وري بعد ۾ انهن ديوارن سيٺ ڪمار ٽڏاڻي جي دوستن ايڊوڪيٽ اقبال پاشا، جبرئيل صديقي، ڊاڪٽر اسماعيل آگجي، ڊاڪٽر خالد لطيف، ڊاڪٽر علي جي قاضي، سيد امير علي شاهہ جاموٽ، ذوالفقار علي شاهہ جاموٽ، لياقت علي جتوئي، ڊاڪٽر فريد شيخ ۽ شوڪت ميمڻ کي ڏٺو جن مان زنده دوستن ايم پرڪاش، اقبال پاشا، سيد امير علي شاهہ جاموٽ، ڊاڪٽر فريد شيخ ۽ شوڪت ميمڻ هن جي مرتئي تي هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائي رنو.

ڪاڏي پيتي، پوشاڪ، ڪتاب پڙهڻ، فلمون ۽ ڊاڪيومينٽريز وغيره ڏسڻ ۾ هن جهڙو رکندڙ شايد ئي ٻيو ڪو هجي. هن جا ڪوٽ لنڊن ما ايندا هئا، جن جي aesthetic sense ماليت لکن ۾ هوندي هئي. هن جي کاڌي جي ميز تي ست رڃي طعام هر ويلي تي مهمانن جا منتظر هوندا هئا. هو تصوف، مذهب ۽ تاريخ بابت دنيا جي مشهور ڪتاب گهرن تان تازا ڇپيل ڪتاب گهرائيندو هو تہ وري نيون ايندڙ فلمون ۽ ڊاڪيومينٽريز دنيا جي وڏن ادارن جهڙوڪ وارنر برادرس (WB) ۽ نيشنل جاگرافڪ وارن کان سڌيءَ ريت گهرائي ڏسندو هو. هڪ ئي وقت تي مختلف قسم ۽ نوعيت جي دوستن کي مختلف ڪمرن ۾ ويهاري هر ڪنهن کي پنهنجي پنهنجي پروٽوڪول موجب مهمان نوازيءَ جي لوازمات سان نوازڻ ۽ کين وقت ڏيڻ ۾ هن کي مهارت هئي. ڪو بہ مهمان اهو محسوس نہ ڪندو هو تہ هڪڙي ئي وقت هو مهمانن جي ٽن چئن مختلف گروپن وٽ ميزبانيءَ جا فرائض انجام ڏئي رهيو آهي.

بمبئي بيڪري پنهنجي عروج سان گڏ ڪيئي لاها چاڙها بہ ڏٺا. پر ان جي مالڪن جي مستقل مزاجيءَ ان کي هميشہ بچايو. ايوبي مارشل لا ۾ حيدرآباد ۾ مارشل لا ايڊمنسٽريٽر رهندڙ جنرل ٽڪا خان ڪنهن ڳالهہ تان ڪاوڙجي ڪشنچند ٽڏاڻيءَ لاءِ مشڪلاتن ۽ پريشانين جو هڪ باب کوليو. بعد ۾ مشرف جي مارشل لا جي شروعاتي ڏينهن ۾ انهيءَ بيڪريءَ جي مقابلي ۾ سگهارين ڌرين جي ڪجهہ عملدارن هڪ ٻي کليل بيڪريءَ کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ وسان نہ گهٽايو. مشرف جي شروعاتي ڏينهن ۾ شروع ٿيل انڪم ٽيڪس سروي دوران انڪم ٽيڪس کاتي جي هڪ متعصب آفيسر بيڪريءَ تي فوجي آفيسرن جي چڙهائي ڪرائي. سيٺ ڪمار

جڏهن هنن کان اهڙي فوج ڪشيءَ جو سبب معلوم ڪيو ته هڪ فوجي آفيسر ڪيس چيو ته "توهان ٽيڪس چوري ٿا ڪيو." تنهن تي سيٺ ڪمار ڪانئس پڇيو ته "توهان جو ڇا خيال آهي ته مون کي ڪيترو ٽيڪس ڏيڻ کپي ۽ مان ڪيترو ٽيڪس چوري ڪري رهيو آهيان؟" جواب ۾ فوجي آفيسر سوچي چيو ته "اوهان کي هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ 30 هزار جو ٽيڪس ڏيڻ کپي، پر اوهان ان کان گهٽ ٽيڪس ڏيو ٿا." سيٺ ڪمار کلي وراڻيو ته "سائين مان هر مهيني 3 لک ٽيڪس ڀريندو آهيان. اوهان کي ڪا غلط فهمي ٿي آهي." ان جواب تي فوجي آفيسر ان تعصب پرست انڪم ٽيڪس آفيسر ڏانهن ڏٺو ته هن شرمندو ٿي انهيءَ جي تصديق ڪئي. فوجي آفيسر سيٺ ڪمار سان معذرت ڪئي ۽ ڪاوڙ مان انهيءَ آفيسر ڏانهن ڏسي چيو ته "نڪرو ٻاهر......". هن وقت به اهو رڪارڊ آهي ته حيدرآباد جو وڏي ۾ وڏو صنعتڪار گروپ پنهنجي سيني فيڪٽرين، مِلن ۽ ڪارخانن طرفان ايترو ٽيڪس نه ٿو ڀري جيترو بمبئي بيڪريءَ پاران ڀياريل آهي. انگن اکرن موجب اها بيڪري هر سال انڪم ٽيڪس ۽ سيلز ٽيڪس جي مد ۾ هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ ادا ڪري ٿي.

ٻين ارهه زوراين سان گڏ بمبئي بيڪريءَ جي ڪاروبار کي نقصان رسائڻ لاءِ مٿي بيان ڪيل خاص ذهنيت جي ماڻهن جيڪي حربا استعمال ڪيا، انهن ۾ هڪ حربو بدديانتيءَ تي ٻڌل پروپيگينڊا جو به آهي. اهڙيءَ پروپيگينڊا جي حصي طور هڪ افواهه اهو به پکيڙيو ويو ته بمبئي بيڪريءَ جي ڪيڪن جي تياريءَ دوران ٻين شين سان گڏ انهيءَ ۾ "گئو ماتا" جي گوبر جو ذرڙو به وڌو ويندو آهي. انهيءَ پروپيگينڊا کي بنياد بڻائي انهن ڏرين بيڪريءَ جي اڳيان فورسز جي جوانن ۽ آفيسرن لاءِ Out of Bound جو منع نامي وارو بورڊ لڳرايو جنهن کي سيٺ ڪمار جي ڪجهه دوستن جي وچ ۾ پوڻ کان پوءِ هٽايو ويو.

قدرت خدا جي، جڏهن جنرل پرويز مشرف حيدرآباد جي دوري تي آيو ته پنهنجي مينيو ۾ هن جن شين کائڻ جي فرمائش ڪئي، انهن ۾ بمبئي بيڪريءَ جو ڪيڪ سرفهرست هو. هن جي اها خواهش وڏي شرمساريءَ بعد پوري ڪئي وئي.

پنهنجي جوانيءَ ۾ حيدرآباد جو Most elegant bachelor هجڻ جي باوجود هن شادي نه ڪئي. ۽ پنهنجي سموري زندگي بنان شاديءَ واري حالت (Celibacy) ۾ گذاري. پنهنجي ڀاءُ جي هڪ پٽ سونو ۽ ڌيءَ گڏو کي ايڊاپٽ ڪري پنهنجي ٻارن وانگر پاليو. جن مان سونو مسلمان ٻڌجي سلمان شيخ ٿي ويو. ملازمن سان نيڪ ورتاءُ ڪرڻ ۽ انهن سان صلئه رحميءَ سان پيش اچڻ جو ڊنگ سيٺ ڪمار کان وڌيڪ شايد ئي ڪنهن کي ايندو هوندو. هن جي گهر ۾ هڪ گهريلو ملازم ٻارن جي سار سنڀال لاءِ رکيل آهي. انهيءَ جو نالي آهي مسمات "سموري"، جنهن کي سيٺ ڪمار جا ويجها دوست Mrs. Complete سڏيندا آهن. انهيءَ مسمات سموريءَ جي خاص

ذميداري آهي تہ هوءَ ٻارن جي چرپُر تي نظر رکي ۽ انهن کي هيڏانهن هوڏانهن وڃڻ نہ ڏئي. هڪ ڀيري ٻار بنگلي مان نڪري مين گيٽ وٽ پهچي ويا. سيٺ ڪمار جڏهن ٻارن کي ٻاهر ويندي ڏٺو تہ صفا ڪاوڙجي ويو ۽ نوڪر کي چيائين تہ سموريءَ کي سڏ ڪري اچ. ٿوريءَ دير کان پوءِ جڏهن سموري هن جي اڳيان آئي تہ چيائين "بابا مون اوهان کي تہ ڪونہ سڏيو." سموري جڏهن هلي ويئي تہ اتي ويٺل شوڪت ميمڻ سيٺ ڪمار کان سموريءَ کي ڪجهہ بہ نہ چوڻ جو سبب پڇيو تہ هن وراڻيو . "مان ڏاڍو غصي ۾ هوس. جڏهن هوءَ آئي تہ شايد غصي ۾ کيس ڪجهہ گهٽ وڌ ڳالهايان هان. بعد ۾ وري غصو ختم ٿئي هان تہ هن کان معافي وٺان هان. جڏهن معافي ئي وٺڻي هئي تہ پوءِ کيس ڇو گهٽ وڌ ڳالهايان. انهيءَ جو ڪهڙو فائدو؟"

هڪ ملازم جي بار بار غلطين ۽ بي ايمانين جي ڪري سيٺ انهيءَ ملازم کي نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيو. انهيءَ ملازم بعد ۾ کيس ڏاڍو تنگ ڪيو. هن سيٺ ڪمار خلاف ليبر ڪورٽ ۾ ڪيس ڪيا پر سيٺ هن جي خلاف هڪ بہ قدم نہ کنيو. انهيءَ ملازم جو پٽ بہ بيڪريءَ ۾ ملازم هو. ڪنهن ٻئي ملازم کيس صلاح ڏني تہ هن جي پٽ کي نوڪريءَ مان ڪڍو تہ سيٺ چيو تہ هن کي نوڪريءَ مان ڇو ڪڍان؟ هن جو ڪهڙو ڏوهہ؟

هن کي ملازمن جو هر وقت فڪر رهندو هو. کيس پنهنجي ديهانت کان پوءِ بيڪريءَ جي ڪاروبار جو ڪوبہ فڪر نہ هوندو هو. پر ملازمن جي نوڪريءَ ۽ روزگار جو فڪر هميشہ هن کي رهندو هو.

هڪ ڀيري هڪ دوست سان اٽالين ڊانس جي ڪا ڊاڪيومينٽري ڏسي رهيو هو ۽ ڊانس جي فن تي ڳالهائي رهيو هو. ڊانس هلندي هن جي دوست ڊانسر ڇوڪريءَ کي هڪ ريمارڪ ڏنو تہ "ڇا تہ ڇوڪريءَ جا ارهہ ۽ هپس آهن!!" سيٺ ڪمار انهيءَ ريمارڪ تي رهي نہ سگهيو ۽ چيائين, "اڙي بدذوق, ڇوڪريءَ جي ارهن ۽ هپس کي نہ ڏس, پر اهو ڏس تہ هن جا پير ميوزڪ جي ٽِپس کي ڪيڏي نہ خوبصورتيءَ سان پرفارم ڪري رهيا آهن."

هن کي نہ رڳو ڊانس جي باريڪين جي خبر هوندي هئي, پر کيس دنيا جي سيني ملڪن جي Geo_political حالتن جي ڄاڻ هوندي هئي. هن کي گهانا ۽ رواندا جي اندروني سياست کان وٺي فرانس جي فنانشل معاملن جي بہ ڄاڻ هوندي هئي. دنيا جي مالي معاملن تي اهڙي گهري نظر رکندو هو جو هن کي اڳواٽ خبر پئجي ويندي هئي تہ ڪهڙي ملڪ جي ڪرنسي ڪيترو چڙهندي ۽ ڪيترو ڪرندي. منهنجي هڪ بينڪر دوست ٻڌايو تہ فارين ڪرنسيءَ جي مارڪيٽ ۾ اسان سيٺ ڪمار کي Follow ڪندا هئاسين. هو فون ڪري چوندو هو تہ سندس نالي تي هيترا يورو خريد ڪيا وڃن. تہ اسان سمجهي ويندا هئاسين تہ يورو جو ملهہ چڙهڻ وارو آهي. وري جڏهن چوندو هو تہ "بابا منهنجا هيترا پائونڊ کپائي ڇڏيو". تہ اسان سمجهي ويندا

هٿاسين تہ ايندڙ ڏينهن ۾ پائونڊ جو خير ناهي. انهيءَ بينڪر دوست ٻڌايو تہ نہ رڳو وڏن ملڪن جي ڪرنسي، پر هن کي ملائيشين رنگٽ، عرب امارتن جي درهم ۽ جپانيزين جي ملهہ ڪرڻ ۽ چڙهڻ جي بہ اڳواٽ خبر پئجي ويندي هئي!!

هن جي ٽي وي اسڪرين تي دنيا جي ڪيترن ملڪن جا چينل ڊش ٽيڪنالاجيءَ جي مدد سان هلندا هئا. دنيا جا بهترين ڪتاب گهرائي پڙهندو هو. سنيون ڊاڪيومينٽريز ڏسندو هو ۽ جديد دنيا سان اپ ڊيٽ رهندو هو پر ڪجهہ معاملن ۾ هو ڏاڍو ڪنزرويٽو رهندو هو. جنهن جو مثال بمبئي بيڪريءَ ۾ لڳل اهو گهڙيال آهي، جنهن جي عمر هڪ صديءَ کان بہ وڏي آهي- پر اهو گهڙيال اڄ بہ صحيح ٽائيم ٻڌائيندڙ آهي. جڏهن اهو گهڙيال خراب ٿيندو هو تہ خبر ناهي ڪٿان انهيءَ جا مستري اچي ويندا هئا ۽ هن کي ٺيڪ ڪندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن تہ انهيءَ گهڙيال جا پارٽس لنڊن مان بہ گهرايا ويندا هئا. هن جي گهر جي باٿ رومس ۾ لڳل سينيٽري جو سامان انتهائي جديد ۽ مهانگو آهي، پر گهر ۾ بجليءَ جا بٽڻ ساڳيا انگريزن واري دور جا آهن, جيڪي هن وقت بہ هلندڙ حالت ۾ آهن. ڪاروبار ۾ مستقل مزاجيءَ جي اها حد آهي جو هن جي ڪيڪن جي ڊبي کي جنهن سائي پٽي(Strip) سان ٻڌو ويجي ٿو اها پٽي اڳي تہ عام جام استعمال ٿيندي هئي، پر هاڻي اها ڪٿي بہ استعمال نہ ٿي ٿئي. انهيءَ پٽي کي ٺاهيندڙ سڀ ڪارخانا بند ٿي ويا آهن، پر بمبئي بيڪريءَ کي جيڪو ڪارخانو اها پٽي ٺاهي ڏئي ٿو اهو ڪارخانو اڃا قائم آهي.

عام ماڻهن وٽ اهو مشهور هو تہ هن وٽ ڪيڪ ٺاهڻ لاءِ هڪ خفيہ فارمولو آهي، جنهن جي هن کان سواءِ ڪنهن کي بہ خبر ناهي. انهيءَ باري ۾ هن جو چوڻ هو تہ "مون وٽ فقط هڪ فارمولو آهي، اهو آهي نيڪ نيتي، ايمانداري ۽ خالص شين جو استعمال." هو پنهنجي ڪيڪ جي معيار کي بلند رکڻ لاءِ نج ديسي گيهہ ۽ ميدو وغيره تہ هتان خريد ڪندو هو پر انهيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ بيو سامان جهڙوڪ ايسنس، ڪريم ۽ بادام جي پيسٽ، ڊراءِ فروٽ وغيره ٻاهرين ملڪن جهڙوڪ جرمني ۽ برطانيہ کان امپورٽ ڪندو هو. اهو ئي سبب آهي جو بمبئي بيڪريءَ جا ڪيڪ هڪ وڏي عرصي کان پنهنجو هڪ منفرد ذائقو رکندا پيا اچن. جنهن بہ ماڻهوءَ جي وات کي هڪ ڀيرو هن بيڪريءَ جي ڪيڪ جي ٽيسٽ لڳي، انهيءَ ماڻهوءَ کي اها ٽيسٽ عمر ڀر تائين ڪيڪ جو اهو سواد وٺڻ لاءِ تڙپائيندي رهندي. منهنجي هڪ دوست ذوالفقار نظاماڻيءَ جو وزن وڏو وڏيل آهي. هو بمبئي بيڪريءَ جي ڪيڪ جو وڏو ۽ پراڻو شيدائي آهي. هن جو چوڻ آهي تہ هو بمبئي بيڪريءَ جي ڪيڪ کي 1982ع کان کائيندو پيو اچي، پر انهيءَ جو ذائقو اڄ بہ اهو ئي آهي، جيڪو 1982ع ۾ هو. نظاماڻي جڏهن پنهنجي وزن وڌائڻ جا سبب ٻڌائيندو آهي تہ انهن ۾ سر فهرست

بمبئي بيڪريءَ جا ڪيڪ هوندا آهن. جن کي ڏسڻ کان پوءِ پنهنجي وزن وڌڻ جي باوجود، هو انهن کي کائڻ کان رهي نہ ٿو سگهي.

سيٺ ڪمار 1998ع تائين تہ پاڻ بہ پيئڻ وارن ۾ شامل هو. پر صحت جي خرابيءَ جي ڪري 1998ع کان پوءِ هن پيئڻ ڇڏي ڏنو. هن سان گڏ پيئڻ وارن جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن پيئڻ دوران پيئڻ جي آدابن کي سکڻو آهي تہ اهي آداب سيٺ ڪمار وٽان پيي سکي سگهجن ٿا. هن جي هڪ دوست ٻڌايو تہ هو چوندو هو تہ "خانداني ماڻهوءَ جي اها نشاني آهي تہ هو محفل ۾ ويهي مقرر ڪوٽا کان وڌيڪ اصل نہ پيئندو. پر جيڪڏهن دوستن جي اصرار تي وڌيڪ پي بہ ويو تہ محفل مان فورن کسڪي هليو ويندو. متان ڪو گند نہ ڪري...."

صحت جي ڪري هن پاڻ وسڪي، سگريٽ ۽ سِگار پيئڻ تہ ڇڏي ڏنا هئا. پر دوستن کي هميشہ دعوتن ۾ اهي شيون شوق سان پيش ڪندو هو. هن پاڻ نہ پيئڻ جو عذر ڄاڻائي دوستن کي ڪڏهن بہ انهن شين کان محروم نہ رکيو.

سيٺ ڪمار سڄي زندگي نالي ڪمائڻ کان پري رهيو. ميڊيا جي هن خطرناڪ دور ۾ بہ هو شو بازيءَ کان بچيل رهيو. هن سموري زندگي نہ ڪڏهن ڪو انٽرويو ڏنو نہ وري ميڊيا تي آيو. شوڪت ميمڻ ٻڌايو تہ جڏهن هڪ ليکڪ هن جي مينيجر جي تعارف ڪرائڻ تي وراندي ۾ ويٺي ويٺي ساڻس گپ شپ ڪرڻ کان پوءِ وڃي انهن ڳالهين کي انٽرويو جي صورت ۾ ڇاپيو تہ هو ڏاڍو ناراض ٿيو هو. هميشہ چوندو هو تہ هن اهڙو انٽرويو ڪڏهن بہ نہ ڏنو آهي. جڏهن اي آر واءِ چينل وارا هن جي بيڪري جي ڊاڪيومينٽري ٺاهڻ آيا تہ هن انهن کي ڊاڪيومينٽري ٺاهڻ ۽ انٽرويو ڏيڻ کان ڪُٺو جواب ڏئي ڇڏيو. ايتري قدر جو انڪم ٽيڪس ڊپارٽمينٽ جي هڪ ڊائريڪٽر جنرل هن سان ملڻ جي خواهش ظاهر ڪئي تہ هن بہ پيرا ملڻ کان انڪار ڪيو. هونئن عام رواجي طرح انڪم ٽيڪس جو عام آفيسر بہ نوٽيس ڏئي چڱي ڀلي صنعتڪار کي پاڻ وٽ گهرائي وٺندو آهي. پر سيٺ صاحب ايڏي وڏي آفيسر سان بہ ملڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

حيدرآباد ۾ وڏي عرصي تائين رهندڙ ايف آءِ اي جي هڪ بدنام زمانہ آفيسر هڪ ڪوڙي ڪيس ۾ سيٺ ڪمار کي ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪئي، تہ بہ سيٺ هن کي معاف ڪري ڇڏيو. حقيقت هيئن هئي جو سيٺ پنهنجي هڪ وڪيل کي پئسا ڏنا تہ هو گورنمينٽ جو هڪ چالان ڀياري ڇڏي. انهيءَ وڪيل پئسا جمع ڪرائڻ بجاءِ هڪ ڪوڙو چالان ٺاهي، سرڪاري آفيس ۾ جمع ڪرائي ڇڏيو. اها خبر جڏهن ايف آءِ اي جي انهيءَ آفيسر تائين پهتي تہ هن سيٺ ڪمار خلاف ڪيس ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي. جيتوڻيڪ مذڪوره وڪيل لکي ڏنو تہ انهيءَ فراڊ ۾ سيٺ صاحب جو ڪو ڏوهہ ناهي، اهو سڀ ڪجهہ وڪيل پاڻ ڪيو آهي، تہ بہ ايف آءِ اي جو آفيسر سيٺ خلاف

ڪيس داخل ڪرڻ تي بضد هو. سيٺ صاحب هن ڪي ڪنهن دوست جي معرفت نياپو بہ ڪرايو تہ هو انهيءَ ڳالهہ تان لهي وڃي، پر هو نہ مڙيو ۽ هن سيٺ کي نوٽيس ڏني، پاڻ وٽ حاضر ٿيڻ جو حڪم ڪيو. سيٺ جڏهن ڏٺو تہ هاڻي پاڻي مٿي پيو چڙهي تہ هن پنهنجي پراڻي آءِ جي دوست جيڪو انهن ڏينهن ۾ ايف آءِ اي جو ڊائريڪٽر جنرل هو تنهن کي فون ڪري شڪايت ڪئي. هن ايف آءِ اي حيدرآباد جي انهيءَ آفيسر جي نہ رڳو بدلي ڪئي، پر ڪيس معطل ڪرڻ جا احڪام پڻ جاري ڪيا. بعد ۾ جڏهن انهيءَ آفيسر سيٺ صاحب کان معافي گهري تہ هن ڪيس هڪدم معاف ڪري ڇڏيو. انهيءَ آفيسر کي ستت پوءِ حڪومت 1998ع ۾ ائٽمي ڌماڪي ٿيڻ وقت ڌماڪي واري هنڌ يعني چاغيءَ ۾ مشڪوڪ سرگرميون ڪرڻ جي الزام هيٺ نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيو. سپريم ڪورٽ تائين ٿيل اپيلن ۾ ٿيل فيصلو انهيءَ آفيسر جي خلاف آيو ۽ هو هميشہ لاءِ نوڪريءَ کان فارغ ٿي ويو.

سيٺ ڪمار جي آخري سفر جي اها شايد انفراديت ليکبي، جو انهيءَ سفر ۾ 90 سيڪڙو مسلمان شريڪ هئا. اها بہ انفرادي ڳالهہ هئي جو هن ارٿيءَ کي آخري پيرو ڇتا تي رکڻ لاءِ جن چئن ڪلهن هن کي کنيو انهن ۾ هڪ ڪلهو مسلسمان جو هو جيڪو هن جي ايڊاپٽ ڪيل پٽ سونو عرف سلمان جو هو. اها ڳالهہ ايتري غير معمولي ۽ منفرد آهي جيئن ڪنهن مسلمان جي جنازي نماز ۾ ڪو هندو شريڪ ٿئي. ڪجهہ ماڻهن جي اعتراضن باوجود هڪ مسلمان جي ڪلهي هن کي ڇتا تائين پهچايو. اهو شايد انهيءَ ڪري ٿيو جو خيرات ڪرڻ وقت هو نہ ڏسندو هو تہ هو خيرات ڪنهن هندوءَ کي ڏئي رهيو آهي يا مسلمان کي. هن لاءِ سڀ انسان برابر هئا.

لفظ "مخير" يا Philanthropist جي جيڪڏهن ڪا عملي معنيٰ ٿي سگهي ٿي تہ اها سيٺ ڪمار جي شخصيت ۾ هئي. هن نہ رڳو ڪيترين ئي اسپتالون پئي هلايون، پر ڪيترا ئي گهراڻا بہ پئي پاليا. هن لاءِ اهو بہ مشهور هو تہ جڏهن اتر لڳندو هو تہ سيءَ ڪنهن تيز تلوار جيان جهوپڙيءَ ۾ رهندڙ غريبن جي سينن کي چيرڻ لڳندو هو تہ هو لکين روپين جا ڪمبل ۽ سوڙيون خريد ڪري، اهڙن غريبن کي سيءَ کان بچائي وٺندو هو. انسانن جي مٿان تہ هو ترس کائيندو هو. پر هڪ وڏي عرصي کان هن پنهنجو اهو معمول بڻائي ڇڏيو هو تہ هر هفتي ڏهہ پندرهن هزار خرچ ڪري، پنجرن ۾ بند پيل پکين کي خريد ڪري، انهن کي آزادي ڏياريندو هو.

سنڌ جي سر زمين جيڪا جهڙوڪ مخير پيدا ڪرڻ جي ڏس ۾ هاڻي بنجر بڻجي وئي آهي، ان ۾ سيٺ ڪمار جو وجود هڪ خوش نصيبيءَ جي ڳالهہ هو. هن وقت ڪو بہ اهڙو مخير سنڌي نظر نہ ٿو اچي، جيڪو پنهنجي هڙان وڙان ڪو تعليمي ادارو اسپتال يا خيراتي ادارو هلائيندو هجي، جيتوڻيڪ پئسا هزارين ماڻهن وٽ آهن، پر قوم جي درد کي گهٽ ڪرڻ ۾ خرچ ڪرڻ لاءِ ڪو بہ تيار ڪونهي!.

◆◆



# فاطمہ ڀٽو، رَت ۽ تلوار جا گيت لکي ٿي!

خشونت سنگهہ

مترجم: رام اوڏ

**ناقابلِ معافي**

منهنجي ڏيءُ مايا ديال جيئن ئي فاطمہ ڀٽو جي ڪتاب `Songs of Blood and Sword` (رت ۽ تلوار جا گيت) جي مهورت تان گهر موٽي تہ چيائين، "آئون ڪيترن ئي ڪتابن جي مهورتي تقريبن ۾ ويئي آهيان، پر مون ڪي اجا هڪ اهڙي وڏي پئماني واري تقريب ڏسڻ جو موقعو نہ مليو آهي."




هن ڳالهہ کي جاري رکندي چيو "هُتي هڪ هزار جي لڳ ڀڳ مهمان هئا ۽ گهر ماڻهن سان ڀريل هو. اسٽيج تي وليم ڊالرمپل، (William Dalrymple) اڇي ڪُڙتي ۽ پاجامي سان ويٺل هو ۽ گڏ ڀٽو ڇوڪري (فاطمہ ڀٽو) ويٺل هئي. هوءَ ڏاڍي بارعب ۽ حسين آهي. پارٽ جي ماڻهن کي خوش رکڻ ۽ پاڪستان جي شناخت برقرار رکڻ لاءِ هن انتهائي سهڻي سليقي سان ڪپڙا پاتا هئا. هوءَ شلوار قميص جي بدران ساڙهيءَ ۾ ملبوس هئي ۽ پنهنجي نرڙ تي ڳاڙهي بنديا بہ لڳائي هئائين، جنهن انڊين عوام جي دلين کي گرمائي وڌو هو. (هوءَ گوشت کائڻ کان پرهيز ڪندڙ يعني سبزي خور (Vegetarian) بہ آهي.)

هن جي ساڙهي سائي پاڪستان جي رنگ جي هُئي. هن پنهنجي ملڪ جي باري ۾ به بي نقص انگريزيءَ ۾ ڳالهايو. ماڻهو سڀ هُن ڏانهن پوريءَ ريت متوجه هئا.“

منهنجي ڌيءُ فاطمه جو ڪتاب نه پڙهيو هو. هتي ڪنهن به ٻئي ماڻهوءَ مهورت کان اڳ نه پڙهيو هو. هوءَ پنهنجو پاڻ ڪي ڪتاب جي ڪَوَر تي ڇپيل چند ڳاڙهين سٽن وسيلي هيئن تي متعارف ڪرائي:

ذوالفقار علي ڀُٽي جي پوٽي..... جنهن کي 1979ع ۾ ڦاهيءَ چاڙهيو ويو.

شاهنواز ڀُٽي جي ڀائٽي...... جنهن کي 1985ع ۾ قتل ڪيو ويو.

مير مرتضيٰ ڀُٽي جي نياڻي..... جنهن کي 1996ع ۾ سياسي مفاد حاصل ڪرڻ لاءِ قتل ڪيو ويو.

بينظير ڀٽو جي ڀائٽي.... جنهن کي 2007 ۾ شهيد ڪيو ويو.

فاطمه ڀٽو پنهنجي پڙ ڏاڏي سر شاهنواز ڀٽو کان ”ڀٽو ڪهاڻي“ ٻُڌائي ٿي ته جهوناڳڙهه جو ديوان سر شاهنواز ڀٽو، جنهن پنهنجي اباڻي شهر ڳڙهي خدابخش، لاڙڪاڻي ضلعي ڏانهن لڏپلاڻ ڪئي هئي. هن جو پٽ ذوالفقار علي پاڪستان ۾ اقتدار تي اُڀريو. هن جي ڌيءُ بينظير پنهنجي پيءُ کان بهتر ثابت ٿيڻ ۽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي، پنهنجي پيءُ جي سياسي ميراث (Political Legacy) کي مضبوطيءَ سان پڪڙي ورتو هو ۽ يورپ ۽ آمريڪا ۾ تمام وڏي انگ ۾ ملڪيت هٿ ڪئي هئي. انهيءَ پئسي ۾ سندس ور آصف علي زرداري تمام گهڻو اضافو ڪيو ۽ ”مسٽر ٽين پَرسينٽ“ (Mr. Ten percent) طور سڃاتو ويو. ڇاڪاڻ ته سندس باري ۾ اهو چيو ويچي ٿو ته هن حڪومت ۽ سيڙپڪارن (Investors) جي وچ ۾ ڊيل ڪرائڻ تي ڪميشن ورتي هئي.

بينظير ڀٽو جي قاتلن جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي...... هن (فاطمه) آهسته آهسته ڄاڻي ٻجهي دردن کي دعوت ڏيندي، پنهنجي سر تي ڪنيو. جڏهن ته هوءَ death wish (موت جي آرزو) پنهنجي ذهن ۾ سانڍي رکندي هجي. هوءَ پنهنجي خوبصورتي جيان جرئتمند آهي. واپس ڪراچيءَ ڏانهن اُسهڻ کان اڳ هن مون کي گهرائي عزت بخشي ۽ آئون پنهنجيون نظرون هُن کان هٽائي نه سگهيس. آئون هن جي نڪ جي ڪاپي پاسي لڳل چمڪندڙ ڦُلڙيءَ جي هيري ۽ هن جي ڪلهن تان ڪرندڙ ڊگهن ڀنيور گهنڊيدار وارن کي ٽِڪ ٽڪ ڏسندو رهيس . مون کي اميد آهي ته مان هن کي موت کان اڳ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو ضرور ڏسندس.

فاطمه پنهنجي ڪتاب کي يادگار نثر سان اختتام پذير ڪري ٿي: ”هن سڄي چريائي ۾، ماضيءَ جي وقت جون سڀ ساروڻيون ۽ يادون، اهو مون کي احساس ڏيارين ٿيون ته جڏهن منهنجي اردگرد دنيا آهستي آهستي ڀُري ۽ ٽڪرا ٽڪرا ٿيندي پئي وڃي.

ڪڏهن ڪڏهن رات جو دير سان هڪ چاتل سچاتل فڪر سان پنهنجو سينو پريل محسوس ڪريان ٿي.

انهن لمحن ۾ آئون سوچيان ٿي تہ پاڪستان لاءِ منهنجي دل ۾ ڪا وڏيڪ جاءِ ڪونهي. آئون ان سان هاڻي وڏيڪ محبت نٿي ڪري سگهان. ڪنهن بہ شيءِ جي سمجهہ لاءِ، هتي ڪجهہ بہ نٿو ٿئي، مون کي هن ڪان پري رهڻ گهرجي. پر جڏهن ڪلاڪ گذرن ٿا، جيئن روشني ڪڙڪين مان گذري ٿي، تيئن مان پاڻ کي سمهڻ لاءِ سنبرايان ٿي. مان انهن مينا پکين جو آواز ٻڌان ٿي، ۽ آئون ڄاڻان ٿي تہ مان ڪڏهن بہ (پاڪستان) ڇڏي نٿي سگهان.“

اتفاقي طور، مون بہ پنهنجي وڪئبيلري (لفظن جي ذخيري) ۾ هڪ نئين لفظ جو اضافو ڪيو آهي، جيڪو پاڪستان ۽ انديا ٻنهي لاءِ فِٽ ٿئي ٿو. اهو آهي: ”Saprophytic“، جنهن جي معنيٰ آهي: اُهي مفت خور جيڪي حل شده نامياتي مرڪب (decatingorganicmatter) تي حملو ڪن ٿا. يعني اُهي جاندار جيڪي ڪاٺي جي حساب سان غير جاندار جانورن ۽ ٻوٽن تي پاڙين ٿا. ٻئي قومون مڪمل طور ان تي پاڙين ٿيون، جيڪو انهن جي ماضيءَ ۾ ڳريل سڙيل آهي.

**ناقابل معافي**

ناقابل معافي غلطيون جيڪي
معذرت جون مستحق ناهن هونديون!
ثانيہ جي شادي!
شاهہ رُخ خان جو بيان
حُسين جون پينٽنگس
ڪُجهہ شيون ڏاڍيون غلط ٿين ٿيون!
ثانيہ توهان کي بهتر نموني ڄاڻڻ کپي ها پاڪستاني مڙس پسند ڪرڻ کان اڳ!
مسٽر شاهہ رُخ، توهان بہ ڪيئن
هڪ لفظ ۾ پاڪستان جي سپورٽ ڪري سگهيا!
مسٽر حسين
توهان جو انديا لاءِ تصور سَقم آهي
توهان کي بہ محترم پيرسن
مسٽر ٺيڪري (Thackeray)
مهربان قدم رکڻو هو.
ننڍا ڪڙن ڦوهارن ۽ ڪونگهرن جي،
هن پاڳلپڻي کي روڪڻو هو!

پاڪين (Pakis) سان
هنن ننڍڙين چسڪين جي معذرت!
(سميع رفيق، عليگڙهه جي اجازت سان)

چو؟

- جيڪڏهن فِٽ رهڻ لاءِ ترڻ (Swimming)، سٺي جسماني ورزش آهي ته پوءِ ويل مڇيون ٿلهيون ڇو هونديون آهن؟

- اهوائين ڇو آهي جو هر ماڻهو جنت ڏانهن وڃڻ چاهي ٿو پر مرڻ ڪير به نٿو چاهي؟

- آئون چوان ته شطرنج راند ۾ نسلي فرق آهي جو ان ۾ سفيد ٽڪرو هميشه پهرين حرڪت ڪري ٿو!

- اسان جي ملڪ ۾ ڳالهائڻ جي آزادي آهي، ته پوءِ ٽيليفون بِل ڇو؟

- جيڪڏهن پئسو وڻن تي نٿو ڦٽي/اُپري ته پوءِ بينڪن کي شاخون ڇو هونديون آهن؟

- هڪ گول پزا (Pizza)، چورس باڪس ۾ ڇو ٿو اچي؟

- گلو (Glue) پنهنجي بوتل کي ڇو نٿو چنبڙي؟

- اسان ان کي اجا بلڊنگ ڇو ٿا سڏيون، جڏهن ته اُها اڳ ۾ ئي تعمير ٿيل آهي؟

- جيڪڏهن اهو سچ آهي ته اسان هتي ٻين جي مدد ڪرڻ لاءِ آهيون ته پوءِ ٻيا وري ڇا لئه آهن؟

- جيڪڏهن توهان کي شراب پي، ڊرائيو ڪرڻ کان منع ڪئي وڃي ٿي ته پوءِ بار اڳيان گاڏي بيهارڻ جون جايون (Parking lots) ڇو آهن؟

- هن ڏاڍي ڪِل جهڙيءَ دنيا ۾ مزاحيه ماڻهو رهن پيا .......

(جي پي سنگهه، واٽر فورڊ، آئرلينڊ، جي ٿورن سان.)

E.mail: Oad.ram@gmail.com


ڪنول پبليڪيشن قنبر پاران مختلف موضوعن تي ڇپايل
ڪجهه اهم نوان ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| 1. مينهن ڪٽيءَ جو سڏ | سعيد سومرو | طويل غزل |
| 2. ڪي ڪي ماڻهو ديا ساگر | منظور ڪوهيار | خاڪا |
| 3. گيت ڳوڙها ٿي ويا | حفيظ باغي | شاعري |
| 4. مڏ جا رهيل رنگ | علي صفدر | شاعري |
| 5. وساورني | عابد ڪاظمي | خاڪا |

## غزل



### ساحر راهو

راتِ سڄي هو، اوجاڳن جو رقص اکين ۾،
جاڳ ڇڏي ويو، ويندي ڪوئي شخص اکين ۾.

سڏڪن سان گڏ، لڙڪ ڳلن تي ڳاڙيا ها،
ويندڙ ڪي ئي ڪين، پيو ڪو ترس اکين ۾.

خاموشين جي پاشائن ۾، چئي نہ سگهياسين،
ڇا ڇا پاليو هوسين، سارو برس اکين ۾.

روز اسان جا، خواب لُٽي هو ويندو آهي،
رهجي ويندا آهن، تنها لمس اکين ۾.

تاثر هُن جي چهري جا بہ پڙهي نہ سگهيس مان،
لوڏيندي هٿ ڳوڙها جو ها سرس اکين ۾.

ڪير هُنن کي پاليندو ۽ آٿت ڏيندو،
جيڪر اُپري آيا، تنهنجا عڪس اکين ۾.

چپ ڪُڇڻ جي سگهہ وڃائي وهندا آهن،
پيار جا ساحر، هوندا آهن درس اکين ۾.

■

### رخسانہ پريت چنڙ

ڪُليو دل جو رکين تو در،
تہ ايندئي درد ئي اڪثر!

ڏکن هنئي پاڙ نيٽن ۾،
نہ تو موهي ڪوئِي منظر.

ٿياسين ايڏا پسماندا،
ڏسون ٿا خواب ۾ ڪنڌر.

قيامت روز ڪاٽن جَي،
انهن کي ڇا ڪندا محشر!

اسان اهڙا ئي ماڻهو پيل
اسان کان ڳوليو بهتر.

رڳو پنڌ ناهہ، پوڇا آ،
هي رسندو ماڳ تي آخر.

ڪِريا سپ لُڙڪ دامن تي،
’پريت‘ ڪجهہ ضبط ڪر اندر.

■

## روبينه ابڙو

بي ڊپا ٿي ويا پار جيڪي تري
عشق تن جي ڪئي آ، سدا رهبري

عشق پي ٿو چمي پير تنهن جا سدا،
لوڪ جي ٽوڪ کان جا نه آهي ڏري

مرحبا مرحبا آمد عشق تي،
ڪوئي سُوري پيو سينگاري ٻيهر وري

ڪا "نئي" جي گهٽين مان اچي پئي صدا،
ڏوهه جي ڏيهه ۾ پيار پيغمبري

حسن تنهنجو ئي منهنجي حجابن اندر،
منهنجي جلون ۾ تنهنجي ئي جادوگري

ٻن جهانن کان آزاد ٿو ٿي وڃي،
جنهن به "رندانه" راهُن تي وک آ، ڌري

پو عقل جو اُتي بند در ٿيو وڃي،
ڏيان منهنجي جي توڏي ڪلي جو دري

ڪنهن جي لئه آ مرڻ سو حياتيون جيئڻ،
ڪوئي زنده رهي پي وڃي ٿو مري

حالتن جي هٿن ۾ صرف آ صبر،
هر اندر ۾ وري پٿرن جي پري

عاشقيءَ جو آ رتبو سين کان مٿي،
۽ اجان پي مٿي 'ديس جي دلبري'.

■

## بخشل باغي

ڪوُڪ، ڪوئل، لتا جا سُر آهن،
مان ٿو پانيان، خُدا جا سُر آهن.

درد، اُڏري ٿو پوپٽن وانگر،
بانسريءَ ۾ وفا جا سُر آهن.

هر ڪٽيءَ کي سنگيت آ پنهنجو
بارشن ۾ گهٽا جا سُر آهن.

ٻُلڙين ۾ آ ٻاجهه قُدرت جي،
ڪيڏا ڏيما، سنجها جا سُر آهن.

ٻُور جي مند آ ٻُري پيئي،
ٻن، ٻن ۾ هوا جا سُر آهن.

سئن، سيني ۾ لٿي خنجر جيان،
سوز پريل، صدا جا سُر آهن.

نيڻ، تنهنجا اِهي نماڻا ٻئي،
ابتدا، انتها جا سُر آهن.

■

## ابرار ابڙو

هاڻ نہ ايندس موٽي، اوسيئڙو نہ ڪجان،
ڪڏهن بہ منهنجو سرتي! اوسيئڙو نہ ڪجان.

آءُ وچان تہ هوائون سوڳ ملهائيندیون،
پر تون شام سنهري! اوسيئڙو نہ ڪجان.

ڄاڻان ٿو مان، گهر جو ساٿ تلاشيندو
آئينا! تون ڀُلجي! اوسيئڙو نہ ڪجان.

وهم، گُمان سمورا واري ڇڏِ دل تان،
عُمر تہ گذري ويندي، اوسيئڙو نہ ڪجان.

نيڻن جي ٽيبل تان ڪاڳر جهڙا پل،
نيٺ تہ ويندا وڪري، اوسيئڙو نہ ڪجان.

پوڙهائپ ڏي ٽيڙ وچان ٿو ڪائيندو
موٽان ڪيئن جواني! اوسيئڙو نہ ڪجان.

■

اسان جي پيار جو ٿيئو ٻري ٿو دل جي چانئٺ تي
هوا ۾ سار جو ٿيئو ٻري ٿو دل جي چانئٺ تي

نہ هو مون کان ٻري آهي نہ مان هُن کان ٻري آهيان
ڪيل اقرار جي ٿيئون ٻري ٿو دل جي چانئٺ تي

نہ ڪنهن ٻئي لاءِ سڙيو سينو نہ ڪنهن ٻئي لاءِ ڏکيو دونهون
سدا هڪ يار جو ٿيئو ٻري ٿو دل جي چانئٺ تي

خُدا جي جستجو آهي خدا جي روشني آهي
سچي سنسار جو ٿيئو ٻري ٿو دل جي چانئٺ تي

اکين جي عشق جي خاطر، ڪين جي دين جي خاطر،
عجب اسرار جو ٿيئو ٻري ٿو دل جي چانئٺ تي

■

## شبير هاليپوٽو

تنهنجون ساريان اکيون، تنهنجون ساريان اکيون،
روز ٿو رات پَر آءُ ٻاريان اکيون.

ٻار هلڪو ٿئي، دل ڏوبي پئي،
هِنيانءُ هاريان نہ جي ٿورو هاريان اکيون.

ڏس وريہ تون وري ٿو وڃڻ جي ڪرين،
ويهہ ٿورو، اچا ٿورو ٺاريان اکيون.

واهہ وانگي وَهن راهہَ ۾ ٿي رهن،
ڪيئن جيسين وَرين، ڪيسين واريان اکيون.

تو طرف ٿيون تڪن هي نہ تِر ٻيو هتن،
ڪنهن ٻئي پاسي ڏسن، سي نہ ڏاريان اکيون.

ڪجهہ ڪچان، ڇا چوان، هٿ هٿن ۾ ڏيان،
۽ اکين ۾ اکيون ڏئي سنواريان اکيون.

تون اچين ٿو گهمڻ، پير تنهنجا چمڻ۔
لئہ پٽن تي پيو تو پٿاريان اکيون۔

■

ڪچي مٽيءَ جو ماڻهو پُرندو رهيو هميشہ
۽ وقت ساهميءَ ۾ ٽُرندو رهيو هميشہ

دنيا سموري وسري، وسري تہ ڪيئن وسريا
هو نانءُ هانوَ ۾ جو، هُرندو رهيو هميشہ

ڏاتار پيار مون کي هو اڻ مَيو عطا ڪيو
پر روح منهنجو منگيو گهرندو رهيو هميشہ

هڪ جاءِ تي رهيو هُو هڪ جاءِ تي رهيس مان
تہ بہ خيال خيال ڌي هو سُرندو رهيو هميشہ

جي جسم ۾ هجي ها پرجي وڃي هان آخر،
هي زخم روح ۾ هو جهُرندو رهيو هميشہ

شبيرَ يارَ مون سان اظهار پيار ڪيو هو
آواز هي ڪنن ۾ ٻُرندو رهيو هميشہ

■

# اشرف پلي

عشق ۾ انجام ساريندي رهي،
دل چپن جا جام ساريندي رهي.

تنهنجي نيڻن مان پيئڻ جو مون سکيو
مئڪدي جي شام ساريندي رهي.

بارشن جهڙي سُهاني جهڙي ڳوٺ ۾،
ڪائي سيتا، رام ساريندي رهي.

بيوفائي جو جهليو دامن اوهان،
هُو تہ سڀ الزام ساريندي رهي.

تو ڪويتا جا سنيها تي مُڪا،
سنڌ توکي شيام ساريندي رهي.

شهر جي هن شور ۾ ڪا ڇوڪري،
ڳوٺ جو آرام ساريندي رهي.

تون نہ آئين، هوءَ لکي اشرف پلي،
هٿ تري تي نام ساريندي رهي.

◘

چنبيندو چڙيندو رهيو وقت توکي،
نئين سر اڏيندو رهيو وقت توکي.

اي مومل ڀلا منڊ ڪهڙو منڊيئي،
صدين کان سليندو رهيو وقت توکي.

چليو من تي آتڻ ۾ چرخي جيان،
ڪپهہ جيئن ڪتيندو رهيو وقت توکي.

تتل اُس جهڙي زماني ۾ مون تان،
جُهلن جيئن جهليندو رهيو وقت توکي.

تون آئين عبادت ۾ ايندڙ خلل جيئن،
تي "لاحول" ڏڪيندو رهيو وقت توکي.

خفن روز دل جي تي ميٽي پٽي پر،
چٽن جيئن چٽيندو رهيو وقت توکي.

نهائين نہ نينهن جي مليئي مهل تي،
گهڙي جيئن گهڙيندو رهيو وقت توکي.

◘

## ذوالفقار گاڏھي

خاص ڪاٽي، مان هڪڙو عام آهيان،
منهنجي راڌا! مان تنهنجو شيام آهيان.

تون جي ناهين تہ آپي کان ٻاهر،
تون جي آهين تہ پوءِ رام آهيان.

ريشمي وار بند جُهوڙي ۾،
هڪ گلابي سڳيءَ جي نام آهيان.

منهنجي ڳالهين کي ڏيان سان ٻُڌ تون،
آءٌ توساڻ هم ڪلام آهيان.

هاڻي مونکي بچا گناهن کان،
توتي آيو هٽي مان هام آهيان.

موت کان تون مونکي بچائيندينءَ،
تنهنجي آيو تي اڄ مان سام آهيان.

◘

آهہ گذري وئي صدي هڪڙي،
پر نہ بدلي اڃان بدي هڪڙي

آهہ ’ڌريوڌنن‘ جو هڪ لشڪر،
پر نہ آهي ’دروپدي‘ هڪڙي

آهہ لڇمڻ جو ڪال پئجي ويو،
تنگ لوڏي پئي بدي هڪڙي

پرک جا هاڻ ماڻ پيا آهن،
اُن لئہ اگهہ آ ڪيو ردي هڪڙي

ڪهڙي آهي خدا پئي هِن کان،
تي وڃي سُڪڙندي ندي هڪڙي

وات مان مڱ ڪيو ۽ ڳالهايو
ڳالهہ ڪريو ڪا سرمدي هڪڙي

سا بہ ڪم ڪا نہ آئي يارن کي،
پاڻ وڪڻي وتن گدي هڪڙي

تيسين ڪنهن ڪم جا ڪو نہ تي سگهندئو
جيسين من مان ڪيو مدي هڪڙي

◘

## خليل ڪنڀار

ورڻ ويلا، وير وساري،
روز مُئيءَ جا پير وساري

مارن ويندي مرڪي پيئي،
ڇيڙهہ ڇڳن جو مير وساري

تنهنجي ويس، شال مسافر،
هن نچڻيءَ جي چير وساري

ايئن رُنو جو پونءَ ڪنبي وئي،
گهات گهگهيري گهير وساري

تنهنجو ڳوٺ، ڳگاتيل ڳليون،
ڪاڪ بہ کهڙي ڪير وساري

راهہ نهاري روز رڻان تو
هاڻ نہ هينئڙو هير وساري

توڪان پوءِ تنهنجي مومل،
ڪير سنياري، ڪير وساري!

تو جي سپرين سودو من،
مون سان لاتو چو تو من.

ڪو نہ وسيلو ويچاريءَ،
درياءَ ڪي هو دوکو من.

پرديسين ۾ ياد وطن جي،
جيءَ ڏنئي وئي جهوڙيو من.

سڀ ڪا سُرهي ساجن سان،
مون ڪي تنهنجو الڪو من.

منهنجون جيءَ جيئاريو ڪو
ساجن لاهيو سودو من.

خنجر جيئن ڪتو پيو آه،
دل ۾ تنهنجو دوکو من.

## مشتاق گبول

منهنجي ڪُوڙي ڪٽي بيگناهي رهي،
مُعتبر تنهنجي ڪيڏي گواهي رهي!

ڪيئن توسان پُڄي، مان سگهان ها ڀلا،
ڪا نہ ڪا منهنجي آڏو تہ ڪاهي رهي.

ذات جو يا ڪٽي زندگيءَ جو هُجي،
پنڌ ۾ پنهنجي ڪڏهين نہ ساهي رهي.

ڪيئن چوان ڪيتري، هيتري، هوتري،
ساھ ۾ سار تنهنجي الاهي رهي.

جي رهيا جيل خانا اسان لئہ رهيا،
جي رهي بس اسان لاءِ ڦاهي رهي!

ماءُ! تنهنجي دعائن بچايو پئي،
ڪا نہ ڪا روز آڏو تباهي رهي.

ڪين مشتاق ويجهو سُڃاڻي ڏُنم،
هر گهڙي درد جي بادشاهي رهي.

■

## رياضت ٻرڙو

دل ۾ بي جان پيار تنهنجي سان،
منهنجي اندر مُقام ٺڄي ويو.

مون ڏٺو گهر ڊٺل هو منهنجو ئي،
جنهن ۾ ٻي جو گدام ٺڄي ويو.

لفظ ماڻهن وِڪيا پئي سستا،
داستان ناتمام ٺڄي ويو.

شخصُ هِڪڙو اڪين جو آقا ٿيو،
دردُ دل جو غلام ٺڄي ويو.

ڪيئن چئجي تلاش تنهنجي سان،
پيار پنهنجو مدام ٺڄي ويو.

اهڙي آيو شهر ۾ ’رياضت‘ جو۔
اوچتو ئي انام ٺڄي ويو.

■

## برڪت بلوچ

مالهي جا گلاب سارا، خواب سارا،
ڪيس لڳا عذاب سارا، عتاب سارا.

زندگي چڙ تہ ڪر پاڻي ٺُٺو توڪانسواءِ،
بي نشي ٿيا شراب سارا، خراب سارا.

تون آن ساز اهڙو، مٽر ڪو آواز اهڙو
سر ٿيا سپ ماٺ، ۽ چپ رباب سارا.

درد جي دولت ڪانسواءِ سپ سچا لڳا،
مفلس چڙ نواب سارا، جناب سارا.

معجزو هو يا حادثو هو ”برڪت“،
بي حجاب حجاب سارا، نقاب سارا.

◘

## شبير بروهي

در تي ڏيئو صدين ڪان ٿو رهي،
تنهنجو اوسيئڙو صدين ڪان ٿو رهي.

ڪنڌ ۾ ٽوٽا رکيل سگريٽ جا،
ڪنڌ ۾ دونهون صدين ڪان ٿو رهي.

ڪيس تنهائيءَ وٺي وئي پاڻ ڏي،
ماٺ ۾ پوڙهو صدين ڪان ٿو رهي.

ڪو بہ ناهي ساٿ ۾ صحرا اڳيان،
هو تہ بس هلندو صدين ڪان ٿو رهي.

زندگي تو پئي ڏنو ۽ مون وتو
درد جو ملندو صدين ڪان ٿو رهي.

تنهنجي نيڻن مان ڪري جيڪو پيو،
سڏڪندو سپنو صدين ڪان ٿو رهي.

ان ۾ ڪنهن جا خواب هن زنده رکيل،
بند جو ڪمرو صدين ڪان ٿو رهي.

◘

## خالد چانڊيو

منهنجي خوابن تي اُس آئي آ.
چانوري ڏي نِگهہَ وڌائي آ.

هيءَ ملاقات جي گهڙي آهي،
پر اجا تائين چو جدائي آ.

منهنجو هر آسرو اوهان تائين،
بي نہ ڪائي پرين خدائي آ.

منهنجون اکڙيون خريد ڪير ڪري؟
تو بنا بيو تہ سڀ اجائي آ.

مون رڳو مُرڪ آ گهري توکان،
ڪين چئجان اها پرائي آ.

■

## ساجد چانڊيو

تنهنجي ويجهو رهڻ نصيب نہ هو
مون کي شايد جيئڻ نصيب نہ هو.

تنهنجي پيرن تي ڪنڊ لاڙيو سي،
پير تنهنجا چمڻ نصيب نہ هو.

هڪڙي پيري ۾ عمر ڪتجي وئي،
توسان بيهر ملڻ نصيب نہ هو.

ڪنهن جو نالي ۾ سهارو تي پَسين،
تنهنجو ئي تي رهڻ نصيب نہ هو.

هڪڙو ”ساجد“ اجا مري ئي نہ تو
جنهن کي شايد مرڻ نصيب نہ هو.

■

## عاجز عزيز کوسو

ندي تي ننڊ وٺي پئجي هوا، برسات ڪانپو.
ڦِٽي ويا چين آڙين جا، ٽڪاءَ جي سانت ڪانپو.

ملي هئي خواب ۾ هن کي جواني پاڻ تي اوڊيل،
وڄائي چوڪريءَ آهي اُها هر رات ڪانپو.

لٿو سورج سمندر ۾ ٻڪايل ڪنهن مهاڻي کي،
ٻُڏي ويا نيڻ ٻئي هن جا، صبح پريات ڪانپو.

رُڳو هن وٽ رهيو موضوع اسان جي زندگاني جو
ٽِمي پيو خون هو دل مان، لفظ هرڪات ڪانپو.

لکيوسين پاڻ تي ويهي گهڻو ڪجھ هاڻ تي ويهي،
مري ويو خواب هر پنهنجو وڏي سڪرات ڪانپو.

مِليا هئا لاڙ سان موتي پکي سارا ڊسمبر ۾
مگر تن بي پکا پيرا، ڪُسڻ جي بات ڪانپو.

■

## شوڪت تبسم ڪنير

مون کي واسي ويا ڪي واس جا رنگ،
ڦهر آهن سنڌِ ٺي لباس جا رنگ

ميڙ ماڻهو تڏهن پيي تنها ٺي،
ها! اِهي هجر جي هراس جا رنگ

ٽِي سگهي تو ڪڏهن هُو موتي اڇي!
آس ۾ هن اجان بہ آس جا رنگ

تُنهنجي چاهت چکي تہ پتو پيو
ٻيا بہ آهن گهڻا مناس جا رنگ

پاڻ چاندوڪين ۾ گم تي ويو
مونتي ڪوئي مڙهي اُماس جا رنگ

منهنجا بادل پرين ڪتي آهين،
اڄ تہ آهن اسانتي پياس جا رنگ

منهنجا بادل پرين ڪِتي آهين،
اڄ تہ آهن اسانتي پياس جا رنگ

تو پُڇاڻان پرين، نہ ڄاڻان چو
آسمان اوتيا، اداس، جا رنگ

■

## فياض منصور

ڏسي اڄ پاڻ کي ڪيئن رخ ويا متجي هوائن جا،
خوشيءَ ۾ ڪو نه ٿو ماپان، وڏا ٿو هار ہانهن جا.

ڪيونسين جي ملاقاتون نگاهن ئي نگاهن ۾،
نه رايا سي سگهيا سمجهي فرشتا ييي نگاهن جا.

مليو ڪاٿي نه مون کي آ، منو آواز تو جهڙو
ٻڌا آواز ڪيئي هن، مسيتن جي مُنارن جا.

رُني هي شاعري منهنجي، اڪيلائي ۾ پٽ ڪر تون،
وهيا هن لڙڪ مون وانگي ئي غزلن جا ۽ واين جا.

رهين جي ڏار مون کان پو بهارون ييي خزائون هِن،
رهين گڏ پو مزا ماٽيان خزائن ۾ بهارن جا.

◘

## بابر جا گيراٽي

دور تو کان رهي،
دل پئي آ ٻڌي.

هوءَ اڇٽي هُئي،
موت آيو ڪهي.

ڪير ڪنهن جو نه آ،
تو چيو هو صحي.

هيڪلائي وچي،
چنڊ اڄ تون لهي.

لوڪ لئہ شعرُ آ،
پر اسان لئہ وهي.

درد جيڏا بہ ڏي،
مان تہ ويندس سهي.

زندگي جي رُني،
موت ويندو ٿهي.

◘



# هو جو گلزار آهي!

ميگهنا گلزار/منوج ڪمار

اسان جي محبوب شاعر، ڪهاڻيڪار، نغمہ نگار ۽ ڊائريڪٽر گلزار جي ڌيءَ جيون ڪٿا سندس ڌيءَ ميگهنا جي لکيل آهي، جنهن کي هو ريشمي ڪپڙي جي نسبت سان "بوسڪي" سڏيندو آهي. ميگهنا پاڻ بہ هڪ سٺي ليکڪ آهي. سندس مضمون هندستان جي مختلف اخبارن ۾ ڇپجندا رهندا آهن. ان کان سواءِ هن هڪ فلم "في الحال" بہ ڊائريڪٽ ڪئي آهي، ۽ گلزار کي بہ مختلف فلمن ۾ معاونت ڪندي رهندي آهي. هن جيون ڪٿا ۾ هڪ ڌيءَ جو پنهنجي پيءُ سان پيار بہ ظاهر ڪيل آهي، تہ هڪ سٺي ليکڪ جي حيثيت سان هن گلزار جي زندگيءَ جا مختلف رخ بہ پيش ڪيا آهن. هتي توهان کي نہ فقط گلزار جي حياتيءَ ۾ جهاتي پائڻ جو موقعو ملندو، پر فلم جڳت جي مختلف هستين سان روشناس ٿيڻ جو بہ موقعو ملندو. ميگهنا گلزار جو ڪتاب ...Because he is بنيادي طور تي هڪ ڪافي ٽيبل ڪتاب آهي، جنهن ۾ ڪوڙ تصويرون آهن، پر هتي فقط انهيءَ ڪتاب ۾ ڏنل مواد جو خلاصو پيش ڪيو ويو آهي (منوج).

مان شروع کان وٺي پنهنجي بابا جي طلسم ۾ رهي آهيان. ان ڪري نہ جو هو منهنجو والد آهي، پر ان ڪري جو هو منهنجي لاءِ زندگيءَ جو مسلسل تجربو رهيو آهي. هو منهنجي سگهہ بہ آهي تہ جذباتي سهارو بہ. هو منهنجي تخليق جو اُتساهہ بہ آهي تہ منهنجي سڃاڻپ بہ آهي. منهنجي لاءِ سندس زندگيءَ جو هڪ اڻ ڏٺو احوال ڏيڻ ممڪن نہ آهي، جو منهنجي ساڻس هڪ جذباتي ويجهڙائپ آهي، پر آءٌ ڪوشش ڪنديس تہ ان ماڻهوءَ جي ذاتي ۽ جذباتي زندگيءَ جي هڪ جهلڪ ڏيکاريان، جنهن کي ماڻهو گلزار چون ٿا، ۽ جنهن کي آءٌ "پپي" سڏيندي آهيان. منهنجون، منهنجي پپيءَ جون سڀ کان سگهاريون يادون انهن سُرن جون آهن، جيڪي اَسُر ويلي سندس

ستار مان نڪرنديون آهن. هن ستار سکڻ ته‍ڻ شروع ڪئي. جڏهن مان ستن سالن جي هئس ۽ هو پنهنجي حياتيءَ جي چاليهن ورهين واري حصي ۾ هو. سندس ستار جي سُرن تي آءٌ جاڳي وٺس ويندي هئس ۽ سندس گوڏن تي مٿو رکي، وري سمهي رهندي هئس. آءٌ وري پوءِ اسڪول لاءِ اٿندي هئس. هو مون کي اسڪول لاءِ تيار ڪندو هو. منهنجي جوتن جون ڪهيون ٻڌندو هو ۽ مونکي اسڪول يونيفارم پارائڻ ۾ مدد ڪندو هو ۽ منهنجي وارن جون چوٽيون به ٻڌندو هو. هو منهنجي لاءِ ماءُ جا سڀ روايتي فرض نڀائيندو هو. پنهنجي ڌيءَ لاءِ اهي سڀ ننڍڙا ڪم سکڻ ۾ ڪيس ڪوبه عار محسوس نه ٿيندو هو. هن جو اِهو تصور هو ته تجربي جي لحاظ کان ٻار ۽ مائٽ



هڪڙي عمر جا آهن. سو جيڪڏهن آءٌ هن لاءِ ٻن سالن جي ڌيءَ هئس ته هو منهنجو ٻن سالن جو پيءُ هو. اسان ٻئي هڪ ٻئي کان سکندا، گڏجي وڏي رهيا هئاسين. هو منهنجي وارن جون چوٽيون ڳنڍيندو هو ۽ سندس چواڻي ته اهو عمل کيس پنهنجي والد جي ياد ڏياريندو هو جيڪو به سندس ننڍي هوندي چوٽيون ٻڌندو هو.

توهان ماڻهن کي خبر آهي ته گلزار جو اصل نالو سمپورن سنگهه ڪالرا آهي. هو هڪ سک گهراڻي ۾ سردار مکڻ سنگهه ڪالرا ۽ سُجن ڪور وٽ پيدا ٿيو هو. ننڍي هوندي ٻين سک ٻارن وانگر هن جا وار به وڏا هوندا هئا. جن جون چوٽيون سندس پيءُ يعني منهنجو ڏاڏو ٺاهيندو هو جو سندس ماءُ پارو ڻ ۾ ئي گذاري وئي هئي. بابا کي سندس ماءُ جون ڪي به ساروڻيون نه آهن.

بابا وٽ پاروتڻ جو هڪ تصور آهي، جيڪو سندس ذهن ۾ تمام گهرائيءَ سان نقش ٿيل آهي، ۽ اهو تصور آهي سندس اباڻي ڳوٺ "دينا" جو جيڪو هاڻوڪي پاڪستان جي جهلم ضلعي ۾ آهي. اهو تصور ان سوڙهي گهٽيءَ جو آهي جيڪا سندس گهر ڏانهن ويندي آهي. اهو تصور انهيءَ ڳوٺ جي مارڪيٽ جو آهي ۽ انهي مڪتب جو آهي، جتي بابا ۽ سندس پائر ۽ پيترون پڙهندا هئا. پاڪستان مان ڪنهن ماڻهوءَ سندس گهر جي مکيه دروازي جي تصوير اماڻي هئي، ۽ لکيو هئائين ته اهو در

اجا ائين ٿي آهي. بابا جو چوڻ هو تہ هن تصوير مان اهو گهر نئيڙو ٿو نظر اچي، سندس بالڪپڻ واري تصور وارو گهر تمام وڏو هو. اِهو بہ هڪ سبب آهي تہ بابا وري ڪڏهن پنهنجي جنم ڀومي ڏينا واپس ناهي ويو. هو نہ ٿو چاهي تہ سندس ذهن ۾ رچيل سندس ڳوٺ جو تصور ڪو تبديل ٿئي. هن انهيءَ تصور کي، وقت ۽ حقيقت جي اثرن کان بچائي رکيو آهي.

بابا کي ياد ناهي تہ سندس امڙ ڏسڻ ۾ ڪيئن هُئي. سندس ڪا تصوير بہ نہ آهي. فقط هڪڙو پيرو نئيڙي هوندي ڪنهن مائتياڻيءَ بازار ۾ لنگهندي، ڪنهن عورت ڏي اشارو ڪندي چيو هو تہ تنهنجي ماءُ اهڙي هوندي هُئي. بابا کي انهيءَ عورت جو چهرو ياد هو ۽ اهو ياد هو تہ انهيءَ عورت جو هڪڙو ڏند سونو هو. بس بابا جي تصور ۾ اِها ڳالهہ ويهي رهي هئي. سندس ماءُ جو بہ هڪ ڏند سونو هو. پوءِ هڪڙي دفعي پنهنجي پيءُ کان پڇيو هئائين تہ ”پلا! امان جو ڪو ڏند سونو هو؟“

سندس پيءُ چيو ”نہ“. پر پيءُ جي انهيءَ انڪار باوجود بابا وٽ جيڪو ماءُ جو تصور برقرار آهي، تنهن ۾ سندس ماءُ جو مسڪرائڻ مهل اهو سونو ڏند چمڪندو آهي.

ورهاڱي جو عذاب بابا جي يادن جو هڪ مستقل حصو آهي. ورهاڱي جي ويهن سالن کان پوءِ بہ ڪڏهن ڪڏهن بابا ننڊ مان اوچتو ڇرڪ ڀري اٿي پوندو هو ۽ سپنن ۾ آيل خوفناڪ المين جو اهو منظر ڪيس پگهر ۾ شل ڪري ڇڏيندو هو. هو ان وقت ٻارنهن ورهين جو هو. بابا جي عمر جي ڳالهہ نڪتي آهي تہ توهان کي ٻڌائيندي هلان تہ بابا جي جنم ڏينهن جي پڪ سان ڪا بہ خبر نہ آهي. ڪٿي سندس جنم جو سال 1936ع لکيل آهي تہ وري ڪٿي 1934ع. سندس جنم ڏينهن 16 آگسٽ آهي تہ ڪٿي وري 5 سيپٽمبر. پر اسان جيڪي بابا کي هميشہ جوان سمجهڻ چاهيندا آهيون، تن سندس جنم ڏينهن 18 آگسٽ 1936ع مقرر ڪري ڇڏيو آهي. انهيءَ حساب سان بابا ٻارنهن سالن جو هو جڏهن ورهاڱو ٿيو هو. ورهاڱي وقت بابا دهليءَ ۾ رهندو هو جتي منهنجي ڏاڏي جو ڏنڏي ڏاڙهيءَ سان اچڻ وڃڻ هو ۽ جتي پوءِ اهي لڏي ويا. اهي دهليءَ جي سبزي منڊيءَ واري علائقي ۾ رهندا هئا، جيڪو هڪ مسلم اڪثريتي علائقو هو. بابا اهي خوفناڪ منظر پنهنجي اکين سان ڏٺا هئا، جڏهن لاشن سان گهٽيون سٽيل هونديون هيون ۽ ماڻهو گهرن مان ڦرلٽ پيا ڪندا هئا. بابا اهو ڏيک بہ ڏٺو جڏهن ڪي ماڻهو بابا جي اسڪول ۾ پڙهندڙ ڇوڪريءَ کي مارڻ لاءِ گهلي رهيا هئا. هن کي لاشن جي بدبوءِ ۽ ڪٽيل عضون جا ڏيک چٽيءَ طرح ياد آهن. بابا جو چوڻ هو تہ سندس پيءُ جي اثر سبب هو انتها پسند ٿيڻ کان بچي ويو. چاڪاڻ تہ بابا جي پيءُ يعني منهنجي ڏاڏي جا ڪافي مسلمان دوست هئا، جن ورهاڱي دوران اسان جو خيال رکيو ۽ تحفظ ڏنو. ورهاڱي جي انهن يادن ۽ جذباتن کي بابا جي نظمن ۾



ڪهاڻين ۾ جڳهه ملي، ۽ بابا جي خواهش هئي تہ هو ورهاڱي تي فلم بہ ناهي- پر حڪومتن ۽ ماڻهن جي تاريخ جي زخمن کي لڪائڻ واري رويي بابا جي انهيءَ خواب کي ساپيا تيڻ نہ ڏنو.

بابا پهرين آگسٽ 1949ع تي بمبئي آيو. ورهاڱي کانپوءِ دهليءَ واري گهر ۾ ڪافي مٽ مائٽ اچي رهڻ لڳا. انهي کانسواءِ منهنجي ڏاڏيءَ جي گذاري وڃڻ کان پوءِ ڏاڏا بي شادي ڪئي هئي، جنهن مان کيس پنج ٻار تيا هئا. ايڏي وڏي ڪٽنب کي سيالڻ ڏاڏا لاءِ ڏکيو هو. بابا مئٽرڪ ڪرڻ کان پوءِ بمبئيءَ ۾ وڏي ڀاءُ جي سنڀال هيٺ رهڻ لاءِ آيو جنهن جو اتي پيٽرول ڪيميڪل جو ڌنڌو هو. بابا کي بمبئي موڪلڻ جو هڪڙو سبب اهو بہ هوتہ دهليءَ ۾ بابا جي ادب سان رغبت جي ڳالهہ ڪنهن کي ڪونہ وڻندي هئي. ڏاڏي جي خاندان ۾ هڪ شاعر هوندو هو جنهن جو نالو هو درشن سنگهہ "آواره"، جيڪو واندو هوندو هو ۽ پٽ سٽ تي گذران ڪندو هو. منهنجي ڏاڏي کي لڳو تہ بابا جي شاعريءَ سان اها رغبت کيس انهي واندي شاعر جهڙو ڪري ڇڏيندي.

بابا کي ڪافي شعر ياد بہ هوندا هئا، ۽ ڪڏهن ڪڏهن انهن شعرن ۾ پنهنجا لفظ بہ هڻندو هو. ائين اهو سمپورن سنگهہ ڪالرا شاعر تي ويو ۽ پنهنجو نالو رکيائين گلزار. هڪ نظم "سيلف پورٽريٽ"۾ انهيءَ جو ذڪر ڪندي هن لکيو:

نام سوچا هي نہ تا، هي کي نهي،
"اما" ڪهہ ڪي بلايا ايک ني،
"اي جي" ڪهہ ڪي بلايا دوجي ني،
"ابي او"، يار لوگ ڪهتي هين،
جو بهي يون جس کسي ڪي جِي آيا،
اس ني ويسي هي پڪار ليا
تم ني اک موڙ پہ اچانک جب
مجهي گلزار ڪهہ ڪي آواز دي،

ايک سيپ سي کهل گيا موتي،
مجهي معني مل گئي جيسي،
آه، يہ نام خوبصورت هي
پهر مجهي اس نام سي بلائو تو.

بابا جڏهن بمبئي لاءِ ٽرين ۾ چڙهيو تہ سندس والد کيس چيو”رستي ۾ ڪٿي ٽرين مان متان لهين. ائين نہ ٿئي جو ٽون پليٽ فارم تي شعر پڙهائيندو رهين تہ ٽرين هلي وڃي“. پر بابا بنا ٽرين وڃائڻ جي بمبئي اچي پهتو. اتي هو پارلي جي علائقي ۾ ڪرشن نواس ۾ هڪ ڪمري واري جاءِ ۾ رهندو هو ۽ جتي سڄي بلڊنگ لاءِ هڪڙوئي باٿ روم هوندو هو. اها جڳهہ منهنجي وڏي چاچي يعني بابا جي وڏي ڀاءُ جسمير سنگهہ ڪرائي تي ورتي هئي. بابا بمبئيءَ ۾ خالصا ڪاليج ۾ داخلا ورتي ۽ شام جو پنهنجي ڀاءُ جي پيٽرول پمپ تي ويندو هو.

بمبئيءَ ۾ بابا وٽ هڪ خالي پٽي جو احساس هو ۽ انهيءَ احساس ۾ سڄي ماحول کان لاتعلقيءَ جو احساس بہ شامل هو. هو بمبئي جي روڊن ۽ رستن تي ڀٽڪندو رهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن سمنڊ ڪناري نهيل بينچن تي سمهي رهندو هو پر بمبئي ۾ بابا کي پنهنجي مرضيءَ سان وقت گذارڻ جو موقعو بہ نہ مليو. هن گذارڻ لاءِ انڊين پيپلز ٿيئيٽر ايسوسيئشن (اپٽا) ۽ ترقي پسند ليکڪن جي تنظيم جي گڏجاڻين ۾ شرڪت شروع ڪئي. اهي گڏجاڻيون ڪميونسٽ پارٽيءَ جي دفتر ريڊفليگ هال ۾ ٿينديون هيون، جتي شاعر ۽ ليکڪ اچي گڏ ٿيندا هئا ۽ پنهنجون تخليقون پڙهندا هئا. اتي ئي بابا کي سردار جعفري، ڪرشن چندر، ڪيفي اعظمي، ساحر لڌيانوي ۽ فيض احمد فيض سان ملڻ ۽ خيالن جي ڏي وٺ جو موقعو مليو.

انهن وڏن ليکڪن سان ملڻ کان پوءِ بابا کي اتساهہ مليو ۽ کيس بہ اها خواهش ٿي تہ هو بہ پنهنجن انهن محبوب ليکڪن وانگر ڪو نالو ڪمائي. بابا تن ڏينهن ۾ پنجابي ساهتيہ سڀا ۾ بہ شموليت ڪئي، جتي سندس دوستي راجندر سنگهہ بيدي، سڪبير، ۽ اداڪار بلراج ساهنيءَ سان ٿي. بابا پنجابي ادب جي واڌاري لاءِ هڪ مئگزين بہ ڪڍيو جنهن جو نالو ”چيتنا“ هو پر اهو بہ ٽي سال ئي هلي سگهيو. اتي ئي گرويل سنگهہ پنهون جيڪو پاڻ سک هو پر سخت گير ڪميونسٽ خيالن جو هو تنهن بابا جا سکن وارا وڏا وار ۽ ڏاڙهي ڪوڙي ڇڏي. تيستائين بابا سکن واري پڳڙي پائيندو هو. يقينن اهو ڪو ننڍڙو فيصلو ڪونہ هو پر بابا کو مذهبي ماڻهو بہ نہ هو ۽ سکن وارا وڏا وار رکڻ کيس ڏکيا بہ پئي لڳا. بيو تہ بابا کي مختلف قسمن جون ٽوپيون پائڻ جو بہ شوق هوندو هو سو جنهن ڏينهن بابا وار ڪترايا تہ ٻئي ڏينهن هڪ خاڪي ڪوٽ ۽ ٽوپلو وٺي آيو. جڏهن هو وار ڪتائي گهر پهتو تہ چاچي کي اها ڳالهہ خراب

لڳي. ڪيس سک مذهب ۽ خاندان جي عزت رکڻ تي ليڪچر ڏنائين. پر ڪيس بہ خبر هئي تہ بابا هڪڙي ڏينهن ائين ئي مذهب کان بيزاري ظاهر ڪندو. منهنجي ڏاڏا کي بہ بابا جي ائين وار ڪترائڻ تي ڪافي ڌڪ ٿيو پر بابا کيس ڪوڙ ڪري ٻڌايو تہ هو بيمار ٿي پيو ۽ کيس وار ڪترائڻا پيا.

بابا خالصا ڪاليج مان نيشنل ڪاليج ۾ شفٽ ٿي ويو ۽ اتان انٽر ڪيائين. هاڻ بابا پنهنجي وڏي ڀاءُ سان رهڻ لڳو ۽ سندس رنگن واري دڪان تي بہ ويهندو هو. بابا جي گهر ڀاتين جو خيال هوتہ هو ڪو عزت وارو شعبو چونڊي. سندس خيال هوتہ بابا چارٽرڊ اڪائونٽنٽ ٿئي. پر بابا جي اندر ۾ هڪ شاعر ۽ ليکڪ هو جيڪو ڳر ڪٽيو ٻيٺو هو.

جيتوڻيڪ بابا جا ڪافي دوست فلمن سان لاڳاپيل هئا. پر بابا کي فلمن لاءِ لکڻ جو ڪو خاص شوق نہ هو. ها! هن شاعر ۽ اديب ٿيڻ چاهيو پئي ۽ سندس لکڻيون بہ



ڪڏهن ڪڏهن رسالن ۾ ڇپيون هيون. تن ڏينهن ۾ بابا جو ٿئيٽر ڪندڙ تنظيم اپٽا ۽ ترقي پسند ليکڪن جي تنظيم سان تعلق وڌندو ويو. اتي ئي ڊرامي جي ريهرسل دوران بابا جي دوستي مشهور اداڪار سنجيو ڪمار سان ٿي، جيڪو هڪ ڊرامي ۾ پوڙهي شخص جو ڪردار ڪري رهيو هو. حالانڪ سندس عمر ان وقت ويهہ ٻاويهہ سال مس هئي. بابا سنجيو ڪمار کي وري ساڳيو ڪردار پنهنجي فلمن ”موسم“، ”ڪوشش“ ۽ ”پريچئہ“ ۾ ڏنو. اتي ئي سندس ملاقات مشهور ميوزڪ ڊائريڪٽر سليل چوڌري ۽ نغمہ نگار شلندر سان ٿي.

تن ڏينهن ۾ بار بار جهڳهيون متائڻ ۽ دڪانن تي ويهڻ سبب بابا وڌيڪ پڙهڻ تان هٿ کڻڻ جو فيصلو ڪيو ۽ اهو نہ پڙهڻ جو فيصلو هن متائيءَ جي باڪس سان پنهنجي ڀاءُ کي ٻڌايو جيڪو ڏاڍو چڙي پيو. پر ان وقت بابا هڪ ٻيو بہ فيصلو ڪيو ۽ اهو فيصلو هو گهر جي گهٽيل ماحول مان نڪري، پنهنجي زندگي پاڻ گذارڻ جو. هن ڪنهن جڳهہ تي ڪمرو ورتو ۽ گذر سفر لاءِ گاڏين جي هڪ گئريج تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. اتي سندس ڪم ڌڪ لڳل گاڏين تي ميچنگ سان رنگ ڪرڻ هوندو هو. بابا جو رنگن سان قدرتي لڳاءُ هئڻ سبب اهو ڪم ڏکيو ڪونہ پئي لڳس، ائين پاڻ

ڪمائڻ سان ڪيس آزاديءَ جو احساس ٿيڻ لڳو ۽ پنهنجي شوق جي پورائي لاءِ وقت بہ وقت ائين بابا انهي گئريج ۾ ڇهہ ست سال ڪم ڪيو. تن ڏينهن ۾ بابا جي دهليءَ جي دوست آر جهلاني جي ذريعي ڊبوسين سان ملاقات ٿي. ڊبوسين پوءِ بابا جي ملاقات مشهور ڊائريڪٽر بمل راءِ سان ڪرائي. بمل راءِ تن ڏينهن ۾ پنهنجي فلم "بندني" ٺاهي رهيو هو. انهي فلم جا گيت لکڻ لاءِ پهرين شلندر کي چونڊيو ويو هو پر شلندر جو ميوزڪ ڊائريڪٽر ايس ڊي برمن سان ڪنهن ڳالهہ تان ناهہ ڪونہ ٿيو ۽ هو فلم ڇڏي ويو. پوءِ ڊبوسين ۽ خود شلندر بہ بابا کي همت ڏياري تہ هو بمل راءِ سان ملي. بمل راءِ جڏهن نالو ٻڌو گلزار تہ هن سمجهيو تہ بابا مسلمان آهي ۽ بنگالي ۾ ڊبوسين کي چيائين، همراهہ فلم جي موضوع مطابق ڪيئن لکندو، جو فلم هندو مت جي موضوع تي آهي- پر بمل راءِ کي اهو ٻڌي تعجب لڳو تہ گلزار سک آهي ۽ مزي واري ڳالهہ تہ ڪيس بنگالي ٻولي بہ ايندي آهي. هن بمل راءِ جو سندس باري ۾ چيل جملو بہ سمجهي ورتو. بابا کي بنگالي ٻولي سکڻ جو شوق دهلي ۾ اسڪول وارن ڏينهن ۾ ٿيو. ڪيس ڪتابن پڙهڻ جو وڏو شوق هوندو هو خاص طور تي جاسوسي ناول پڙهڻ جو. هو اهي ڪتاب ڪرائي تي ڪتابن واري لئبريري مان ڪڻندو هو جيڪي آنڪ يا ٻن جي ڪرائي تي ملندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن نہ هلندڙ ڪتاب رعايت سان بہ ڪرائي تي ملندا هئا. اهڙو هڪڙو ڪتاب ٽئگور جي شاعريءَ جو اردو ترجمو هو. ڪتاب جي ٽائيٽل جي ڊزائين بابا کي ڦاڏي وڌي. هن ساڳي ڊزائين وارا ڪتاب ڳولڻ شروع ڪيا جيڪا ڳولا ڪيس شرت چٽرجي جي ناول ڏانهن وٺي وئي. شرت جي ناولن کان متاثر ٿي، بابا کي انهن ناولن کي اصلوڪي ٻوليءَ ۾ پڙهڻ جي خواهش ٿي ۽ هن پنهنجي بنگالي دوستن جي مدد سان بنگالي سکي.

بمل راءِ بابا کي گاني جي صورتحال سمجهائي ۽ ٻن هفتن کان پوءِ سندس مشهور ميوزڪ ڊائريڪٽر ايس ڊي برمن سان ويهڪ ٿي ۽ اتي ئي هو ايس ڊي برمن جي پٽ آر ڊي برمن (راهول ديو برمن) سان بہ مليو جنهن سان سندس دوستي پوءِ سڄي عمر هلي. آر ڊي برمن تن ڏينهن ۾ اڃا ڇڏي ۽ شرٽ پائيندو هو. بابا ايس ڊي برمن کي پنهنجو گانو ٻڌايو جيڪو هن يڪلم پسند ڪري رڪارڊ ڪيو. گانو هو "مورا گورا انگ لئہ لي". پر شلندر جو پوءِ ايس ڊي برمن سان ناهہ ٿي ويو ۽ هو واپس فلم ۾ اچي ويو. بابا بہ شلندر کي واپس اچڻ لاءِ زور ڀريو هو. بمل راءِ کي بہ اها ڳالهہ ڏکي پئي لڳي تہ بابا کي فلم مان ڪڍيو وڃي، پر ان جي بہ ڄاڻ هئس تہ بابا ڪو فلمن لاءِ گانا لکڻ لاءِ ايترو بيتاب بہ نہ هو. بابا کي فلمن لاءِ شاعري ڪرڻ عجيب لڳندو هو تہ توهان ڪلام لکو ڪنهن ٻئي جي لکيل ڪهاڻيءَ لاءِ، ٺنهن کي موسيقي ڏيندو ڪو ٽيون ۽ ڳائيندو ڪو چوٿون، جيڪو وري پنجين ماڻهوءَ تي عڪس بند ٿيندو. بمل راءِ بابا جي

نقطه نظر کي سمجهيو پئي. هن بابا تي زور پريو تہ هو وٽس اسسٽنٽ ڊائريڪٽر طور ڪم ڪري. هن بابا کي چيو تہ ”موٽر گئريج تنهنجي لاءِ ڪا جڳهہ ناهي. تون مون وٽ اچ“. جنوري 1960ع ۾ بابا بمل راءِ وٽ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر تي ڪم ڪرڻ لڳو. بمل راءِ بابا جو استاد هيو ۽ سندس اتساهہ پڻ. بابا پنهنجي نظم ۾ بمل راءِ جو پورٽريٽ هن طرح پيش ڪيو هو:

شام ڪي ڪهري مين بيٺها هوئا خاموش ندي ڪا چهرا
گندمي ڪُهري مين جلتي هوئي آنکهون ڪي چراغ
ايک لگاتار سلگتي هوئي سگريٽ ڪا دهوان
نيند مين ڊوبي هوئي دور ڪي مدهم آواز
اجنبي خوابون ڪي اڙتي هوئي سايون ڪي تلي
موم ڪي طرح پگهلتي هوئي چهري ڪي نقوش
هر نئي خواب ڪي دُهن سُن ڪي پگهل جاتي هين
ايسي لگتا هي نہ سوئي، نہ جاگي، نہ بولي گا ڪبهي
شام ڪي ڪُهري مين بيٺها هوئا خاموش ندي ڪا چهرا.

بابا وٽ بمل راءِ جون ڏاڍيون خوبصورت يادون آهن.

بمل راءِ چانهہ ۽ سگريٽ جو موالي هو ۽ اهي ٻئي شيون وڏي مقدار ۾ واپرائيندو هو. هو هڪ اڻٿڪ ماڻهو هو جيڪو ٻن شفٽن ۾ صبح جو ستين کان وٺي رات جو ڏهين وڳي تائين لڳاتار ڪم ڪندو هو.

هو ٻين ڊائريڪٽرن وانگر ڪرسيءَ تي ڪونہ ويهندو هو. هو مسلسل بيٺو هوندو هو ۽ سندس اسسٽنٽن جي همت ڪونہ ٿيندي هئي جو هن جي بيٺي پاڻ ويهي رهن. هو جهڙو پاڻ اڻ ورچ هو تيئن پنهنجي اسسٽنٽن، ڪارڪنن ۽ ويندي فنڪارن کان بہ اهڙي سخت پورهئي جي اميد رکندو هو. بمل راءِ وٽ پهرين فلم جيڪا بابا اسسٽنٽ ڊائريڪٽر طور ڪئي، سا هئي ”ڪابلي والا“. جيڪا ٽئگور جي ناول تي هئي. بابا کي ان دوران مشهور بنگالي ليکڪ سمريش باسو سان بہ ويجهڙائپ جو موقعو مليو. سمريش باسو جي ٻن ڪهاڻين تي پوءِ بابا ٻہ فلمون بہ ناهيون: ”ڪتاب“ ۽ ”نمڪين“. بابا ان ڳالهہ کي رد ڪندو آهي تہ سندس فلمون ڪي سندس جيون ڪٿا تي ٻڌل آهن. پر هن موجب فلمن ۾ ڪردارن يا موضوعن کان وٺي روشني ۽ موسيقي تائين جي چونڊ تخليقڪار جي ڪنهن پهلوءَ کي ظاهر ڪندي آهي.

انهيءَ وچ ۾ منهنجي ڏاڏي جي وفات ٿي. بابا کي ان جو ڏک رهيو تہ سندس ڀائرن کيس پنهنجي پيءُ جي مرتئي جي خبر بہ ڪونہ ڏني، ۽ اها بہ خبر کيس هڪ پاڙيسري تار ڪري ڏني.

مشهور اداڪاره مينا ڪماري انهن ڏينهن ۾ فلم "بينظير" ۾ ڪم ڪري رهي هئي، جيڪا بمل راءِ پنهنجي فلم "ڪابلي والا" کان پوءِ شروع ڪئي هئي. مينا ڪماريءَ کي شاعريءَ جو جنون هو جنهن سبب بابا ۽ مينا ڪماريءَ جي پاڻ ۾ ويجهڙائپ ٿي. اهي پهرن جا پهر ويهي شاعريءَ تي ڪچهريون پيا ڪندا هئا ۽ هڪ ٻئي کي پنهنجي شاعري ٻڌائيندا هئا. هڪ ڏيءُ جي حيثيت سان مونکي بابا کان اها ڳالهه پڇڻ ڏکي لڳي هئي تہ سندس ۽ مينا ڪماريءَ جي وچ ۾ جذباتي لڳاءُ ڪيترو هو؟ پر بابا مونکي ٻڌايو"مينا ڄڻ هڪ حساس عورت هئي. سندس آواز ۽ اظهار ۾ هڪ درد هو جنهن مونکي سندس ويجهو آندو هو." يقينن جتي شاعري هجي ۽ جتي جذبات هجي، اتي عشق تہ ٿيندو. جڏهن مينا ڪماري گذاري وئي تہ هُوءَ پنهنجي وصيت ۾ پنهنجون لکيل ڊائريون بابا لاءِ ڇڏي وئي. اهي ڊائريون ۽ مينا ڪماريءَ جو هڪ پورٽريٽ اڃا تائين بابا جي مطالعي واري ڪمري ۾ آهن. بابا پنهنجي شاعريءَ جو پهريون ڪتاب "چورس رات" جو انتساب بہ مينا ڪماريءَ جي نالي ڪيو هو جيڪو 1963ع ۾ ڇپيو هو. بابا جو ٻيون مجموعو "جانم" 1964ع ۾ ڇپيو.



بمل راءِ جي گذاري وڃڻ کان پوءِ سندس جڳهه هيمنت ڪمار ورتي جيڪو پاڻ هڪ شاندار فنڪار ۽ موسيقار هو ۽ فلمون بہ پروڊيوس ڪندو هو. بابا بمل راءِ جي موت تي ڪافي ڏکويل هو. بمل راءِ پنهنجي آخري فلم کي پورو ڪرڻ لاءِ موت کي تاريون وينو هو. سندس موت 8 جنوري 1965ع تي ٿيو جيڪو حيرت انگيز طور تي سندس فلم جي مکيہ ڪردار جي بہ مرڻ جو ڏينهن هو. بابا سندس موت واري واقعي تي "بمل راءِ" جي عنوان سان ڪهاڻي بہ لکي هئي. بمل راءِ جي مرتئي کان پوءِ سندس يونٽ جا ڪافي ماڻهو هيمنت دا وٽ اچي ويا. (اها ڪهاڻي سارنگا ۾ ڇپجي چڪي آهي – مترجم) هيمنت دا بابا کان سندس فلم "راهيگر" ۽ "خاموشي" جا گانا بہ لکرايا جيڪي فلمون هريڪش مکرجي ڊائريڪٽ ڪري رهيو هو. هريش دا بمل راءِ پراڊڪشن ڇڏي آزاد ڪم ڪرڻ شروع

ڪيو. بابا پوءِ سندس ڪيترين ئي فلم جيئن ”باورچي“، ”گڏي“، ”نمڪ حرام“ ۽ ”آنند“ لاءِ ڪم ڪيو.

اها هيمنت دا جي گهر سندس فلم ”راهيگر“ ئي هئي جتي هو راکيءَ سان مليو. جيڪا سندس مطابق سندس زندگيءَ جي سڀ کان طويل مختصر ڪهاڻي هئي. راکي جيڪا منهنجي ماءُ آهي ۽ جنهن جي اها مختصر ڪهاڻي شايد اڃا لکجي رهي آهي. هر ڪهاڻيءَ جي هڪ شروعات هوندي آهي. امان جي چواڻي ته هوءَ بابا سان پهرين بمبئيءَ جي ٻاهران هڪ علائقي اپٽگائون ۾ ملي هئي، جتي فلم ”راهگير“ جي عڪس بندي هلي رهي هئي. امان ان جڳهه تي زمين وٺي گهر به ٺهرايو. چاڪاڻ ته اتي هو پهريون ڀيرو بابا سان ملي.

امان اڳ به ان شاعر گلزار جي باري ۾ ٻڌو هو ۽ هن تصور ڪيو هو ته گلزار مشهور بنگالي شاعر نذرالسلام وانگر وڏي سفيد ڏاڙهيءَ سان ڪو پوڙهو شخص هوندو. پر گلزار کي ڏسي مايوس ٿي ته هو هڪ ڪِلين شيو ۽ سفيد ڪُرتي پاجامي ۾ ملبوس هڪ جوان شخص هو. پوءِ امان ۽ بابا جون ملاقاتون جاري رهيون. امان ۽ بابا ٻئي ان ڳالهه کي مڃين ٿا ته سندن پيار ڪو پهرينءَ نظر وارو عشق نه هو پر اهو هڪ آهسته، مسلسل ۽ خاموش سلسلو هو. ٻنهي کي انهن ڏينهن جا اهي رومانوي سفر ياد آهن، جڏهن هو ڪلاڪن جا ڪلاڪ سفر ڪري، ڪنهن رستي ڪناري گاڏي واري جي برياني وچي کائيندا هئا. امان کي بابا جي مزاح جي حس موهيو ۽ بابا کي امان جي گهر کي سجائڻ جي عادت. قسمت ئي چاڻي ٿي ته اهي ٻئي مختلف ماڻهو پاڻ ۾ ڪيئن مليا ۽ ڪيئن الڳ ٿي ويا.

بابا ۽ امان جا ڪيريئر تقريبن گڏ ئي شروع ٿيا هئا ۽ گڏ ئي وڌيا ويجهيا. 1969ع ۾ امان کي سندس پهرين فلم ”جيون مرتيو“ ۾ هيروئن جو ڪردار مليو ۽ انهيءَ سان بابا کي فلم ”خاموشي“ ۽ ”آشير واد“ جي اسڪرپٽ لکڻ تي شهرت ملي هئي. 1970ع ۾ بابا جڏهن فلم ”گڏي“ ۽ ”آنند“ لاءِ اسڪرپٽ لکي رهيو هو ته تڏهن فلمن جي پروڊيوسر اين سي سپي ( مشهور سنڌي پروڊيوسر—مترجم) کيس فلم جي ڊائريڪشن ڏيڻ جي آڇ ڪئي. اين سي سپي جو پٽ رامو بابا جو دوست هو ۽ اهوئي بابا جو پهريون پروڊيوسر به هو.

بابا جي پهرين فلم هئي ”ميري اپني“. انهيءَ فلم لاءِ بابا اميتا بچن، راجيش کهنه سميت وڏن اداڪارن سان رابطو ڪيو. پر انهن انڪار ڪيو. سنجيو ڪمار سڏي ڳالهه ڪئي ته چاڪاڻ ته فلم ۾ مکيه ڪردار هڪ پوڙهيءَ عورت جو آهي. تنهن ڪري هو اِها فلم نه ٿو ڪري سگهي. البته جيڪڏهن سندس مکيه ڪردار هوندو ته هو يقينن بابا جي فلم ڪندو. سپي صاحب جي معرفت بابا ونود کهنه سان رابطو ڪيو

۽ هوءِ اها فلم ڪرڻ لاءِ راضي ٿيو. بطور هيرو اُها ونود کنا جي پهرين فلم هئي. هو ان کان اڳ هڪڙي فلم ۾ منفي ڪردار ۾ آيو هو. بابا جا فلم جا ٻيا اداڪار به نوان هئا. فلم جي مکيه پوميڪا نيائيندڙ مينا ڪماري آخر ۾ صفا بيمار ٿي پئي.

"ميري اپني" 1971ع ۾ رليز ٿي. نقادن وٽ توڙي ڪمرشل لحاظ کان ڪافي پسند ڪئي وئي. سندس ٻي فلم "پريچئہ" هئي جيڪا سندس پاڙيسري مشهور اداڪار جتندر پروڊيوس ڪئي. ان فلم ۾ بابا کي پهريون دفعو آر ڊي برمن سان ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو ۽ پوءِ ان سان سندس تعلق آخر تائين رهيو. ان وچ ۾ امان پاڻ کي هڪ پختي اداڪاره طور مڃرائي چڪي هئي. ۽ بابا جي به هڪ سلجهيل ڊائريڪٽر طور سڃاڻپ ٿي چڪي هئي. بابا جي فلمن جا موضوع گهٽو ڪري ادب مان هوندا هئا. ۽ انهن ۾ انساني رشتن ۽ انساني نفسيات کي انتهائي فنڪارانہ طريقي سان پيش ڪيو ويندو هو.

سندس فلم "ڪوشش" انهي جو هڪ مثال آهي، جنهن ۾ گونگن ڪردارن کي انتهائي حساسيت سان پيش ڪيو ويو آهي. فلم جي پروڊيوسر سپي صاحب جو خيال هو تہ ڏسندڙ گونگن جي اشارن واري ٻولي سمجهي نہ سگهندا. پر بابا چيو تہ هو جيڪڏهن اداڪاري، اسڪرين پلي، موسيقي، آرٽ ڊائريڪشن ۽ هدايتڪاريءَ ذريعي پنهنجي ڳالهہ ڏسندڙن تائين پهچائي نہ سگهيو تہ پوءِ هو فلمون ناهڻ ڇڏي ڏيندو.

1972ع ۾ اها فلم رليز ٿي ۽ بابا جي بهترين فلمن ۾ ليکي ويندڙ فلم ثابت ٿي. انهيءَ فلم سان بابا جو سنجيو ڪمار سان بہ رشتو گهرو ٿيو ۽ پوءِ آر ڊي برمن ۽ سنجيو ڪمار سندس فلمن جا لازمي انگ ٿي ويا. سنجيو ڪمار مذاق ۾ بابا کي چوندو هو تہ "تون هر پيري چوندو آهين تہ هيءَ فلم تنهنجي باري ۾ آهي، پر هوندي وري بہ ڪنهن عورت جي باري ۾ آهي." 1973ع وارو سال بابا ۽ امان لاءِ ڪافي اهم آهي، جو ٻنهي کي ان سال فلم فيئر ايوارڊ مليا هئا. انهيءَ سال فلمن جي دنيا سان وابستہ ٽن جوڙين جي شادي ٿي هئي، راجيش کنا ۽ ڊمپل ڪپاڊيہ، اميتا بچن ۽ جيا بهادري، ۽ راکي ۽ گلزار. امان سان بابا جي شادي 18 اپريل 1973ع تي ٿي. سندس شاديءَ ۾ سڄي فلم انڊسٽري پهتل هئي. گهوٽ جون سڀ رسمون سپي صاحب جي بنگلي ۾ ٿيون. مشهور ڳائڻي بيگم اختر سندن شاديءَ ۾ ڳايو. مزي واري ڳالهہ انهيءَ سڄي هُل ۾ شاديءَ جون رسمون ڪرڻ لاءِ ڪنهن بہ پنڊت کي چيو ئي ڪونہ هو. تڙ تڪڙ ۾ پر واري مندر مان هڪ گجراتي پنڊت گهرايو ويو جنهن گجراتي ۾ شادي جون رسمون ادا ڪيون. جيڪا ٻولي ڪنهن کي بہ سمجهہ ۾ نہ پئي آئي. سنيل دت منهنجي ماءُ جو پاءُ ٿي رسمون نڀايون، ۽ ستاويهہ سال پوءِ سنيل دت جو پٽ سنجيدت وري منهنجي شاديءَ ۾ منهنجو ڀاءُ ٿي بيٺو. امان ۽ بابا هني مون لاءِ ڪشمير ويا هئا. منهنجو جنم 13 ڊسمبر 1973ع ۾ ٿيو. وقت کان بہ هفتا پهرين. بابا منهنجو نالو

بوسڪي رکيو جيڪو چيني ريشمي ڪپڙي جو نالو آهي. جڏهن ته امان منهنجو نالو ميگهنا رکيو جيڪو بنگلاديش ۾ سندس جنم ڀوميءَ جو نالو آهي. منهنجو ٻالڪپڻ به سڀ منهنجي اکين آڏو آهي. امان بابا منهنجي لاءِ هڪ ننڍڙو ڪتاب رکيو جنهن ۾ امان جي گرڀوتي هئڻ واري رپورٽ کان وٺي منهنجي ڪاليج دور ۾ ٽائيمس آف انڊيا لاءِ لکيل پهرين آرٽيڪل تائين جا سڀ واقعا درج آهن. هڪ ٻيو خزانو جيڪو بابا مونکي ڏيندو سي اهي ڪتاب هوندا هئا جيڪي بابا خاص منهنجي لاءِ لکندو ۽ ڇپائي ورهائيندو هو. منهنجي پهرئين جنم ڏينهن کان وٺي منهنجي تيرهين جنم ڏينهن تائين اِهو سلسلو جاري رکيو. مونکي ان تي فخر آهي ته ڪي گهٽيون ڏيئرون ڪونه هونديون، جن لاءِ پيءُ ائين ڪندو. منهنجي پهرئين جنم ڏينهن تي بابا منهنجي لاءِ جيڪو ڪتاب لکيو تنهن جو عنوان هو "بوسڪي". جنهن ۾ هن منهنجي گرڀ ۾ هئڻ دوران منهنجي ماءُ جي واقعن کي قلمبند ڪيو هو. ۽ جڏهن فقط ڇهن ڏينهن جي هئس ته بابا منهنجي لاءِ پهريون نظم لکيو. 1974ع ۾ بابا پنهنجي فلم "آنڌي" شروع ڪئي. امان به بابا سان گڏ شوٽنگ تي ڪشمير وئي هئي، پر اهي جڏهن واپس آيا ته ٻنهي جون راهون جدا ٿي ويون. سندن الڳ ٿيڻ جي باري ۾ ڪيترا ئي افواهه آهن ۽ ڪيترا ئي سبب. آئون سمجهان ٿي ته امان ۽ بابا به سٺا ماڻهو هئا جيڪي هڪ ٻئي سان سٺا هلي نه سگهيا. ڪين پنهنجي الڳ ٿيڻ واري فيصلي جي صفائي ڏيڻ جي به ضرورت ناهي. بلڪل ائين جيئن ڪين هڪ ٻئي جي ويجهي ٿيڻ واري فيصلي بابت ٻُڌائڻ جي به ضرورت ناهي.

الڳ ٿيڻ کان پوءِ امان فلمن ۾ ڪم ڪرڻ جاري رکيو ۽ انڊين فلمن جي خوش نصيبي آهي ته هن راکي کي شادي ۽ ٻار کان پوءِ به قبول ڪيو. نه ته انڊين سئنيما هڪ بهترين اداڪاره کان محروم ٿي وڃي هان. بابا جون فلمون "آنڌي" ۽ "موسم" هڪ ٻئي سان جڙيل رهيون آهن. جڏهن "آنڌي" جي نمائش ٿي ته بابا "موسم" جي شوٽنگ ڪري رهيو هو. "آنڌيءَ" تي 1975ع ۾ ايمرجنسي دوران بندش پئجي وئي. تڏهن حڪومت کي لڳو ته فلم ۾ آرتي ديويءَ جو ڪردار تنهن وقت جي وزيراعظم اندرا گانڌيءَ تي ٻڌل آهي. (فلم ۾ آرتي ديوي به اندرا گانڌيءَ وانگر سياستدان هوندي آهي ۽ پنهنجي مڙس کان الڳ رهندي آهي. مترجم) پر بابا اجا به اصرار ڪندو آهي ته "آنڌي" اندرا گانڌيءَ جي باري ۾ نه هئي. جن ڏينهن ۾ ""آنڌي" تي پابندي پئي، بابا ماسڪو ۾ فلم فيسٽيول ۾ "آنڌي" کي پيش ڪري رهيو هو ۽ ڪيس پابندي سبب فلم کي فيسٽيول مان هٽائڻو پيو پر جيستائين "آنڌي" کي سينسر وارن وري اجازت ڏني، تيستائين اليڪشن ٿي چڪي هئي، ۽ ڪانگريس حڪومت هارائي چڪي هئي. آئون تقريبن ٻن سالن جي هئس،

جڏهن بابا مونکي فلم "موسم" جي شوٽنگ دوران ڪشمير وٺي ويو هو. تن ڏينهن بين اداڪارن جا ٻار بہ پنهنجن مائٽن سان گڏ شوٽنگ تي ايندا هئا. موسم فلم جي شوٽنگ دوران شرميلا ٽئگور پنهنجي پٽ سيف کي وٺي ايندي هئي يا اميتا بچن پنهنجن ٻارن ابيشڪ ۽ شويتا کي وٺي ايندو هو ائين اسان ٻار هڪ ٻئي سان وندريا پيا هوندا هئاسين. "موسم" جي شوٽنگ دوران بابا هڪ ماءُ وانگر منهنجو خيال رکندو هو. "موسم" جي موسيقي مشهور موسيقار مدن موهن ڏني، جو فلم جي پروڊيوسر سان سندس اڳي ئي طئي ٿيل هو نہ تہ بابا جي مرضي هلي ها تہ هو تہ آرڊي برمن کي ئي ميوزڪ ڊائريڪٽر طور کڻي هان. آرڊي برمن جن کي سڀ پنچم دا چوندا هئا، تنهن جو بابا سان پروفيشنل بنيادن کان هٽي ڪري هڪ پيو بہ رشتو هو. بابا جي تقريبن سڀني فلمن جي موسيقي پنچم دا ڏني هئي ۽ سندس فلمن جي موسيقي بہ عجيب جڳهين تي ٺهندي هئي. ۽ ڪڏهن پنچم دا هلندي ڪار جي ڊيش بورڊ تي ڏڪڙ وڄائيندي ڌن ٺاهي وٺندو هو تہ وري ڪڏهن اهي ڌنون سندس رڌڻي ۾ ٺهنديون هيون.



پنچم دا ڏاڍو ڀلو بورچي بہ هو ۽ مهمانن کي پاڻ ماني ٺاهي کارائيندو هو. اسٽوڊيو ۾ رڪارڊنگ دوران آرڊي برمن جي گهر واري آشا ڀوسلي ٻنهي لاءِ پاڻ لنچ ٺاهي کڻي ايندي هئي. هوءَ بہ کاڌو پچائڻ جي ماهر هئي، ۽ ڪڏهن ڪڏهن ٻنهي زال مڙسن جو پاڻ ۾ ماني پچائڻ جو مقابلو بہ ٿيندو هو. آشا جي زور ڀرڻ تي ئي پنچم دا سندس موسيقي جي البم "دل پڙوسي هي" جي ميوزڪ ڏيڻ تي راضي ٿيو ۽ بابا انهي لاءِ شاعري ڪئي. پنچم دا لاءِ غير فلمي البم لاءِ ميوزڪ ڏيڻ فالتو ڪم هو. اهو سڄو البم اسان جي گهر تي ئي تيار ٿيو. اهو آشا، آرڊي برمن ۽ گلزار جو هنر ئي هو جنهن ان فالتو ڪم کي فنڪارانہ اوچائي ڏني. "اجازت" فلم جي موسيقي ڏيڻ دوران جڏهن بابا پنهنجو نظم "ميرا ڪڇھ سامان---" پنچم دا وٽ کڻي ويو تہ هن بابا کي چيو "چريو ٿيو آهين ڇا؟ سڀاڻي تون اخبار جي خبر کڻي ايندين تہ آئون ان جي بہ ميوزڪ ڏيندس ڇا؟"

"ميرا ڪڇھ سامان--- " آزاد نظم ھو ۽ آزاد نظم جي موسيقي ڏيڻ ھڪ اوکو ڪم آھي. پر پوءِ آرڊي برمن ان جي ميوزڪ ڏني ۽ ھاڻ اھو گيت گلزار ۽ آرڊي برمن جي شاھڪار تخليق سمجھيو ويندو آھي.

"اجازت" بابا ۽ آرڊي برمن جي آخري فلم ھئي. انھي کان پوءِ پنچم دا ۽ سندس موسيقي نہ رھي ھئي.

"ليڪن" فلم جي موسيقي لتا منگيشڪر جي ڀاءُ ھريد ناٿ منگيشڪر ڏني ھئي ۽ پنچم دا بابا کي مذاق ۾ چيو تہ تون ھاڻ ٻارن ٻچن کان موسيقي پيو ڪرائيندين! اھو ان ڪري جو ھريد ناٿ منگيشڪر کي پينرون "بال"(سنڌيءَ ۾ ٻار_ مترجم) چونديون ھيون. لتا منگيشڪر فلم "ليڪن" کي پروڊيوس بہ ڪري رھي ھئي. بابا آرڊي برمن لاءِ چوندو ھو تہ "ھو منھنجي وجود جو حصو ھو. اسان ٻئي گڏجي وڏا ٿيا ھئاسين. ھاڻ ھو نہ آھي تہ ڄڻ منھنجي وجود جو حصو ڪونھي."

ٻيو ماڻھو جنھن سان بابا جي انتھائي ويجھڙائپ ۽ گھري تخليقي وابستگي رھي، سو ھو سنجيو ڪمار. بابا جو سنجيو ڪمار سان تعلق "اپنا" وارن ڏينھن کان ھو. سنجيو ڪمار جي فلم جي سيٽ تي دير سان اچڻ واري عادت بابا کي ڏاڍي چڙ ڏياريندي ھئي، ۽ اڪثر بابا سنجيو ڪمار کي انھيءَ عادت سبب فلم ڇڏڻ لاءِ بہ چوندو ھو. بابا ۽ سنجيو ڪمار جي ھڪڙي روايت ھئي تہ ھر فلم جي آخري ڏينھن جي شوٽنگ ختم ڪري، بابا وٽ گھر ويندا ھئا، ۽ اتي سنجيو ڪمار شراب جو ھڪ بہ پيگ پيئندو ھو ۽ پنھنجو پسنديده ڪارٽون پروگرام ڏسندو ھو ۽ ڏسي روئيندو ھو. سنجيو ڪمار شراب جو عادي ھوندو ھو. پر ھو بليڪ ليبل وھسڪي کان سواءِ ڪو ٻيو برانڊ نہ پيئندو ھو. تن ڏينھن انڊيا ۾ بليڪ ليبل ائين ڪليل ڪونہ ملندي ھئي، ۽ لڪ ڇپ ۾ وٺڻي پوندي ھئي يا پرڏيھہ مان موٽندڙ ڪنھن ماڻھوءَ کي چوڻو پوندو ھو. سنجيو ڪمار بابا کي چوندو ھو تہ ھو سندس لاءِ بليڪ ليبل جي ھڪڙي بوتل پنھنجي گھر ۾ ھميشہ رکي. سنجيو ڪمار جي گھر ۾ گوشت کائڻ جي منع ھوندي ھئي، تنھن ڪري ھو بابا وٽ خاص طور تي پايا کائڻ ايندو ھو. ان ڏينھن آءٌ اسڪول مان پئي آيس، جڏھن سنجيو ڪمار جي گھر آڏو مون ماڻھن جو ميڙ ڏٺو. ڪنھن مونکي ٻڌايو تہ سنجيو ڪمار گذاري ويو. مون ئي اچي بابا کي سنجيو ڪمار جي موت جي خبر ٻڌائي. مونکي بابا جي چھري تي اھا حيرت ۽ ڪرب جي اچا ياد آھي. مون ھن کي اوچتي خبر ٻڌائي، آءٌ ننڍڙي ھئس ۽ مونکي ھاڻ احساس پيو ٿئي تہ مونکي کيس اھا خبر ائين اوچتي ٻڌائڻي ڪونہ ھئي. ڇاڪاڻ تہ سنجيو ڪمار سان سندس ھڪڙو انتھائي گھرو رشتو ھو. اھو دوستن ۾ مٿن ماڻتن جھڙو تعلق ھو جيڪو بابا جي حياتيءَ جو ھڪ اھم حصو ھو. ڪٿي ھڪ ھنڌ چيو اٿس:

ڪيئي پنجرون ڪا قيدي هون
ڪيئي پنجرون مين بستا هون
مجهي بهاتا هي قيدين ڪانتا
اور اپني مرضي سي
چنائو ڪرتي رهنا
اپني پنجرون ڪا
ميادين طئي نهين ڪرتا مين رشتون ڪي
اسيري ڍهونڍتا هون
اسيري اڇهي لگتي هي.

1976ع ڌاري بابا پنهنجي فلم پروڊڪشن ڪمپني ”ميگهنا موويز“ جي نالي سان شروع ڪئي. بابا کي فلم پروڊيوسرن جي اڻ پروسي واري فطرت جو تجربو هو. بابا فلم ”ديوداس“ ٺاهڻ پئي چاهي. ”ديوداس“ شرت چنترجي جي ناول تي ٺهيل اڳين ٻن فلمن ۾ (ڪي ايل سهگل ۽ دليپ ڪمار جي اداڪاري ۾) ڊائريڪٽرن ناول جي عورت ڪردارن کي انهيءَ طرح سان نيايو جهڙيءَ ريت انهن جي ڪردارن ۾ گهرائپ آهي. بابا ان لاءِ ڌرميندر، هيما مالني ۽ شرميلا ٽئگور کي کنيو هو. ان فلم لاءِ شرميلا ٽئگور چندر مُکي جي ڪردار لاءِ چونڊي وئي ۽ بابا ان تي ڪجهه منظر ۽ ٻه گانا به فلمبند ڪيا، پر پوءِ خبر ناهي ته ڇو پروڊيوسر فلم تان هٿ ڪڍي ويو ۽ فلم وچ ۾ بند ڪرڻي پئي. سو بابا پروڊيوسرن تي ڀروسو ڪرڻ بجاءِ پنهنجو پروڊڪشن هائوس قائم ڪرڻ پئي چاهيو. هن پنهنجون فلمون ”ڪنارا“ ۽ ”ڪتاب“ به ٺاهيون، پر بابا جي حساب ڪتاب سان نه پوڻ واري مزاج سبب بابا تي ڪافي قرض به چڙهي ويو ۽ ڪيس ٻنهي فلمن جي حقن تان به هٿ ڪڍڻو پيو پر باوجود ان جي سندس ٺهيل فلم ”ڪتاب“ ڪيس سڀ کان وڌيڪ پسند آهي. 1980ع ۾ بابا شيڪسپيئر جي ڊرامي ”ڪاميڊي آف ايرر“ تي فلم ”انگور“ ٺاهي، جيڪا هڪ هلڪي ڦلڪي مزاحيه فلم هئي. 1981ع ۾ بابا فلم ”نمڪين“ ٺاهي، جنهن ۾ سنجيو ڪمار جي سيٽ تي دير سان اچڻ واري عادت بابا سميت ٻنهي فنڪارائن کي به پسند نه ايندي هئي، پر سنجيو ڪمار جڏهن سيٽ تي اچي پنهنجو شاٽ ڏيندو هو ته سڀ پنهنجي ڪاوڙ وساري ويهندا هئا. اها فلم به بابا جي شاهڪار فلمن ۾ آهي، جنهن ۾ بابا انساني رشتن کي بنياد بنائي هڪ خوبصورت ڪهاڻي جوڙي هئي.

بابا کي مشهور شاعرا ميرا جو ڪردار به ڏاڍو وڻندو هو ۽ هن کي اها ڳالهه متاثر ڪندي هئي ته ڪيئن هڪ راجپوت شهزادي محل ڇڏي، تنبورو کڻي صحرا ۾ پنهنجي اڻ ڏٺي محبوب ڀڳوان ڪرشن لاءِ نڪري وئي. هن ميرا تي ڪافي تحقيق

ڪئي ۽ ان دور کي سمجهڻ لاءِ هن کي سڀ کان وڌيڪ جنهن مدد ڪئي، سو ڪرنل جيمس ٽاڊ جو راجستان تي لکيل ڪتاب هو. 1980ع ڌاري بابا "ميرا" تي فلم لاءِ ڪم شروع ڪيو. ان سال لتا منگيشڪر ميرا جي ڀڄنن تي البم رليز ڪيو، جنهن جي موسيقي سندس ڀاءُ هريد ناٿ منگيشڪر ڏني هئي. لتا کي وري "ميرا" فلم لاءِ پلي بيڪ ڳائڻ اجايو پئي لڳو سو هن فلم لاءِ گانا ڳائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

بابا فلم جي موسيقيءَ لاءِ ڪو نعم البدل تلاش ڪرڻ شروع ڪيو ۽ سندس ڳولا کيس مشهور ستار نواز پنڊت روي شنڪر وٽ وٺي آئي. پنڊت روي شنڪر سان بابا پهرين ڪڏهن بہ ڪم ڪونہ ڪيو هو پر ڪانئس، تمام گهڻو متاثر هو. پنڊت روي شنڪر فلم جي موسيقي ڏيڻ لاءِ پهرين اِهو شرط رکيو تہ هو فلم جو اسڪرپٽ ڏسندو. بابا خاص سيڙجي نيو يارڪ ويجي پنڊت روي شنڪر کي اسڪرپٽ ڏيکاريو. روي شنڪر راضي ٿيو ۽ هن انڊيا اچي رڳو ٻن هفتن ۾ سڄي فلم جي پردي پويان موسيقي ۽ ست گانا ترتيب ڏنا.

ائين بابا جي قلم مان مسَ وهندي رهي ۽ هو فلمن لاءِ اسڪرپٽ، گانا لکندو رهيو- پر ان سان گڏوگڏ هو پنهنجا نظم ۽ ڪهاڻيون بہ لکندو هو. کيس سڀ کان وڌيڪ پنهنجي ڪهاڻين جو لکيل ڪتاب "دستخط" وڻندو آهي، جيڪو 1989ع ۾ پاڪستان ۾ احمد نديم قاسمي ڇپرايو جنهن کي هو بابا سڏيندو هو. احمد نديم قاسميءَ سان بابا جو هڪ گهرو رشتو هو. هو هفتي ۾ بہ ٽي دفعا هڪ ٻئي سان ڳالهائيندا هئا ۽ هڪ ٻئي سان هر ڳالهہ ونڊيندا هئا. پر هو زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ هڪ ٻئي سان مليا ڪونہ. (آخري ڏينهن ۾ جڏهن احمد نديم قاسمي سخت بيمار هو تڏهن گلزار کيس ڏسڻ آيو هو- ايڊيٽر) احمد نديم قاسمي جي ڏيئُ منصوره سان اسان جو ڪافي قرب هوندو هو. احمد نديم قاسمي 1994ع ۾ بابا جي شاعريءَ جو ڪتاب "چاند پکراج ڪا" بہ ڇاپيو جيڪو انگريزي ۾ "سائلينس" جي عنوان سان ترجمو ٿي ڇپيو. بابا شاعريءَ ۾ هڪ نئين صنف بہ ايجاد ڪئي جنهن کي "تروينُي" سڏيو ويندو آهي. ٽن سٽن تي مشتمل هن صنف ۾ پهريون بہ سٽون هڪ ٻئي سان هم قافيہ هونديون آهن، جڏهن تہ ٽين سِٽ ان شعر جي معنيٰ کي مڪمل ڪندي آهي. ( ٽيڙو ۽ تروينُي ۾ فرق اهو آهي تہ ٽيڙو ۾ پهرين ۽ ٽين سِٽ هم قافيا هوندي آهي، جڏهن تہ تروينُي ۾ پهريون بہ سٽون_ مترجم) تروينيون پهريون پيرو "ساريڪا" نالي رسالي ۾ 1972/73ع ۾ شايع ٿيون ۽ انهن جو مجموعو 2001ع ۾ شايع ٿيو آهي. انهيءَ کان سواءِ بابا ٻارن لاءِ بہ ڪافي ڪتاب لکيا آهن، جن تي کيس ڪافي فخر آهي. انهن مان تيرنهن ڪتاب تہ منهنجي لاءِ لکيا ويا جن ۾ "بوسڪي ڪي گنتي" ۽ "بوسڪي ڪا آسمان" شامل آهن. ان کان سواءِ بہ بابا

ٻارن لاءِ ڪافي ڪتاب لکيا آهن جن ۾ ”ايڪ مين دو“ ۽ ”پا جي بادل“ وغيره شامل آهن. بابا ڪڏهن به پنهنجي لکڻ واري عمل کي فلمن جي ڪري نه ڇڏيو پر ائين ٿيو هوندو ته ڪڏهن لکڻ لاءِ وقت ڪيڻ لاءِ بابا فلمن کي پاسيرو ڪيو هوندو.

ڪافي سالن جي وقفي کان پوءِ بابا 1986ع ۾ فلم ”اجازت“ ناهي، جيڪا منهنجي پسنديده ترين فلم آهي. گريس فل ريکا ۽ باصلاحيت نصيرالدين شاهه جي اداڪاريءَ ۾ ٺهيل هيءَ فلم انساني رشتن کي انتهائي خوبصورتيءَ سان چٽي ٿي. نصيرالدين شاهه سان بابا جو تخليقي رشتو پوءِ ٽيليويزن جي دنيا جي سڀ کان بهترين سيريلن مان هڪ سيريل ”مرزا غالب“ ۾ به جاري رهيو. بابا چوندو آهي ته ”غالب جا ٽي سڀ کان وفادار نوڪر رهيا آهن: ”ڪالو“، سندس ٻاتي نوڪرياڻي ”وفادار“ ۽ ”مان پاڻ“ “ بابا جي غالب سان ايتري ته عقيدت هئي جو هن ان سيريل لاءِ ليکڪ ۽ ڊائريڪٽر طور ٽڪو به نه ورتو. پر بابا کي ان سيريل جا حق مليا هئا. ”مرزا غالب“ سيريل جو موسيقي البم هن وقت هندوستان جي بهترين غزل البمن ۾ شامل ڪيو ويندو آهي ۽ بابا جي خيال ۾ اهو جگجيت سنگهه جي سڀ کان بهترين تخليق آهي. دلچسپ ڳالهه اها آهي ته ان سيريل کان اڳ به بابا غالب تي فلم ٺاهڻ جو ارادو ڪيو هو جنهن ۾ سنجيو ڪمار کي مرزا غالب جو ڪردار ڪرڻو هو پر اها فلم ٺهي نه سگهي. تن ڏينهن ۾ نصيرالدين شاهه ڪاليج ۾ پڙهندو هو ۽ هن بابا کي خط لکيو ته هو فلم تيستائين نه ٺاهي، جيستائين هو(نصير) بمبئي اچي فلمن ۾ ڪيريئر شروع نه ڪري. نصير کي غالب جي ڪردار ڪرڻ جي بي انتها خواهش هئي ۽ سندس اها خواهش پوءِ پوري ٿي. سيريل جي شوٽنگ دوران هُن بابا کي اُهو خط ياد ڏياريو ۽ چيو ته مون کي يقين هو ته توهان مون کان سواءِ غالب نه ٺاهيندا ۽ غالب جو ڪردار مون کان وڌيڪ ڪير ڪري نه سگهندو. لتا منگيشڪر جي اها به خواهش هئي ته هوءَ ڪا اهڙي فلم پروڊيوس ڪري جنهن ۾ بهترين موسيقي هجي. ڇو ته هوءَ پاڻ به غير معياري گانا ڳائي ڳائي بيزار ٿي چڪي هئي. هُن بابا سان ذڪر ڪيو ۽ پوءِ فطرت کان مٿانهن واقعن ۽ ٻئي جنم جي موضوع کي کڻي، هنن ”ليڪن“ فلم ناهي. ”ليڪن“ ۾ بابا ونود کنا کي مرڪزي ڪردار طور کنيو جيڪو تن ڏينهن ۾ اوشو وٽ سنياس ختم ڪري، وري فلمي دنيا ۾ واپس آيو هو.

(ونود کنا پنهنجي فلمي ڪيريئر جي عروج دوران فلمي دنيا ڇڏي، رجنيش اوشو جي آشرم ۾ سنياس ورتو ۽ سندس ڊرائيور ٿي ڪم ڪندو هو- مترجم) فلم جي هيروئين ڊمپل ڪپاڊيه هئي جنهن جو ڪردار هڪ ڀٽڪيل روح جو هو. گهڻن ماڻهن شايد اِها ڳالهه نوٽ نه ڪئي هجي ته بابا سڄي فلم ۾ ڊمپل ڪپاڊيه کي اکيون ڇنڀڻ نه ڏنيون، جيئن سندس ڪردار ۾ اها پراسراريت قائم رهي. ”ليڪن“ پنهنجو مقصد

پورو ڪيو. هريدناٿ منگيشڪر جي موسيقي ڏنل هن فلم کي موسيقي جا ٽيئي نيشنل ايوارڊ مليا.

هميشہ کان ادب بابا لاءِ اتساهہ جو ذريعو رهيو آهي. ”ليڪن“ فلم کان پوءِ بابا 1993ع ۾ هڪ ٻي ٽي وي سيريل ”ڪردار“ جي نالي سان ٺاهي. ان سيريل جي خاصيت اها هئي تہ ان جي هر هڪ قسط ادب جي ڪنهن شاهڪار ڪهاڻيءَ تي ٻڌل هئي. هر ڪهاڻيءَ ۾ مرڪزي ڪردار مشهور اداڪار اوم پوريءَ نڀايو. 1996ع ۾ بابا پنجاب ۾ آزاديءَ لاءِ هلندڙ تحريڪ تي فلم ”ماچيس“ ٺاهي. ان فلم ۾ بابا ڀهريون ڀيرو ميوزڪ ڊائريڪٽر وشال ڀردواج سان ڪم ڪيو. ان فلم کي ڪافي تنقيدي ۽ ڪمرشل ڪاميابي ملي. ان جو هڪ گانو ”چپا چپا چرخا چلي“ پان جي دڪان کان وٺي ڊسڪو ڪلبن تائين ساڳيءَ طرح مقبول ويو. ان فلم ۾ تبو ڀهريون ڀيرو بابا سان ڪم ڪيو. تبو ۽ بابا جو پاڻ ۾ ڪافي گهرو رشتو آهي ۽ هوءَ بابا کي ”ڊيڊي“ ڪري سڏيندي آهي. ان سال ۾ مون بابا کي پنهنجي ۽ گووند جي رشتي جي باري ۾ ٻڌايو. مان ۽ گووند ٻن سالن کان هڪ ٻئي سان تعلق ۾ هئاسين ۽ اسان شاديءَ جو فيصلو ڪيو. مونکي ڌيءَ جي حيثيت سان همت ڪونہ پئي ٿي تہ بابا سان اها ڳالهہ ڪريان. سو مون ڀهريان امان کي ٻڌايو جنهن پوءِ بابا سان ڳالهہ ڇوري ڀهرين تہ بابا کي منهنجي فيصلي تي ايترو پروسو نہ پئي ٿيو پر پوءِ جڏهن گووند سان مليو تہ ساڻس يڪدم هڪ رشتو جڙي ويو. هاڻ بہ گووند جو منهنجي ماڻن سان نانيءَ کان وڌيڪ پُٽ جو رشتو آهي.

1998ع ۾ جڏهن بابا فلم ”هو تو تو“ شروع ڪئي تہ مون وٽس باقائده اسڪرين پلي ۽ ڊائريڪشن ۾ معاونت ڪئي. ان فلم ۾ بابا ڀهريون ڀيرو سنيل شيٽي ۽ نانا پاٽيڪر سان ڪم ڪيو. جڏهن تہ بابا جي لاڏلي تبو بہ ان فلم جي مکيہ ڪردارن ۾ هئي.

2000ع جي جنوريءَ ۾ منهنجي شادي ٿي ۽ ان تي بابا هڪ نظم لکيو:

بوسڪي بيهاني کا وقت قريب آني لگا هي
جسم سي ڇهُوٽ رها هي ڪڇهہ ڪڇهہ
روح مين ڊوب رها هي ڪڇهہ ڪڇهہ
ڪڇهہ اداس هي سُڪون بي.

سن 2000ع جي مئي ۾ مون پنهنجي فلم ”في الحال“ شروع ڪئي. جيڪا 2002ع ۾ رليز ٿي. بابا سان فلم جي دوران ڪم ڪرڻ بہ هڪ يادگار تجربو هو پر اهو تجربو هڪ ڌيءَ ۽ پيءُ جو نہ هو پر هڪ پروفيشنل جو ٻئي پروفيشنل سان هو. بابا فلم جا گيت ۽ منظر لکيا هئا. جڏهن بہ اسان ٻئي ڪنهن ڳالهہ تي اختلاف ڪندا هئاسين تہ ڊائريڪٽر جي حيثيت سان هو منهنجي راءِ کي وزن ڏيندو هو. بابا موسيقي جڳت ۾ بہ ڪافي نالي وارن فنڪارن سان گڏجي ڪم ڪيو هو.

هُن ”واعده“ البم تي استاد امجد حسين، روپ ڪمار راٺوڙ ۽ ساڌنا سرگم سان، استاد غلام علي سان ”وصال“ البم تي ۽ عابده پروين سان سندس ”ڪبير“ واري البم تي گڏجي ڪم ڪيو. 2002ع ۾ بابا جا ٻہ ننڍا ڪهاڻين جا مجموعا ”مائيڪل اينجلو ۽

پيون ڪهاڻيون“ ۽ ”سيما ۽ پيون ڪهاڻيون“ به منظر تي آيا. ان سان گڏ سندس شاعريءَ جا به مجموعا ”رات، چاند اور مين“ ۽ ”رات پشيمني ڪي“ به شايع ٿيا.

ورهين کان بابا جو هڪڙو مخصوص روز جو معمول آهي. هو صبح جو 5 وڳي اٿندو آهي ۽ يوگا ڪندو آهي ۽ پوءِ ٽينس ڪيڏڻ لاءِ جيم خاني ويندو آهي. اتان سندس واپسي 8 وڳي ٿيندي آهي، ۽ پوءِ چانهه ڪوپ تي بالڪنيءَ ۾ ويهي اخبارون پڙهندو آهي. ان کانپوءِ وهنجي پنهنجو مخصوص تيز ڪلف لڳل سفيد ڪرتو ۽ سنهري رنگ جو ڪسو پائيندو آهي. اٽڪل اڌ صديءَ کان بابا سفيد رنگ جي ڪرتي کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه پاتو آهي. هو يارهين وڳي پنهنجي گهر جنهن جو نالو منهنجي نالي تي ئي ”بوسڪيانه“ رکيل آهي، تنهن ۾ واقع پنهنجي آفيس ۾ اچي ويهندو آهي، ۽ اتي چانهن جي گلاسن تي پنهنجو ڪم ڪندو آهي. بابا چانهه ڪوپ ۾ نه پيئندو آهي، پر وڏن گلاسن ۾ پيئندو آهي. چانهن جي بدران هو ڪڏهن گرم پاڻي، ماکي، ليمون ۽ ڪاري لوڻ جو ٺهيل مشروب پيئندو آهي، جنهن کي هو ڪارو پاڻي چوندو آهي. بابا وچ وچ مان اُٿي پنهنجي گڏ ڪيل شمعن جي ذخيري کي وڃي ڏسندو آهي. ڪيس سالن کان مختلف رنگن ۽ روپن جون شمعون گڏ ڪرڻ جو شوق رهيو آهي. جيڪڏهن مان مذاق مان ڪيس چوندي آهيان ته هيل ڏياري تي ڪجهه شمعون ٻاريندس، ته هو سدائين چوندو آهي ته ائين ڪيو اٿئي ته ماري ڇڏيندوسانءِ. بابا وٽ مختلف دورن ۽ قسمن جي مهاتما ٻُڌ جي مجسمن جو به وڏو ذخيرو آهي.

4 وڳي ڏاري ڪم ختم ڪري، هو هلڪو ڦلڪو مانجهاندو ڪندو آهي ۽ پوءِ پنهنجي اسٽڊي روم ۾ وڃي ڪتاب پڙهندو آهي. بابا هڪ ئي وقت ڪيترا ئي ڪتاب پڙهندو آهي. تنهنڪري سندس ڪمري ۾ ڪتابن جا ڍير هوندا آهن. شام جو 6 وڳي وڃي ڪمپيوٽر تي ويهندو آهي. بابا ڪمپيوٽر به ڪي سال اڳ سکيو هو ۽ ڪيس سکڻ ۾ بيزاري به ٿي، پر هاڻ هو ڪافي سکي ويو آهي. هو انٽرنيٽ تي مختلف سائيٽون به ڏسندو آهي ته اي ميل به ڪندو آهي. هو اردوءَ ۾ پنهنجا مسودا به پاڻ ڪمپوز ڪندو آهي.

8 وڳي پنهنجي بيڊ روم ۾ وڃي امان جي گفٽ ڪيل سندس پسنديده ڪرسيءَ تي ويهي، تنهائيءَ ۾ ٽي وي ڏسندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن پرسڪون ٿيڻ لاءِ وهسڪيءَ جو گلاس پيئندو آهي. 9 وڳي هو پنهنجي رات جي ماني کائيندو آهي. بابا کي مٺاڻ جو ڏاڍو شوق آهي ۽ ٻيو ڪجهه نه مليو ته به رات جو مانيءَ کانپوءِ ڳُڙ ذري ضرور کائيندو ۽ 10 وڳي رات جو بابا سمهي رهندو آهي. سندس معمول ڏاڍو رواجي آهي- ۽ امان هڪ دفعي بابا کي چيو هو ته ”توهان شاعر نه هجو ها ته صفا رواجي انسان هجو ها.“ بابا پوءِ سندس لاءِ چيل اهو جملو پنهنجي فلم ”آنڌيءَ“ ۾ به استعمال ڪيو.

ائين هو هئي ڏينهن وري جاڳي پنهنجا نظم، پنهنجون ڪهاڻيون، پنهنجا اسڪرپٽ، پنهنجا گيت تخليق ڪندو آهي، ۽ اهو سلسلو جاري آهي.....

◆◆



# جينت پرمار جا ڪجهه نظم

جاويد ساغر

*جينت پرمار 11 آڪٽوبر 1954ع ۾ احمد آباد ۾ پيدا ٿيو. جينت شاعر سان گڏوگڏ هڪ سٺي مصور ۽ مترجم طور به ڄاتو وڃي ٿو. سندس شاعريءَ جا به مجموعا "اور" ۽ "پينسل اور نظمين" ڇپجي پڌرا ٿيا آهن ۽ ٽيون شاعريءَ جو مجموعو "مانند" پڌري ٿيڻ جي ويجهو آهي. هن کي پاشا پارتي سمان جي اعزاز سان نوازيو ويو آهي. هن جي شاعريءَ جا ترجما هندي، انگريزي، مراٺي، بنگالي، ڪنڙ، تيلگو، پنجابي ۽ گجراتي ۾ ٿي چڪا آهن. جينت پرمار منفرد مزاج رکندڙ شاعر طور ڄاتو وڃي ٿو. هو شاعريءَ ۾ مصوري ۽ مصوريءَ ۾ شاعري ڪندو آهي. نالي واري اردو نقاد شمس الرحمان فاروقيءَ چواڻي ته، جينت ايندڙ وقتن جو شاعر آهي.*

## غالب

غالب
جڏهن به تو کي پڙهندو آهيان
لفظ لفظ مان ڇڻ
آڪاس تڙندو ڏسان
ست ست ۾
ڪائنات جو چانورو
وشال ٿيندو ڏسان.

## ميرا جيءَ جي تصوير

مٿي تي پڳڙي
ڪنن ۾ والا
ڳلي ۾ مالا
۽ تعويذ
ڦري پيو
سڄو ديش
ذات نگر جي
دروازي تي
صدا هڻي ٿو
فقير.

## مان نظمن ۾ هر هر جنم وٺان ٿو

(ندا فاضليءَ لاءِ)

مان نظمن ۾
هر هر جنم وٺان ٿو
ٻورو سمنڊ
لهرن جي هٿن سان نيري آڪاس کي
ڇهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو
ڏونگر تي انڌلني تلوار چمڪي ٿي
آڪاس سڏي ٿو
مور ٻکيءَ کي.
وڻن جي ٻانهن تي گل ٽڙن ٿا
مان نظمن ۾
هر هر جنم وٺان ٿو
رات پائي پئي
پنهنجي ڪارين آڱرين ۾
هزارين تارن واري منڊي
صبح جو سورج
پنهنجي سرخ روشنيءَ سان
شهرن جي ديوارن تي لکندو آسلوگل
مشعل ٻڌجي ٻلي روڊ تي اچي وڃي ٿي
۽ هر هٿ جلوس ٿئي ٿو
مان نظمن ۾
هر هر جنم وٺان ٿو.
دل جي سڄي اڱڻ تي
خشڪ پنن جا نظم جڏهن ٻڌان ٿو
انهن نظمن کي مان بياض ۾ رکي ڇڏيان ٿو
مان نظمن ۾
هر هر جنم وٺان ٿو.

## خدا جهڙو صبح

مسجد ۾
گهڙڻ کان پهرين
گنبذ تي نظر اچي ٿو
خدا جي چهري جهڙو صبح
مون کان پهرين
سائي ڇپر تي
نماز پيا پڙهن
گل
پوپٽ
۽
ڪبوتر.

## بيپهريءَ جي پينٽنگ

هڪ شڪاري ڪتو
آسمان ۾ ٻڏڪي رهيو آهي
سندس زبان ٻاهر نڪتل
جنهن مان رڳو
آڳ نڪري ٿي پئي.

## امان

صبح جي ڦٽڻ کان پهرين
چلهو ٻاريائين پئي
دونهون ساهه ۾ ويندي ئي
کنگهيو هو هن.
ننڊ مان جاڳيس
منهن ۾ گهڙندي ئي ڏٺم
چلهه ۾ڪاٺين بجاءِ
امان سڙندي هئي.!

## امڙ جي مرتئي تي

صبح جو
ننڊ کي ويڙهي الماريءَ ۾ رکيائين،
۽ دالي جي
بتي اجهايائين
چلهو ٻاريائين
چانهه ناهيائين
شرٽ جو ٽٽل بٽڻ ٽاڪيائين
لنچ باڪس پينگهي ۾ رکيائين
اکين کان اوجهل
پيڪيٽ ڳولهي ورتائين
۽ آخر ۾
کٽ تي اڇلايائين
سرير جي ٿاٽل چادر.

## امڙ جي ڳٽتي

ڪڏهن کٽ تي
هنڌ وڇائيندي
ماءُ کي ڏنو ٿئي؟
ڇڪيندي آ
ڪڏهن سڌو ڪندي آ
ڪيئن رليءَ کي
ڪتي ڪو گهنج
تنهنجي جسم کي نه آزاري...!!

## تنهنجو نالو

گل جي پتيءَ پتيءَ تي
پنهنجي آڱرين سان
لکان ٿو تنهنجو نالو
گل ته ڇڙي پوي ٿو
پر تنهنجو نالو
خوشبو بڻجي
وکري پيو چوڌاري.

## خواهش

پکي!
اي ننڍڙا پکي
پنهنجي پَرن کي
منهنجي ٻانهن تي چنبڙائج
تو جيئن مان به
سر سبز آسمان جي جهنگ ۾
ڪڏهن ڪان اڏرڻ گهران ٿي.

## رات ٿيڻ واري آهي

هڪ تاري
ٻئي تاري کان پڇيو:
ڪيترا وڳا هِن ڀائو؟
تاري اکيون ڇنڀيندي
گهڙيءَ ۾ ڏٺو ۽ چيو
هينئر ته رڳو نوَ وڳا هِن
پهرئين تاري پڇيو:
يار تو جيڪر
وسڪي گهٽي پيتي آهي!
هينئر ته رڳو ڇهه ٿيڻ وارا آهن
۽ پوءِ هن دريءَ جا پردا سوريا...
۽ سورج جو سِتون گهوڙو
دروازي کي اچي رسيو.
هڪ تاري مون کي چيو:
چڱو هاڻي هل ته سمهون
رات ٿيڻ واري آهي!

## دلتن لئہ

تنهنجي دک جي
عظيم شاعريءَ کي
مان لکندس
سورج جي
تتل ڇاتيءَ تي.

## مڪئي جي پوک ۾ ڪانوَ

مڪئي جي
پيلي پوک مٿان
موت جيئن
ڦيريون پيا ڏين ڪارا ڪارا ڪانوَ
آسمان تي ڪارا ڪانوَ
ڪجهه دير کان پوءِ
کنيو وڃن پيا
پنهنجي ڪارن پرن ۾
وان گاگ کي
پيلي پيلي آسمان جي قبر ڏانهن.
(Crows over corn field تصوير
ناهڻ کان پوءِ وان گاگ خودڪشي ڪئي
هئي.)

## پينسل

بينچ تي ويٺل
بلو جينس واري ڇوڪري
پينسل ڇلي پئي
۽ تنهن منجهان وري
ڦُٽي پيو ڪارو گل.

## پينسل لکي پئي

ڪارا ڪارا اکر
ڪوري ڪاڳر تي
ڄڻ ڪارا پوپٽ۔
پينسل لکي پئي
اڇا اکر
آسمان جي ڪينواس تي
ڄڻ سج چنڊ تارا...!!
پينسل لکي پئي
پوپٽ پَر
ڪائنات جي جهول ۾
ڄڻ ڇوڪريءَ جا سپنا...!

## تکل پيلو سورج

ساري ڏينهن جي هڻ هٽان کان پوءِ
تکل پيلو سورج
ڏينهن جا ڪپڙا لاهي ڪري
ننگي ساحل تي
ٽبي ڏني پيهر
سرخ سمنڊ جي لهرن ۾



# لُڪان ٿو، ڪُڇان ٿو، تڏهن ڪُجهہ لکان ٿو!

انعام شيخ

نفسيات جي ماهرن جو خيال آهي تہ ذهن جي جوڙجڪ جو وڏو حصو ٻار جي پيٽ ۾ هجڻ دوران ئي طئي ٿي ويجي ٿو. چاڪاڻ تہ جن ٻن جسمن جي ميلاپ جي نتيجي ۾ سندس وجود سرجي ٿو انهن ٻنهي جسمن جي سوچ ۽ پوست جو ستُ ئي تہ ٻار جي جنم جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿو! تنهنڪري ورثو يا آڳ (Heriditly) اهم ۽ سگهارو مُحرڪ آهي. جيڪو ڪنهن بہ وجود جي سمجهہ، سُوجهيءَ ۽ سُرڳُر سان سلهاڙيل آهي. تجربا، تربيت ۽ لڳ لاڳاپا فقط اڳ ئي وجود رکندڙ (apriori) ڪنهن سليٽ تي زماني جا لکيل اهي حرف آهن جيڪي وقت سان گڏ مٽبا، لکبا ۽ مٽبا لکبا رهن ٿا.

يعني "جهڙو ديس تهڙو ويس" واري ڪيفيت انسان تي ايترا گهرا اثر نہ ٿي وجهي، جيترا اثر ٻن وجودن جي سنجوڳ جي نتيجي ۾ جنم وٺندڙ نئين وجود جي پاتال ۾ موجود هجن ٿا. هڪ عام رواجي ڪٽنب جو حصو هجڻ ڪري، نہ منهنجو ڪو وڏو شُجرو آهي، نہ ڪو ملڪيتون ۽ ڏراتون ۽ نہ ئي وري ماضيءَ جو ڪو شان شوڪت، جنهن کي بنياد بڻائي مان پنهنجي جسماني جنم جو ڪو گهرو چيد ڪري سگهان. نہ ئي ڪو اهو پتو آهي تہ منهنجي نانڱ يا ڏاڏنگ ۾ ڪنهن صاحب کي سوچڻ/لکڻ جي ڪڏهن صدين ۾ ڪا سُرت هئي، جيڪا ٻي، چوٿين يا ائين پيڙهيءَ ۾ منهنجي معرفت لکڻ پڙهڻ واري ٻڌ کي پهتي آهي. البت اها ڳالهہ ڪنهن حد تائين پڪ سان چئي سگهجي ٿي تہ ٻہ چار نسل اڳ هندو جاتيءَ جي واپاري پريوار سان لِچ لڳڻ ڪري، حساب ڪتاب ۽ ڳڻ ڳوٺ وارو پهلو طبيعت ۾ سگهارپ سان موجود هُجي!

اها حقيقت آهي تہ مان زندگيءَ جي چند رُخن کي ڇڏي، اڪثر معاملن کي حساب ڪتاب، حقن ۽ فرضن جي وچور، گذريل ۽ هاڻوڪي دور جي پيٽ ۽ انسان ۽ ڪائنات جي لاڳاپن بابت شعور جي مُهڙين لمحن کان ٻي چيٽيءَ جي حد تائين جاڻ

رکڻ ۾ دلچسپي رکندو آيو آهيان. منهنجو ذهن شين/ وارتائن جا اصل سبب ڄاڻڻ جي جستجو ۾ رهندڙ سوالن جا جواب ڳوليندڙ ۽ موجودات جا پس منظر سمجهڻ جي تمنا رکندڙ هڪ پُڇ - پُڇيو (inquisitive) ذهن آهي، جنهن ۾ موڙ يا مرحلي تي ذهن ۾ اُٿندڙ سوالن جا سبب سمجهه ۾ نہ ٿا اچن، تہ طبيعت ۾ بي چيني پيدا ٿئي ٿي. اها اڻ ترڻ وڏي ويجي تہ بيزاريءَ کي جنم ڏئي ٿي. ڏکهي بيزاري چڙ، ڪاوڙ بغاوت، نفرت ۽ آخرڪار للڪار جو روپ وٺي، "هلندڙ کي هلائجي" (status_quo) واري رويي جي خلاف ويڙهہ تي اُتساهي ٿي. مان روايتي سانچي ۾ سمائجندڙ نراج وادي ترقي پسند تہ ناهيان، جنهن جي هر دلچسپي لذت پسنديءَ (شهرت ۽ پئسي کان وٺي جنسي آسودگيءَ تائين) جي لوازمات چوڌاري ڦري ٿي، پر مان باوقار قدرن ۾ يقين رکندڙ مُهذب ۽ ترتيبوار/ مرحلي وار تبديلي پسند هڪ اهڙو انسان آهيان، جيڪو روايت ۽ جدت يا پراڻ ۽ نواڻ کي هڪ ٻئي جو ضد نہ پر هڪ ئي شيءِ جا بہ اڻ ٽٽ پهلو بلڪ هڪ ٻئي جو اضافو (extension) سمجهان ٿو.

هڪ حساس ۽ ڄاڻ جي ڳولائو ذهن هُجڻ باوجود، ليکڪ ٿيڻ مون لاءِ شعوري چونڊ نہ پر هڪ حادثاتي معاملو آهي. مون زندگيءَ جي ابتدائي ويهن سالن ۾ ڪڏهن بہ اهو نہ سوچيو هو تہ اڳتي هلي منهنجي سُڃاڻپ (انڊي منڊي ئي سهي) قلم جي پورهئي ذريعي ٿيندي! ڇاڪاڻ تہ مان بنيادي طرح سياسي ڪارڪن هئس ۽ اهو رويو شايد تہ باقي عُمر بہ رهي.

سبب؟ بظاهر ڪارڻ تہ گهر ۾ وڏي ڀاءُ جي موجودگي ئي ٿي سگهي ٿو جيڪو ننهن کان چوٽيءَ تائين سنڌ جي قومي سياست ۾ ٻڏل رهيو آهي، پر سندس تعريف ۾ "بُڪي ٺوڪ ڪامريڊ" وارو محاور ڪٿي بہ مناسب معلوم نہ ٿو ٿئي. هو سياسي ڪارڪن هوندي بہ علم ۽ ادب سان دلچسپي رکندڙ شخص آهي ۽ سندس لائبريري لاڙڪاڻي جي چند وڏن خانگي ڪتبخانن ۾ ڳڻي سگهجي ٿي. گهر ۾ موجود ان ڪتابي ماحول مون ۾ بہ پڙهڻ جي اهڙي چُوس پيدا ڪئي جو "ممتاز-دمساز" کان وٺي امانوئيل ڪانٽ جي "نج عقل جو ڇيد" (critique of pure reason) تائين، سولن ۽ ڏکين ڪتابن ۾ ڄاهہ ۽ ساهہ پور وڇوٽ هلندا رهيا آهن. منهنجي ٻاروتڻ جو هڪ دور اهڙو بہ هو جنهن ۾ ماني، پاڻي، اٿڻ ويهڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ جي اجازت ڪتابن جي وس هوندي هئي. اهي بور ڪندا تہ ٻي ڳالهہ. نہ تہ رات هجي يا ڏينهن، صحت هجي يا بيماري، گهر هجي يا سفر، ڪتاب مان ڪنڌ ڪيڻ هڪ وڏي آپدا ۽ آزمائش هوندي هئي. (اها ساڳي ڳالهہ درسي ڪتابن سان لاڳاپڻ ڪنهن قدر غلط بياني بلڪ زيادتي هوندي.)

ڪتاب پڙهڻ ۽ ڪرڪيٽ کيڏڻ يونيورسٽي ڪراچيءَ ۾ داخل ٿيڻ تائين بنا ڪنهن وقفي جاري رهيا. شاگرد سياست اهو ٽيون پهلو هو جيڪو ڏهن سالن جي عمر

۾ هاءِ اسڪول سطح کان شروع ٿيو ۽ مسلسل جاري رهيو پر ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ اهو ٿيون پهلو شدت اختيار ڪندي، پهرين بنهي دلچسپين مٿان حاوي ٿيندو ويو جيستائين ڪيفيت متجي، جلال چانڊيي چواڻي :

لڳي آ دل جي بيماري، ڏسي رهجي ته ڇا ٿو ٿئي؟
لڳي آ چوٽ ڪاپاري، ڏسي رهجي ته ڇا ٿو ٿئي!

واري منزل ڪي نه پهتي.

مٿين ڪيفيت جو سبب ٻڌجندڙ صاحبن ڪي نه رڳو علم ۽ ادب سان جنون جي حد تائين چاهه هو، پر لکڻ پڙهڻ جي بيماريءَ ۾ به پنهنجو مٽ پاڻ هئا. ساڻن ويجهڙائپ هن ڏسا ۾ ڏورڻ لاءِ اتساهه مهيا ڪيو ۽ ڪائنڻ ڏوريءَ ان احساس ڪي وڌيڪ شديد ڪيو. ڇاڪاڻ جو مون فاصلن کان انتقام وٺڻ لاءِ بار بار ڪنهن نه ڪنهن ڪاڳر تي پنهنجو نالو آڻي، پنهنجي ”هُجڻ“ ۽ سندن اکين آڏو ”اڇڻ“ جي ترڪيب طئي ڪري ورتي. تنهنڪري اهو چئي سگهجي ٿو ته منهنجي طرفان لکڻ جي ابتدا ممڪن آهي ته، ”هستيءَ جي احساس“ کي تازو ڪرڻ، ڪنهن جي نظر ۾ گمناميءَ کان بچڻ ۽ ڪنهن جي سامهون موجود رهڻ جي خواهش تحت ٿي هجي. مون کي ياد آهي ته انهيءَ ڏس ۾ منهنجو پهريون باضابطا مضمون ”هدايت“ نالي ان سلسليوار پرچي ذريعي سامهون آيو جنهن جي ادارتي بورڊ ۾ جويي صاحب ۽ استاد شمشيرالحيدريءَ جهڙن باڪمال ليکڪن جا نالا شامل هئا. ان هوندي به ليکڪن جي قطار ۾ سَنَڌ ڏيارڻ جو سهرو جناب علي احمد بروهيءَ ڏانهن وڃي ٿو. جنهن جي هلندڙ ڦرندڙ اک تاڙي ورتو هو ته هڪ جذباتي ۽ متحرڪ ۽ معلم ۾ ڪو اُڻ- ٽيو ڪالم نگار لڪو وينو آهي. اها پڻ بروهي صاحب جي وڏائي هئي، جو هن هلال پاڪستان ۾ نه رڳو اٽڪل ۽ زور زبردستيءَ سان مون کان ڪالم لکرايا، پر پنهنجي ڪالمن جو ٽائيٽل ”ڪک ۽ پَن“ به مون کي دان ڪري ڏئي ڇڏيو. اهڙيءَ طرح جذباتي رد عمل ۾ لکڻ جي ٿيل شروعات کي سرپرستي ملي ته آهستي آهستي اها سرگرمي عادت ۾ شامل ٿي وئي. ماڻهوءَ کي نه پڻور هجي، نه پئسو هجي، هر ڪنهن سان ”سائين ميان“ ڪرڻ جي عادت نه هجڻ ڪري وڏو حلقو به نه هجي، هر ڪنهن جون حالتون پڻ پسند جوڳيون نه هجن، ته پڙهيي لکيي فرد لاءِ ان کان سواءِ بيو ڪهڙو رستو بچي ٿو جنهن سان سندس اندر جي اوبر ٻاهر نڪري سگهي. اسان جي طبقي، ان سان لاڳاپيل حالتن ۽ ضمير جي چُهڪي کي شانت ڪرڻ جو هڪ ئي آسان رستو آهي، ته بنا ڪنهن ڊپ ڊاءَ، لڳ لاڳاپي ۽ وڌاءَ گهٽاءَ جي، مسلسل لکندو رهجي. ۽ انهيءَ ڪرت دوران گهربل قيمت ادا ڪرڻي پوي ته ڪوشش ڪري ان کان نه ڪيٻائجي.

يقين رکو تہ هڪ ليکڪ، مضمون نگار، ڪالم نويس ۽ مترجم جي روپ ۾ گذريل پنجويهن سالن کان مان ڪوشش ڪري اهو سڀ ڪجھ ڪندو رهيو آهيان، جيڪو ڪنهن بہ عزتِ نفس رکندڙ هڪ قلمڪار کي سونهين ٿو. مان پڪ سان ٿو چوان تہ مون زندگيءَ ۾ جيڪڏهن غلط بہ ڪجھ لکيو آهي تہ ان لاءِ ذميوار آهيان، پر ايترو ضرور چوندس تہ غلطيون ذاتي حسد ۽ سڙ پچ جي بنياد تي نہ پر ڪمزور ادراڪ يا اڻپوري معلومات جي بنياد تي ٿي ٿيون هونديون.

مون زندگيءَ ۾ پهريون ستون اداره گلشن ادب ٺٽو جي محمد خان جي ڪتابڙي ”سونو ڪڪڙ“ ۾ هڪ شعر جي روپ ۾ لکيون ۽ ڇپرايون. تنهن وقت منهنجي عمر اٺ سال هئي، ۽ هيءَ مضمون تازه ترين آهي، جيڪو 48 سالن جي ڄمار ۾ لکي رهيو آهيان. مان ان سموري عرصي بابت ايمانداريءَ سان چئي سگهان ٿو تہ لکڻ لاءِ محرڪ ڪو مرتبو، لالچ يا لونجھ ڪا نہ هئي، پر قلم کي هٿ ۾ کڻڻ وقت سدائين ابراهام لنڪن جا اهي اکر منهنجي ذهن ۾ گونجندا آهن، جيڪي هن هڪ خط جي حصي طور پنهنجي پٽ جي استاد کي مخاطب ٿيندي چيا هئا:

”...... ۽ هن کي سيکار تہ پنج ڊالر رستي تان لڀڻ کان بهتر آهي تہ هڪ ڊالر محنت ذريعي حاصل ڪري ۽ ٿي سگهي تہ کيس سمجهاءِ تہ بيعزتيءَ سان ڪامياب ٿيڻ کان بهتر آهي، تہ عزت سان ناڪام ٿجي“.

اڄڪلھ جڏهن نقلي عزت ماڻڻ لاءِ ليک ڇپائيندي سڀ ڪجھ نيلام ڪرڻ کي management جو نالو ڏنو وڃي ٿو. تڏهن ڪجھ نہ لکي، عزت بچائڻ کي مان وڏيڪ اعزاز واري ڳالھ سمجهان ٿو.

هيسيتائين ڏنل وچور مان مون ڪڏهن ۽ ڪيئن لکيو/ يا ڪيئن لکان ٿو؟ واريءَ ڳالھ تي تہ روشني پئجي چڪي آهي، پر ”ڇو لکان ٿو؟“ وارو مامرو اڃا بہ اڻ- ڇٽائيءَ جي چونري ۾ لڪل ٿو لڳي... مان مٿي عرض ڪري آيو آهيان تہ حالتن/ واقعن ۽ وارتائن جي پنيان لڪل ازلي حقيقتن (ultimate realities) کي ڄاڻڻ جي لوڇ پوڇ منهنجي ذهني ڪيفيتن ۾ اهم ترين مقام رکي ٿي. ان لوڇ پوڇ منڍ ۾ مون کي تاريخ پڙهڻ ڏي لاڙيو جڏهن تہ بعد ۾ فلاسافيءَ جي مطالعي مظهرن جي سببن معلوم ڪرڻ تي زور ڏياريو. يعني تواريخ موجوده دور جي واقعن ۽ حادثن کي سمجهڻ لاءِ انهن جي پس منظر کي پروڙڻ جو شعور پيدا ڪيو. فلاسافيءَ انهن منظرن ۽ پس منظرن جا فڪري بنياد سمجهايا. اهڙيءَ ريت بين الاقوامي سياست جي ايپاس مون کي پنهنجي ديس ۽ ان سان لاڳاپيل صورتحالن کي ذرتيءَ جي گولي تي ٿيندڙ بين تبديلين، لاڳو حالتن ۽ سندن ماضيءَ جي وچور سان ڀيٽڻ جو شعور ڏنو. ذاتي، مقامي، علائقائي، مُلڪي، گھڻ- قومي ۽ ڪائناتي معاملن کي هڪ ئي لڙهيءَ ۾ پوئي فرد ۽

ڪائنات سان لاڳاپيل بيشمار موضوعن کي سوچ سان سنجوڳ ڪرائي، جُز ۽ ڪل جي دائري ۾ شين کي سمجهڻ جو شعور مليو. نفيس فن، شاعري، ادب ۽ ٻين لطيف شعبن تاريخ، فلسفي ۽ سياست جي سخت ۽ ڪڙين حقيقتن کي برداشت ڪرڻ ۽ سندن روح کي سمجهڻ لاءِ اندر ۾ نرمائي، ڪوملتا ۽ سوجهنا پيدا ڪئي. انهيءَ گهڻ رُخي مطالعي احساساتي ڪشمڪش ۽ تخيلاتي نرملتا جي نازڪ ڇُهائن کي جنم ڏيئي، شين/ حالتن کي داخلي طرح محسوس ڪرڻ ۽ حقيقت توڙي تخيل جي گڏپ ڪرڻ جو هُنر عطا ڪيو. انهيءَ علم ۽ هنر جي حاصل ٿيڻ جا رڳو فائدا ئي ناهن، بلڪ ڪجهه اهڙا خفا بہ آهن، جيڪي هڪ انصاف پسند ۽ هڪ ڪرائي چاهيندڙ انسان لاءِ بي چينيءَ جو سبب بڻجي پوندا آهن. جڏهن اوهان علم، فن ۽ هنر جي شاندار جلوَن جو ديدار ڪري چڪا هوندا آهيو تہ اوهان جي اندر ۾ اُسريل معيار دنيا جي مختلف سماجن، طبقن، روين ۽ حالتن جي هڪ ٻئي سان ڀيٽ ڪرڻ واري رُجحان جي حوالي ٿي چڪا هوندا آهن. انسان سوچڻ لڳندو آهي تہ زندگي جهڙي فلاڻي خطي، فلاڻي دور يا فلاڻي سماج ۾ سُشيل ۽ سُندر هُئي/آهي، اهڙي باوقار زندگي منهنجي آس پاس موجود ڇو نہ آهي؟ مان ۽ منهنجو ڪٽنب، قبيلو يا قوم انهن سيني نعمتن ۽ برڪتن کان محروم ڇو آهيون. جن کان ٻيا دور/ سماج ۽ سيارا فيضياب آهن/ هئا؟؟

پنهنجي هستيءَ ۽ حيثيت جو شعور جنهن ڏينهن کان شخص جي اندر ۾ پيدا ٿي، ٻين سان برميچڻ شروع ڪري ٿو تڏهن کان انسان جي اندر ۾ بيشمار سوالن، شين ۽ نتيجن جون لهرون پيدا ڪندڙ سمنڊ ڇُلڻ شروع ڪري ٿو. مان سمجهان ٿو تہ انسان جي من کي سمنڊ ۽ ان ۾ جاڳندڙ/ ڪرندڙ لهرن کان وڌيڪ ٻئي ڪنهن بہ مظاهر سان ڀيٽي نہ ٿو سگهجي. ظاهر آهي تہ ڀيٽ سنائيءَ جي معيار جي نشاندهي ڪري ٿي ۽ سنائيءَ جي انتها انصاف کي اعليٰ ترين گُڻ (Virtue) ۽ حاصلات جو درجو عطا ڪري ڇڏي ٿي. اهڙيءَ طرح هڪ زنده ضمير انسان لاءِ گهر کان وٺي ڪهڪشائن تائين، ”انصاف جو حصول“ ممتاز ۽ محترم ترين ترجيح بڻجي وڃي ٿو. دنيا جي عظيم ترين تهذيبن، غير معمولي عالمن ۽ شاندار سماجن لاءِ زنده رهندي، جيڪڏهن ڪا اڪيلي وٿ مثالي مرتبو رکي ٿي تہ اهي فقط انصاف ۽ برابريءَ جي حاصلات وارا نُڪتا ئي ٿي سگهن ٿا.

مان لکان ٿي ان ڪري ٿو تہ مون کي انصاف گهرجي. مون کي هڪ ڪرائي ۽ هڪ جهڙائي ٿي گهرجي. متڀيد، تفاوت، ٻہ۔ اڪيائي ۽ ناانصافي منهنجا جاني دشمن آهن. اهي جيڪڏهن منهنجي هن وجود جو حصو بڻبا تہ مان پنهنجي خلاف بہ بغاوت ڪندس. ايتري قدر جو مان پنهنجي چير ڦاڙ کان بہ نہ ڪيٻائيندس. جيستائين منهنجو ضمير مون طرفان ڪيل بي انصافيءَ جو ازالو معافي، ميٽا هارَ يا un۔

conditional surrender جي صورت ۾ نٿو ڪري. امانيوئيل ڪانٽ کان ڪنهن پڇيو ته تون خدا جي وجود بابت ڪهڙا عقلي دليل ڏيڻ پسند ڪندين؟ ڪانٽ وراڻيو:"عقلي دليلن ذريعي ثابت ڪجهه به نه ڪري سگهندس. پر اونداهيءَ رات ۾ جڏهن مان صاف آسمان ۾ حيرتن جا جزيرا دريافت ٿيندي ڏسان ٿو ۽ وڏي ڳالهه ته منفي عمل تي ضمير جو چُڀڪو محسوس ڪريان ٿو ته لڳندو اٿم ته خدا بهرحال ڪائنات ۾ موجود آهي.... خدا ڇا هي؟ خدا انصاف جو ٻيو نالو ئي ته آهي!".

مون لاءِ لکڻ ڪڏهن به سچائپ جي بحران ۾ هٿ ڪيل ڪو عارضي سهارو ناهي، نه ئي لکڻ مون لاءِ ڪنهن نفعي دار دور جا دروازا کولي ٿو. لکڻ مون لاءِ انصاف جي بنياد تي خوابن کي نروار ڪرڻ جو نالو آهي. لکڻ انساني وقار کي فطرت طرفان مليل مُناسب مقام جي حصول ۽ ڪائنات ۾ رهندڙ هر چرند پرند کي مرضيءَ مطابق زندگيءَ گذارڻ واري حق کي تحفظ فراهم ڪرڻ جو نالو آهي. لکڻ مون لاءِ ڪا وڏي وَٿُ يا ڪو اعليٰ ترين عمل ناهي، بلڪ دنيا جي ٻين معتبر پيشن جيان هڪ پيشو ئي ته آهي! جيئن ڪو رازو عاليشان عمارت جوڙي خوش ٿئي ٿو جيئن ڪو ڳائڻو دلنواز گيت ڳائي مست ٿئي ٿو جيئن ڪو مالهي گلن سان ٽمٽار باغيچو تيار ڪري، پنهنجي پورهئي تي پيار محسوس ڪري ٿو مون لاءِ لکڻ به اهڙي قسم جي هڪ عام رواجي سرگرمي آهي- پر اها سرگرمي بي مقصد هرگز به نه آهي. مون جنهن مقصد (يعني انصاف جي حصول) جي ڳالهه ڪئي آهي، سو جڏهن آس پاس نه ٿو ملي، ان حوالي سان ذميدار حلقا، ادارا ۽ سياڻون پنهنجا فرض محسوس نه ٿيون ڪن، تڏهن پهريائين حيرت، پوءِ بي چيني، چڙ، ڪاوڙ ۽ آخر ۾ نفرت جو احساس شديد ٿيڻ لڳي ٿو. اها شدت پهريائين سڏاري، پوءِ تنقيد، احتجاج ۽ آخرڪار للڪار کي جنم ڏئي ٿي. اهڙيءَ طرح لکڻ مون کي بيروني حقيقتن جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل اندروني پيچ ڊاهه کي مناسب رستو فراهم ڪرڻ جو هڪ ذريعو آهي. خاص طور سنڌ ۾ جڏهن ناانصافي، بداخلاقي، ڦرلٽ، افراتفري ۽ اصولن جي اورانگهه ٿيندي ڏسندو آهيان، ته پاڻ تي ضابطو رکڻ ذري گهٽ ناممڪن بڻجي پوندو آهي. انهيءَ ڪري لکڻ مون لاءِ دراصل احتجاج درج ڪرائڻ ۽ "سڀ ٺيڪ نه هجڻ" واريءَ ڳالهه جو نوٽيس نه وٺرائڻ جي سلسلي ۾ اهم محرڪ جو درجو رکي ٿو. ڪو به پڇي سگهي ٿو ته اهو محرڪ گهٽو ٽو فقط سنڌ جي حد تائين محدود ڇو آهي؟

مان ان ڳالهه کي وزندار سمجهندي، ان لاءِ به اهو اقرار ڪندي دير نه ڪندس ته هڪ ليکڪ طور منهنجي حيثيت، پهچ ۽ صلاحيت به ايتري تائين محدود آهي. مان پاڻ کي ايترو ذهين، سگهارو ۽ گهڻ رُخو سمجهان ٿي نه ٿو جو پنهنجي دلچسپيءَ جي دائري کي دنيا جي معاملن ۽ مسئلن تائين ڦهلائي سگهان. مون ۾ جيتري وِت آهي،

اڏام اوتري ئي ڪري سگهان ٿو. حقيقت پڇو تہ انهيءَ دائري اندر محدود ٿيڻ جو اهم ترين سبب سنڌ جي سرتاج حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي زندگيءَ ۽ شاعريءَ جو مطالعو بہ آهي. سنڌ نهايت سڀاڳي ڌرتي آهي، جنهن کي دنيا جي عظيم ترين ذهنن مان هڪ اهڙو ذهن نصيب ٿيو جيڪو شاعر هوندي بہ مفڪر آهي ۽ جيڪو جديد ترين سوچ رکندي بہ قدامت پسنديءَ جو اعليٰ مثال آهي. پنهنجي وطن ۽ ان جي ماڻهن سان محبت جا جيڪي رنگ ۽ روپ هن بي مثال انسان چٽيا آهن، انهن کي پڙهندي مون جهڙو وچٿرو ذهن ڪيئن ٿو سندس طريقي ۽ مسلڪ کان ٻاهر رهي سگهي! سنڌ ڀٽائيءَ کي جنمي پاڻ کي زوال کان بچايو. اسان ڀٽائيءَ کي پڙهي پاڻ کي ڀاڳوان سمجهيو. جيڪڏهن ڀٽائي زندگيءَ ۾ نہ اچي ها تہ وڏ ۾ وڏ دنيا جي ڪنهن امير ملڪ جي ڪنهن فليٽ جي ڪُنڊ ۾ ويهي ڪاتو ۽ واڌو جا حساب رکان ها. اُهو ڀٽ جو بادشاهہ ئي تہ هو، جنهن مون کي هنن سٽن جو:

چُرن چُٽڪن چِت ۾، هُرن منجهہ هِنيين،
لُطف ٿئو لطيف چَي، مهرڪئي ميين،
ڏکيءَ کي ڏِيين، سرهايون ساٽيهہ جون۔

جو مقصد سمجهائيندي، منهنجي زندگيءَ کي اهو ياري لنگر فراهم ڪيو، جنهن هيڏانهن هوڏانهن ڦٿڙڻ بدران هڪ۔ مُنهون ٿي محبت ۽ ارپنا جا لازوال عنوان سمجهايا. تنهنڪري هن ڌرتيءَ جي دلچسپيءَ جي دائري ۾ جيڪي موضوع اچن ٿا، سي سڀ اسان جا موضوع آهن. انهيءَ ڳالهہ کان لنوائڻ يا انڪار ڪرڻ لطيف جي فڪر کي پُٺي ڏيڻ برابر هوندو، جنهن ڳالهہ جو پُٽو مان پاڻ تہ ڀانئيان ئي نہ ٿو!

لکڻ مهل منهنجي ڪيفيت بلڪل مٿيل هوندي آهي. مان گهڻي قدر هڪ ساهيءَ، شعور جي وهڪ ۾ لکندو ويندو آهيان. دماغ ۽ دل جي وچ ۾ رابطو تيز ٿي ويندو آهي. مٿو ٿورو ٿورو ڪوسو لڳندو آهي. لفظن، جملن، محاورن جي چونڊ ڪندي، ذهن هڪ عجيب قسم جي منطقي سرشتي مان گذرندي، پاڻ ئي، ايڊيٽنگ ڪندو ويندو آهيان. لکڻ جو ارادو ڪرڻ کان پوءِ قلم ۽ ڪاغذ جي سليڪشن جي چڪر ۾ نہ پوندو آهيان، بلڪ آسپاس موجود ردي ڪاغذ تي ئي لکڻ شروع ڪندو آهيان. منهنجو حافظو غالب جيترو تيز تہ ناهي، جيڪو رات جو شعر ناهيندو ۽ اڳٺ کي ڳنڍيون ڏيندو ويندو هو ۽ صبح جو ڳنڍيون ڇوڙيندو، شعر لکندو ويندو هو. تنهنڪري ذهن ۾ ڏوڪي آيل موضوع کي قابو رکندي، ڪيسي ۾ رکيل چنين چپاٺين تي ننڍيون ننڍيون پوائنٽون نوٽ ڪندو رهندو آهيان. موقعو ملندي ئي انهن ۽ بين فوري طور تري ايندڙ پهلوئن کي نوٽ ڪندو پني تي اتاري ڇڏيندو آهيان. رف ۽ فيئر ڊرافٽ ساڳيو ئي هوندو اٿم، البت آخر ۾ هڪ نظر ثاني ڪندي، دُرستگيون ڪرڻ

جي عادت اٿم. اڪر تقريبن پڙهڻ جوڳا ۽ صاف هوندا آهن. مضمون جي سنئين سڌي ڇپجڻ جو آسرو رکندو آهيان، پر اها آس پوري گهٽ ٿيندي آهي. مون کي پنهنجي لکڻين کي مشهور ڪرڻ جي هڪ سيڪڙو بہ دلچسپي ڪانهي. اهو ئي سبب آهي جو چار ڪتاب ڇپجڻ جي باوجود مون ڪنهن هڪ جي پڌرائي نہ ڪرائي آهي، نہ ئي ڪنهن دوست کي پاڻ، پنهنجن ڪتابن ۽ ڪيل ڪم تي ڪڏهن تبصرو ڪرڻ يا انهن کي پڌائڻ جي درخواست ڪئي اٿم. منهنجي هوندي يا الوپ ٿيندي، ڪنهن تعريف ڪئي بہ تہ ڇا، يا نہ ڪئي بہ تہ ڇا؟! متي متيءَ ۾ ملي، هڪ ٿي ويٺي آ. اهو سڄو گورک ڌنڌو مڙئي دل وندرائڻ جو هڪ بهانو ئي تہ آهي! شاعري مون کي وڻندي ڏاڍي آ، پر مان پاڻ شاعر ناهيان. پنهنجي بہ رُخي (dual) شخصيت جي ڪري شاعرن مان دلي طور ڪي چند ئي وڻندا اٿم. گهڻن ماڻهن جو خيال آهي تہ مان طبيعتن خُشڪ، منطقي، تنقيدي ۽ چيڙي مزاج آهيان، پر منهنجن ويجهن دوستن کان پڇبو يا مون سان سفر ڪندڙن کان ڄاڻ وٺبي تہ اهي ٻڌائي سگهندا تہ مان ڪيترو سولو ۽ آسان دوست/ همسفر آهيان.

هٿ ڏسڻ جي هڪ ماهر تہ منهنجي رومانوي طبيعت جو اندازو لڳائي هڪ دفعي چيو:”شيخ صاحب، هٿ تہ سڄو سارو ڦٽيو پيو آهي، دل جا هڪ هزار ٽڪرا الائي ڪٿي ڪٿي ڦٽي ڪري ڇڏيا اٿوَ. رڳو جهيرون جهيرون لڳو پيو آهي هٿ. دل جي حالت تہ ان کان بہ خراب ٿي ڏسجي.“

ٻن ڇئن اڌ پڙهيل ۽ اڌ مٿو ڦريل ليکڪن/ ليکڪائن جو خيال آهي تہ مان عورت مخالف ليکڪ آهيان، جيڪا ڳالهہ آهي ئي ڊسٽ بن ۾ اُڇلائڻ جوڳي! منهنجي جسم ۾ اڌ هڪ عورت جو آهي، منهنجي روح جو اڌ منهنجين نياڻين ۾ آهي. پيار ڪندڙ ڀُڦيون، ماءُ وانگر پاليندڙ ماسيون، چرچا گهبا ڪندڙ چاچيون، پائيندڙ ڀينرون ۽ ڪشادي دل ۽ انڌو اعتماد ڪندڙ گهر واري مون سان گڏ آهي. تعليمي عمر کان وٺي هم ڪلاسي ڇوڪرين، هم پيشہ خواتين ۽ ميڊم کهڙو کان وٺي مهتاب راشدي ۽ ثميہ ڇُونارا تائين بيشمار باوقار عورتن سان ذري گهٽ فرينڪ دوستن وارو رشتو اٿم. البت اها وڏي بدقسمتيءَ جي ڳالهہ آهي تہ سنڌ جي جنهن عورتاڻي ادبي منظرنامي ۾ رشيده حجاب، ثميره زرين، روشن مغل، بادام ناتوان، سندري اتم چنداڻي، ليلا بانا، رعنا شفيق، ماهتاب محبوب، ج.ع مُنگهاڻي، خيرالنساءِ جعفري ۽ نورالهديٰ شاهہ جهڙا بي تعصب، برابريءَ وارا چهرا نظر ايندا هئا، ان ساڳئي سئربين ۾ جهڙوڪ ائبنارمل، چيڙاڪ ۽ ميسٽائپ جو شڪار، خوشامد ۽ پاڻ پڌائڻ/ نماءَ جي بيماريءَ ۾ وڪوڙيل هستيون ٿيون نظر اچن. انهيءَ ڪيفيت کي نروار ڪرڻ لاءِ اڪبرالله آباديءَ جو اهو شعر پيش ڪري سگهجي ٿو جيڪو هُن پنهنجي هڪ دوست جي شُو اسٽور جو افتتاح ڪندي چيو هو:

شُو ميڪري ڪي ڪولي هٺ دُڪان هم ني،
روٽي ڪمائينگي، جُوتون ڪي زور پي!

مون کي ان ڳالهہ سان رڳو دلچسپي ٿي ناهي، پر چڙ بہ آهي تہ مون کي اديب، ذات ڏٺي، ساڄاهہ وند، سرموڙ ڏاهو جهڙن بي معنيٰ خطابن سان نوازيو وڃي. شمشيرالحيدريءَ چواڻي جيئن ڪيس شاعري ڪرڻ جي ٽِرڪ اچي وئي آهي، تيئن مون کي بہ ٻين کان سکي ۽ پڙهي، لکڻ جي ڪا ٽِرڪ ملي وئي آهي. تنهنڪري وڏي ۾ وڏو اعزاز اهو هوندو تہ مون کي هڪ "ليکڪ" طور ڄاتو سُڃاتو بہ نہ. رڳو سمجهيو وڃي. اديب ۽ ڏاهو ڪو ڪو ٿئي ٿو پر ليکڪ تہ ڪو عام ماڻهو بہ ٿي سگهي ٿو ۽ مون لاءِ اها اعزاز جي ڳالهہ هوندي، جي مون کي "عام ماڻهو" سمجهيو وڃي. انهيءَ مرتبي ماڻڻ جو وڏو فائدو اهو آهي تہ پنهنجي آزادي ۽ عزت وڃائڻ بنا ڪو بہ شخص هر اها ڳالهہ ڪري سگهي ٿو جيڪا "خاص ماڻهو" ڪندي ٿهندا ۽ ڊڄندا هوندا.

هونئن بہ ليکڪ ٿيڻ ڪا وڏي ڳالهہ تہ ناهي، جو گهٽتائيءَ يا اونچائيءَ جي احساسن کي وچ ۾ گهلي اچجي. مان تہ اڄ بہ فقط ان لاءِ لکندو ٿو رهان جو اسان جو اباڻو وطن ۽ ان جا واسي هڪ نهايت ئي اُگري ۽ اڻ وڻندڙ صورتحال سان مُنهان-منهن آهن. سندن وجود، ريتون رسمون، تاريخي ورثو ماڳ مڪان، ٻولي ۽ قدر سڀ خطري هيٺ آيل آهن. ڇا ڪنهن انصاف پسند انسان لاءِ اها ڳالهہ قبوليت جوڳي آهي تہ جنهن مٽيءَ مان سندس ضمير ڳوتل هجي، جنهن جي سيني مان سندس ٻچا ڪائيندا پيئندا هجن ۽ جنهن جي اندر ۾ سندس نسلن جون هڏڙيون دفن هجن، تنهن ڌرتيءَ سان فقط ترجيحون طئہ ڪرڻ جي چڪر ۾ ناتو وڃائي ويهي!

ها پر، سنڌ جيڪڏهن آزاد ۽ ائين خاني خان هجي ها جيئن هالينڊ، سئيزرلينڊ، جرمني، فرانس ۽ اسپين آهن، تہ مان جملن جوڙڻ جا جتن ڪرڻ بدران ڪو واڍو، ناڪئو سونهون، ڪيڏاري، مُهاڻو ڪوچوان، ڪنير، طبيب، رازو، ڳوٺاڻو ڏرمچاري، داستان گو سونارو گهوررارو يا ڳاڻو ٿيڻ پسند ڪريان ها. پنهنجي اڻ ڪُٽ پورهئي سان وطن جي شفاف چادر تي ترقيءَ جو ڪو نہ ڪو گل پَن روز ٽاڪيان ها. جيڪڏهن ٻيو ڪجهہ ممڪن نہ بہ ٿئي ها تہ هاري ذريعي ويران زمين جي سيني ۾ پگهر ۽ پاڻيءَ جي پرٽ ڪري، سندس ڇهري کي قسمين قسمين ٻوٽن، گلن، ميون، گاهن، ولين ۽ وڻاڻن سان سينگاريان ها. ڀهراڙيءَ جي ڪنهن وڻندڙ ڳوٺ ۾ کهول ڪنو ڪري، پرسنتا سان پرپور پچن ۽ گيت ڳائيندي، هر نئين صبح کي سوئيڪار ۽ نما شام کي پيار پريو پُرنام ڪريان ها. اهڙي روايتي پر ڏکهي عام زندگي گذاريندي، هڪ ڏينهن کلندي خوش ٿيندي، سڄي کهول کي ڪنو ڪري منجهائن سُريلي نينگر کي مناجات ۽ مداح پڙهڻ جي فرمائش ڪندي، سيني کان کلي موڪلائيندي،

مٿيءَ جي ليپ لڳل پٽ تان ڦرندي، منهنجي نظر سر دَر تي وينل جهرڪيءَ کي الوداعي سلام ڪري، ڪاڻن ۽ پٽين ۾ پيل ٽوٽرن کي حسرت سان ڏسندي، ڪنهن خوبصورت شهتير تي ناز سان گهمندڙ ماڪوڙيءَ مٿان هميشه لاءِ بيهجي ويجي ها. ايڏي پرپور زندگي گذارڻ کان پوءِ جڏهن ٻيءَ دنيا ۾ حساب ڪتاب لاءِ مولا سائينءَ وٽ پيش ٿيان ها تہ پاند ڳچيءَ ۾ پائي، ڪائنس نہ ڪيل گناهن جي بہ معافي وٺندي، پنهنجي جيون جي ڪنهن مُڙيل پني تي لکيل شعر ضرور ورجايان ها:

مانا کہ اس زمین کو نہ گلزار کر سکے،
کُچھ خار کم تو کر گئے، گذری جِدّر سے ہم.

▪▪


سارنگا پبليڪيشن پاران
نوجوان ليکڪ ۽ ڪالم نگار
**خالد ڪنڀار** جي تخيل آميز ٻوليءَ ۾ لکيل صوفياڻي رنگ ۾ ٻڏل
ڪالمن ۽ مضمونن جو پهريون ڪتاب

**ڳودڙي**

ڇپجي ويو آهي. 176 صفحن تي ٻڌل هن ڪتاب جي قيمت 120 روپيہ آهي.

*اڄ جي دور ۾ جڏهن اسان جي شاعري ۽ ڪالم زلفن جي زنجيرن ۾ جڪڙيل ۽ بي شعور حاڪمن جي واڪاڻ ۽ مدح سرائيءَ ۾ مصروف آهن، ان وقت خالد جا هي ڪالم نہ رڳو دلين کي شڪار ڪن ٿا پر دماغن کي بہ متحرڪ ڪرڻ ۽ نيون واٽون ڳولڻ تي مجبور ڪن ٿا. (عبدالواحد آريسر)*

**ڳودڙي** کان سواءِ نامور شاعر علي دوست عاجز جو نئون شعري مجموعو **"رنگ رتو آڪاس"** گهرائڻ لاءِ اڄ ئي رابطو ڪريو.
سارنگا پبليڪيشن
گلزار ماڙي، شاهہ لطيف ڪتاب گهر، گاڏي کاتو حيدرآباد-



# اعتراف

محمود درويش

سنڌيڪار: اختر رند

صبح جو پنير ڪي وقت گهر جو دروازو کڙڪي ٿو. اهو ڄاڻندي به ته دروازي تي ڪير ٿي سگهي ٿو اوهان اڪيون ٻوٽي هڪ دفعو ٻيهر گهري ننڊ ۾ هليا ويو ٿا.

صبح جو آفيس پهچي، ڪافيءَ جو ڍُڪ پِي، اوهان پڙهڻ لاءِ جيئن ئي اخبار کڻو ٿا، پوليس وارو اچي ٿو: "اٿي هل، مان توکي وٺڻ آيو آهيان."

"ڇو.....؟" ڇا تون مون کي گرفتار ڪرڻ آيو آهين؟"

هو چوي ٿو "مون کي خبر ناهي."

اوهان پڇو ٿا، "ڇا مان توٿ برش ۽ شيو ڪرڻ جو سامان کڻي هلان؟"

"مون وٽ اهڙين فضول ڳالهين لاءِ وقت ڪونهي!" پوليس وارو چوي ٿو.

اوهان کي پوليس آفيسر سامهون پيش ڪيو وڃي ٿو جنهن جي پُٺيءَ تي Herzl جي تصوير لڳل آهي. هو ڏاڍي شائستي انداز ۾ چوي ٿو:"تو کي گرفتار ڪرڻ منهنجي لاءِ عزت جي ڳالهه آهي."

اوهان جواب ڏيندي چئو ٿا، " اها ته منهنجي لاءِ به عزت جي ڳالهه آهي، پر منهنجو ڏوهه ڪهڙو آهي؟"

"سرڪس جي دروازي تي جيڪا چانهين ڦاٽي آهي، ۽ جنهن سان رياست جي سلامتي خطري ۾ پئجي وئي آهي، ان جو ذميوار تون آهين."

"هڪ چانهين..... سرڪس جو دروازو ۽ رياست، واهه.... زبردست!!"

تفتيش لاءِ ورتل رماند پورو ٿئي ٿو ته اوهان انتظار ڪيو ٿا، اوهان کي ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويندو ته ڪيترن ڏينهن کان پوءِ گاڏيءَ مان پنهنجي شهر جا رستا ٻيهر ڏسي سگهندا.

ڪجهه دير ڪان پوءِ اوهان کي ٻڌايو ويجي ٿو "توهان کي غيرقانوني طور هڪ منٽ بہ حراست ۾ نہ رکيو ويندو. هتي قانون جو پورو پورو خيال رکيو ويجي ٿو. هي اسرائيل آهي، ڪو عرب ملڪ ناهي."

اوهان جو خيال عرب دنيا ڏانهن ويجي ٿو. اوهان انتظار ڪريو ٿا. پر ڪنهن جو؟ ڇا عرب دنيا مان ڪو نا خدا ايندو۽ اوهان جي مدد ڪندو!

اوهان کي هڪ ٻئي ڪمري ۾ منتقل ڪيو ويجي ٿو. اتي ڪجهه آفيسر ۽ هڪ پوڙهي عورت اڳ ۾ ئي ويٺل آهن.

هڪ آفيسر توهان کان سوال ڪري ٿو "ڇا تون عبراني ڄاڻين ٿو؟"

ان کان پوءِ هو توهان تي فرد جرم لاڳو ڪندي چوي ٿو "توهان اسرائيلي رياست کي تباهہ ڪرڻ جي سازش ڪئي آهي!"

توهان مداخلت ڪندي پڇو ٿا، "توهان جو مطلب ڇا آهي، ڇانهين يا رياست؟"

پوڙهي بدصورت عورت هسٽريائي انداز ۾ رڙ ڪري ٿي، "اي.. عدالت جو احترام ڪرڻ سک."

اوهان حيران ٿي پڇو ٿا، "ڪهڙي عدالت؟"

پوڙهي هڪ دفعو ٻيهر رڙ ڪري ٿي، "هيءَ عدالت آهي ۽ مان جج آهيان."

تڏهن اوهان کي خبر پوي ٿي تہ انهن اوهان جو ڪيترو خيال رکيو آهي. اوهان کي تڪليف ڏيڻ بجاءِ ڪورٽ سڳوري کي ئي جيل ۾ ڪٺي آيا آهن.

اوهان اهڙيءَ ڪورٽ جو بائيڪاٽ ڪريو ٿا تہ هو هڪ ڀيرو ٻيهر اوهان کي گرفتار ڪري ڪوليءَ ۾ بند ڪن ٿا.

توهان ٽيڪسي ڊرائيور سان عبراني ٻوليءَ ۾ ڳالهايو ٿا. ڊرائيور پڇي ٿو "ڪاڏي وڃڻو آهي توهان کي؟"

"ميم اسٽريٽ."

توهان سگريٽ دُکائي پاڪيٽ ڊرائيور ڏانهن وڌايو ٿا. هو ڏاڍو مُهذب ۽ با اخلاق ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ڊرائيور سگريٽ دُکائيندي چوي ٿو "خبر ناهي هيءَ اذيتناڪ صورتحال ڪيستائين رهندي، مان تہ بيزار ٿي ويو آهيان."

اوهان سمجهو ٿا، ڊرائيور جو اشارو مسلسل حالت جنگ ۾ رهڻ ڪري تيل ۽ ٻين شين جي وڌندڙ قيمتن ۽ بدامني ڏانهن آهي.

"ها ڏاڍي خراب حالت آهي. اسان سڀ پريشان آهيون." ڊرائيور جي چهري تي نفرت جا پاڇا گهرا ٿي وڃن ٿا، "سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ اسان جي رياست اڃا ڪيستائين انهن عربي نالن کي قائم رکندي. انهن جو تہ نالو نشان مٽائي ڇڏڻ گهرجي!"

اوهان حيران ٿي پڇو ٿا، "ڪنهن جو؟"

هو چوي ٿو ”اڙي سائين انهن عربن جو ڇيو ڪنهن جو.“

”پر آخر ڇو؟“

”اهي سڀ جهنگلي ۽ بدمعاش آهن.“ هن جي لهجي مان اوهان اندازو لڳايو ٿا، شايد هو مراڪش کان هتي آيو آهي.

تڏهن اوهان پڇو ٿا، ”ڇا مان واقعي جهنگلي ۽ بدمعاش آهيان..... ۽ تون مون کان وڌيڪ تهذيب يافته ۽ مهذب آهين؟“

هو اوهان جو سوال ٻڌي، گهڙيءَ کن لاءِ پگهر جي وڃي ٿو ”ڇا مطلب؟“

پوءِ اوهان هن کي چئو ٿا، ”اهو ئي ته ٿورو عقل سک، ۽ سوچي ڳالهائيندو ڪر.“

جڏهن ڊرائيور کي خبر پئي ٿي ته اوهان عرب آهيو ته هو چوي ٿو ”توهان غلط سمجهيو مان عيسائي عربن لاءِ نه ٿو چوان..... مان مسلمان عربن جي ڳالهه ڪريان ٿو.“

اوهان هن کي ٻڌايو ٿا، اوهان مسلمان عرب آهيو.

هو جلدي چوي ٿو ”مون اڃا پنهنجو جملو پورو ناهي ڪيو. دراصل مان ٻاهرانڙيءَ جي عرب مسلمانن جي ڳالهه ڪريان ٿو.“

اوهان هن کي ٻڌايو ٿا، ”مان هڪ ڳوٺ جو رهندڙ آهيان، جنهن کي رياست بلڊوزر گهمائي ختم ڪري ڇڏيو آهي!“ ته هو جذباتي ٿي نعرو هڻي ٿو:

”رياست زنده باد.....“

اوهان ٽيڪسيءَ مان لهي، گهر ڏانهن ويندڙ رستن تي هلندي، رستن ۽ گلين جا نالا پڙهڻ لڳو ٿا، جن کي هاڻي تبديل ڪيو ويو آهي. جيئن صلاح الدين بدران شلو مور... اوهان حيرت ۾ پئجي وڃو ٿا.

ميم اسٽريٽ جو نالو ڪيئن ميسارجڻ کان بچي ويو آهي. جيڪو هاڻي عبرانيءَ ۾ لکيل نظر اچي ٿو ”مائونٽ ينبو-“ ۽ اوهان جي حيرت دور ٿي وڃي ٿي.

اوهان يروشلم وڃڻ جي لاءِ هڪ ڏينهن جو اجازت نامو وٺڻ چاهيو ٿا. اوهان پوليس ٿاڻي تي هڪ آفيسر کي فون ڪريو ٿا، جيڪو انهيءَ ڪم تي مقرر ٿيل آهي.

هو چوي ٿو ”درخواست موڪل.“

اوهان درخواست ڏئي انتظار ڪريو ٿا. ڪيترن ڏينهن گذرڻ باوجود اوهان پُر اميد آهيو. ڇو ته اوهان جي درخواست کي اڃا ٺُڪرايو ناهي ويو. ڏنل درخواست بابت هڪ ڀيرو ٻيهر فون ڪري پڇو ٿا ته جواب ملي ٿو ڪلاڪ کن رکي اچي معلوم ڪريو. ۽ جڏهن ڪلاڪ کن کان پوءِ اتي پهچو ٿا ته اطلاع ملي ٿو اوهان جي درخواست رد ڪئي وئي آهي. اوهان يروشلم نه ٿا وڃي سگهو. جڏهن احتجاج ڪيو ٿا ته گرفتار ڪيو وڃي ٿو.

ٻئي ڏينهن اوهان کي ايمرجنسيءَ ۾ ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويجي ٿو ۽ پنهنجي واري جو انتظار ڪنديءِ اوهان کي ڪجهه عجيب قصا ٻڌڻ لاءِ ملن ٿا.

هڪ عرب عورت پنهنجي زرعي فارم تي ڪم ڪرڻ لاءِ ويجي ٿي. عورت جي اجازت نامي ۾ رستي ۾ لهڻ جي ڪا بہ سهولت ناهي. ڪنهن مجبوريءَ سبب رستي ۾ لهي ٿي تہ ڪيس پڪڙيو ويجي ٿو.

اهڙيءَ ريت ڪجهہ نوجوان ڇوڪرن کي روڊ تي هلڻ جي تہ اجازت هئي، پر هو ڪنهن گهٽيءَ ۾ گهڙن ٿا تہ ڪين رياست جي قانون جي ڀڃڪڙيءَ جي ڏوهہ ۾ گرفتار ڪيو ويجي ٿو.

ڪورٽ ڪنهن بہ ڏنڊ ۽ سزا کان سواءِ آزاد نہ ٿي ڪري، اوهان کي تہ ان پوڙهي عرب جي گڏهہ جو قصو ياد هوندو.

پوڙهي پنهنجي زمين تي هر پئي ڪاهيو. هن پنهنجو ڪوٽ وڻ ۾ ٽنگي ڇڏيو هو. انهيءَ ڪوٽ ۾ پرمِٽ هئي. پوڙهي جو گڏهہ گاهہ چرندو پرپاسي واري زمين ڏانهن نڪري ويو. پوڙهو گڏهہ ورائڻ ويو تہ ڪيس پوليس ڪٽي جهلي ورتو. ڇو تہ سندس پرمٽ سندس ڪوٽ جي کيسي ۾ رهجي وئي هئي.

ها، پرمٽ واريءَ ڳالهہ تان ياد آيو ڪيئن نہ هڪ بارڙي فوجي گورنر جي آفيس ٻاهران پيءُ جي هنج کان موت جي هنج ۾ هلي وئي هئي. جتي سندس پيءُ هن جي علاج خاطر پرمٽ ملڻ جي انتظار ۾ ويٺل هو.

۽ اوهان ان کي بہ غنيمت سمجهو ٿا تہ اوهان کي صرف بہ مهينا سزا ملي آهي. اوهان جيل ۾ ڳائي بہ سگهو ٿا، پنهنجي عزيزن کي خط بہ لکي سگهو ٿا، ۽ اخبار بہ پڙهي سگهو ٿا. پوءِ بہ اوهان نہ تہ آزاد ٿي سگهو ٿا ۽ نہ مري سگهو ٿا.

توهان اخبار ۾ ڪرائي جي گهر جو اشتهار ڏسي فون ڪريو ٿا. ”ميڊم، مون اوهان جو اخبار ۾ ڏنل اشتهار پڙهيو آهي.... ڇا مان اهو گهر ڏسي سگهان ٿو؟“

”ضرور ڏسو ڪرايو صرف بہ سئو پائونڊ آهي... اچ ئي اچي ڏسو.“

اوهان گهر ڏسي پسند ڪري، ايگريمينٽ تي صحيح ڪرڻ لڳو ٿا تہ گهر ڏياڻي اهڙي رڙ ڪري ٿي جڻ ڪيس نانگ ڏنگي وڌو هجي.

”هُون.... تہ ڇا تون عرب آهين!! معاف ڪجو مان ڪنهن عرب کي پنهنجو گهر نٿي ڏيڻ چاهيان!“

ان کان پوءِ اوهان مسلسل اخبار پڙهو ٿا، گهر ڏسو ٿا ۽ هر ڀيري اوهان کي مايوس ٿيڻو ٿو پوي.

گهرن کي ڏسڻ کان پوءِ، گهرن جي درن تي لڳل سندن عرب مالڪن جي نالن جون تختيون اوهان کي ڏکي ڪري ڇڏين ٿيون. ۽ اوهان سوچڻ لڳو ٿا، جلا وطن ٿيڻ کان پوءِ انهن جا اصل مالڪ ڪيڏانهن هليا ويا.

جيستائين هو انهن جون چاپيون پاڻ سان گڏ کڻي ويا هوندا. پر ڇا واپس اچي انهن گهرن ۾ رهي سگهندا؟

موت ۾ هو چون ٿا تہ يهوديت ڪو بہ ڏوهہ ناهي. اسان تہ صرف ايترو ڪيو آهي تہ، اهڙن ماڻهن کي هتي اچي آباد ڪيو آهي، جن وٽ ڪو بہ ملڪ نہ هو ۽ جتي ڪي بہ ماڻهو نہ ٿي رهيا. جڏهن انهن کان پڇيو وڃي ٿو هي شهر، هي گهر ڪنهن ناهيا هئا؟. ڇا اهي جِن پوت هئا جيڪي هي گهر ناهي گم ٿي ويا؟ تڏهن منهن ڦيري ڇڏين ٿا ۽ قبايل انهن گهرن ۾ وڏيڪ ٻار وٺي اچي آباد ڪن ٿا.

جڏهن توهان پاسپورٽ لاءِ درخواست ڏيو ٿا، تڏهن توهان کي خبر پوي ٿي تہ توهان تہ هتان جا شهري ئي ناهيو. ڇو تہ فلسطين جي جنگ ۾ اوهان جا والدين، اوهان کي وٺي ڪنهن ٻئي طرف هليا ويا هئا. ۽ هر اهو عرب جيڪو هتان هليو ويو هو واپسيءَ تي هتان جو شهري نہ رهيو هو. اوهان پاسپورٽ بجاءِ صرف راهداريءَ لاءِ درخواست ڏيو ٿا، تڏهن اوهان تي انڪشاف ٿئي ٿو اوهان تہ اسرائيل جا رهاڪو ئي ناهيو. ڇو تہ اوهان وٽ هتي رهڻ جي پرمٽ ناهي. اوهان پنهنجي هڪ وڪيل دوست سان ملو ٿا ۽ پنهنجي تڪليف اوريو ٿا تہ "مان هتان جو نہ شهري آهيان، ۽ نہ رهائشي، تہ پوءِ مان ڪٿان جو آهيان..... ڪير آهيان؟"

توهان کي وڪيل قانون جي روشنيءَ ۾ ٻڌائي ٿو توهان کي ثابت ڪرڻو پوندو تہ اوهان هن سرزمين تي موجود آهيو پر پوءِ بہ اوهان کي اها خبر هئڻ گهرجي تہ اوهان هن سرزمين تي پنهنجو طبعي وجود تہ ثابت ڪري سگهو ٿا، پر قانوني وجود ثابت نہ ٿا ڪري سگهو.

اوهان قانون جي باري ۾ سوچڻ لڳو ٿا. ڪهڙي نہ عجيب ڳالهہ آهي، قانون کي حق ۽ انصاف جو ضامن سمجهيو ويندو آهي، پر هتي تہ هر قانون حڪومت جي ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ ناهيو ويو آهي.

۽ مان هن ملڪ ۾ هن رياست جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ ۾ ئي موجود آهيان. شايد ان ڪري منهنجي وجود کي نظر انداز ڪيو ٿو وڃي. تڏهن اوهان محسوس ڪيو ٿا، سچائيءَ کي مڃائڻ لاءِ طاقت ضروري هوندي آهي. صرف ڪا طاقت ئي ان کي ڪا معنيٰ بخشي سگهي ٿي. حقيقت جو روپ ڏئي سگهي ٿي. اوهان اهڙي قانون تي مشڪڻ لڳو ٿا، جيڪو سڄيءَ دنيا جي هر يهوديءَ کي اسرائيل جي قوميت جو حق ڏئي ٿو.

خير.... اوهان ڪنهن بہ طرح اهو سرٽيفڪيٽ حاصل ڪري ونو ٿا تہ اوهان هتي موجود آهيو. ۽ اوهان کي راهداريءَ جو پروانو ملي ٿو وڃي. هاڻي ٻڌايو اوهان ويندئو ڪٿان؟. توهان رهو ٿا حيفہ ۾ ۽ ايئرپورٽ آهي تل ابيب جي پرسان. توهان ٽاٽي ۾ درخواست ڏيو ٿا تہ اوهان کي حيفہ کان ايئرپورٽ وڃڻ جي اجازت ڏني وڃي، پر

پوليس اها درخواست رد ڪري ڇڏي. توهان سوچ ۾ پئجي ويو ٿا. پوءِ اوهان کي خيال اچي ٿو توهان تہ هنن کان وڌيڪ هوشيار آهيو. اوهان رستو مٽائي ڇڏيو ٿا. اوهان ٽڪيو ٿا تہ حيفہ جي بندرگاهہ پهچي، اوهان اتان سمنڊ جي رستي سفر شروع ڪندا. حيفہ جي بندرگاهہ تائين وڃڻ جو اوهان کي قانوني حق حاصل آهي.

اوهان ٽڪيٽ وٺو ٿا، اميگريشن ۽ ڪسٽم وغيره کان ٿيندا اڳتي وڌو ٿا، پر ڪير بہ اوهان کي روڪي نہ ٿو. ان وقت جڏهن اوهان جهاز تي چڙهو ٿا، اوهان کي گرفتار ڪيو وڃي ٿو.

اوهان سمجهو ٿا تہ اوهان تہ ڪا بہ قانوني ڀڃڪڙي ناهي ڪئي، پر ڪورٽ ۾ خبر پوي ٿي تہ نہ حيفہ جو بندرگاهہ تہ اسرائيلي رياست جو حصو آهي. قانون مطابق جيئن تہ حيفہ جو بندرگاهہ حيفہ جو حصو ناهي، ان ڪري اوهان کي ڏوهي قرار ڏنو وڃي ٿو.

اوهان التجا ڪريو ٿا تہ اوهان جي فرياد ٻڌي وڃي. اوهان چئو ٿا، ”مي لارڊ، هاڻ جڏهن تہ مون کي هي قانون چڱيءَ طرح سمجهہ ۾ اچي ويو آهي، تڏهن مان پنهنجي ڪجهہ وڌيڪ قانون جي ڀڃڪڙين جو اعتراف ڪريان ٿو. مان ان سمنڊ ۾ روز وهنجندو رهيو آهيان، جيڪو قانون مطابق حيفہ جو نہ پر اسرائيلي رياست جو حصو آهي ۽ مون وٽ ان جي پرمٽ ناهي.... ۽ حيفہ جي مٿان جيڪو مان آسمان ڏسان ٿو اهو بہ حيفہ جو حصو ناهي. ۽ سمنڊ کان ايندڙ جن هوائن ۾ ساهہ کڻندو رهيو آهيان، ان جي پرمٽ بہ مون وٽ ڪونهي.“

اوهان جي ڳالهہ ٻڌي هُو صرف مرڪڻ لڳن ٿا.

**

*عرب دنيا ۾ محمود درويش عظيم شاعر ۽ افسانہ نگار جي حيثيت سان ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. هو بروہ نالي ڳوٺ ۾ 1942ع ۾ پيدا ٿيو. سندس شاعري ۽ نثر جا لڳ ڀڳ پنجويهہ ڪتاب ڇپيل آهن. اسرائيلي حڪومت جڏهن سندس ڳوٺ کي ڊاهي پٽ ڪيو، تڏهن هو پنهنجن ڀين ڀائرن سان گڏ لبنان هليو ويو. ان کان پوءِ هن جا پيا عزيز تہ لڪ ڇپ ۾ وطن موٽي آيا، پر محمود کي واپس اچڻ ۾ دير ٿي وئي ۽ فلسطيني عربن جي مردم شماريءَ ۾ سندس نالو شامل ٿيڻ کان رهجي ويو. 1977ع ۾ اسرائيلي فلسطيني عرب، فوجي حڪومت جي اثر هيٺ هئا. کين پنهنجي ئي ملڪ اندر سفر ڪرڻ جي بہ اجازت وٺڻي پوندي هئي. سڃاڻپ کان محروم هن شاعر ۽ اديب کي ڪيئين ڀيرا گرفتار ڪيو ويو ۽ پنهنجي ڌرتيءَ تي سندس حياتي، ان ئي نموني گذري هئي، جيئن مٿين ڪهاڻيءَ ۾ پينٽ ڪئي وئي آهي.*



# مُنهنجي مُلڪ جو دستور

هئنرخ بال

سنڌيڪار: ساجد سومرو

مان سمنڊ جي ڪناري تي ويٺو انهن پاڻيءَ جي پکين کي ڏسي رهيو هوس، جيڪي گهڙيءَ گهڙيءَ پاڻيءَ ۾ غوطا هڻي، پنهنجا پرَ پُسائي رهيا هئا، ۽ پوءِ پرَ ڦڙڪائي پرن تان پاڻي ڇنڊي رهيا هئا. سندن پرن تان پاڻيءَ جا قطرا ائين ٽپڪيا ڄڻ ته گلن تي ماڪ وسندي هجي. مان سندن ان راند ڏسڻ ۾ گم هوس. منهنجون اکيون شايد ان منظر کان سواءِ ڪجهه ٻيو ڏسڻ لاءِ تيار نه هيون. سمنڊ جي پاڻيءَ تي ڦهليل تيل سمنڊ جي سطح کي وڏيڪ چلڪڻو ۽ گهرو ٻڻائي ڇڏيو هو. ان وقت چوڌاري ڪو به جهاز ڪو نه هو. بندرگاهه تي موجود زنگ ڪاڌل ڪِرينون صفا سانت ۾ هيون، ڄڻ ته تياڳل هجن. ڪپر تي ٺهيل عمارتون بلڪل سُنسان هيون. سندن ويرانين جو اهو حال هو جو شايد ڪوئا به اوڏانهن ويندي گهبرائيندا هوندا. ان ويل ائين ٿي ڀاسيو ڄڻ پرڏيهي جهازن جي اچ وڃ تي بندش هجي.

اوچتو هڪ پکي ٽٻي هڻي ۽ پرَ ڦڙڪائي اُڏريو ۽ وري هوا ۾ غوطو هڻي اچي سمنڊ ۾ ڪريو. وري هڪ ٻيو ٻيهر ڳچيءَ تائين ٽٻي هنيائين ۽ پرَ ڦڙڪائيندي ۽ ڪنڌاتيون لوڏيندي هڪ وار ٻيهر اڏامڻ جا سانباها ڪرڻ لڳو. مون کي لڳو ڄڻ ته ان پکيءَ کي پاڻيءَ سان ڪئونس ڪندي ڏاڍو مزو ٿي آيو. مون جڏهن ڪيس هوا ۾ هيڏانهن هوڏانهن اڏرندي ڏٺو ته مون کي ائين ڀاسيو ڄڻ هو پنهنجي محبوب جي ڳولا ۾ هجي. پر مون کي خبر هئي ته ڪيس محبوب جي ڳولا کان وڌيڪ پنهنجي شڪار جي تلاش هئي. ان ڪري ئي ته هو پاڻيءَ جي لهندڙ چڙهندڙ تيز ويرن کان بنهه بي پرواهه پنهنجو جسم لهرن جي حوالي ڪري، پنهنجي شڪار هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هو جيسيتائين سندس ساهه سات تي ڏٺو هن پنهنجي ڳچي پاڻيءَ ۾ ٻوڙي ٿي رکي، پر پوءِ

۽ سندس ڇهنب شڪار کان وانجهيل هئي. ان جي باوجود هو مايوس بڻه نه ٿي لڳو. آئون دل ئي دل ۾ سوچڻ لڳس ته جيڪڏهن هن وقت مون وٽ ڊبل روٽيءَ جو ڪو ٽڪر هجي ها ته جيڪر مان ائين ڪيس ٺٽڪندي، ٺٽ ٺٽ ڪري لامارا ڏيندي ۽ اجايو رلڻ ڀٽڪڻ هرگز نه ڏيان ها. مان ڪيس مانيءَ ڳيو ڏيندو رهان ها ۽ اهڙيءَ ريت پاڻيءَ جي مٿاڇري تي ساڻس ان راند روند ۾ مان به شريڪ ٿي وڃان ها.

پر افسوس ته ان وقت مون وٽ ڊبل روٽيءَ جو هڪ ڀور به ڪو نه هو. مان ته پاڻ ٻڪ کان بيتاب ۽ پکين وانگر بي وس هئس. مون ڊبل پورو ڳولڻ لاءِ پنهنجي خالي کيسي ۾ هٿ وڌو ۽ پنهنجي ان اڌوري خواهش کي دل ۾ دبائي ڇڏيو. اوچتو ڪنهن منهنجي ڪلهي تي زور سان هٿ رکيو. مون مڙي ڏٺو هو پوليس جو سپاهي هو. مون کي سندس اهڙي قسم جي دخل اندازيءَ تي سخت مَنيان لڳي. دل چاهيو ته سندس مظبوط هٿ کي ڌڪو ڏئي، مان بيهر انهن معصوم پکين کي ڏسندو رهان، تيستائين ڪين گهوريندو رهان، جيستائين سندن ڇهنب ۾ ڪو چوڳو نه ڏسان- پر هاڻي ته مان پاڻ هڪ سپاهيءَ جي مظبوط هٿ ۾ خود شڪار وانگر ڦاٿل هوس.

”ڪامريڊ!“ هن منهنجي ڪلهي کي زور ڏيندي چيو.

”جي سائين!“ مون عاجزيءَ وچان ورائيو.

”سائين منهنجا هي سائين ٻائين نه هلندو سڀ ماڻهو ڪامريڊ آهن.“

سپاهيءَ جي لهجي مان ٽوڪ ظاهر هئي.

”ته پوءِ... پوءِ تو ڇو مون کي ڳنڊ کان جهليو آهي. ڇا مون ڪو ڏوهه ڪيو آهي؟!“

هن مرڪندي چيو ”ڏوهه! تون اداس لڳي رهيو آهين!“

مون سندس ڳالهه ٻڌي ٿهڪ ڏنو.

”ان ۾ کلڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟!“ سپاهيءَ جو منهن ڪاوڙ وچان ڳاڙهو ٿي ويو.

مان سوچي رهيو هوس ته شايد هو ان وقت بوريت محسوس ڪري رهيو هو ۽ شايد انهيءَ ڪارڻ چڙ ۾ آهي.... اڄ شايد سمنڊ ڪناري ڪو به شڪار هٿ نه لڳو هو نه ڪا وئشيا، نه ڪو نشئي يا شرابي ۽ نه وري ڪو ڳنڍي چوڙ. پر سنت ئي مون کي احساس ٿيڻ لڳو ته هو واقعي سخت ڪاوڙ ۾ هو ۽ مون کي پنهنجو شڪار بڻائڻ ٿي چاهيائين. هن پنهنجو ٻيو هٿ به اڳتي وڌايو ۽ مون کي پنهنجي مظبوط گرفت ۾ ڪٽي قابو ڪيائين. ان وقت منهنجي حالت اهڙي پکيءَ وانگر هئي، جيڪو ڄار ۾ ڦاٿل بي وسيءَ وچان ڪنيڙائيون ڏڙڪائي رهيو هجي. مون هن جي گرفت ۾ ڦاٿل هوندي به صاف ۽ شفاف فضا جو جائزو ورتو. سمنڊ کي پنهنجي نظرن ۾ اوتي ڇڏيم ۽ پنهنجي شڪاريءَ سان گڏ گڏ هلڻ لڳس. مون کي خبر هئي ته پوليس جي هٿ اچڻ معنيٰ هاڻ ڊگهي عرصي تائين تنهائيءَ جي قيد ۾ گهارڻو پوندو ۽ اها ڳالهه سمنڊ ۾ ٻڏي مرڻ کان

به وڌيڪ ڏکي ۽ تڪليف ڏيندڙ هئي. جيل جو خيال ايندي ئي مان پنهنجن خيالن مان ٻاهر نڪري آيس.

مون هٻڪندي پڇيو ”سائين منهنجو ڏوهه ته ٻڌايو؟!“

”ڏوهه ٿو پڇين ته ٻڌ. هن ملڪ جو قانون اهو ٿو چئي ته هر شخص سدائين خوش ۽ سرهو نظر اچڻ گهرجي.“

”پر مان ته ڏاڍو خوش آهيان.“ مون ڏاڍي گرمجوشيءَ سان جواب ڏنو.

”بلڪل غلط“!

”پر مان ته ملڪ جي ان قانون کان اڻ واقف آهيان.“

”ڇا تو ٻڌو ناهي؟ ان قانون جو اعلان ڇتيهه ڪلاڪ اڳ ٿي چڪو آهي ۽ چوويهه ڪلاڪ گذرڻ کان پوءِ هر اعلان قانوني شڪل اختيار ڪري وٺندو آهي.“

”ليڪن... پر مان ته ان اعلان بابت هينئر ٻڌي رهيو آهيان.“

”اهو اعلان ته ملڪ جي مڙني اخبارن ۾ ڇپجي چڪو آهي. هنڌ هنڌ لائوڊ اسپيڪرن تان اعلان ٿي چڪو آهي. انهن ڇتيهن ڪلاڪن ۾ تون ڪٿي هئين؟“

هو اجا تائين مون کي پاڻ سان گڏ گهلي رهيو هو. سيءَ سبب مان سڄو ڏکي رهيو هئس ۽ بک ۾ ته اڳ ۾ ئي پاهه ٿيو پيو هوس. ڪپڙا هنڌان هنڌان ڦاٽل هئا. منهنجي ڏاڙهي پڻ وڌيل هئي ۽ اعلان پٽاندر هر ماڻهوءَ کي صاف سٿرا لٽا پهري، کلندي ڪڏندي نظر اچڻو هو.

بس... منهنجو ڏوهه اهو هو. جڏهن اسان ٿاڻي تي وڃي رهيا هئاسين ته مون محسوس ڪيو ته راهه ۾ لنگهندڙ هر راهگير خوشيءَ جو ڊرامو ڪري رهيو هو. جيئن ڪنهن ماڻهوءَ جي نظر اسان تي ٿي پئي، هو ٻيهي ٿي رهيو. سپاهيءَ جيئن ئي ان جي ڪن ۾ ڪجهه چيو ته سندس منهن ٻهڪڻ تي لڳو. جيتوڻيڪ مون کي ته ائين ٿي ڀاسيو ته هر ماڻهوءَ جو منهن لٿل آهي، هر ماڻهو ڪم ڪار کان پوءِ ترت پنهنجي گهر پهچڻ چاهيندو آهي. اسان جي رستي کان لنگهندڙ هر شخص اسان کان نظر بچائي ڀڄڻ جي ڪوشش ۾ هو. شايد ان لاءِ ته جيئن سپاهيءَ جون تيز ۽ شاطر نگاهون سندس اصلي شڪل نه سڃاڻي وٺن. مون کي لڳو ته هر ماڻهو پوليس واري جي نگاهن کان بچڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

هڪ چوڪ تي اسان جو ٽڪر هڪ ضعيف شخص سان ٿيو جيڪو شڪل صورت مان ويچارو اسڪول ماستر ٿي لڳو. اسان هن جي ايترو ته ويجهو پهتا هئاسين، جو هو ڀڄي به نه سگهيو. قانون مطابق هن ڏاڍي احترام سان سلام ڪيو ۽ منهنجي ٻوٿ تي نفرت وچان ٿي ڀيرا ٿُڪيندي، هن چيو: ”پيٽسان غدار!“

مون قميص جي ٻانهن سان منهن تان ٿُڪ اُگهڻ جي ڪوشش ڪئي ته هڪدم منهنجي پٺيءَ تي ڪنهن زوردار مُڪ وهائي ڪڍي. سپاهيءَ گجندي چيو:

"وِڪَ ڪَرِڻُ."

۽ مون پنهنجي سزا طرف پهرين وِڪ وڌائي. اسڪول ماستر وڏيون وڏيون ٻرانگهون ڀريندو اکين کان اوجهل ٿي ويو. هاڻي رستو بلڪل صاف هيو ڇو ته هر راهگير اسان کان لنوائيندي، لنگهي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي رهيو هو.

اسان هلندي هلندي اچي ان هنڌ پهتاسين، جتي مون کان پُڇا ڳاڇا ٿيڻي هئي. اوچتو ان وقت بِگل وڄڻ لڳو جنهن جو مقصد اهو هو ته سڀ مزدور ڪم ڪار ڇڏي وهنجي سهنجي صاف ڪپڙا پائي خوش خوش ۽ ٽهڪندا نظر اچن.

قانون پٽاندر فيڪٽريءَ کان ٻاهر نڪرندي، هر ماڻهو خوش باش ٿي نظر آيو. پر ايڏا به خوش نظر نه ٿي آيا جو ڏسڻ وارا اهو سمجهن ته هو ڪم کان نجات حاصل ڪرڻ سبب خوش ٿي رهيا آهن. اها منهنجي خوش نصيبي هئي جو بِگل ڏهه منٽ اڳ ۾ ئي وڄايو ويو هو ۽ اهي ڏهه منٽ مزدورن کي هٿ منهن ڌوئڻ ۾ لڳا. نه ته مان جنهن به مزدور جي آڏو لنگهان ها ته قانون مطابق هو ٿي پيرا منهنجي منهن ۾ ٿڪي ها.

مون کي جنهن عمارت ڏانهن سپاهي وٺي ويو اها ڳاڙهين سرن جي ٺهيل هئي. ٻه سپاهي دروازي تي پهرو ڏئي رهيا هيا. انهن به ملڪ جي قانون مطابق منهنجي پٺيءَ تي بندوق جا بٽ هنيا. عمارت اندر هڪ ويڪري ميز رکيل هئي، جنهن تي هڪ ٽيليفون رکيل هو ۽ ميز جي ڀرسان به ڪرسيون رکيل هيون. مون کي ڪمري جي پوري وچ تي بيهاريو ويو. ميز جي ڀرسان رکيل هڪ ڪرسيءَ تي هڪ ماڻهو ويٺو هو. هڪ ٻيو ماڻهو چپ چاپ اندر اچي ٻي ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. هن کي لباس عام ماڻهن جهڙو هو جڏهن ته ٻيو شخص فوجي لباس ۾ هو.

هاڻي مون کان پڇا ڳاڇا شروع ٿي وئي: "ڇا ڪندو آهين؟"

"هڪ عام ڪامريڊ آهيان."

"ڄم جي تاريخ؟"

"پهرين جنوري 1901ع."

"تون هتي ڇا ڪندو رهيو آهين؟"

"سائين! مان هڪ جيل ۾ بند هوس."

منهنجو جواب ٻڌي، هو ٻئي حيرانيءَ وچان هڪ ٻئي کي گهورڻ لڳا.....

"ڪهڙي جيل ۾؟"

"جيل نمبر 12، کولي نمبر 13، اڄا ڪالهه ئي آزاد ٿيو آهيان."

"تنهنجي آزاديءَ جو آرڊر ڪٿي آهي؟!"

مون کيسي مان آرڊر ڪڍي سندن آڏو رکيو.

"تو کي ڪهڙي ڏوهه ۾ سزا آيل هئي؟"

”سائين، مان ان ڏينهن خوش نظر اچي رهيو هوس.“

هو وري اچرج وچان هڪ ٻئي کي تڪڻ لڳا.

”ڪُلي ڳالهاءِ، اهي پروليون نہ پچراءِ؟!!“

”ان ڏينهن هڪ تمام وڏو سرڪاري آفيسر گذاري ويو هو. حڪومت اعلان ڪيو تہ سڀني ماڻهن کي ان جي غم ۾ شريڪ ٿيڻو آهي. مون کي ان آفيسر سان ڪا بہ دلچسپي ڪا نہ هئي، تنهنڪري الڳ ٿلڳ رهيس. هڪ سپاهي جهلي سوگهو ڪيو ۽ اهو بيان ڏنو تہ مان سوڳ وارن کان الڳ ٿلڳ خوشيون ملهائي رهيو هوس، تنهن ڪري مون کي سزا ملي.“

”گهڻا سال؟!“

”پنج سال.“

جڏهن مون کان آڏي پڇا ختم ٿي تہ اوچتو ٻہ سپاهي اندر گهڙي آيا ۽ مون کي خوب مار ڏنائون ۽ پوءِ منهنجي سزا جو فيصلو ٻڌايائون.

مون کي ڏهہ سال قيد جي سزا ملي. هائو خوشيءَ سببان مرڪندڙ مُک مون لاءِ پنج سال سزا جو سبب بڻيو ۽ هينئر منهنجي ماتمي مُنهن مون کي ڏهہ سال قيد جي سزا ڏياري هئي... مان سوچڻ لڳس تہ جڏهن مان جيل مان آزاد ٿي ٻاهر ايندس تہ شايد پنهنجي شڪل کان ئي محروم هوندس... منهنجي ڪا بہ شڪل نہ هوندي، نہ کلڻي ۽ هشاش بشاش ۽ نہ وري اُداس ۽ غمگين!!

□□

سارنگا پبليڪيشن پاران تمام جلد شايع ٿيندڙ ڪتاب

**مي رقصم** (مضمون ۽ ڪالم)

نوجوان ليکڪ سردار شاهہ جي تخليقي ذهانت ۽ علمي حاصلاتن جو عرق.

**اوڏ اتهاس**

ننڍي کنڊ ۾ ويدن کان وٺي موجوده دور تائين اوڏن جي تاريخ، اصل نسل، ڪلچر، مذهب کان وٺي موجوده وقت ۾ سنڌ سميت سڄيءَ دنيا ۾ رهندڙ اهم اوڏ شخصيتن جي ڪم ۽ ڪارڪردگيءَ متعلق هڪ تاريخي دستاويز. پنهنجي ڪاپي اڄ ئي بڪ ڪرايو.

نظم



طارق عالم ابڙو

# مان وڃي چڪو آهيان...!

رات پوين پهر آهي،
۽ گلاب ٻوٽي تي،
پرهه موتي برسائي،
پنکڙين کي ڌوئي ٿي.

هيءَ گلاب جي خوشبو
ٿي اچي پري تائين،
۽ سڏي پئي مون کي،
سمنڊ جي تري تائين،

مان وڃي چڪو آهيان،
جو ٿي مون کي پنيلائي،
پيار سان ڳلي لائي،
هيءَ گلاب جي خوشبو

تو جڏهن کنيو هٿ هو،
منهنجي هٿ مٿان اي دل،
مان تڏهن ئي سوچيو هو
زهر ۾ ملائي مڌ،
لڙڪ پيئڻو آهي،
خاڪ جيئڻو آهي-

خاڪ، آهي ڪستوري،
جا لڳن کي لائي مان،
اڄ وڃان پيو ٿو دور،
جاتي منهنجو اوسيئڙو،
پڙ ڪان ڪري ٿو پور.

پور منهنجو سنگي هو،
سور منهنجو ساٿي هو،
لڙڪ منهنجي نيڻن جي،
باغ جا مٺا ڦل ها.

ڪيڏا پيار سي پلَ ها.
مان جڏهن اڪيلو هوس،
پنهنجو پاڻ ميلو هوس،
ڪو مياٽي ٻيلو هوس،
جنهن ۾ آس ٽانڊاٽا،
۽ خيال جا پوپٽ،
هر ڏسا اُڏرندا ها،
مان انهيءَ ٻيلي جو
هرڻ ڪو نيلو هوس.

پر جڏهن مليئن مون کي،
پور مون کان وڇڙي ويو،
سورَ منهن مٽيو مون کان،
لڙڪ جيڪي نيڻن جي،
باغ جا مٺا ڦل ها،
سي الائي ڪاڏي ويا!

تنهنجي پيار جي چاهت،
منهنجي دل مسافر کي،
ڇا الائي سمجهايو،
۽ سنگهائي ساهن کي،
پنهنجي روپ جو عنبر،
منهنجو روپ بدلايو.

وقت ايئن گذريو پئي،
راهه ۾ هلياسين پئي،
هٿ ۾ ڏئي هٿ کي،

گيت گنگنائيندا،
شاعريءَ کي ڳائيندا.

پوءِ الائي ڇا ٿيو جو
تو هو پاڻ بدلايو
۽ وجود تنهنجي مان،
ازدها جيان ڪوئي،
اجنبي اٿيو سايو
ڦيريون پائي گم ٿي ويو
ٻٽجي تيز واچوڙو.

تون هئينءَ نہ ڪاٿي ٻي،
هو تہ ٻانهن ۾ چُوڙو
جيڪو پيار سان هو تو
منهنجي ٻانهن ۾ پاتو.

لک ڀيرا چاهيو هوم،
جنهن کي يار لاهڻ لاءِ،
ڪو هيو لٽو سو جو
تنهنجي ياد جو رستو.

منهنجي ٻانهن جو چوڙو
ٿي جڏهن ڏنم چُوڙو
مون کي ايئن لڳندو هو
ڇڻ ڪو واعدو ڪوڙو.

رات پوبون پهر آهي،
۽ گلاب ٻوٽي تي،

پرهہ موتي برسائي،
پنکڙين کي ڌوئي ٿي.

هيءَ گلاب جي خوشبو،
ٿي اچي پري تائين،
سمنڊ جي تري تائين.

مان وچي ڇڪو آهيان،
نئون جهان تورڻ لاءِ،
۽ سِپن کي سورڻ لاءِ.

ڪير سمنڊ لهرن تي،
پيو گلاب برسائي،
منهنجا سڏ ورنائي،
ڪو بہ ناهي ساگر ۾،
دور چنڊَ گهاگهر ۾،
چاندني ڇٽي آهي.

هر طرف هندوري جيئن،
ٿيون لڏن پيون لهرون،
جن ۾ خواب جاڳن ٿا،
اڻ ڇنن سوالن جا،
سڀ جواب جاڳن ٿا،
مان سمهي پيو آهيان،
۽ عذاب جاڳن ٿا...!

♣

اسحاق سميجو

## تاريخ

قديمي ڳوٺ کان ٻاهر
ٽِٽل هڪ کوهہ جي ٻَر ۾
ٽٽل مسجد جي پويان ئي
پراڻا ڪجهہ قبا آهن.

ڀُري ٽيل پور ڪجهہ قبرون
ڪلَر کاڌا ٽِٽل ڪتبا
وڏا پٿر پيل تن تي
انوکي تن تي گلڪاري.
مِٽي فنڪار ٿي ويا سڀ
مِٽي تن جي نہ فنڪاري!

الائي ڪير ماڻهو هئا
الائي دور ڪهڙي جا
نڪو تاريخ ۾ نالو
نڪو مشهور ڪي قصا!

فقط قبرون سٽل آهن!
نصيبن جيئن مُٺل آهن!

♣

## ڪالُ

دنيا ۾ جي آهي ڪالُ، تہ ماڻهن
جو آهي
ڪتن جو ڪو ڪالُ نہ ٿيو آ
۽ نہ ڪڏهن ٿيندو!

جنهن آفيس ۾ جهاتي پايو
ڏڙ ماڻهوءَ جو
سِر ڪتي جو!
جيڪو ويندو
ڦتجي ايندو
يا ورندو ڪپڙا ڦاڙايو۔

دنيا ۾ جي آهي ڪالُ، تہ ماڻهن
جو آهي
ڪتن جو ڪو ڪالُ نہ ٿيو آ
۽ نہ ڪڏهن ٿيندو!

♣

## پنهنجيءَ پيڻ جي نالي

پيڻ منهنجي، اسان سڀن کان وڏي
جا گذاري وئي هئي ننڍپڻ ۾
هن ڏٺو هو مون کي
نہ مون هُن کي۔
رنگ، ساروپ، نقش، ڇا هُن جا
ياد مشڪل هجن امان کي ئي
پوءِ بہ اڪثر پئي ياد آئي آ

بي تحاشا ۽ بي حساب مون کي!
ياءُ جيڪو ننڍو سڀن کان آ
سو بہ هن کان گهڻو وڏو آهي
ها مگر هوءَ وڏي جا سيني کان
سا سڀن کان ننڍي ٿي رهجي وئي
ياد هن جي اسان جي ساهَن ۾
مستقل ڪا ڪُنڍي ٿي رهجي
وئي!

♣

*(آوار پولڀءَ جي حسين شاعر رسول حمزه توف جو نظم "ياڻي" پڙهيم، جنهن کي فيض احمد فيض "سرِ واديءِ سينا" ۾ ترجمو ڪري ڏنو آهي، تہ مون پنهنجيءَ دل ۾ان پيڻ جو غم نئين سر ساهہ کڻندي محسوس ڪيو جيڪا اسان سڀني ڀائرن ۽ ڀينرن ۾ سڀ کان وڏي هئي ۽ رانديڪن جي عمر ۾ سڙي پوڻ سبب زندگي هارائي ويٺي هئي. هوءَ اسان جي گهر جو اهڙو ڀاتي آهي، جيڪا هميشہ موجود هوندي بہ ڪڏهن نظر نہ آئي آهي۔ اسحاق)*

# پارٽ هُجئي بس!

حاجي ساند

اسان پنهنجي پايل جي گيتن جا سڏڙا
نہ پاڙي سين اوريا، نہ سرتين سين ونڊيا
نہ ڳانا ٻڌاسون سندس ٻانهن ۾ ۽
نہ لاڏن تي گڏجي ڪا متڪو ڪئي سون،
امان جيڪي سانڍي هئا سالن کان رکيا
ادي جي ونيءَ جا رنگيل لال ڪنهنبا
لڳي تو انهن تي ڄمي ڪيھ ويندي
۽ بابي جو پورهيا ڪري هو ٺاهرايو
تنهن بُولي جي ياڳن ۾ ڪو نڪ ناهي
هو ٿالهن ۾ جيڪا پسيل ميندڙي هئي
سيئي رنگ ڪامي اُڏامي هليا ويا.
۽ موڙن سرين ۾ اسان جي پرويا
هو ميلاپ رُت جا سيئي خواب سهڻا
ڪنهن تعبير جي ڏڦ ڏڳن ها انهي کان
اڳي ئي مري ويا.
اسان کي وڇوڙن جي قاتل گهڙين جو
سمورو هو ادراڪ تنهنجي ڪري ئي
اسان تنهنجي آمد تي جهمريون هنيون ٿي
گلن جا ڏئي هار پائر مڪاسون
مٺي پيڙ! تنهنجي اسان آجيان ۾
جيڪي گيت واريا جيڪي قول هاريا
اسان پيا، جيڪي ڏنا توکي معصوم
الائي تہ ڪنهن کي وٽي ڪو نہ آيا
وري تنهنجي سِر جو اسان جي ادن ئي
ڏنو آه صدقو!
وري تنهنجي محبت جي طلسم ڪدي ۾
اسان جي اهوئي ڪيون روشنيون هن
اسان باھ جي هن آڙاھ مان ڏس
پنهنجا ساھ واري اُڪايو آ توکي
اسان کي خبر آ محبت ڪو واپار ناهي
مگر پوءِ بہ!
مٺي پيڙ! هڪڙي گذارش آ ننڍڙي
سياڻي هي تنهنجي اچڻ جا اُجالا
ورن ديس واپس!
اسان جي انڌيرين ڳلين جي
پارٽ هجئي بس!

♣

# باکن جهڙي بوند وسايون

اياز امر شيخ

سڏ ڪڏهن ٻي سُمهندا ناهن!
اڄ تہ اُڏاريون گيت گگن ۾
پنڇيءَ وانگر پرڙا ساهي
آزاديءَ جا سهرا ڳائي
اُن مقتل کي مات ڏيون ڪا
جنهن جي ديوارن تي سچ جا
ريتا ڪيئي رت رڱيل هن
تن تي هاڻي بارش ٻڙجي
باکن جهڙي بوند وسايون
لاڪارن جي لهرن سان گڏ
گاج جيئان گجگات ڪري اڄ
ارڏا ڪيئن احساس اُجاري
چوراهن تي چنڊ اُڀاريون
رُسوائين ڏي رولين ٽيون جي
سي سڀ رهزن راتيون رُٺاڙيون
ڪاڪ ڪنڌيءَ تان قاتل رُت جا
ڪرب قصا سڀ مُرڪي ماريون
سنڌوءَ جي هن سور سفر ۾
سُڏڪن جا جي سڏ پريل هن
بستي بستي ٻُک ٻاڪُر ۾
سُک جا سارا سٽ سڙيل هن
تن جا سهڪيل سڏ ورائي
سينو سينو سنڌ ٻڌائي
چاهہ چپن تي چاڳ اُڀاريون
برسي بن تي ٻاڳ اُڀاريون
او سنياسي ڏرتيءَ واسي!؟
پاڻ ٻنهي کي ڳٽ ڳچيءَ ۾
پائڻ لاءِ ڦٽڪي ڦاسي
پوءِ بہ اڃان لاشن جان لٽڪي!
زخمن جي زندان ۾ گهُٽجي
روز مرون ۽ روز جيئون ٿا
زرد حياتي زهر پيئون ٿا
اهڙي جيئڻ کان جاڳ ڀلي آ
اورانگهي هر آڳ هلي آ
تيز لُڪن ۾ تپيل تن جا
لڳ ڪڏهن ٻي سمهندا ناهن.

عزيز گوپانگ

# زنده بچي ويل هڪ خواب...!

لڙڪن ٻارن جي ڳلن تي
سندن ڳوڙهن جون
گهٽيون ٺاهي ڇڏيون آهن
۽ اُنهن گهٽين ۾
سندن خواب
حقيقتن جي پيرن ۾
لتاڙيل نظر اچن ٿا
مگر هڪ خواب
جيڪو بيرحم سچ کان بچي نڪتو
اُهو هزارن ڪيئمپن ۾
پيرن اُگهاڙو ڊوڙندو رهي ٿو
اُنهن لڙڪن سان گڏ
جيڪي
ڳلن جي گهٽين ۾
يتيم ٻارن وانگر
دربدر گهمن ٿا ـ
سچ جي پيرن ۾ لتاڙجڻ کان
بچي ويل خواب کي
زنده رکڻ لاءِ
اسان کي هڪ ٻئي خواب جي ضرورت آهي
جيڪو اُن سان گڏجي
ڳلن تي ٺهيل گهٽين بدران
ڳوڙهن جي گهٽين ۾
رانديون رهي سگهي!!!

♣

فراق هاليپوٽو

# هڪ پيرو رُسي ٻہ ڏسون

دل چوي ٿي تہ هڪ پيرو رُسي ڏسون!
تون هيئن ڪر جو راڳو ڪندي
آڳر سان فقط پنهنجو نالو لک
آئون پنهنجي شاعريءَ جو
اڌ حصو خارج ڪريان.
تون مون تي چانو ڪرڻ بند ڪر
آئون تومان ڪجھ جيئن چوندو نہ ڪريان
تون مينهن ڏسي پنهنجا ڪپڙا نہ نپوڙ
آئون گهاٽي ماڪ ڏسي
پوڙها ۽ گهاٽا وڻ نہ ياد ڪريان
اجا ٻہ ڪا گنجائش هجي تہ تون
ڪتياڻين کي رنگ ملائيندي نہ ڏس
آئون ڳرندڙ گليشئر جون تصويرون نہ ڏسان
(۽ جبلن جي ٻرڻ جا سبب معلوم ڪريان)
۽ پوءِ جڏهن پرچڻ لاءِ دل چوي
تڏهن ٻئي ڄڻا
ٻاجهر هڪلڻ لاءِ ٻيهن تي ٻيهي
ملڻ جا نشان چٽيون
يا رليون سبندڙ پوڙهين جو
ڪشميرو چوري ڪري
پنهنجون ٽٽل راتيون سبون.

♣

نثار ٻانيڻ

## رات جي وارن ۾ خوابن جون آڱريون

اي رات!
تو کي سڪون ۽ خاموشين جي لمحن پاليو آهي
۽ تون سانت جي ڪنوار آهين
تو پنهنجي جسم تي ڪڏهن ڪارو تہ وري ڪڏهن پورو
ويس پهريو آهي
جنهن ۾ چنڊ تارا ٽاڪيل هوندا آهن
جڻ تو خواب سڀ چڏيا هجن
چو تہ تون ئي پنهنجن وارن جي آڱرين سان
ڏينهن جي اکين کي ڍڪي لوليون ڏيندي آهين
۽ الاهي سارن لمحن جي وٿين ۾ سمهاري ڇڏيندي آهين.
تو ئي تہ چنڊ کي پاڇولو ڏنو آهي.
جيئن هو تنهنجا پير چمي سگهي،
تنهنجون اکيون اهڙو گهر آهن
جنهن ۾ ڪوبہ در دري ۽ روشندان ڪونهي
جنهن جي ديوارن تي الاهي سارا اداس نظم لکيل آهن
تنهنجون اکيون هڪ اهڙو گهر ٻڌجي ويون آهن
جنهن جي چوڌاري ننڍڙا ۽ ڏگهڙا وڻ بيٺل آهن
انهن جي هيٺان سنهري چهر جي وڇايل چادر آهي
جنهن مٿان جڏهن انهن وڻن جا پن ڪرندا آهن
تہ انهن جي ڪرڻ کان وڌيڪ آواز
تنهنجي خماريل اکين جي ٽڪل پنبڻين جي جهڪڻ جو ٿيندو آهي
تون ئي پنهنجي نرم آڱرين سان
اسانجن نيڻن کي ڇهي ننڊ جي پينگهہ ٻڌندي آهين
۽ اسين سڀ خوابن جي وادين ۾
سهڻن احساسن جون آڱريون پڪڙي
پيا ڊوڙندا ٿا رهون.
اي رات !
چو تہ اسين سڀ خواب ئي ڏسندا آهيون
خواب جيڪي اسان جي جاگير هوندا آهن
جن جي تخليق تنهنجي چانئٺ کان شروع ٿئي ٿي..!

♣

## دعائن جي ڏرتيءَ تي جدائيءَ جا گس

تنهنجي اوسيئڙي جي موسمن جيان
روح جي گهر جا سارا در دريون ۽ روشندان
پنهنجا چيڪاٽ وساري ويٺا آهن
۽ تنهنجي سار کان واقفيت رکندڙ
منهنجي آڱرين جي اُڻ تُڻ
جوين جي مست سڳنڌ کي ڇهي رهي آهي
۽ دوريءَ جي هوائن کي ڪنڌ ۾ پاڇاري وجهي
هيءَ شام سرمئي بڻجي لهي تي.
چو تہ جانان!
تنهنجي يادن جا منهنجي من تي پيرڙا
هورڙيان هورڙيان پنڌ پيا سکن !
۽ منهنجي دعائن جي ڌرتيءَ تي
توکان جدائي ڏانهن لڙيل گس ڪٽي وڃائجي تہ نہ ويا آهن !؟
سچ پرين ڪٿي ايئن تہ ناهي !؟
مون تہ سارين موسمن جي هوائن تي
تنهنجي اوسيئڙي جا گيت لکي ڇڏيا آهن!
تہ جيئن تولاءِ گس جو ڏس جُڙي پوي

♣

عبيدالله عبد ڀنيرو

# پاسپورٽ

منهنجون نظرون جهڪيل هيون
تنهنجون نظرون ڦڪيون هيون
مٿي آسمان هو
۽ هيٺ زمين-
تون پٽ جي هڪڙي ڪنڊيءَ تي
۽ آئون ٻيءَ تي.
پٽون ٻئي هڪ جهڙيون
وڻ به ساڳيا
هوا به ساڳي
سموري فطرت ۾
سڀ شيون هڪ جهڙيون-
جي الڳ هئي تہ فقط هڪ سرحد
جيڪا تنهنجي منهنجي وچ ۾
ازل جي ويري جيئن ڪڙي هئي.
جنهن ڌرتيءَ جي جسم کي تلوار وانگر
ٻن حصن ۾ ڪپي رکيو هو...
چون ٿا تہ پنهنجو ملڻ پاسپورٽ ۾ رکيل آهي
هوا، سانوڻ، خوشبوءِ کي ڪو بہ پاسپورٽ نہ آهي
پوءِ انهن کي ڪا سرحد
ڇو نہ ٿي روڪي سگهي!
يقين ڪر
تہ مون وٽ پيار کان سواءِ
ڪو بہ پاسپورٽ ڪونهي.

♣



# نہ سمجھڻ جو ڏُک

اخلاق انصاري

"لڳي ٿو تون زندگيءَ ۾ ڪجھ بہ نہ ڪري سگھندين."
(پيءُ کان ٻڌل جملو)
I have tried my best but sorry do disappoint you, again.
(پٽ جا چيل لفظ)

سڄو بدلجي ويو آهي.

اندر ۾ ڏهي پيو. پاڻ کي وڏيڪ پوڙهو ٿو محسوس ڪري. وارن جي اڇي ٿيڻ جو احساس هاڻي ئي ٿيس. نظر جو گهٽ ۽ گوڏن ۾ سور سنتو سنتو. اندر ۾ شديد خواهش تہ "ڪو مون سان همدردي ڪري" - پر ڪنهن کي ڪهڙي خبر، هن جي اندر جي پيچ ڏاهہ جي. ڪيئن ڪنهن کي پنهنجي حالت محسوس ڪرائي؟؟

واٽرو تي ويل، هو سڏڪا پري روئڻ ٿو چاهي پر...... اکيون ئي نہ ٿيون پرجنس.

هن کي پنهنجو پيءُ ياد اچي ويو.

جڏهن پوڙهو ٿي ويو هو. رٽائر ٿي گهر ۾ ويٺو تہ همدرديون وٺڻ لاءِ ماحول نہ هي وندو هو. جسماني طور ڪمزور هوندي هو ذهني طور سگهارو هو.

"دل ۾ تڪليف آهي."

"دل هڪ ڏک گسائي ٿي."

"رات سڄي ننڊ نہ آئي..... ڪِپي واچ ڦڙڪي ٿي..... اڌ رنگ نہ ٿئي....."

پيءُ کي ڊاڪٽر ڏي وٺي ويندو هو. هر دفعي ڪجھ بہ نہ نڪرندو.... وري مهيني ڏيڍ ڪانپوءِ ڪا ہي شڪايت ٿيندس، مٿ مائٿ گڏ ڪندو.

سندس پيءُ جي نڙيءَ ۾ هڪ دفعي گرھ ڦاسي پيو. نڙيءَ کان هيٺ لهي ئي نہ پيو... پاڻيءَ جا وڏا ڍڪ پريائين... لوڻ ليمو گرم پاڻيءَ ۾ ملائي ڍڪ پرڻ جي ڪيائين. پاڻي اندر وڃي ئي نہ..... گھر جي پڌر تي سڄو وقت گھمندو رهيو. هن کي محسوس ٿيو تہ بابا اڳ جيان همدردي حاصل ڪرڻ لاءِ يا پنھنجي اهميت محسوس ڪرڻ يا ڪرائڻ لاءِ ائين ٿو ڪري....!!

"بابا... ڪجھ بہ نہ آهي."

"پٽ ڦاٿل آهي."

"بابا ڪڏهن ڪنهن پڏو تہ ڪنهن جي نڙيءَ ۾ گرھ ڦاٿو هجي."

"پٽ.... ڏسين ٿو اندر ڪجھ وڃي ئي نہ ٿو."

"بابا.... بابا وهم اٿوَ."

"پٽ وهم نہ آهي... تڪليف آهي."

"بس..... بابا وهم اٿوَ."

"پٽ توهان نہ ٿا سمجهو."

"ها بابا سڀ سمجهون ٿا."

هن ڏٺو تہ هن جي پيءُ جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا هئا.

جڏهن تہ هن پنھنجي پيءُ کي سڄي زندگي مضبوط ڏٺو هو. لاپرواھ رهيو هو سڄي زندگي سٺو پاتائين ۽ سٺو کاڌائين... سندس ماني گھر ۾ ٻين کان جدا هوندي هئي. گھر لاءِ سبزي ۽ دال ٺهندي تہ هن جي لاءِ الڳ مڇي يا گوشت رڌبو. ٻيا نيرن ڏهي ۽ چانهہ سان ڪن تہ هن لاءِ جيرا ٺهندا. هن ماني کائيندي پنھنجي اولاد جي چهرن تي حسرتن کي ڏٺو الائي نہ محسوس ڪيو الائي نہ پر هن سوچي ڇڏيو تہ جڏهن هي پيءُ ٿيندو تہ اهي سڀ خواهشون جي هن جون پوريون نہ ٿيون.... اهو سڀ ڪجھ ٻارن کي ڏيندو... ۽ ائين ڪيائين.

پهرئين پٽ ڄمڻ تي_

خوبصورت پينگھو اوچا ڪپڙا ۽ بهترين رانديڪا ورتائين.

هر پهرينءَ تي نوان رانديڪا وٺندو. جڏهن پٽ وڏو ٿيس تہ ڪانئس پڇيو هئائين.

"پٽ، توکي اهي سڀ رانديڪا ياد آهن... جي مان وٺي ڏنا هئا مانءِ؟؟"

"ڪجھ ڪجھ."

"ڪھڙا....؟ ڪھڙا؟"

" بابا اُها ريل گاڏي ياد آهي، جيڪا هلندي هئي تہ جڻ اصلي ريل گاڏي هجي. ان جو دونهون ڪيڻ، سيٽيون وڄائڻ... ڏاڍي وڻندي هئي."

"پٽ جي اهي سڀ رانديڪا محفوظ هجن ها تہ بہ ڪمرا آسانيءَ سان ڀرجي وڃن ها."

هن کي تہ پيءُ وٽان بہ ڪمرا مليا، جيڪي پينرن ۽ پائرن سان ڀريل هئا.

ڪافي پيرا سندس پيءُ کيس پنهنجي پِنين ۽ سيني جا وار ڏيکاريندي چيو تہ "جنهن جي بہ سيني تي وڌيڪ وار هوندا آهن، اهي جنسي طور مضبوط هوندا آهن.... ۽ وڌيڪ ٻار ڄڻيندا آهن."

"ها بابا... بلڪل وڌيڪ ٻار ڄڻيندو پر...."

"پر ڇا؟؟..... پٽ هر ڪو پنهنجو رزق پاڻ کڻي ايندو آهي."

گهر ۾ ڇا هو؟ سڄي ملڪيت رڳو چار ڪتون، ٽانوَن جو ڪارو، ڪمرن ۽ اڱڻ ۾ مرٽينگ روشني ڏيندڙ بلب.... اٽپوري ماني.... اٽپورا ڪپڙا... غير يقيني حالتون، جن سيني کي ٻڄڻو ڪري ڇڏيو هو.

کيس سدائين پيءُ چوندو هو: "لڳي ٿو تون، زندگيءَ ۾ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهندين."

۽-

ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهڻ جي خوف ڪري، هو صرف گريجوئيٽ ٿيو ۽ ڪلارڪي وٺي اهي سڀ ذميداريون پوريون ڪيائين، جيڪي هن جي پيءُ کي ڪرٽيون هيون.

پائرن جي پڙهائي....

۽

پينرن جي شادي....

ان سڀ ڪجهہ هوندي، هو پنهنجي پيءُ جي آخر تائين سامهون نہ ٿيو ۽ ڪڏهن ڪنهن بہ ڳالهہ جو جواب ڏيڻ جي سگهہ آخر تائين نہ آيس.

هن کي تنهن ڏينهن ڏاڍو ڏک ٿيو.

جڏهن آفيس ۾ وينو هو تہ هن وٽ سوئيپر گلزار مسيح آيو. ڪلندو ڪلندو هر حالت ۾ ڪلندو. يا کل جو تاثر سدائين، ۽ نہ چاهيندي بہ قدرتي چهري تي چنبڙيل رهيس. هن ڏي اچو پنو وڌايائين.

"ڇا آهي؟؟"

"سائين... درخواست لکي ڏيو."

"ڇا جي لاءِ؟"

"قرض لاءِ."

"اڙي اڳ جو ڪنيو هيئي؟"

"سائين ان مان پٽ جي شادي ڪرائي."

"اڙي.. پٽ کي چئو نه.... پهرين اهو ته قرض لاهي."

"سائين نه لاهيندو."

"ڇو؟"

"بس."

"بس!... ڇو؟؟"

"سائين.... هو زال سوڌو مسلمان ٿي ويو."

تڏهن هن جي پير جو ڦٽ وڏيڪ ڏکڻ لڳو جيڪو بوٽ مان نڪتل ڪوڪي جي مسلسل لڳڻ ڪري ٿي پيو هئس.

ڪجهه ڏينهن کان ڏک هن جي نڙيءَ ۾ ٿوهر جيان ڦٽي آيو آهي.

هر وقت پٽ ياد ٿو اچيس.

ڄمڻ کان جوانيءَ تائين، ٽن ڦيٽن واري سائيڪل کان موٽر بائيڪ تائين... گڏ سمهارڻ کان آڪاٽيون ڀڏائڻ تائين... ننڍپڻ ۾ جڏهن گڏ سمهندو هوس ته عجيب ڳالهيون ڪندو هو.. بابا ننڊ منهنجي اکين ۾ ڦٽڪي ٿي.... جڏهن اکڙيون بند ڪندو آهيان ته ڪاري رنگ جا ڪوڙ ڦوڪٽا اڏندا آهن، پوءِ رڳو رنگ ئي رنگ هوندا آهن...... بلو نارنگي- ساوا.... بابا منهنجي خواب ۾ اچا ناسي ڪتا، گلابي چيگم پيا کائن... مون کي نه پيا ڏين... ۽ پوءِ ڪوڙ ڪاريون جهرڪيون پونڪڻ لڳيون ته ڪتا گم ٿي ويا....."

۽-

سندس پٽ به ڪافي ڏينهن کان گم آهي. صبح کان گهر جي پڌر تي گهمندو رهيو آهي. رات واري خواب ته هن جو سڄو ساهه ڪيڏي ڇڏيو آهي.

.......ڪيس وڏي ياءَ تابوت موڪليو.

"بابا جو لاش اٿئي دفنائي ڇڏجان." هن وري اهو تابوت اسٽور ۾ رکيو ته ڪانئس وسري ويو. اوچتو جڏهن ياد آيس ته دوست کي چيائين: "يار بابا کي دفنائڻو آهي.... تون به مون سان گڏ هج."

"اڄ نه.... اڄ ڪم آهي سياڻي."

ٺيڪ ٻئي ڏينهن تي دوست کي گهر وٺي آيو.

"تابوت ڪٿون؟"

"نه يار... ماڻهو ڪلندا...... چوندا به هفتا اڳ پيءُ مري ويو اٿن... دفنائن اڄ ٿا.....!"

"پوءِ؟"

"پوءِ ڏس۔ هڏن مٿ تہ آهي ڪنهن شيءِ ۾ ويڙهي ڪٿي ٿا هلون."

لاش ويڙهي ڪٿي هلن ٿا تہ دوست ٿو چويس: "يار... ڪجهہ هڏا تہ آهن, پاسو وٺي, ڪٿي ڦٽي ڪري ٿا ڇڏيون. ڪنهن کي ڪهڙي خبر."

دوست کي چئي ٿو "ائين نہ يار ائين نہ..... آخر تہ پيءُ آهي"

هو خواب جي ڪيفيت مان نڪرڻ ٿو چاهي. پڏر تي گهمي ٿو.... سوچي ٿو.

"پٽ توکي ائين نہ ڪرڻ کپندو هو."

کيس ڪجهہ ڏينهن اڳ پٽ هڪ لسٽ ڏني.

| | |
|---|---|
| بوٽ | 1500 |
| موبائيل فون | 5000 |
| شرٽ بہ | 1200 |
| پينٽ | 700 |
| سيمسٽر في | 2000 |

تڏهن هن رڳو ايترو چيس, "پٽ تو تہ ائين لکيو آهي ڄڻ صرف انگ هجن.... اها منهنجي پندرهن ڏينهن جي محنت آهي, اڌ پگهار آهي.... تون تہ محنت ڪرين ئي ڪو نہ ٿو.... پوين پنهي سيمسٽرس جون مارڪون ڪي سٺيون تہ ڪو نہ آهن."

تڏهن سندس پٽ ساڳي سٽ جي هيٺان لکيو:

I have tried my best but sorry do disappoint you, again..

سوچي ٿو..... آخر پيءِ هئومانس.

هو پڏر تي گهمي ٿو, گهمي ڪٽ تي اچي ويٺو. ڏيٿس ماني اچي رکيس. هو ماني کائيندي, کائيندي روئي ٿو.

"پاڻي."

کيس ڏيءُ ٽڪڙو گلاس پري پاڻي آڻي ٿي ڏئي... سڀ گهر ياتي ائين ٿا سمجهن تہ گرهہ ڦاٿو اٿس.... اجا وڏيڪ روئي ٿو... هو نہ سمجهڻ جي ڏک ۾ وڃي ٿو!!

⊙⊙



# ڇهري تي سهميل چانڊوڪيءَ جو عڪس

شبنم گل

وقت جي ڇهري تان رات جو پلئه کسڪي رهيو آهي. هر طرف خاموشي آهي، دل کي زخمي ڪندڙ خاموشي.... ثانيه جون اکيون گهڙيءَ ۾ کتل آهن. رات جا ٻه ٿيا آهن. اجها رات جي گذرڻ ۾ ڏکيو وقت گهربل آهي. سندس مڙس الطاف گهريءَ ننڊ ۾ آهي. هو سڄو ڏينهن بزنس جي سلسلي ۾ مصروف هوندو آهي. هوءَ چاهي ٿي ته الطاف کي ننڊ مان جاڳائي، کيس پنهنجي ڪيفيتن جي باري ۾ ٻڌائي. هن گهڻيون ڳالهيون دل ۾ سانديي رکيون آهن. پر کيس موقعو نه ملي سگهيو آهي. ننڊ مان اٿاري کيس ٻڌائي، ته هوءَ پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪري، هن کان ڏينهون ڏينهن پري ٿي رهي آهي، پر هوءَ اها ڳالهه پنهنجي مڙس کي ڪيئن ٻڌائي سگهندي، ته ڪو ٻيو تصور هن جي احساس ۾ جذب ٿي رهيو آهي.

هاڻ هوءَ ڪنهن غير مرد لاءِ سوچڻ لڳي آهي. هوءَ نه ٿي سوچڻ چاهي، پر دل جي اڪيلائين کيس مجبور ڪري وڌو آهي. هوءَ روحن جي اداس اکين ۾ ڇهري جي گنيير تا ۾ پنهنجو پاڻ وڃائي ويني آهي. جيئڻ لاءِ ڪو ته اتساهه هجي....

هن جنهن بينڪ ۾ نئون اڪائونٽ کوليو آهي، روحل اتي سيڪنڊ آفيسر طور ڪجهه ڏينهن اڳ بدلي ٿي آيو آهي. هو ڪم جي معاملي ۾ تمام گهڻو ذميدار آهي. تڏهن هن جو هر ڪم جلدي ٿي ويجي ٿو.

هو خاموش طبع ۽ لاتعلق لڳي ٿو. سندس اکين ۾ مردن واري هوشياري ۽ تجسس ناهي، پر ون جي گهاٽي ڇانوَ جهڙو احساس آهي....

اهو احساس جنهن جي پائڻ جي تمنا هر انسان کي ٿئي ٿي. ڪڏهن ڪنهن جي اکين ۾ پنهنجيءَ ذات جو اولڙو نظر ايندو آهي.

ڇهري جي اداسيءَ ۾ پنهنجي اداسي ڌڙڪندي محسوس ٿيندي آهي، يا ائين لڳندو آهي، اسان کي ان ماڻهوءَ جو انتظار هو. هو پنهنجي ويجهي سهيلي نرمل سان به دل جو حال نه ٿي اوري سگهي. نرمل ڇا سوچيندي، هن جي باري ۾....

هوءَ پنهنجي احساس کان پاڻ ٿي خوفزده آهي. نرمل ٿي کيس ٻڌايو هو روحل جي زال جيتري بدمزاج آهي، اوترو ئي چاهيندو اٿس.

اهو ٻڌي، ثانيه ٿڌو ساهه ڀري خاموش ٿي وئي.

ثانيه جيتري خوبصورت ۽ سُلجهيل آهي، سندس مڙس الطاف اوترو ئي بدمزاج آهي. هو معمول کان وڌيڪ تيز لهجي ۾ ڳالهائي ٿو. اها ڪاوڙ ۽ بي صبري ڏينهن رات ڪم ۾ مصروف رهڻ جي ڪري آهي. الطاف جو سافٽ ويئر جو ڪاروبار آهي. فائدو لڪائي نقصان وڌائي ٻڌائيندو آهي. ثانيه هڪ پرائيويٽ فرم ۾ نوڪري ڪري ٿي. شروع ۾ هوءَ الطاف کي سمورا پئسا ٻڌائيندي هئي. سندن جوائنٽ اڪائونٽ آهي. الطاف پئسي جي معاملي ۾ ڪنجوس آهي، ان ڪري لڪي، الڳ اڪائونٽ کوليو اٿس. اڪثر پئسا ڊپازٽ ڪرائڻ ايندي آهي.

ڪڏهن ضرورت بنا به بينڪ وڃڻ تي دل چوندي اٿس. ان ڏينهن بينڪ وئي ته هڪ خوبصورت ڇوڪري روحل سان ويٺي هئي. ثانيه جي اکين جي جوت وسامي وئي. بينڪ ۾ موجود ماڻهو ان ڇوڪريءَ جو آواز ڪنائي رهيا هئا. سندن بي باڪ اکيون ڇوڪريءَ ۾ کُتل هيون. هڪ ڌيان ڇڪائيندڙ خوشبو ڇوڪريءَ جي سوڙهن ڪپڙن مان آزاد ٿي، اتي موجود مردن جي خواهش کي آزمائڻ لڳي هئي.

پر روحل جي نظر ۾ سادگي هئي. هو ان خوبصورتيءَ کان لاتعلق هو.

ان لاتعلقيءَ ته کيس موهيو هو. هن پنهنجي اندر اطمينان جي ٿڌاڻ کي لهندي محسوس ڪيو. ڇڻ هوءَ روحل سان ڪنهن تعلق جي زور سان ٻڌل هجي.

ڇوڪري وڃي چڪي آهي. بينڪ ۾ موجود ماڻهو خوشبوءَ کي محسوس ڪري ٿڌا ساهه ڀري رهيا آهن. فون جي رِنگ وڄي ٿي. روحل فون تي ڳالهائڻ ۾ مصروف ٿي وڃي ٿو. ڪو سخت لهجو فون ۾ گونجي ٿو. شايد سندس زال آهي. گهبرايل لڳي ٿو.

هوءَ روحل جي ڇهري تان نظرون نه ٿي هٽائڻ گهري، پر کيس لڳي ٿو بينڪ ۾ موجود هر ماڻهو کيس طنزيه نظرن سان گهوري رهيو آهي.

هوءَ گهبرائجي، روحل جي ڇهري تان نظرون هٽائي ٿي ڇڏي. روحل جو آواز ٻڌڻ لڳي ٿي. هڪ ڏيمو خوبصورت آواز آهي، سانوڻي مند ۾ وسندڙ برسات جيان.....

ڪي آواز ۽ لهجا ڪيڏا وڻندڙ ٿين ٿا. اڃايل احساس کي سيراب ڪندا رهن ٿا. گهڙيءَ پل لاءِ....

پوءِ وري خاموشيءَ جي هڪ گهري ڪُن ۾ احساس ٻڏڻ لڳي ٿو. وري ڪَنن کي انتظار رهي ٿو ان آواز جو.

روحل جي سامهون ويهندي، ڪيس تحفظ جو احساس ٿئي ٿو. پر روحل بي خبر آهي، هن جي اکين جي اڻ تڻ کان....

هن جي جذبي جي تپش ۾ ڪو اثر ناهي شايد.

هوءَ اداسيءَ سان سوچي ٿي.

روحل سندس پئسا ڊپازٽ ڪري، ڊانهنس ڏسي ٿو. اڄ هو ڪجهه اداس لڳي ٿو. هن جي اداسيءَ ۾ هڪ گهري ڪشش آهي. ان ڪشش ۾ وڃائجي، ثانيه کي پنهنجي هئڻ جو احساس ٿئي ٿو. ثانيه جي دل نه ٿي چوي اٿڻ لاءِ.

هوءَ گهڻو ڪجهه ٻڌڻ ٿي چاهي، چهري جي اداسي ۽ اکين جي ڳاڙهاڻ جو سبب معلوم ڪرڻ ٿي گهري، پر روحل ازل کان لاتعلق لڳي ٿو.

هوءَ نه چاهيندي به اٿي ٿي. روحل ڪنڌ جهڪائي لکڻ ۾ مصروف آهي.

گاڏي اسٽارٽ ڪندي سوچي ٿي، هوءَ ايترا دفعا بينڪ آئي آهي، پر روحل هڪ دفعو به نه مرڪيو آهي. هو مرڪندي سهڻو لڳندو هوندو ائين جيئن ڪڪرن مان اوچتو سج نڪري اچي....

هوءَ چاهي ٿي روحل جي باري ۾ نه سوچي... پر پوءِ به سوچڻ کان سواءِ نه ٿي رهي سگهي. شايد زندگيءَ جا مسئلا سوچي ٿڪ محسوس ڪرڻ لڳي آهي.

هن جي دل ۾ شديد خواهش آهي روحل سان فون تي ڳالهائڻ جي. فون تي هوءَ خاموش محبت جو اظهار ڪري سگهندي، شايد.....

”وڻن واري رستي تي دير تائين هلندي رهڻ جي... يا شام جو ڪنهن هوٽل ۾ آرڪسٽرا جي ڌن ٻڌندي، گڏ چانهه پيئڻ جي.... پيو نه ته ڪو هڪ جملو ڪيس چئي سگهان. عورت ڪنهن کي تصور ۾ سوچيندي به خوفزده آهي، پر منهنجو اظهار جيڪڏهن مون کي روحل جي نظرن ۾ ڪيرائي ڇڏي ته اهڙي اظهار جو ڪهڙو فائدو! هڪ شادي شده عورت کي محبت ڪرڻ جو ڪو به حق نه آهي. هن جواب ۾ ڪا سخت ڳالهه چئي، ته مان پنهنجي ئي نظرن ۾ ڪري پوندس...

حساس عورت جو پيار شيشي کان به وڌيڪ نازڪ ٿئي ٿو.

مون ته ڪڏهن يونيورسٽيءَ ۾ به ڪنهن ڇوڪري کي دل پيري نه ڏنو. هاڻ منهنجون نظرون هر وقت روحل جي چهري جو طواف ڪرڻ ڇو ٿيون چاهين! منهنجي ذهن ۾ هر هر هن جو خيال ڇو ٿو اچي!!!

شايد هو ٻين مردن کان مختلف آهي.

هن جي نظرن ۾ خواهش پرستي بدران عورت لاءِ عزت آهي، شايد منهنجي خوابن ۾ جيڪو تصور مون سان گڏ هلندو هو، روحل ان تصور جي ساڀيان آهي.“

هن جو تصور خواب جو حصو آهي، پر روحل ان خواب جي تعبير آهي. عورت گفتگوءَ ۾ نرم ۽ سڀاجهو لهجو چاهيندي آهي، پنهنجو گهر ڇڏي جڏهن ساهرائي گهر ۾ داخل ٿيندي آهي، ته پوئتي ڇڏي آيل محبتن جهڙي پاڻ جي تمنا ڪندي آهي.

هڪ گهرو ڇانورو جيڪو زندگيءَ جي سختين کان ڪيس بچائي وٺي.... پر عورت جي حصي ۾ روين جي تيز اُس ايندي آهي.

ڪنهن جي حصي ۾ گهٽ، ته ڪنهن جي حصي ۾ وڌيڪ......

هوءَ مشين بڻجي زندگي گذاري ٿي. شايد هڪ ضرورت بڻجي، هوءَ ڏيڻ ۾ ارپڻ لاءِ آهي. هر ڪو هن کان توقع رکي ٿو- پر هوءَ ڪنهن ڏانهن اميد ڀرين نظرن سان ڏسي.....!

جيئن هوءَ چاهي ٿي، ماءُ جي گهر وڃي رهي، گهر جي هر هڪ ڪنڊ کي محسوس ڪري. ان ۾ لڳل وڻن ۽ ٻوٽن سان ڳالهائي، ماءُ پيءُ جي ڇهري کي دير تائين تڪيندي رهي. الاءِ ته ڪهڙو اتساهه ملندو آهي انهن ڇهرن کي ڏسي. ڄڻ ته اجايل روح سيراب ٿيندو هجي. احساس سان جڙيل اهي محبتون ڀيو ڪير ڏيندو!

اهي وڃائجي ويل ٿهڪ ۽ مرڪون ڳولي، جتي هاڻ ماءُ پيءُ جا ٽڏا ساهه وڃي بچيا آهن.

سندس ماءُ ڪئناب! ويل ڏيءُ لاءِ خاموشيءَ سان لڙڪ ڳاڙيندي آهي ۽ اکين کان پري رهندڙ پٽن جي، اوسيئڙي ۾ وقت گذرندو اٿس.

هوءَ بي چين ٿي، پاسو ورائي ٿي.

محبت هڪ لمحي ۾ ٿي ويندي آهي، هڪ پل ئي هوندو آهي الهام جو....

ڪاش اڳ ۾ روحل سان ملي ها! پوءِ هر ممڪن ڪوشش ڪري ها، ڪيس پائڻ لاءِ....

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ هوءَ بينڪ وئي، ته روحل ڪيس غور سان ڏسندي چيو:"ايترن ڏينهن کان پوءِ آيا آهيو اڄ؟" ڪيس لڳو ڄڻ هن جو انتظار روحل جي لهجي ۾ منتقل ٿي ويو هجي.

پنهنجي خوش فهميءَ تي ڏکي ٿي پئي.

"بس ڪجهه مصروف هيس." اداس ۽ وکريل لهجي ۾ فقط ايترو چئي سگهي.

"توهان اڳي کان ڪمزور ٿا ڏسجو. طبيعت ته ٺيڪ آهي توهان جي؟" روحل جي لهجي ۾ اوسيئڙو هو. هن جي نظر ۾ ثانيه کي ڪا تبديلي محسوس ٿي، ڄڻ هو ثانيه جي ڇهري جي اداسيءَ جو سبب ڄاڻڻ چاهيندو هجي. اڄ هو خاموش ۽ لاتعلق نه ٿي لڳو.

"حالتن جي سختين مون کي وهمي ڪري ڇڏيو آهي." هوءَ پنهنجي غلط فهميءَ تي دل ئي دل ۾ مرڪي پئي.

"پريشان ٿا ڏسجو؟" روحل ڪيس غور سان ڏسندي چيو.

ڪيس لڳو اکين جي گهور سان سندس احساس ميڻ جيان رِجي پوندو. هوءَ ثانيه مان لڙڪن جو سمنڊ بڻجي پوندي.

سندس سڏڪا بينڪ ۾ موجود سمورا ماڻهو ٻڌندا.

ثانيه جون اکيون لڙڪن سان ڀريل آهن. روحل جي ڇهري تي پريشاني وڌڻ لڳي ٿي.

”مان نيڪ آهيان.“ ڪجهہ لڙڪ ڳلن تي لڙي اچن ٿا. خاموشيءَ سان اٿي اچي ٿي. همدرديءَ جي ٻن ٻولن سندس وجود جي مضبوط ديوار ۾ ڏار وجهي ڇڏيا هجن ڄڻ تہ..... روحل جون سواليہ اکيون ۽ چهري جي حيرت پوئتي رهجي وڃن ٿا.

انهن چند جملن ۾ مڪمل احساس موجود هو. ضروري ناهي تہ هو بہ منهنجي لاءِ ائين سوچيندو هجي، جيئن مان هن لاءِ سوچان ٿي.

هڪ طرفي محبت ۾ نهراءُ آهي.

ٻہ ـطرفي محبت غلط فهمين ۽ جهيڙن جي نذر ٿي وڃي ٿي. محبت جي چاشني زهر بنجي پئي ٿي.

ٻہ ـ طرفي محبت کي بقا نہ آهي.....

هڪ طرفي محبت امر آهي. محبت لاءِ اهو ڪافي آهي تہ جنهن سان محبت ڪجي، ان جو تصور زندگي ڏيندو رهي.

پر هوءَ روحل کي سندس سوال جو جواب نہ ڏيئي سگهي. پنهنجي خوش فهميءَ جو ڀرم قائم رکڻ لاءِ هن پنهنجو اڪائونٽ ٻيءَ بينڪ ۾ منتقل ڪري ڇڏيو!

⊙⊙

جيڪڏهن ڪو ليڪ ٽيڪنڪ ۾ ڪو دلچسپي وٺي تہ ڇڏينس تہ هو پنهنجي منهن وڏ تڪ جو عمل اختيار ڪري يا سر سر ۾ ڀچائي، پت ناهي. لکڻ تہ اهڙو ڪم آهي، جنهن ۾ ڪنهن بہ ڏسيل طريقي يا شارٽ ڪٽ جي گنجائش نہ آهي. ڪو جوان مڙس جيڪڏهن نهيل ڍڪيل ۽ گهڙيل ٿيوريءَ تي عمل ٿو ڪري تہ اهو وڏو بيوقوف آهي. سکڻو اٿئي تہ پنهنجي غلطين مان سک. ماڻهو صرف پنهنجين غلطين مان ئي سکندو آهي.
وليم فاڪنر /ڇو چاءِ ڪيئن



# سرابن جي قلواڙي

امر لغاري

سيپٽمبر جا پڇاڙڪا ڏينهن هئا. ڌرتي گهينگهي ٿورَ سج کان پنهنجو پاند ڇڏائيندي، آهستي آهستي پنهنجي اتر_اڌ ڏانهن سرڪندي پئي وئي. سياري جي سرد هوا جو هلڪڙو ساءُ ڌرتيءَ جي خوشبوءِ سان گڏجي ساهن ۾ وچڙڻ لڳو هو. مهيني ڏيڍ کان وقفي وقفي سان مينهن پوڻ ڪري سورج پٽ ۾ ساوڪ طرحين طرحين جا ويس ڪيا هئا.

جڏهن بہ سورج پٽ ۾ وسڪارن کان پوءِ بهاري ايندي آهي تہ مان پنهنجو اسڪوٽر ڪڍي، ڪئميرا ڪڇ ۾ لٽڪائي، اڪيلو ئي اڪيلو پٽن جي ور وڪڙن منجهان نانگ جي پيهي جيان بل کائي جوئر باجهري ۽ گوار جي فصلن ۽ ڪونيٽن جي ڇٽيدار وڻن ۾ گم ٿي ويندڙ روڊ رستا وٺي، ان بهاريءَ جو نظارو ڪرڻ نڪري پوندو آهيان. اهو منهنجو هر سال جو معمول آهي. اها منهنجي آڪسيجن آهي. اها منهنجي اندر جي غذا آهي.

هيل بہ سيپٽمبر جي پڇاڙيءَ ۾ هڪ ڏينهن صبح جو ساوڪ مان ڪاري نانگ جيئن ور وڪڙ کائيندڙ چمڪندڙ ڏامريلو روڊ ڏئي نڪري پيس. روڊ جي ٻنهي پاسن کان ٿر ملڪ جا مخصوص ڇئونرا. وڻ، وليون، ٻوڙا، پکي، سورج پٽ جي منظرنامي ۾ سانوڻيءَ جا سمورا مانداڻ کٽي، هر ڏسڻ واري جي اکين اڳيان نروار ٿي چڪا هئا. ستن اٺن ميلن جي مفاصلي کان پوءِ هيءَ ڏامر پٽي آهستي آهستي پراسرار ٿيندي پئي وئي. ڪونيٽن جا وڻ اوٺي ڪير جي جهڳ جهڙن توتن سان ان سڄي منظرنامي ۾ جهومندا، نچندا، شامل ٿيندا پئي ويا.

منهنجي ساڄي پاسي کان اک جي شٽر تي اچانڪ هڪ دري کلي، جا مونکي گهلي پنهنجي اندر وٺي وئي. عجيب منظر هو. اک جي بلور تي نهندڙ تصوير ۾ ڪاٻي

پاسي ڪان اڪ ۽ ان مان پچي ڇٽي ويل انبڙين جا نشان. ساڄي پاسي ڪان ساوا ڇهچ ڪبڙ وچ واري وٿيءَ ۾ پٽ جا گاهہ ننڍا وڏا. طرحين طرحين جا. پر انهن جي بہ وچ ۾ ڪجهہ مفاصلي تي هو پوڙهو ڪير هو؟ هن جو منهن مون طرف هو پر پوز ۾ هو ايئن بيٺو هو چڻ تہ هو ڏکڻ طرف ويندو هجي ۽ آئون اتر طرف. هن پنهنجي ڪاٻي هٿ سان ڪلهي تي رکيل ان ٿوال کي جهلي رکيو هو جنهن جي پاند ۾ ڪا شيءَ ٻڌل هئي. ماني يا ڪو وکر؟ خبر ناهي تہ ڇا هو؟ هن جو ساڄو هٿ آسي ـ نما لڪڻ تي رکيل هو جنهن کي هو گاهہ ۾ کوڙيو ٽيڪ ڏيو بيٺو هو. گوڏن ڪان هيٺ هن جون سڪل ٽنگون ظاهر هيون. ڦِڪين، ميرڙين ۽ ٿلهين مچن واري منهن مهانڊي واري مٿي تي اڇي ٽري پٽڪي ٻڌل هيس. پريان منظرنامي ۾ هن جون رڍون هيون. بہ ڪاموريون ٻڪريون ٽورڙو وٿيرڪو ڪنهن ڪونيٽ تي نرا ڏيئي، ان جا پن ۽ ڪچڙو ٻور روڙڻ ۾ مشغول هيون.

اهو منظر ايڏو تہ دلچسپ هو جو مان اسڪوٽر بيهاري ان ۾ گهڙي پيس. خبر ناهي ان منظر ۾ ڪهڙي ڪشش هئي جو مان ان پوڙهي پيير مرد کي مٿي رڍن ۾ گم ٿي ويس. رڍن جي وچ تي هڪ تازي وسڪاري وارو پٽ هو ۽ پٽ جي چوڌاري ننڍڙيون ننڍڙيون پٽون هيون ۽ انهن پٽن جي وچ تي هڪ تلاءُ هو ۽ تلاءُ جي ڪنڌيءَ تي هڪ مندر هو. مندر مٿان ڳجهہ وينل هئي. ڳجهہ جون نظرون اداس هيون. ڇو تہ هر طرف ساوڪ ئي ساوڪ هئي. شايد ڳجهہ جي نظر رڍن تي هئي، ۽ رڍون ڏاڍيون خوش هيون. پٽ جي پوڇاندن وٽ مونکي بہ جهوپڙيون نظر آيون، جن جي ڇتين تي رليون پئي سڪيون. جهوپڙين ٻاهران ڪپ جو گهيريدار لوڙهو آيل هو جنهن ٻاهران ساوڪ جي ڀَل تي ننڍڙا گهيٽڙا ۽ ڇيلڙا پئي چريا. منهنجي ڪڙ تي ڦرن ۾ ڦڙڦوٽ پئجي ويو. هڪ هڪ تي گهتون هٽندا ۽ ٽپا ڏيندا، گهٽيءَ اندر گم ٿيندا ويا. هڪ ننڍڙي ٻارڙي جا ٻنهہ خوبصورت ۽ معصوم هئي، مرڪندي ڪپ، سڻ ٻوهہ ۽ ڪونيٽ جي ٽارين واري لوڙهي واري گهٽيءَ مان منهن ڪڍي جهوپن اندر الوپ ٿي وئي. پر هن جي مُرڪ منهنجي اندر ۾ پوپٽ جيئن ساهہ کڻڻ لڳي!

منهنجي ڳچيءَ ۾ ڪئميرا لٽڪيل هئي. مونکي گهٽيءَ وٽ ڏسي هڪ پيرسن عورت مون تائين هلي آئي. گولاڙي جون وليون ساهن جا ٻيلانگ ڀري لوڙهي مٿان وري ويون هيون. گولاڙي جي پاچاڻن گلن کي چانڊني اچا بہ کير سان پئي وهنجاريو. پريان ڪنهن گل تان ڪو پوپٽ اڏامي اچي منهنجين پنبڙين ۾ ڦاٿو. ڪتڪائي ٿي تہ پوڙهي چيو "اندر اچ، ابا." ـ مان تڙپي پيس. پوپٽ جي پرن جو ساءُ اکين اندر لهي ويو. هلڪڙو ڪسارو! مان پوڙهي پنيان جهوپن جي آڳر تائين ڇڪبو ويس.

"ڪالهہ بہ ڪي ماڻهو آيا ها. پاڻ ڪنهن ڪان ڪين لڪايون. بس، ان جي مرضي آ. پانهجي وس ۾ ڇائي؟" ڪراڙيءَ جي لهجي ۾ رب جي رضا تي راضي رهڻ واري ڪڙاڻ هئي. هن کي روائتي ٽري گج پاتل هو ۽ پڙي جي آخري گهيري وٽ

ٻاڙهي پٽي هيس، جنهن ٻاهران پوپٽ پٽي ڦريا. هوءَ مونکي پنهنجي جهوپي اندر وٺي وئي. پر ان کان اڳ مون ان مٿان سُڪندڙ خوبصورت رليءَ جو فوٽو ڇڪيو ۽ منهنجون نظرون ان معصوم ٻارڙيءَ جي تلاش ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪڻ لڳيون. جا ڪراڙيءَ جي اچڻ کان اڳ گهٽيءَ وٽ منهن ڪيڏي ڪيڏانهن گم ٿي وئي هئي.

ٻارڙي ته مونکي ڪٿي نظر نه آئي، پر رلي ۾ سڪندڙ ڪپڙن مٿان پوپٽ ضرور نچيا پئي. پوپٽن انهن ڪپڙن مٿان ڇا ڏٺو هو؟ رنگين رلين، رنگ برنگي گجن ۽ گهيدار پڙن ۾ ڪنهنجي خوشبوءِ سمايل هئي، جو هيڏي ساري ساوڪ ڇڏي پوپٽ اچي انهن مٿان مڙيا هئا؟

ان سوال کي مون پنهنجي ذهن مان ڪيدي دل اندر محفوظ ڪري ڇڏيو.

" هوءَ ننڍڙي ٻارڙي، امان...؟" مان لوٽا هٽندي پڇ پڇ ڪندي جهوپي جي در وٽ ويهي رهيس.

ڪراڙي چيو"اندر هلي آ."

جهوپي اندر داخل ٿيس ته اندرهڪ ٻي دنيا هئي.

"هتي، هيڏانهن ٿي ويهه!" ڪراڙي چيو. هڪ کٽ جا خالي پيل هئي، مان ان تي ٿي ويهي رهيس.

"ٻاٽي پيئندس،" مون چيو.

"ٻاٽي؟"ڪراڙي الائي ڇو حيرت وچان پڇڪيو. پوءِ پاسي ۾ رکيل هڪ پتل جي گهگهيءَ ڏي ڏسندي چيائين،"ٻاٽي ته، بچا، اُن جو آهي. ٻاٽي کوڙ. کوهه پريا پيا آهن. پريا پيا آهن... پر اٿن ته الائي ڇا... نه اچ ٽا لاهين، نه رت ٽا ناهين! پوءِ به ٻاٽي کوڙ.. اجهو ٿي ڏيان."

هن گهگهيءَ ۾ هٿ وڌا، پر اها خالي هئي. هوءَ ٻاٽي کڻڻ ٻاهر هلي وئي. منهنجي سامهون کٽ تي ڪپڙو ويڙهيو ڪو ستو پيو هو. ڪراڙي ۽ منهنجي ڳالهائڻ جي باوجود هن ۾ ڪا چرپر نٿي آئي.

ڪراڙي مونکي ٻاٽي آڻي ڏنو.

"مان توهان کي امان سڏي سگهان ٿو؟"

مونکان الائي ڇو وسري ويو ته مان هن کي اڳ ۾ ئي امان سڏي چڪو هوس.

"ها، بابلا. تون منهنجو پٽ آهين." ڪراڙي منهنجي مٿي تي هٿ گهمائيندي شفقت منجهان چيو.

مان هڪ ئي ساهيءَ ۾ ٻاٽي پي پيس. ٻاهران رڍن جي ڦرن جي ٻي ٻي ٽيڻ لڳي. ايئن پئي لڳو جڻ ته رڍون واڙ ۾ پهچي ويون هجن.

"ماٺهوءَ کي ڏسي رڍن جا ڦرڙا اهڙا آواز ڪندا آهن. پٽا ان ۾ پريشانيءَ جي ڪا ڳالهه ناهي." ڪراڙي مونکي بيچين ڏسي جڻ ته وضاحت ڪئي.

پر مون ڪڏهن به ايئن نه ٻڌو هو. مون ٻڌو هو ته جڏهن رڍون واڙ خالي ڪنديون آهن ته ڦرڙا ٻيڪاٽ ڪندا آهن ۽ جڏهن واپس اينديون آهن ته ڪير جي آسري ۾ پنهنجن مائرن جي آواز کي ورنائيندا آهن.

”هوءَ ننڍڙي ڇوڪري..؟“ مون ڪراڙيءَ کان ور ور ڪري ان ڇوڪريءَ جو ٿي پڇيو جا سويرو مون گهٽيءَ وٽ ڏٺي هئي.

ڪراڙي ڪٽ تي ستل ان نستي جسم تان چادر لاهي ڇڏي. هن جو منهن مون ڏانهن ڪرائيندي چيائين، ”هيءَ آهي منهنجي ننڍڙي شهزادي!“

مون ان بيجان وجود جو منهن ڏٺو ته مونکان رڙ نڪري وئي.

”ڇا ٿيو آ، هن کي؟“

”بس، ابا، قدرت جو ڪو ڦير آهي الاءِ ڇا. جو اسان کي ته خبر ئي ڪانه ٿي پوي. ڪي ڇون ٿا ته پاڇو پيو اٿس. ڪي چون ٿا ته هڏن جو پاڻي ختم ٿي ويو اٿس. پاڙهيٽن کان وٺندي دوا درمل تائين ڪو حيلو نٿو هلي!“ ڪراڙي روئڻهارڪو منهن مون ڏانهن ڪندي چيو ”مون ته، پٽ، هن جي شاديءَ جا جوڙا به ناهي ڇڏيا هئا، پر ....“ هُن، هُن جي ٽنگن، ٻانهن ۽ هٿن پيرن ڏانهن اشارو ڪندي ڏڪندڙ آواز ۾ چيو ”پر اهي سڀ عضوا، ابا، ماشوم خلاف ٿي بيٺا.“

مون شهزاديءَ جي منهن ڏانهن هڪ ڀيرو ٻيهر ڏٺو. هن جي اکين جي روشني اجهامي چڪي هئي. هن جو ڪنڌ سُن ٿيل هو. هن جي ڳاٽ هڏي ۽ سينو سڪل ول جيئن هن جي فطري تاريخ جي رڳو نشاني بنيل هو. عبرتڪدن ۾ گل نه ٿيندا آهن. ڪمزور کي بي يار و مددگار ڇڏڻ جيڏو ڏوهه ٻيو ڪو ٿي سگهي ٿو؟ مونکي سرهاڻن ۾ ڪنهن چيو. مون لوڻو هڻي ڏٺو ته ڪير به ڪونه هو. شايد خيالن جي پن-ڇڻ هئي. مون ان طرف خيال نه ڏنو. منهنجي نظر ٻيهر هن جي هڏائين پڃري سان وچڙي. هن جي جسم جي ڪنهن به ڪنڊ تي ڪا مکڙي موجود نه هئي. مندر مٿان ويٺل ڳجهه جيترو به هن ۾ گوشت نه رهيو هو.

منهنجي نظر هن جي ڪرنگهي نما جسم تان هٽي ته مان اداس ٿي ويس. جهوپڙي اندر لٽڪندڙ سڪل تورين جا ٻج مونکي ڪڙڪندي ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳا. شهزادي ٻج ڏيڻ کان اڳ ئي سڪي چڪي هئي. ڪراڙيءَ لاءِ اها وڏي اذيت جي ڳالهه هئي.

”هوءَ ننڍڙي ڇوڪري...؟“ مون ور ور ڪري ڪراڙيءَ کان ان ڇوڪريءَ جو پڇڻ ٿي چاهيو جا مون ڪجهه دير اڳ گهٽيءَ وٽ ڏٺي هئي.

”مون سان ته وڏي ڪربلا ٿيل آهي، پٽ!“ ڪراڙي اکين ۾ آب آڻيندي چيو ”پر ڏٺي طرفان آهي، ڇا ڪريان؟“

هن جي اکين مان پاڻي نار ڪري وهڻ لڳو.

”الله چڱي ڪندو امان! مالڪ مهرباني ڪندو.“ مون ڪيس آٿت ڏيندي جهوپڙيءَ کان ٻاهر ڏسندي چيو.

”منهنجو وڏو پٽ ويهن سالن کان هڪ جاءِ تي پيو آهي. ڪير ڪونهي جو اسان کي ٻڌائي، اسان کي ڇا ٿيو آهي؟“ ڪراڙي مونکي ٻانهن کان جهلي هڪ ٻئي جهوپي ۾ وٺي وئي، جتي هڪ مرد هيٺ واريءَ تي ڪرونڊڙو ٿيو ستو پيو هو. هن ڪا بہ ظاهري چرپر نٿي ڏيکاري. ايئن ٿي لڳو ڄڻ هن جو ڌڙ سسيءَ کان ڌار هجي. جهوپي ۾ عجيب اداسي هئي. مون هن کي هٿ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن جا هٿ نٿي چريا. هن جا هڏا، ڪرنگهوءِ هٿ پير مڙيل هئا. ڳچيءَ ۾ سير سڳن جو پيل هوس.

”هيءُ جڏهن ويهن سيارن جو ٿيو تہ مرض ڪيرائي وڌس. تڏهن کان وري اٿيو ئي ناهي. عيلاج تہ گهڻو ئي ڪرايوسين، ابا، پر وريو ڪي ڪين. ڪراچي حيدرآباد تائين کنيوسين، پر ڊاڪٽرن کي بہ ڪا سمجهہ ڪونہ لڳي!“

همراهہ جي شڪل ڏسي منهنجي اکين اڳيان اهو پوڙهو پُراسرار ريڊار ڦرڻ لڳو. جو رستي تي ڪونيٽن ۾ ساوڪ جي منظر ۾ اوچتو نظر تي چڙهي، هڪ پاسي تي رهجي ويو هو. ڪيڏو خاموش هو اهو ڪُراڙو. چرندڙ پرندڙ تصوير ۾ هلندڙ ڪنهن شخص جيئن. ڪراڙيءَ جي هِن پُٽ ۾ پوڙهي ۾ فرق رڳو ايترو هو جو پوڙهي جون مڇون وڏيون ۾ ڏاڙهي لٽل هئي. پر هن همراهہ جون ڏاڙهي مڇون هڪ ٿي ويون هيون.

”ابا، هُن ٽئن جهوپي ڏانهن بہ هلندين نہ؟“ ڪُراڙيءَ جي اهڙي سوال تي مان پريشان ٿي ويس. مونکي خوف ٿيڻ لڳو. مون ۾ هاڻ ٿيون هڏائون پيرو ڏسڻ جي همٿ نہ رهي هئي.

مون چيو، ”نہ امان. مان تہ بس ايئن ئي آيو هوس.“

”ايئن ئي؟“ ڪراڙي حيرت وچان مون ڏانهن ڏٺو. ”تون هنن جڏڙن کي ڏسڻ نہ آيو هئين؟“

”نہ امان، “مون چيو ”مان تہ بس، ايئن ئي پلجي پيو هوس.“

”پلجي پيو هئين؟“ پوڙهي جي اکين ۾ رت تري آيو. ”تہ تون اهو ناهين جو هفتو اڳ اسان وٽ آيو هو ۽ منهنجن ٻچن جا فوٽا ڪڍي ويو هو؟“

مون ڪنڌ ڌوڻي انڪار ڪيو.

”تون اهو ناهين جو وڏي گاڏيءَ ۾ چڙهي آيو هو ۽ چيو هئائين تہ هو هنن کي ڪٺي ويندو ۽ هنن جو علاج ڪرائيندو؟“

”نہ امان، مان اهو ناهيان.“

”تہ پوءِ تون هت ڇو آيو آهين؟“ ڪراڙي ٻنهي هٿن سان مونکي ڌڪو ڏيندي چيو ”تون جي اهو ناهين، تہ پوءِ تو اسان ڏي منهن ڇو ڪيو؟ تو مونکي ڀريان ڇو ڪونہ ٻڌايو تہ تون اهو ناهين جنهن چيو هو تہ هو هن ٽٻ جي جر کي منو ڪري ڇڏيندو ۽ ان مان زهر ڪڍي ماکي پري ڇڏيندو!“

”نہ امان، مان اهو ناهيان.“

ڪراڙيءَ جي ڪروڏ ۾ ڏڪڻ ڪري مان به ٽي پيرا ڪريس. پر پاڻ سنڀالي وري اٿي ٽي بيٺس. جهوپي مان ٻاهر نڪري اچي، مون پنهنجي پاڻ کي ڇنڊيو. ڪئميرا به واريءَ ۾ ڪري ڌوڙ ٿي ويئي.

پوءِ ڪنهن مهل ڪراڙيءَ جي سڏڪن جي آواز مونکي ڇرڪائي وڌو. مان به ڇڪجي هڪ پيرو وري ڏانهس هليو ويس. تيستائين هوءَ به جهوپي مان ٻاهر نڪري آڳر سامهون پوکيل نِم هيٺان اچي ويٺي هئي. مون هن جي سينڍ جي اچڻ وارن تي هٿ رکيو. چيم "امان مونکي معاف ڪر! مان تنهنجن ڦٽن تي لوڻ ٻرڪڻ نه آيو هوس. پر مونکي ته تنهنجي ان ويڙهي اندر ان ٻارڙيءَ جي معصوم ۽ پراسرار مرڪ وٺي آئي، جنهن گهڻيءَ وٽ بيهي مونکي پاڻ ڏانهن سڏيو هو ۽ پوءِ تيزيءَ سان اندر گم ٿي ويئي هئي!"

"ٻارڙي؟ ڪهڙي ٻارڙي؟" ڪراڙيءَ جا پرون تاڻجي ويا. "اهڙيون ته ڪيئي ٻارڙيون اسان جي هن ويڙهي اندر گهمن ڦرن پيون. تون ڪهڙي ٻارڙيءَ جي ڳالهه ٿو ڪرين؟ هنن جا روح اندر ٻاهر ٻڪن ڊوڙن پيا. هيڏانهن هوڏانهن. جتي ڪٿي!"

"جتي ڪٿي؟ ڇري ٿي آهي ڇا هيءَ پوڙهي!" مون دل ئي دل ۾ ورجايو.

"جهڙي طرح تون انهن مان هڪ جي مرڪ جو دوکو کائي پنيلجي پيو آهين. تيئن روز اسان به توهان جهڙن پڙهيل ڳڙيل سڏريل ماڙهن جي همدرديءَ جو شڪار بنجون ٿا. ڪيئن فرق ڪيون اسان تو ۾ ۽ ٻين پنيلائيندڙ ۽ پٽڪائيندڙ ماڻهن ۾؟"

"مان پنيلائيندڙ ناهيان، امان. مان لاکيو آهيان. لاکيو لالچند وارو." مون پوڙهيءَ جو اعتبار رکڻ لاءِ بس ايئن ئي چئي ڏنو. "مان هر سال هٽ سورج پٽ ڏسڻ ايندو آهيان. ۽ هميشه پٽڪي ويندو آهيان."

"صورتون توهان سيني جون هڪجهڙيون آهن. ڳالهيون به ته سڀ ساڳيون ٿا ڪيو. توهان لاکيا هجو يا لالچند. اسان وٽ ته سڀ ڪوڙ ئي ڪٽي اچو ٿا! هڪ پيرو اچي ڳالهين ئي ڳالهين ۾ اسان جا ڪوهه منا ڪري ٿا وڃو. سٽلن کي اٿاري، مٿلن کي جٿاري، اسان جي جهوپن ٻاهران ڳاڏين جي ويلن جا نشان ڇڏي هليا ٿا وڃو. اعتبار لاءِ، وري وري دوکي ڏيڻ لاءِ! ڪهڙي خبر تون به اهڙو ئي ڪو دوکو هجين. دولاب هجين. ۽ سرابن جيئن همدردي ڪري هڪ نئين اعتبار جي ديوار ڪڙي ڪندو هجين!"

"نه نه. اهڙي ڪابه ڳالهه ناهي، امان." مون چيو "مان قطعي ڪو دوکو دولاب ناهيان!"

"ته پوءِ، تون ڇا هين؟" ڪراڙي وري زخمي شينهڻ جيئن ڪر کنيو.

مونکي خبر نه هئي ته مان ڇا هوس. پوڙهيءَ لاءِ منهنجا سڀ شناختي ڪارڊ اوپرا ۽ اڻ ڄاتل هئا. مونکي فقط ايتري خبر هئي ته ٿر ملڪ ۾ مان هر سانوڻيءَ سورج پٽ جي ساوڪ ڏسڻ ايندو هوس ۽ ان جي حسن ۾ وڃائجي الائي ڪيترا پيرا رستا ڀلجي ويهي رهندو هوس. هن پيري به مان رستو ڀلجي پيو هوس. پوڙهو رڍون، ڇوڪري ۽ پوپٽ، سڀ منهنجي پل هئا. ٿر جي حقيقت فقط پوڙهيءَ جي اکين ۾ لڪل هئي!

⊙⊙



# مون کان پوءِ سج ڪونہ ايرندو!

مراد قريشي

رات جو انڌيرو پنهنجو پاڻ کان بي خبري جي ننڊ سمهندو ٿي آيو "هو" جيڪو رات جي هن انڌيري ۾ جاڳيل اکين سان اڪيلي هوندين. پاڻ کان ٿي اجايا سوال پڇندوٿو رهي، پر پوءِ هڪ فضول مسڪراهٽ هُن جي چپن تي کڏيندي ختم ٿي وڃي ۽ هو اڳتي وڌي ٿو. ائين ئي اڳتي هلندي هو محسوس ٿو ڪري تہ هن وقت هن سان ۽ اونداهي روڊ تي مان اڪيلو ناهيان. پر مون کان علاوه ڪو ٻيو بہ ڪافي پويان منهنجن چڙين قدمن کي ڪٽيندو تيزيءَ سان مون طرف وڌندو ٿو اچي!!

اهو خيال ايندي ئي هڪ خوف جو طوفان هن جي ذهن ۾ برپا ٿو ٿي وڃي. هو چاهيندي بہ پوئتي وڏي نٿو سگهي ۽ نہ ئي اڳتي. ائين ٿو محسوس ڪري تہ "هينئر منهنجا چڙيل سمورا قدم ڪسجي چڪا آهن ۽ هينئر منهنجو ڪو بہ چڙيل قدم ناهي بچيو. جيڪو منهنجي هجڻ جي ثابتي ڏئي سگهي."!!

هو پنهنجو پاڻ کي خوف جي ڏاکڻ تان لاهڻ ٿو چڏاهي، پر خوف هُن جي دماغ سان گڏ چهري تي بہ ڄمندو ٿو وڃينس. هو اڳتي وڌي ٿو تيز قدمن سان بنا پوئتي ڏسي روڊ جي سڌ طرف.....

هوا جيڪا پهرين کان ڪجهہ وڌندي ٿي وڃ، چوگرد سڪل وڻن جي سڪل پنن مان هوا جي ڪري نڪرندڙ عجيب آواز هن جي اندر جي ڪوهہ ۾ خوف جي پاڻيءَ کي وڌائيندو ٿو وڃي. ائين ئي هلندي باقاعدگيءَ سان هو محسوس ٿو ڪري تہ "مون جيان ڪو ٻيو بہ اڪيلو ئي، منهنجن قدمن سان قدم ملائيندو منهنجي پويان

ٿو هلندو اچي“!! ۽ سني نموني هوا جي سرسراهٽسان گڏ، هن جو قدمن جي آواز کي بہ ٻڌندو ٿو رهي. هوا وچٽو بيهي ٿو رهي، هن جي بيهڻ سان گڏ ڪنهن جي هلڻ جو آواز بہ بيهجي ٿو وڃي. هُن کي ڏسڻ لاءِ هو پوئتي ٿو ڦري... هن جي ڪافي اڳيان انڌاري ۾ هن کي هڪ ڪاروپاڇولو ٿو نظر اچي. ڪجهہ دير کان پوءِ ڪاري پاڇولي ۾ چرڻ ساهہ ٿو اچي ۽ هو هن جي باقي ڇڏيل قدمن سان جهول پريندو هن طرف ٿو ايندو وڃي، خوف جي ڇٽنگ هن جي اندر ۾ ڏکي باهہ جيان ڦهلجندي ٿي وڃي. هو ڇرڪ ٿو پري، جيڏي مهل هڪ انساني شڪل وارو ڪاروپاڇولو هن جي سامهون ٿو اچي بيهي، هو اکيون ڦاڙيندي پنهنجي سامهون بيٺل کي ڏسندو ٿو رهي، پر انڌيرو هجڻ جي ڪري هو هُن کي بلڪل بہ نٿو سڃاڻي سگهيس.هو ڪجهہ منجهي ٿو پئي، پر پوءِ هڪ خيال ايندي، هو کيسي مان ماچيس ڪڍي تيلي ٿو ٻاري. روشني ٿيندي ئي بہ ڇهڙا هڪٻئي جي سامهون ظاهر ٿا ٿي پون. پر پوءِ بہ هڪٻئي کان اوپرا ئي ٿا رهن. هن جي سامهون اجنبي شخص جو قد هن کان ڪجهہ وڏو آ. هن جي چهري سان گڏ جسم بہ پريل ۽ سخت آ، جيڪو ڪپڙن جو سندس جسم سان چنبڙڻ جي ڪري ظاهر ٿو ٿي پوي. هن جون اکيون وڏيون ۽ چمڪندڙ آهن. هو جسم جي بناوت کان نوجوانن کان وڌيڪ نوجوان ٿو لڳي پر هُن جي ٻن مهينن کان وڌيل اچي ڏاڙهي ۽ مٿي جا سمورا اڇا وار هن جي پوڙهپ جي ثابتي ٿا ڏين.

ماچيس جي تيليءَ جو شعلو هُن جي آڱرين کي ساڙڻ ٿو لڳس، بي اختيار هن جي هٿ مان تيلي ڇڏائجي ٿي وڃي ۽ ٻيهر انڌيرو پوري ماحول سان گڏ هن ٻنهي جي اڳيان اچي بيهي ٿو رهي.

”توهان کي خوف ٿو ٿئي ڇا...؟؟“ اجنبي شخص پنهنجي اڳيان ڇانيل خاموشي ۽ انڌيري جي تهہ کي ٽوڙي ڳالهائي ٿو.

”خوف...!! خوف ڇا جو...!؟؟“ هو بہ خاموشيءَ ۾ پٿر اڇلائيندي ڳالهائي ٿو.

”مون ائين محسوس ڪيو تہ توهان مون کي ڏسي ڇرڪجي ويا آهيو.“

”نہ اهڙي تہ ڪا ڳالهہ ناهي، توهان غلط محسوس ڪيو آ“ اهو چئي هو ماچيس مان تيلي ڪڍي ٻاري ٿو پر پوءِ ائين فضول تيلي ٻارڻ هن کي ئي عجيب ٿو لڳس. هڪ خيال ايندي ئي هو کيسي ۾ پيل پاڪيٽ مان سگريٽ ڪڍي دُکائي ٿو ۽ تيليءَ جي هلڪي روشنيءَ ۾ پنهنجي سامهون بيٺل اجنبي شخص کي ڏسي ٿو جيڪو هينئر بہ سندس لاءِ اجنبي آ.

هر ٻرندڙ تيليءَ کي هيٺ اڇلائي چئي ٿو تہ ”ڇا توهان منهنجو پيڇو پيا ڪريو...!؟؟“

"نہ مان توهان جو پيڇو نہ بلڪہ توهان جي پويان پئي آيم. ڇو تہ توهان کي ڏسي ائين پئي محسوس ڪيم تہ مان اڪيلو نہ بلڪہ توهان بہ مون سان گڏ آهيو."

هو پنهنجو خوف متائڻ لاءِ سگريٽ جو زوردار ڪش ٿو هڻي. هُن جي وات مان نڪرندڙ سگريٽ جو دونهون اجنبي شخص جي چهري تي جمي ٿو پئي، ۽ هو اڳتي ٿو وڌي.

"پڌو مان توهان سان گڏ هلي سگهان ٿو!؟؟"

"مون سان..... ڇو!؟؟"

"ڇو تہ مان محسوس ٿو ڪريان تہ مان بہ اوڏانهن ئي وڃي رهيو آهيان، جيڏانهن توهان وڃي رهيا آهيو."

"پر مان تہ مير ڪالوني ويندس."

"۽ مان سوسائٽي طرف، جيڪا ڪالونيءَ کان ڪجهہ اڳتي آ، هونئن بہ پنڌ ڪافي آ، اگر گڏ هلنداسين تہ پنڌ جي خبر ڪانہ پوندي، هڪ ڪان بہ پلا."

هو چاهيندي بہ انڪار ڪري نٿو سگهي. ڪجهہ دير کان پوءِ هو هڪ اوپري شخص سان گڏ هلندي پنهنجي اندر جي خوف کي ڪجهہ ٽُٽندي تو پائين پر تڏهن بہ خوف هُن جي پيرن ۾ جڪڙيل ئي ٿو رهي. هو سگريٽ جو آخري ڪش هڻڻ کان پوءِ هيٺ اڇلائڻ کان پهرين ٿوتو غور سان ڏسندي جسم جي پوري طاقت سان روڊ تي ٿو اڇلائي، هوا جيڪا پهرين کان وڌندي ٿي وڃي ۽ هوا جي وڌڻ سان گڏ هوا ۾ ٿڌ جو بہ اضافو ٿيندو ٿو وڃي.

"لڳي ٿو سيارو اچي ويو آ"

"نہ سياري ۾ تہ اجا بہ ٽي مهينا آهن. هي هوا جي ٿڌڪار وقت جي مطابق آهي. جيڪا روز رات جو هن وقت هوا ۾ سمائجي ويندي آ. شايد توهان پهريون ڀيرو هن وقت رات جو گهر کان ٻاهر نڪتا آهيو!؟؟"

هو ڪجهہ منجهي ٿو پئي، پاڻ سان گڏ هلندڙ اجنبي شخص ڏانهن ڏسندي چئي ٿو "واقعي اڄ پهريون ڀيرو مان رات جو گهر کان ٻاهر نڪتو آهيان، پر توهان ڇا روز هن وقت ٻاهر هوندا آهيون!؟؟"

"گهڻو ڪري تہ ٻاهر ئي هوندو آهيان پر توهان اڄ هن وقت ڪٿان پيا اچون!؟؟"

"دوست جي شاديءَ جو فنڪشن هو. مون کي مزو ڪونہ آيو تنهن ڪري موٽي آيس."

"ها هينئر تہ مون کي فنڪشن ۾ ڪابہ دلچسپي ناهي، پر ياد ٿو اچي ڪو وقت هوندو هو جو مون کي وڏو شوق هوندو هو خاص ڪري اسٽيج ڊرامن جو ۽ ڪافي ڀيرا تہ مان پاڻ بہ انهن ۾ حصو وٺندو هئس. پر پوءِ اوچتو ئي سڀ ڪجهہ ئي ختم ٿي ويو. الاءِ ڇو سيني شوقن تان دل ئي کٽي ٿي پئي!!؟؟

هو ڏسندو ٿو رهي پنهنجي سامهون اوندهہ ئي اوندهہ ۽ ڳولڻ ٿو لڳي پنهنجي هڪ ڪردار کي جيڪو هن جي اندر ۾ اڌورو رهجي ويو آ.

۽ هو هن طرف ڏسندو ٿو رهي. انڌيري ۾ پريان ايندڙ هلڪي روشنيءَ ۾ هن جون اکيون چمڪنديون ٿيون رهنس ۽ پنهنجي پوڙهائپ کي واضح ڪندڙ اڇا وار ۽ اڇي ڏاڙهي هن هلڪي روشنائيءَ ۾ هُن کي عجيب طرح خوفناڪ ٿا ظاهر ڪندا رهن.

"توهان کي شايد اجا تائين مون مان خوف ٿو محسوس ٿئي!؟؟" هو هُن کي پاڻ طرف ائين ڏسندي چئي ٿو.

"جي بلڪل نہ" هو کلڻ جي ناڪام ڪوشش ٿو ڪري.

"هونئن خوف هئڻ بہ گهرجي. ڏسو نہ اڄڪلهہ ڪهڙو نہ ماحول پيدا ٿي چڪو آهي. مون کي ياد ٿو اچي تہ هڪ وقت هوندو هو جو اسان شام جا ڪم ڪار لاهي ٻاهر گهمڻ لاءِ نڪرندا هئاسين تہ پوءِ دوستن سان گڏ چڻ سڄي رات پنهنجي هوندي هئي. اهو وقت بہ تہ جوانيءَ جو هوندو هو. خير جواني تہ هينئر بہ آهي. رڳو وار اڇا ٿي ويا آهن. پر دل تہ جوان آهي نہ....!! پر هينئر تہ نہ اهو ماحول رهيو آهي ۽ نہ ئي اهي دوست....!! دل تہ گهڻي ئي چوندي آ. پر آخر اڪيلو ماڻهو ڪيئن ۽ ڪيستائين اڪيلو هلي سگهي ٿو. ڪيئن مان صحيح ٿو چوان نہ....!!؟؟"

"جي توهان صحيح ٿا چئو ماحول واقعي بہ تمام گهڻو خراب ٿي ويو آ. هن پوري ماحول ۾ هر طرف ڪيڏو نہ خوف سمايل آهي. هر ڪنهن جون اکيون خوف کان پريون پيون آهن. ڪنهن بہ مهل ڇا ٿي وڃي. ڪنهن کي ڪا خبر ئي ناهي."

"صحيح آ ڪا خبر ئي ڪانہ ٿي پئي!!" اجنبي شخص ٿڌو ساهہ ڀري وڏيڪ چئي ٿو "روز الاءِ ڪيتري تعداد ۾ ماڻهو مرندا ٿا رهن. ڪا هل ڪنهن جي ناهي. الاءِ ڪهڙي مهل ڪنهن جي موت لکيل آ. ڪالهہ جيڪي بيڏوهي ماريا ويا. اڄ جيڪي ماريا ويا. يا سڀاڻي جيڪي ماريا ويندا. انهن جو ڪو حساب ڪتاب ئي ناهي. ڄڻ ماڻهو جي ڪا حيثيت ئي ناهي رهي..!!"

هو پاڪيٽ مان سگريٽ ڪڍي وات ۾ ٿو وجهي.

"توهان سگريٽ پيئندؤ!؟؟" هو الاءِ ڇو آخري لفظ تي وڏيڪ زور ٿو ڏئي. جنهن جو احساس هن کي پوءِ ٿو ٿئي.

"سگريٽ!! ڇو نہ!؟ هو هٿ ۾ سگريٽ وٺندي چئي ٿو." اصل ۾ مان سگريٽ پيئندو ناهيان. پر ڪير ڏئي تہ پوءِ ضرور پئندو آهيان."

"توهان ڪندا ڇا آهيو!؟؟" هو اجنبي شخص جي ڪجهہ ويجهو ٿي پڇيس ٿو.

"هينئر تہ ڪجهہ بہ نہ ڪندو آهيان پر پهرين فوج ۾ هوندو هيس."

”فوج ۾ ...!!!“ حيرت مان هو هُن طرف ڏسي ٿو. جسم جي سختيءَ ۾ هو هن کي باقاعدگي سان فوجي نهي ٿو محسوس ٿيس، وڌيڪ چيئيس ٿو ”مطلب تہ هينئر توهان رٽائر فوجي آهيو!؟“
”نہ مون فوج کي ڇڏي ڏنو.“
”ڇو...!؟؟“
”بس ائين ئي... توهان ماچيس ڪونہ ڏنو.“
ماچيس مان تيلي ٽي ٻري، هو ٻئي ڀيهر هڪ ٻئي جي سامهون صاف ظاهر ٿا ٿي پون ۽ هڪٻئي جي ويجهو اچي هڪ ئي تيليءَ مان ٻئي سگريٽ ٿا دُکائين. هو تيلي جي باهہ جي روشنيءَ ۾ ڀيهر اجنبي شخص جي چهري طرف ڏسي ٿو. جنهن جي اکين ۾ چمڪ آ ۽ جيڪو جسم ۾ جوان ۽ اڇن وارن ۽ ڏاڙهي ۾ پوڙهو ٿو نظر اچي.
”هونئن اصل ۾ توهان جو ڪوبہ قصور ناهي“
هو ڇرڪ ٿو پري ۽ يڪدم چئي ٿو ”قصور ڇا جو مون سمجهيو نہ!!“
هو سگريٽ جو روزگار ڪش هڻي. سگريٽ ڀيهر چپن ۾ ڦاسائي چئي ٿو.“ منهنجي چوڻ جو مطلب تہ توهان جو پهرين مون کي ائين اوچتو ڏسي ڇرڪجي پوڻ، واقعي بہ ان ۾ توهان جو ڪو بہ ڏوهہ ناهي. وقت ۽ ماحول ئي اهڙو اچي ويو آهي، جو ڪنهن اجنبي تي يقين ڪرڻ چڻ هڪ وڏي بيوقوفي آ. توهان کي شايد مون سان اوچتو ملي خوف ٿيو هجي يا آهي، پر مان اهو ٿو چوان تہ جيستائين مان اڪيلو هيس، ان وقت منهنجي اندر ۾ ايڏو تہ خوف هيو جو مان ٻڌائي نٿو سگهان ۽ جڏهن هينئر توهانس مون سان گڏ آهيو تہ منهنجي اندر ۾ شايد ڪوئي بہ خوف ناهي. الاءِ ڇو مان توهان سان پاڻ کي گڏ تمام گهڻو محفوظ ٿو محسوس ڪريان. هينئر مان اهو ئي ٿو چاهيان تہ توهان بہ مون سان گڏ پاڻ کي ائين ئي محسوس ڪريو جيئن توهان سان گڏ مان پاڻ کي محسوس ٿو ڪريان..“!! هن جي چپ ٿيڻ سان ئي هن جي ٻنهي چپن جي وچ ۾ ڦاٿل سگريٽ بہ خاموش ٿو ٿي وڃي، جيڪو هُن جي ڳالهائڻ وقت چپن جي حرڪت سان گڏ لڏندو ٿي رهيو. هو هڪ ڀيو زوردار ڪش هڻي، سگريٽ ساڄي هٿ جي آڱرين ۾ ڦاسائي وڌيڪ چئي ٿو. ”ائين ڪرڻ سان هڪ اهو فائدو ملندو تہ نہ اسان هڪ ٻئي کان اوپريونس رهنديون ۽ اهو ڊگهو رستو اسان ٻئي گڏجي جلدي ۾ طئہ ڪري ونداسين.“ اهو ٻڌي هو هڪ ٿڌو ساهہ ٿو پري ۽ پاڻ کي ڪجهہ هلڪو ٿو پائين. پنهنجي سامهون ڏسي ٿو رستي جي سڌ طرف رستو جيڪو ٿورڙو اڳتي هلي انڌاري ۾ ڄڻ گُم ٿو ٿي وڃي، پر تڏهن بہ هو اوستائين غور سان رستي کي ڏسندوس ٿو رهي، جيستائين رستي جو انڌيرو هن جي اکين ۾ اچي چهبجي نٿو. هو

اڪيون بند ڪري ڇئي ٿو "هي چوڏس انڌيرو ڪيڏو تہ آهي جو ڪجھہ سمجھہ ۾ ئي نٿو اچي، هي رستو جنهن تان ڏينهن جو الاءِ ڪيترا ڀيرا ايندا ئي ويندا آهيون. هينئر صرف انڌاري جي ڪري ڪيڏو نہ نئون نئون ٿو نظر اچي."

"ها واقعي ڪو بلب بہ ناهي، هن پوري رستي تي، ميونسپل وارا بلبن جا پئسا بہ ڪيڏو نہ آرام سان هضم ڪري وڃن ٿا عوام مشڪلات ۾."

"پر اڄڪلهہ جا ماڻهو بہ تہ حرامي ٿي ويا آهن، اگر انهن جي گهر ۾ ڪو بلب فيوز ٿو ٿي وڃي تہ هو ٻاهران پولن تان بلب لاهي پنهنجي گهر ۾ ٽا هڻي ڇڏن."!!

هو هُن جي ڇيل ڳالهہ ٻڌي اڻ ٻڌي ڪندي، ڪجھہ ياد ايندي ئي گيسي مان پنجويهہ پئسا ڪڍي مٿي هوا ۾ ٿو اڇلائي، جيڪي پئسا اوندهہ ۾ گم ٿا ٿي وڃن پر ڪجھہ لمحن ڪان پوءِ ان پنجويهہ پئسي جو روڊ تي ڪرڻ جو آواز ٿو اچي. هو اُن آواز کي ياد ڪندي ڇئي ٿو "منهنجي پٽ کي ننڍي هوندي ئي بندوق هلائڻ جو وڏو شوق هوندو هو مون کي ياد آ تہ هو هُن کي ايئر گن (Air Gun) وٺي ڏني هئي. جنهن سان هو سڄو ڏينهن پيو کيڏندو هو مون کي ياد ٿو اچي هُن پنهنجو نشان پڪو ڪرڻ جو ٽارگيٽ محلي جو بلبن کي ناهيو هو. محلي جي پولن جا سمورا بلب هُن منهنجي ايئر گن جي ڇرن سان ڀڳا هئا. پوءِ اڳتي هلي هُن جو نشان ايڏو تہ سنو ٿي ويو هو جو مان ڪليل پئسا هوا ۾ مٿي اڇلائيندو هيس. هو هنن کي پنهنجو ٽارگيٽ ناهيندو هو. الاءِ ڪيترن ڪليل پئسن تي هن ائين پنهنجا نشان ڇڏيا هئا. هينئر اڇلايل پنجويهہ پئسا ۾ انهن مان هڪ آهي.."!!

"ايڏو سنو ٽارگيٽ، پوءِ تہ پڪ سان هن بہ توهان جيان آرمي جوائن (          ) ڪئي هوندي"!؟؟؟

"مون تہ گهڻوئي چاهيو هو تہ هو آرمي ۾ وڃي، پر هُن نہ چاهيو هو."

"ڇو!؟؟؟ هو هينئر پنهنجي ئي پڇيل سوال تي سوال ٿو بنجي پئي. هو آرميءَ ڪان نفرت ڪندو هو"!!

"آرمي ڪان نفرت ڪندو هيو" "پر ڇو!؟؟"

"ڇو تہ مان آرميءَ ۾ هئس نہ.. ان ڪري.."!!

"توهان جو آرميءَ ۾ هجڻ ڪري، توهان جو ئي پٽ آرميءَ ڪان نفرت ڪري، اهو ڪجھہ سمجھہ ۾ نٿو اچي..."؟؟

"هو تہ مون کي بہ آخر تائين سمجھہ ۾ نہ آيو هو"

"پوءِ هاڻي ڇا ڪندو آهي"؟؟؟

"ڪجھہ بہ تہ نہ"!!!

”ڇا مطلب“!؟؟ هو لاشعوري طور تي ئي ڇٽي وجهي ۽ محسوس ٿو ڪري ته هن جي پڇيل سوال تي، هو ڪافي دير تائين هن طرف ڏسندو ٿو رهي ۽ پوءِ ڇئيس ٿو.
”هجي ته ڪجهه ڪري نه، ڇڏي ويو هن دنيا سان گڏ مون کي.... صفا جيئرو ئي ڇڻ ماري ويو مون کي....“ وڏيڪ هُن جو آواز پرجي ٿو اچيس ۽ وزني ٿيندو ختم ٿو ٿيندو وڃينس.
اهو ٻڌي هُن جي اندر ۾ ڇڻ وڏ ٿو پئجي وڃينس. هو اندر ئي اندر ڇرڪ ٿو پري ۽ هن طرف غور سان ڏسندو ٿو رهيس. اجنبي شخص هن کي هينئر ڇڻ پنهنجو ٿو لڳي ۽ الاءِ ڇو پنهنجي بلڪل ويجهو هجڻ جي باوجود ٻهه ن کي تمام گهڻو پري ٿو محسوس ٿئي.
ڪجهه دير رکي هو ڇئيس ٿو ”معاف ڪجو مون شايد توهان جي ڏک ۾ اضافو ڪيو“!!؟
هو چپ ئي ڏک ۾ اضافو ڪيو“!!؟
هو چپ ئي ٿو رهي. نظرون ۽ ڪنڌ پنهنجن پيرن طرف جهڪيل ئي ٿيو رهيس.
ڪجهه دير تائين ٻئي خاموش ٿا رهن. شايد انهن کي ڳالهائڻ لاءِ ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي.
ڪافي دير کان پوءِ هو اوچتو ڳالهائي ٿو ”ڇا ٿيو هو توهان جي پٽ کي“!؟؟؟
”ڪجهه به نه“!! ڪجهه دير رکي هو جواب ٿو ڏئي ۽ مٿي آسمان طرف ڏسندو ٿو رهي.
ائين ئي مٿي ڏسندي وڏيڪ ڇئي ٿو ”آسمان کي به شايد اهو ئي منظور هو. بس هڪ رات هو گهر پئي آيو ته رستي ۾ ئي الاءِ ڪنهن هڪ وڏي چاقو سان هن جي پيٽ کي چيري ڇڏيو هو ڦٽڪيو ئي نه ۽ نه ئي دانهن ڪري سگهيو.... روز ته ائين ماڻهو مرندا ٿا رهن. منهنجو پٽ به انهن مرندڙن مان هڪ هيو. مون توهان کي پهرين ئي چيو هو نه ته ڪنهن هڪ جي اوچتو مرڻ سان اهي سڀ مري ويندا آهن. جن کي هو پيارو هوندو آهي. ان ڏينهن هو نه مئو هو ڇڻ مان مري ويو هيس ۽ هيل تائين مئل آهيان.“!!
هُن جي پٽ جي ائين موت جو ٻڌي هن جي دل ۾ خوف سان گڏ رهڻ جو به پاڻي اٿلي ٿو پئي. هو محسوس ٿو ڪري منهنجن قدمن سان قدم ملائيندو مون سان گڏ هلندڙ شخص جو آواز ڪنهن اجنبي جو نه پر منهنجو پنهنجو ۽ منهنجي اندر جو آواز آهي. انهن ٻنهي جي قدمن جي آواز سان گڏ اداسي به هنن سان گڏ پوري ماحول کي به پنهنجي قابو ۾ ٿو ڪري ڇڏي ۽ خاموشي ۾ ڪافي دير کان ٿڪل قدمن سان هنن ٻنهي جي وچ ۾ هلندي ٿي اچي.
روڊ خالي هجڻ جو باوجود به چوڪ جي وچ تي ٽريفڪ سنگل ۾ ڳاڙهي بتي ٻرندي ٿي رهي. ان ڳاڙهي روشني ۾ هو بيهر هڪ ٻئي جي سامهون ظاهر ٿا ٿي پون. سامهون چوڪ ڏسي هو ٻئي ٻنهي ٿا رهن. ڳاڙهي روشني هو سخت جسم رکندڙ فوجيءَ جي اکين ۾ پاڻي جي چمڪ ڏسي ٿو وينس ۽ پڇيس ٿو“ توهان شايد سڏو ويندوا!؟؟

”نہ مان هن طرف ڪان ويندس...“ هو پنهنجي ساڄي پاسي رستي طرف اشارو ڪري،
”هي رستو تہ مير ڪالوني ويندو آهي پر توهان کي تہ سوسائٽي وڃڻو آهي.
”جي مون کي خبر آ. مان اڳيان ريگل چوڪ کان شارٽ ڪٽ هڻي سوسائٽي هليو ويندس.
”هو تہ تمام سنو ٿيو منهنجي پاڻ اڪيلي وڃڻ تي بلڪل بہ دل ڪانہ پئي چئي.“
”پوءِ اڳتي هلجي“!؟
”هلو...“

هو ٻئي ساڄي پاسي رستي طرف ڦرڻ لڳا. انهن جي ڦرڻ سان گڏ ئي وچ چوڪ تي لڳل ٽريفڪ سنگل ۾ سائي بتي ٻري پئي.

اڳتي وڌندي سائي بتي جي روشنيءَ ۾ جيستائين هنن جو پاڇولو اڳيان هلندو ٿي هليو، تيستائين هو پنهنجو پاڻ کي آزاد ٿو پائين پر پوءِ پاڇولو ۽ روشني ختم ٿيندي ئي ٻيهر هُن جي پيرن ۾ خوف ٿو ٻڌجي پئي. پر پوءِ پاڻ سان گڏ هلندڙ فوجي شخص جي سختي ڏسي هو پاڻ بہ سخت ٿو ٿي وڃي، پنهنجي پويان ڏسي ٿو پوئل جي سائي بتي اڪيون چورائي هنن کي ڏسندي ٿي رهي ۽ اڳيان اوندهہ وات ڦاڙيو هنن جو جڻ انتظار ٿي ڪندي رهي. هو چئي ٿو ”ڏسو هن ٽريفڪ سنگل جو نظام بہ اسان جي ملڪ جي نظام جيان درم پرم لڳو پيو آهي.“ ڏسو تہ رات جو هن وقت خالي روڊ تي فضول ۾ ٿو هلي. صبح جو تہ هي الاءِ ڪيترا ايڪسيڊنٽ ڪرائيندو!؟

”هي تہ متان صبح تائين صحيح ٿي وڃي پر اسان جي ملڪ جو نظام نهڻ جهڙو ئي ناهي، هميشہ ئي ابتو هلندو رهندو.“

ائين ئي ڳالهائيندي هو هڪ ٻرجي گهاٽي ۽ پراڻي وڻ جي هيٺان ٿا گذرن. هلڪي هوا جي ڪري ٻرجي وڻ جي سڪل ۽ ساون پنن مان نڪرندڙ سرسراهٽ هن خاموش ۽ اونداهي رات ۾ اجا بہ وڌيڪ اونداهي جا رنگ پريندي ٿيرهي، پر تڏهن ٻنهي کي هڪٻئي جي قدمن جا آواز ڪجهہ سهارو ٿا ڏين.

اجنبي شخص وڻ طرف ڏسندي چئي ٿو ”هي ٻر جو وڻ تمام گهڻو پراڻو ٿو لڳي ۽ هُن مان نڪرندڙ آواز ۾ ايڏو نہ خوف سمائيل آهي جو هن پوتائتي رات کي اجا بہ وڌيڪ پوائتو ٿو ڪري ڇڏي“!

هن جي ائين ڳالهائڻ سان هن کي ڪجهہ سهارو ٿو ملي هو هڪ ٽڏو ساهہ کڻي چئي ٿو ”ها واقعي بہ هن وڻ جي آواز تہ منهنجي اندر ۾ بہ الاءِ ڪيترا خوف جا ٻج ڇٽي ڇڏيا هئا. پر توهان جي هجڻ سان خوف پاڻ کي ڪجهہ مضبوط محسو ڪيو. رات جي هن انڌيري ۾ هي وڻ تہ اجا بہ وڌيڪ خوفائتو ٿو لڳي. مان اڪيلو تہ هن وڻ جي هيٺان گذري ئي نہ سگهان ها“!!!؟

”هونئن اصل ۾ خوف اسان اندر ۾ پيو اجايو رهندو آهي ۽ هميشہ اسان جي اکين ۾ پريو پيو هوندو آهي. پر اسان بہ فضول ۾ ٻين کان پيا ڏکندا آهيون ٻيا ٻين کان پڇندا آهيون. پر ائين پڇڻ ۽ ڏکڻ کان جيڪڏهن اسان پنهنجي اندر جي ٿي خوف کي ختم ڪري ڇڏيون تہ ڪا بہ شيءِ اسان خوفائتي نہ لڳندي. پهرين توهان بہ تہ مون کي ڏسي ڏکي ويا هيئو نہ!؟؟ ۽ مون کان پڇڻ جي ڪوشش پيا ڪريو. ڪيئن مان صحيح ٿو چوان نہ“!؟؟

هو کلندي چئي ٿو ”توهان بلڪل صحيح ٿا چئو: مون واقعي توهان کان پڇڻ جي ڪوشش تہ گهڻي ڪئي هئي سين. پر توهان کان پڇڻ ڪو سولو آهي ڇا!؟؟ ڪيئن مان بہ صحيح ٿو چوان نہ“!!؟

”بلڪل صحيح“!! هو ٻئي کلڻ ٿا لڳن پر هن کي اجنبي شخص جو کلڻ ڇڻ روئڻ ٿو محسوس ۽ هن جي ورڻ جي آواز کي پنهنجي اندر ۾ محسوس ٿو ڪندو رهي. ڪافي دير جي اجائي خاموشيءَ کان پوءِ هو هن جي ڪجھ ويجهو ٿو اچيس ۽ ڏسڻ ٿو لڳيس. هو ڪنڌ جهڪايو اوندھ کي ائين لتاڙيندو اڳتي وڌندو ٿو وڃي. ڇڻ هو پنهنجو پاڻ، هن کان ۽ پوري ماحول کان بي خبر آهي. ڇڻ هو اڪيلو آ ۽ شروع کان وٺي هو ائين ئي اڪيلو ٿي آيو آهي.

”هڪ ڳالھ توهان کان پڇان!؟؟“ ڪافي سوچڻ کان پوءِ آخر هو خاموشي کي پنهنجي آواز ۾ وڃائي ئي ٿو ڇڏي.

”جي پڇيو“

”توهان ٻڌايو ڪونہ تہ توهان فوج ڇو ڇڏي هئي.

هو ڪجھ پل خاموشيءَ کان پوءِ هن طرف ڏسندي ساڳي ريت ڪنڌ جهڪائيندي چئي ٿو ”مون تہ ڪڏهن سوچيو ئي نہ هو تہ مان پنهنجي ملڪ جي فوج کي ائين ڇڏي بہ ڏيندس. مون کي تہ فوج سان وڏو پيار هوندو هو. مون کي ياد آهي، ٻي جنگ تازي ختم ٿي هئي. منهنجي ان وقت بہ ملڪ جي بارڊر تي ڊيوٽي هوندي هئي. جنگ ۾ مون دشمن ملڪ جا الاءِ ڪيترا فوجي ماريا هئا. هي اهي ڏينهن هوندا هئا جو مان پنهنجي آڱرين تي پنهنجي ئي هٿان ماريل دشمن ملڪ جا فوجي ڳڻيندو هئس ۽ ٻيو خوش ٿيندو هيس. بس انهيءَ وقت ۾ منهنجي زال جي موت جي خبر مون تائين پهتي هئي. مون کي پنهنجي زال سان تمام گهڻي محبت هوندي هئي. مون کي ياد آ، سمورو رستو مان روئيندو آيو هيس. گهر پهچڻ کان پوءِ الاءِ ڇو ڪنهن بہ مون کي سهارو نہ ڏنو هو. ايتري قدر جو منهنجو پنهنجو پٽ بہ مون سان نہ مليو هو نہ ئي مون سان ڳالهايو هئائين. هو مون سان نفرت ڪرڻ لڳو هو. هُن کي محسوس ٿيو هو تہ هُن جي ماءُ کي مون مارايو آهي. تنهن ڪري هو مون سان نفرت ڪرڻ لڳو هو ۽

ائين ئي نفرت ڪندو ڪندو آخر هو بہ مري ويو ۽ مون کي اڪيلو ئي ڪري ويو. هن نفرت پري دنيا ۾ بلڪل اڪيلو"!!!

ڇا ٿي هو توهان جي زال کي"!؟؟

"ڇا ٿيو هو"!!! هو هڪ زهريلي مسڪراهٽ چهري تي آڻي چئي ٿو "ٿيو تہ ڪجهہ بہ نہ هو بس هُن خودڪشي ڪئي هئي. زهر کاڌو هئائين. هُن سان گڏ هُن جي پيٽ ۾ موجود پنجن مهينن جو ٻار بہ مري ويو هو. توهان کي خبر ڪونهي ڪا تہ اهو مئل پنجن مهينن جو ٻار منهنجو نہ هو. الاءِ ڪنهن جو هو مان تہ پورا نو مهينا ملڪ جي بارڊر جي حفاظت ڪندي گذاريا هئا. زندگي ۾ جو افسوس بہ تہ اهو ئي اٿم نہ تہ مان پنهنجي ملڪ جو محافظ پنهنجي گهر جي حفاظت ڪري نہ سگهيس."

اهو ٻڌي هُن کي ڄڻ جهٽڪو ٿو لڳس، هڪ منجهيل ڳالهہ هن جي اندر ۾ منجهيل ئي ٿي رهي. هو ان منجهيل ڌاڳن کي سلجهائڻ جي ڪوشش ۾ پاڻ بہ سمورو منجهي ٿو پئي ۽ ڏسڻ ٿو لڳي پاڻ سان گڏ هلندڙ سخت جسم و جان رکندڙ شخص، جيڪو هن پل هن کي بلڪل ڪمزور ٿو محسوس ٿئي. جنهن جي چهري ۾ هينئر هن کي بلڪل ڪمزور ٿو محسوس ٿئي. جنهن جي چهري ۾ هينئر هن کي ڪاري انڌاري کان علاوه ڪجهہ بہ ڏسڻ ۾ نٿو اچي.

۽ هو مٿي انڌاري ۾ ٽمڪندڙ تارن ڀري آسمان طرف ڏسندي ٻيهر ڳالهائي ٿو "مون کي الاءِ بہ ڇو هر پل ائين محسوس ٿيندو آهي، ڄڻ مون زندگيءَ ۾ سڀ ڪجهہ وڃائي ڇڏيو آهي. ڪنهن وقت ۾ مون کي فخر محسوس ٿيندو هو پنهنجي ملڪ جي هڪ بهادر سپاهي هجڻ جو پر هينئر پاڻ کي ڪيڏو نہ ڪمزور محسوس ڪندو آهيان جو پنهنجي گهر لاءِ بہ ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهيس. مان واقعي بہ نفرت جا لائق آهيان. پر آخر منهنجو ئي پٽ مون کان ئي نفرت ڇو ڪندو هو!؟ مون هُن سان ڪيڏو نہ پيار ڪيو هو ڇا ڇا نہ سوچيو هو پر تڏهن بہ هو مون سان ايڏي نفرت ڇو ڪندو هو؟؟ ۽ آخر ائين هو ڇو چوندو هو "مان تنهنجو پٽ ئي ناهيان!؟" ڇو... ڇو آخر هو مون کان نفرت ڇو...!؟؟؟"

ساڳي ريت مٿي آسمان طرف ڏسندي هن جون ٻئي اکيون پرجي ٿيون اچن. جيڪي انڌاري ۾ هلڪي روشني کي چمڪي ٿيون اچن. هن کي محسوس ٿو ٿئي تہ هو اندر اندر روئيندو ٿو رهي. هُن جي ائين روئڻ تي هن جو اندر پرجي ٿو اچي سمجهہ ۾ نٿو اچيس تہ پاڻ سان گڏ هلندڙ شخص هو ڪيئن پرچائي!؟ هو ڪافي ڪجهہ ڳالهائڻ جي باوجود بہ خاموش ٿو رهي. پر هُن کي اهو بلڪل بہ سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ ڪو پٽ پنهنجي پيءُ سان ايڏي بہ نفرت ڪري سگهي ٿو. الاءِ ڇو هو هينئر هن کي رحم قابل ٿو نظر اچي.

ائين ئي سوچيندي هن کي ياد تو اچيس, پنهنجا ٻئي پٽ جنهن سان هن دل و جان سان پيار ڪيو آهي ۽ سندس زال جيڪا هينئر به گهر ۾ هڪ هڪ تارو ڳڻيندي هن جو بي چيني سان انتظار ڪندي هوندي, اهو ياد ايندي ئي هو پاڻ به سمورو بي چين ٿي تو وڃي. دل تي چيس جلدي پچندو گهر پهچان پر پاڻ سان گڏ هلندڙ شخص جو خيال هن کي منجهائي تو وجهي, هو هُن لاءِ, هُن جي زال ۽ پٽ لاءِ باقائدي سوچيندو تو رهي.

ائين سوچيندي پريان کان ڪنهن گاڏيءَ جي آواز تي ڇرڪجي تو پئي ۽ پنهنجي پويان تو ڏسي, پويان ڇرڪ کان هڪ گاڏي ساڄي رستي طرف ڦري تي ۽ اڳتي آهستگي سان ايندي تي وڃي. اهو ڏسي هي چئي تو "پويان ڪا گاڏي پئي اچئي, اڳتي اچا پنڌ ڪافي آهي, جيڪڏهن هُن کان لفٽ وٺجي"!؟

"توهان چا ٿا سمجهو اسان کي لفٽ ملي ويندي, نه ڪڏهن به نه. رات جو هن وقت ۽ هن ماحول ۾ ڪنهن اجنبي کي پاڻ سان گڏ وٺي هلڻ هڪ وڏي ڳالهه آهي. ڇڏيوس پنڌ سهي آهيون. هاڻي ته توهان سان گڏ هلندي مزور اچڻ لڳ آهي. توهان بور ته ڪونه پيا ٿيو نه منهنجين ڳالهين مان" "نه بور چو ٿيندس, مزو ته مون کي به اچڻ لڳو آهي, پر چاهيم پئي ته لفٽ ملي وڃي ته گهر جلدي پهچي ويندا سين, خير صبح ائين ئي موڪل جو ڏينهن آ, سڄو ڏينهن آرام ڪبو"!؟

"ها هاڻي جوانن واري ڳالهه ڪئي اٿوَ نه"!! اهو چئي هو کلڻ جي ڪوشش تو ڪري. اکيون پاڻيءَ سان ڀريل هجڻ جي باوجود به هو وڏي آرام سان کلندو ئي تو رهي. هن جو ائين تبديل ٿيندڙ رويو هن کي بلڪل عجيب تو لڳي, سمجهي نٿو سگهي هُن اجنبي شخص کي ۽ هُن جي ڳالهائڻ کي"

ائين کلندو ڏسي هو پوئتي تو ڏسي ۽ يڪدم چئي تو.

"لڳي تو پوليس جي گاڏي "!!؟

هُن کي ڄڻ جهٽڪو تو لڳيس, پوئتي تو ڪنڌ ڦيرائي "واقعي پوليس جي گاڏي آهي, پڌو هي اسان کان ضرور رات جو ائين فضول هلڻ جو سبب پڇندا, انهن سان توهان ڳالهائجو منهنجي باري ۾ چئجون ته مون سان گڏ آهي, ڇو ته هينئر مون وٽ نه ڪو ايڊنٽي ڪارڊ ۽ نه ئي ڪا ايڊنٽي آ, ٺيڪ آهي نه"!!

"ٺيڪ آ.."

پوليس جي گاڏي هنن ٻنهي جي اڳيان اچي بيهي تي رهي, پويان به سپاهي ٿا لهي اچن, انهن مان هڪ چئي تو.

"صاحب سان ملو توهان کي سڏي تو"!؟

هو اڪيلو ئي اڳتي وڌي گاڏي جي اڳين دروازي جي پرسان بيهي ٿو رهي. پوليس جي گاڏيءَ ۾ اڳيان ويٺل وردي واري شخص جي اکين ۾ سوالن جا تانڊا ٻرندا ٿا رهن.

"ڪٿان پيا اچو" ۽ ڪاڏي پيا وڃو"!؟

"سر دوست جي شادي مان اچون ۽ هينئر گهر وڃي رهيا آهيو"!

"گهر ڪٿي اٿئي"!؟

"سر مير ڪالوني ۾"

"ڇا ڪندو آهين"!؟

"هاسپيٽل ۾ نوڪري آ" هو پنهنجي اڳين کيسي مان هڪ ڪارڊ ڪڍي اڳتي ٿو وڌائي "سر هي منهنجو سروس ڪارڊ"

"هي تون سان گڏ ڪير آ"!؟

"بابا جو دوست آ، گڏ شادي مان پيا اچون."

"هي ڪو شادي مان واپس جو ٽائيم آ، ماحول ڪھڙو لڳو پيو آ، ڪجھ توهان کي ٿي پئي ته پوءِ!!؟ توهان لاءِ ته ڇڻ ڪجھ به ناهي پرپوءِ مصيبت ته اسان لاءِ ئي ٿي پي نه توهان کي خبر ڪونهي ته رات جو هن وقت ٻاهر نڪرڻ تي پابندي آ، هلو ڇڏيان ٿو آئنده هن وقت ٻاهر نه ذڪر جو":

هو پنهنجو ڪارڊ کيسي ۾ وجهي ڪجھ پوئتي ٿو ٿئي، ڪجھ دير کان پوءِ گاڏي هڪ وڏي آواز سان اڳتي وڌي ٿي وڃي. هي ٻئي اوستائين گاڏين جي پوئين بريڪ ڳاڙهي بتي کي ڏسندا ٿا رهن، جيستائين هنن کي اهي نظر ٿيون اچن، ڪافي دير جي خاموشيءَ کان پوءِ هو چئي ٿو" مون کي سمجھ ۾ نٿو اچي ته توهان فوج ۾ رهڻ جي باوجود به هينئر پوليس کي ڏسي گهبرائجي ڇو ويا هيو"!؟؟

هو چئي ٿو "اصل ۾ مان پوليس کان خوفائتو ناهيان، پر پوليس کان مان نفرت ڪندو آهيان، ڇو ڪندو آهيان نفرت پوليس کان!؟؟ اها ته مون کي خبر ناهي پر مون کي ائين لڳندو آهي ته ڄڻ پوليس منهنجي دشمن آ ۽ مان پوليس جو دشمن آهيان"

"پر پوليس جو دشمن ته مجرم هوندو آهي."

"مجرم ئي ته آهيان، پابندي هجڻ جي باوجود به روز رات جو ٻاهر نڪرڻ بنا ڪنهن شوق جي، اهو به ته جرم آ"؟؟

"پر ڇو روز ٻاهر نڪرندا آهيو رات جو"!؟

"مجبوري آ، گهر ۾ ويٺي خوف جو ٿيندو اٿم".

"ڇا جو خوف"!؟

"الاءِ به ڇو مون کي محسوس ٿيندو آهي ته رات جي اندازي جو فائدو وٺي ڪو مون کي منهنجي گهر ۾ ئي ماري ويندو مون کي ائين لڳندو آهي ته منهنجو قاتل منهنجي گهر

۾ ئي موجود آهي. ان گهر ۾ جتي منهنجي زال جي موت ٿي هئي ۽ جتي منهنجي پٽ جو لاش پيو هو. هو اهو ئي قاتل آهي، جنهن منهنجي پٽ کي ماريو هو ۽ ان ئي منهنجي زال کي مرڻ تي مجبور ڪيو هو ۽ هاڻي اهو ئي مون کي ٿو مارڻ چاهي، رات جي انڌيري ۾، تنهن ڪري مان رات اچڻ کان پهريائين ئي گهر کان نڪري ايندو آهيان.

خوف جو پکي جيڪو ڪافي پهرين هن جي اندر مان اُڏامي ڪٿي گم ٿي ويو هو ٻيهر هن جي اندر جي آکري ۾ اچي ويهي ٿو رهي، پر هي سمجهي نٿو سگهي پنهنجي اندر ۾ ٻيهر پيدا ٿيندڙ هن خوف جي احساس کي، ۽ هن شخص کي ٻا!!! ۽ ان سان گڏ پاڻ سان گڏ هلندڙ شخص جيڪو ڪافي دير کان هن جي ڳالهين ۽ هن جي قدمن جو حصو هو ٻيهر هن جي اڳيان اوپرو ٿو ٿيندو وڃي. هن کي يڪدم گهر ٿو ياد اچي ۽ گهر ۾ انتظار ڪندو ۽ پنهنجي زال جون اکيون ٿيون ياد اچينس.

"مون کي پڪ آ توهان منهنجي لاءِ ئي سوچيندا هوندو"

اجنبي شخص جي وزني آواز تي هو ڇرڪ ٿو پري، پر پوءِ پاڻ سنڀاليندي هُن جي ڳالهائڻ طرف متوجه ٿو ٿئي.

"پر جيئن توهان سمجهو ٿا ته مان ائين ناهيان، مان چريو ناهيان، پر هينئر مون کي لڳي ٿو ته منهنجي موت جو خوف مون کي واقعي به چريو ڪري ڇڏيندو. مون کي ائين ٿو لڳي ته منهنجي موت کان پوءِ سچ ڪونه ايرندو ۽ هي سعودي دنيا اونده ۾ غرق ٿي ويندي پر جيڪڏهن سچ ايريو به ته ڪهڙو فرق پوندو. منهنجي لاءِ ته سچ جڻ ايريو ئي نه!!! پر ڪجهه نه ڪجهه ضرور ٿيندو منهنجي مرڻ کانپوءِ!!! ڪيئن مان صحيح ٿو چوان نه"!؟؟؟

هو ڪجهه نٿو ڳالهائي ڪجهه دير کان پوءِ ڪنڌ سان هاڪار ٿو ڪري، خوف جو پکي هُن جي اندر ۾ پَر ڦهلائيندو ٿو وڃي.

"توهان جي شادي ٿيل آهي"؟؟؟ س هُن جي پڇيل اوچتو سوال تي هر ٻيهر ڇرڪ ٿو پري.

"جي ها... ٻه ٻار به آهن"! هو هٻڪندي جواب ٿو ڏئي.

"توهان جي زال ۽ ٻار توهان سان پيار ڪندا آهن!؟؟

الاءِ ڇو پڇيل هن سوال تي هُن کي تمام گهڻي ڪاوڙ ٿي اچي. هو خاموش ٿو رهڻ چاهي، پر تڏهن به ڪنڌ جهڪائي چئي "تمام گهڻو پيار ڪندا آهن. هينئر به پڪ سان تنهنجي زال منهنجو انتظار ڪندي هوندي".

"پوءِ ته توهان وڏا خوش قسمت آهيو"

"ڪيئن"!؟؟ سڀ ڪجهه سمجهڻ جي باوجود هو بلڪل رُکي نموني سان پڇي ٿو.

"مان ته ان شخص کي وڏو خوش قسمت سمجهندو آهيان. جنهن جا ٻار ۽ هُن جي زال هُن سان پيار ڪندي آ".

خوف سان گڏ بيزاري ۽ هُن جي اندر ۾ وڌندي ٿي وڃي، هو مه سوس ٿو ڪري تہ هينئر هي شخص ۽ هُن جون ڳالهيون مون کي الاءِ ڇو حد کان وڌيڪ بيزار ٿيون ڪن. هو چاهي ٿو تہ ڪيئن بہ ڪري مان هن اجنبي شخص مان جان ڇڏائي گهر پهچان. جلدي ۾ هو کيسي ۾ پيل پاڪيٽ مان سگريٽ ڪڍي، وات ۾ وجهي ماچيس مان تيلي ٿو ٻاري ۽ خوف ڀرين اکين سان، ٻريل تيليءَ جي هلڪي روشنيءَ ۾ هُن طرف ڏسندو ٿو رهي.

هو سگريٽ وڏا وڏا ڪش ٿو هڻندو رهي. ان سان گڏ هُن جي قدمن ۾ بہ تيزي ٿي اچي وڃي. هن جي تيز هلڻ جي ڪري هن سان گڏ هلندڙ شخص بہ تيز هلڻ شروع ٿو ري، ڪافي دير اهي ٻئي خاموش ائين ئي گڏ تيزيءَ سان هلندا ٿا رهن. آخر مجبور ٿي هو چئي ٿو "توهان آخر ايڏو تيز ڇو ٿي ويا آهيو"!؟

"ڪافي دير ٿي ويئي آهي، مون کي گهر پهچڻ گهرجي. منهنجي زال منهنجو انتظار ڪندي هوندي "

"اهو انتظار جو تصور بہ ڪيڏو نہ عجيب آ. پهرين فوج جي نوڪري دوران بہ مان ائين ئي سمجهندو هيس پر پوءِ خبر پئي هيم تہ ڪا بہ عورت پنهنجي مڙس جو ايڏو انتظار نٿي ڪري سگهي. جيترو هُن کي ڪرڻ گهرجي!! هينئر تہ ڪافي دير ٿي ويئي آهي هو بہ پڪ سان سمهي پئي هوندي"!!

"نہ اهڙي ڳالهہ ناهي هو منهنجو سڄي رات بہ انتظار ڪري سگهي ٿي"! هو نہ ڳالهائڻ چاهيندي بہ ڳالهائي ٿو.

"ڪڏهن نہ ڪڏهن تہ انتظار هُن کي ٿڪائي سمهاري ئي ڇڏيندو"!!

ائين ڳالهائڻ تي هُن کي تمام گهڻي ڪاوڙ ٿي اچيس پر هو الاءِ ڇو چپ ٿي ٿو رهي. هُن شخص لاءِ ڪاوڙ هُن جي مٿن ۾ ڀرجي ٿي اچيس. هُن کي ڪجهہ سمجهہ ۾ نٿو اچيس. سگريٽ جو آخري ڪش هڻي هو سگريٽ اڇلائي، ٻيو سگريٽ ٿو دُکائي.

"مون سان ڪهڙي دشمني اٿوَ جو مون کي سگريٽ ڪونہ ٿا پيئاريو"!؟؟ هو هُن طرف ڏسندي چئي ٿو.

"ها... ها ڇو نہ مون کان شايد وسري ويو.." هو هُن کي سگريٽ ڏيندي چئيس ٿو ان سان گڏ بيزاري جو سمنڊ هُن جي اندر ۾ ڇوليون ڪائيندو ٿو رهي. پر پوءِ هو باقاعدگيءَ سان پنهنجي اندر ۾ پيدا ٿيندڙ هُن شخص لاءِ بيزاري جي ٻاري ۾ سوچيندو ٿو رهي. الاءِ ڇو هُن کي سڀ ڪجهہ فضول ٿي ٿو لڳي، پنهنجي اندر جو خوف ۽ بيزاري !! ائين ئي سوچيندي هو وڏو سڪون ٿو محسوس ڪري ۽ سگريٽ جو دونهون هوا ۾ آهستگي سان ڇڏيندي چئي ٿو "مون کي الاءِ ڇو توهان عجيب لڳا آهيو. ڪڏهن بلڪل بہ اوپرا تہ ڪڏهن بلڪل پنهنجا، تہ ڪڏهن تہ توهان کان خوف ٿو ٿئي، تہ ڪڏهن توهان جو حدن

سان گڏ هلڻ وڏو سڪون ٿو ڏئي، ڪڏهن بيزاري ٿي ٿئي تہ ڪڏهن مزو ٿو اچي. توهان سان ملاقات جي ڪري اجوڪي رات بہ منهنجي زندگيءَ جي يادگار رات رهندي، پڪ اٿم تہ اجوڪي رات کان پوءِ اسان جڏهن بہ ملياسين تہ هڪ دوست جيان ٿي ملنداسين، ڇو تہ اجوڪي رات ۾ اسان ٻئي هڪ ٻئي جو سهارو بنيا آهيون. توهان جي منهنجي باري ۾ الاءِ ڪهڙي راءِ هوندي اها مون کي خبر ناهي پر مان اهو چوندس تہ توهان جيان توهان جون ڳالهيون بہ عجيب آهن. توهان واقعي بہ عجيب آهيو“

”توهان جي ڳالهہ صحيح آهي تہ مان عجيب آهيان، مون کي تہ پنهنجو پاڻ تي ئي حيرت ٿيندي آهي، مان واقعي بہ عجيب تہ آهيان پر ان سان گڏ غريب بہ آهيان، توهان کي خبر آهي هن دنيا ۾ ڪيترا قسم آهن غريب هجڻ جا...!! پر ڪنهن سچ چيو آهي تہ هن دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ غريب اهو آهي، جنهن جو ڪوبہ دوست ناهي ۽ مان اهو بدنصيب غريب آهيان جيڪو هيل تائين ڪنهن جودوست ناهي ٿي سگهيو“!!

هو سگريٽ جو آخري ڪش هڻي اجنبي شخص طرف ڏسندي چئي ٿو ”اگر اسان چاهيوسين تہ اسان سٺا دوست ٿي سگهون ٿا ۽ اگر چاهيوسين تہ اڄ کان پوءِ ٻيهر ملي بہ سگهون!! ڪنهن کي دوست ڪرڻ يا ڪنهن جو دوست ٿي وڃڻ ڪو مسئلو تہ ناهي.

”ڇو ناهي مسئلو!! اهو ئي تہ مسئلو آهي“ هو سگريٽ جو هڪ زوردار سوٽو هڻي وڌيڪ چئي ٿو ”توهان کي خبر آهي تہ روز ائين رات جو ٻاهر هلندي توهان جيان ڪو نہ ڪو اجنبي ملي پوندو آهي. ڪجهہ ئي دير ۾ هو منهنجو ۽ منهنجين ڳالهين جو دوست ٿي ويندو آهي پر ان لمحي هُن کي خبر ناهي هوندي هُن جي ۽ منهنجي هُن سان دوستي صرف هڪ رات لاءِ ئي هوندي آهي“!!

”مان توهان جي ڳالهہ جو مطلب نہ سمجهيو“!؟؟

هو ڪجهہ دير رکي سگريٽ پورو ڪندي چئي ٿو ”مطلب اهو ئي تہ منهنجو ڪوبہ دوست ناهي، روز ائين ٻاهر نڪرندي منهنجا الاءِ ڪيترا دوست ٺهندا آهن پر منهنجو نئون ٿيندڙ هر دوست سج اڀرڻ کان پهرين ئي مري ويندو آهي.“

”مري ويندو آهي!! پر ڪيئن“!؟؟ هو ڇرڪ ٿو پري، يڪدم سندس ذهن ۾ ڪا شيءِ ڇڻ ڇهيي ٿي پئي، هو بيهي ٿو رهي. هن جي ڀيڻ سان نوجوان جسم رکندڙ پوڙهو شخص بہ بيهي ٿو رهي ۽ هن جي سامهون ٿي چئي ٿو ”بس مري ويندا آهن!! ڇو تہ انهن جي موت لکيل هوندي آهي، انهن جي قسمت ئي اهڙي هوندي آهي، ان ۾ منهنجو ڪوبہ قصور ناهي هوندو مان تہ صرف هڪ بهانو ٿي هنن جي سامهون ايندو آهيان.

”ڇا مطلب آهي توهان جو!؟؟ توهان آخر آهيو ڪير“!؟ هن جي اندر جو لڪيل خوف هُن جي اکين ۾ پرجي ٿو اچي ۽ بي چيني وڌندي ٿي وڃينس.

”مان ماڻهو آهيان!! واقعي بہ مان توهان جهڙو ئي ماڻهو آهيان“!! هو وڏ سڪون ۽ آرام سان ٿو ڳالهائڻ لڳي ”واقعي بہ توهان جيان ئي منهنجا بہ هٿ آهن، هڪ نڪ، هڪ ڪن، بہ اکيون ۽ بہ چپ آهن. مان توهان جهڙو ئي آهيان، توهان کي مون مان خوف کائڻ نہ گهرجي، مان توهان جو دوست آهيان، جيڪو پوري ڪلاڪ کان توهان سان گڏ آهيان. توهان کي ٻڌايو بہ هو تہ مان هڪ ظالم فوجي رهي چڪو آهيان، جيڪو ڪنهن وقت ۾ پنهنجين آڱوڻن تي پنهنجن هٿن سان ماريل دشمن ملڪ جا فوجي ڳڻيندو رهيو. مان هڪ اسٽيج جو بهترين اداڪار بہ رهي چڪو آهيان، جنهن جي اداڪاري تي، ڏسندڙ روئي پوندا هئا. ان سان گڏ مان هڪ پيار ڪندڙ مڙس بہ رهي چڪو آهيان. هڪ پيار ڪندڙ پيءُ بہ رهي چڪو آهيان ۽ هڪ پيار ڪندڙ دوست بہ...!! پر منهنجو هر ڪنهن سان ڪرڻ جو طريقي ڪار ئي الڳ آهي. توهان تہ منهنجا دوست آهيو نہ!! پوءِ توهان مون کان ايڏو پرتي ڇو بيٺا آهيو منهنجي ڪجهہ ويجهو اچو نہ“!؟؟

”نہ مان اتي صحيح آهيان، مون کي گهر وڃڻ گهرجي“!! هيئنر هُن جي اکين ۾ پريل خوف، هُن جي لفظن ۾ پرجي ٿو اچي.

”پر توهان مون کي اڪيلو ڪيئن ٿا ڇڏي سگهو، توهان کي خبر ناهي تہ اڪيلو تہ مان مري ويندس!! اصل ۾ مان مرڻ ئي نٿو چاهيان، اگر مان مري ويس تہ سچ ڪونہ ايرندو، توهان پليز مون کي اڪيلي ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪريو ڇو تہ منهنجا اهي سيئي دوست مري ويا، جن مون کي ائين اڪيلو ڪرڻ چاهيو. هو انهن سيني جي مرڻ تي مون کي افسوس تہ ٿيو هو پر وڏو سڪون نہ مليو هو ڇو تہ اگر اُهي نہ مرن ها تہ مان مري وڃان ها!!؟س اگر اهي زندهہ رهن ها تہ مون کي هن دنيا ۾ موڪلڻ جو مقصد ئي پورو نہ ٿي سگهي ها!؟؟

”ڇا .... مطلب تہ.....“!؟؟ هو وڏيڪ لفظ پنهنجي اندر ئي ڪائي ٿو وڃي، هُن اجنبي شخص لاءِ ڪجهہ پل سوچيندو ٿو رهي، پر هن کي ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نٿو اچي، هن جي دلي جي ڌڙڪن وڌندي ٿي وڃي ۽ ان سان گڏ خوف بہ.....!!“

”مون کي خبر آهي تہ توهان منهنجي لاءِ ڇا ٿا سوچيو ۽ جيڪو توهان سوچيو ٿا، اهو بلڪل صحيح آهي. ها مان قاتل آهيان ۽ مون الاءِ ڪيترا قتل ڪيا آهن“!! هو وڏي اعتماد سان جواب ٿو ڏئي ۽ جهٽڪي سان ڪنڌ مٿي ٿو ڪري. اهو ٻڌي خوف پوري طرح هن جي جسم ۾ ڇهنڊڙيون پائيندو ٿو رهي. هو چاهي ٿو تہ ڪهڙي بہ طرح مان هتان ڀڄي وڃان پر محسوس ٿو ڪري تہ خوف هن جي پيرن ۾ زنجيرن جيان جڪڙجي ويو آهي.

هُو هن جي اجا بہ ڪجهہ ويجهو اچي چئيس ٿو "توهان کي يقينن مون مان خوف ٿيندو هوندو، هونئن خوف ٿيڻ بہ گهرجي، مون توهان کي پهرين چيو هو تہ موت جو خوف ٿيڻ بہ گهرجي، مون توهان کي پهرين چيو هو تہ موت جو خوف وڏو خوفناڪ ٿيندو آهي. ان جو احساس ئي هر ماڻهو کي تڏهن ئي ٿيندو آهي جڏهن هنن جي سامهون موت اچي بيهندي آهي ۽ ڇا توهان کي خبر آهي تہ مان توهان جي سامهون بيٺل توهان جي موت آهيان.

"پر مان تہ مرڻ ڪونہ ٿو چاهيان"!! هو ڇرڪ ٿو پري ۽ هڪ زوردار گيٽ ڏئي، پنهنجو خشڪ وات آلو ڪندي چئي "مان واقعي بہ مرڻ ڪونہ ٿو چاهيان!! مان جيئڻ ٿو چاهيان آخر توهان مون کي مارڻ..........."!!؟؟

"واقعي بہ مرڻ ڪير چاهيندو هوندو" هو هُن جي ڳالهائڻ اڌ ۾ ڪٽيندي چئي ٿو "هاڻي ئي خبر پئي نہ موت جو خوف ڪيڏو نہ ايڏائيندڙ هوندو آهي ۽ اهو ايذاءُ هر ڏينهن مان اوستائين برداشت ڪندا آهيان. جيستائين مان پنهنجي پنهنجي قاتل کي ختم نتو ڪري ڇڏيان!! مان توهان کي ڪڏهن بہ نہ ماريان ها. پر مان اگر توهان کي ختم نہ ڪيو نہ، تہ مون کي هتي موڪلڻ جو مقصد ئي پورو ٿي نہ سگهندو، اگر توهان کي مون ختم نہ ڪيو نہ، تہ توهان مون کي ختم ڪري ڇڏيندو." تنهن ڪري پاڻ کي ڪجهہ زندگي بخشڻ لاءِ توهان کي قتل ڪرڻ منهنجي لاءِ لازمي آهي. روز ائين ڪنهن کي اجنبي دوست کي قتل ڪندي منهنجي زندگي چوويهہ ڪلاسڪ وڌي ويندي آهي، مان چاهيان ها تہ توهان سان ملندي ئي توهان کي قتل پئي ڪري سگهيس پر ڪنهن اجنبي کي پنهنجو دوست ڪندي ۽ بلڪل پنهنجي ويجهو ڪري قتل ڪندي مون کي وڏو سڪون ملندو آهي.

هينئر هُن جو آواز هن کي عجيب طرح سان هر طرف ڦهلجندي ٿو محسوس ٿئي جڻ هو اڪيلو نہ. هو ڪسي ٿي ماڻهو گڏ ڳالهائيندا هجن ٿين جي سامهون بيٺل شخص هُن کي عجيب مخلوق ئي لڳي موت جو خوف هنن جي اندر ۾ پرجندو سمورو هُن جي اڪين ۾ ٿو لهي اچي. هو ٻنهي پاسي نظرون ٿو ڊوڙائي پر ٻنهي پاسي اوندهہ ۽ اڪيلائي کان سواءِ ڪجهہ بہ ڏسڻ ۾ نٿو اچي. هو اوچتو ڇرڪ ٿو پري، پنهنجي سامهون بيٺل اجنبي شخص جي هٿ ۾ هڪ چمڪندڙ وڏو چاقو ڏسي!! هُن جي پيرن ۾ ڏڪڻي ٿي پيدا ٿئي. هو جيئڻ ئي پڄڻ لاءِ قدم اڳتي ٿو وڌائي، تہ اوچتو ئي ٿابو ٿو اچيس ۽ منهن پر روڊ تي ڪِري ٿو پئي، هو هُن کي ڪالر کان پڪڙي اٿاريندي چئيس ٿو "مان فوج ۾ رهي چڪو آهيان. تنهن ڪري توهان مون کان ڪڏهن بہ پڄي نٿا سگهو!! ۽ شروع کان ئي وني مان پنهنجي دشمن کي ائين ڇڏيندو ئي ناهيان"!!

"توهان يقين ڪريو مون ڪڏهن بہ توهان کي مارڻ لاءِ ناهي سوچيو!! منهنجو آخر ڪهڙو ڏوهہ آهي"! توهان آخر مون کي ڇو ٿا مارڻ چاهيو. پليز مون کي جيئڻ ڏيو. مان جيئڻ ٿو چاهيان. مون کي واقعي بہ زندگي تمام گهڻي پياري آهي، مون کي پليز......"!!

هُن جا لفظ تتي تا پون، هو روئڻ تو لڳي.

هو هن کي پنهنجي بلڪل ويجهو ڪندي چويس ٿو "واقعي بہ توهان جو ڪوبہ ڏوهہ ناهي، توهان کي ماريندي مون لاءِ تمام گهڻو ڏک ٿيندو پر ان جي باوجود بہ توهان کي مارڻ منهنجي لاءِ لازمي آهي، اگر اڄ مون توهان کي نہ ماريو تہ پوءِ پڪ سان سڀاڻي توهان مون کي منهنجي پٽ جو روپ وٺي مون کي ماري ڇڏيندوا! منهنج پٽ بہ منهنجي لاءِ ائين ئي سوچيو هو. توهان کي خبر ناهي تہ فوج کي ڇڏڻ کان پوءِ منهنجو سڀ کان پهريون ڪيل قتل منهنجي پٽ جو ئي هو ڇو تہ هن پنهنجي ماءُ کي گهر ۾ زوري زهر پيئاريو هو. هُن جي ماءُ سان گڏ هُن جي پيٽ ۾ ڇهن مهينن جو ٻار بہ مري ويو هو. هُن جي ماءُ منهنجي زال هئي، اها زال جنهن سان مون عبادت جي حد تائين پيار ڪيو هو. مون کي ان وقت ئي خبر هئي تہ هُن جي پيٽ ۾ موجود ٻار منهنجو ناهي، پر هو تہ صرف منهنجي هئي، منهنجي زال، منهنجي پٽ غيرت ۾ اچي وڏي آسانيءَ سان هُن کي ماريو هو پر اها تہ هُن کي بہ خبر ڪونہ هئي هو منهنجي زال جي پيٽ مان پيدا ٿيڻ جي باوجود بہ منهنجو بہ منهنجو پٽ نہ. پر الاءِ ڪنهن جو هو!!؟؟

منهنجو پٽ منهنجي زال جو قاتل هو هُن وڏي آساني ۽ چالاڪي سان هُن کي زهر پيئاريو هو. تنهن ڪري مون رات جي انڌاري ۾ هن جي پيٽ کي ڇيري ڇڏيو!! مون هن کي وڏي بيدردي سان ماريو هو. مون هُن جون اکيون ڪڍيون هيون، زبان ڪٽي هئي، هُن جي ٻنهي هٿن کي ڇيريو هو جن هٿن سان هُن پنهنجي ماءُ کي زهر پيئاريو هو!!

مون کي پڪ آ هو مون کان پنهنجي موت جو بدلو لازمي وٺندو. مون کي پڪ آ هو ڪنهن نہ ڪنهن جو روپ وٺي مون کي منهنجي گهر ۾ ضرور قتل ڪندو ۽ هو توهان جي روپ ۾ اچي. يا ڪنهن ٻئي جي....!!! پر ان کان پهريون هو مون کي قتل ڪري مان هُن کي ماري ڇڏيندس. ان کان پهرين جو توهان مون کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪا سازش سوچيو. مان ئي ڇو نہ توهان کي ختم ڪري ڇڏيان....!؟؟؟

اهو چئي هو پنهنجي پوري طاقت سان هُن پيٽ کي چاقو سان ڇيري ٿو ڇڏي

هڪ وڏي دانهن ٿي ٿئي، جيڪا روڊ جي پاسن کان لڳل سڪل ۽ ساوَن وڻن جي پنن ۾ اٽڪي، اوندهہ جو حصو ٿي ٻنجي پئي ۽ پوءِ چوڌس ساڳئي ڪائيندڙ خاموشي ٿي ڇانئجي وڃي....!!! جي پنن ۾ اٽڪي، اوندهہ جو حصو ٿي ٻنجي پئي ۽ پوءِ چوڌس ساڳئي ڪائيندڙ خاموشي ٿي ڇانئجي وڃي....!!!

⊙⊙



# ڪارو پاڻي

جمال ابڙو

*( سنڌ ۾ ٻوڏ جي آندل تازي تباهيءَ جن ڪهاڻين ۽ انساني الميئن کي جنم ڏنو آهي، تنهن تي گهڻو ڪجهه لکيو ويو آهي. خاص طور شاعريءَ جي فارم ۾ تمام گهڻيون تخليقون سامهون آيون آهن، پر اڃا تائين ڪا وڏي ۽ شاهڪار لکڻي پڙهڻ لاءِ ناهي ملي. جديد سنڌي مختصر ڪهاڻيءَ جي باني جمال ابڙي جي هيءَ ڪهاڻي جيتوڻيڪ گهڻو وقت اڳ جي لکيل آهي، پر هن ڪهاڻيءَ اندر ٻوڏ سان لاڳاپيل ڪردارن جي حالتن ۽ دردانگيز ڪيفيتن کي جيئن پينٽ ڪيو ويو آهي، تنهن جو جواب نه آهي. "سارنگا" جي پڙهندڙن سان هيءَ ڪهاڻي ان ئي خيال سان شيئر ڪري رهيا آهيون، جو ڪنهن نه ڪنهن ڪردار طور هو پاڻ به هن تباهيءَ مان تازو ئي گذري آيا آهن- ايڊيٽر)*

مان ننڍو هوندو هوس. امان ڳالهه ڪندي هئي ته اڳي ڪارو پاڻي ايندو هو. ڪشمور کان ڪڙڪات ڪندو ايندو هو. ماڻهو جانور، نانگ اڳيان ڀڄندا ايندا هئا . ڳوٺن جا ڳوٺ ناس. اوڏڪا گهر ڍاهيندو زمينون ٻوڙيندو ڪاهيندو ايندو هو. مِرون، بگهڙ، نانگ، ڪتا ماڻهن سان گڏ دڙن تي اچي ڳاهٽ ٿيندا هئا! ٻک کان ماڻهو ڪبڙن جا پَن کائيندا هئا. پيٽ اُيامي ايندو هُئن. وات مان اڇي گجي وهندي هُئن ۽ مري ويندا هئا. شهرن جا ڊاڪٽر وري ڪين چريندا هئا. مان ڊپ کان اکيون ڪٽي بند ڪندو هوس. ڪشمور کي هڪ پوائنٽو غار سمجهندو هوس، جنهن مان هڪ وڏي ڪاري بلا، ڏند ڪڙڪائيندي، چينگهاٽ ڪندي، ڦوڪون ڏيندي نڪرندي هئي، ۽ ماڻهو جيتامڙن وانگر ٽڙندا ٽاهڙندا، لڪندا وتندا هئا. مان اٽي گهر جو ڪڙو اندران بند ڪري ايندو هوس.

مائي وئي سومر کي جِهير ڏيندي ۽ لوڙ ہُر ڪيندي. وئي سندس دل کي ويڙن جي ڪانياٽيءَ سان چُٽيندي. ويچاري سومر ڪان لٽ ئي ڇڏائجي وئي. ڏڪندو ڏڪندو ويهي رهيو. ان ڏينهن سندس دنيا اوندهہ تي وئي. ڪنڌ ڦيرائي لڪي لڪي، نَڪ مان وهندڙ ڳوڙها آگر سان اگهي چندي ڇڏيائين. نيٺ لٽ ڪٽي اٿيو. ڪنڌيءَ کي ٽيڪ ڏيندو گهر ڇڏي نڪري ويو. مقام ۾ وڃي پنهنجي زال ۽ ٻچڙن جي وچ ۾ وينو ۽ دل کولي رنائين.

شام جو عرس گهر آيو. جوٽس ماني آٽي اڳيان رکيس. گِرهہ پيچي وات ۾ وڌائين. پاءُ کي نہ ڏسي، پڇيائين. ڳالهہ ٻڌي، ڳيت ڏيئي نہ سگهيو. ماني ڇڏي، اٿي ڪڙو ٿيو. زال کي چگي چنبُ ڪيائين. پاءُ کي ڳولي وڃي لڌائين. پٽڪو لاهي وڃي پيرن تي رکيائينس. پاجائيس بہ رئو لاهي بخشائُس. ٻئي پائر هڪ ٻئي کي چُهٽي پيا. پيار سندن ڇاتين مان رُوڙ ڪري ڦاٽي نڪتو. هڪ ٻئي کي آٿت ۽ آڌر ڏيندا، اچي گهر ٽانيڪا ٿيا.

ٻوڏ ٻيهر آئي. بيگار پڳو. مون پاڻ ڏٺو گهر گهر ڪان جدا ٿي ويو. مائٽ وڇڙي ويا. چون ٿا تہ پاٽي موٽر ڪان بہ تکو ٿي آيو. ڪوهہ پنڌ تي سندس ڪڙڪاٽ ٿي ٻڌو. ماڻهن ۾ ہاڪرڪُتو هو. سرڪار ۽ وڏيرن، ماڻهن کي بند ٻڌايا. اسان جي ڳوٺ جا ماڻهو بہ ويا. ٿر جو وڏيرو ونگار وٺي ويو. ويچارا رات ڏينهن وهيا. اوجاڳو ۽ بک، ٻچن جو اُلڪو ۽ اٽتڻ. ڪوڏرون هٽي هٽي شل ٿي پيا. پر قدرت جي هن تخريبي طاقت اڳيان، ويهين صديءَ جي مشيني دور ۾ انسان جون ڪمزور ٻانهون، براج جي هن بي انداز پاٽيءَ کي روڪي نہ سگهيون. ڪچا بند پُري پيا.

روڪيل پاٽي مست هاٿيءَ جيان زنجير توڙي انڌا ڏنڌ ڪاهي پيو. مزورن ويچارن جا ڇيهہ ڇڇي پيا، حوصلا خطا ٿي وين. اڳيان پاٽي، پنيان پاٽي، وٺي پڳا. ٻچڙن کي ٻاهر ڪيڏٽو هُئن. وڏيرن تہ اڳيئي وڃي شهر وسايا هئا. مزوريءَ جا پئسا بہ انهن کي ڦبيا. تڙ تڪڙ ۾ ٻارڙن ۽ زالن کي، ڍڙن ۽ ڪڙن تي ڪيپائون. پاٽي ويو وڌندو. جهَٽ گوڏي جيڏو ٿي ويو. چار ڇٽا موتي ڳوٺ آيا. سنها سنها ٽيڙ مٽن تي رکي موٽيا. پاٽي مڙس تار ٿي ويو. مڏيون وڃائي سر سلامت ڪٽي موٽيا. واهہ جي ڪُڙ سان ڪئمپون لڳي ويون. اها ڪاني نہ هجي، جو ڪٽي دونهين دکائجي. ڪُني ڪانہ چڙهي. بکايل ٻارن ڏمچر مچائي ڏنو. مائرون ويچاريون ماٺ، ملول ۽ هيسيل. سڀ ساهوارا اچي هڪ هنڌ ڳاهٽ ٿيا. مال جي ڍڪ پٺي پيئي. چوڌاري پاٽي ئي پاٽي هو.

ماڻهو ويچارا دربدر ۽ بي گهر ٿي ويا. سرڪار تقاويون ڏنيون. وڏيرن شهرن ۾ وينئي ئي ڳوناٽن جو حصو ورتو. ڪامورن ڪمدارن جاوا ڪيا. سندن بيگهي مڇي ويئي. ويا ڏکويلن کي ڏکائيندا، ۽ مئلن کي مارينڌا.

ٻوڏ راڳا ڪري ڇڏيا. گهر گهر ڪان جدا ٿي ويو. مت مائٽ وڇڙي ويا، ڪٽو ڪٽو ٿي ويا. ڪو ڪنهن جو نہ رهيو. پوڙهي سومر کي بہ ايجا ڪي ڏينهن جيئٽو هو. پيريءَ ۾

اباڻا اجها چڙدي، وڃي ڏولاون ۾ پيو. ياڻس ٻچڙا ونيو لڏيو ٿي ويو. سومر جي وک ئي نہ کڄي. سندس دل ڳوٺ جي ڪنڊن ۽ ڪکن ۾ اٽڪي پيئي. وري وري مڙي، پنهنجي ڪکن ڏانهن پئي نهاريائين. متن مائٽن کان موڪلائيندي، هنيانءَ ڦسي پيس. چڻ تہ وڃڻ ڪاڻ ٿي ويو. گهر ۽ گهٽيون، جت چولڙو پائي، اگهاڙو ئي اگهاڙو رانديون ڪيون هئائين. جهنگ ۽ ليون، جت لوڙائو ڳائيندي، مينهون چاريون هئائين؛ ٻنيون ۽ ٻارا جت جوانيءَ جا امنگ ۽ پگهر هاري ساوا ساوا ٻوٽا پيدا ڪيائين. ۽ اهي ڪبڙ ۽ ڄاريون جن هيٺان سندس عائشہ ۽ ٿي معصوم پوريل هئا. سڀ ڪيس سڏ ڪرڻ لڳا. ڪيڏي نہ آس هيس تہ سندس پوڙهي ٿڪل متي عائشہ جي پاسي ۾ پونديءَ ٻچڙن جي وچ ۾ ٿڪ ئي لهي ويندا؛ سالن جي ڏکي ۽ ڏگهي جدائي پوري ٿيندي! سومر وري بيهي رهيو. سندس جسم جو ذرو ذرو ڳوٺ جي متيءَ ۾ ڳوهجي وڃڻ لاءِ آتو هو. سندس اڄو متو. اڇي ڏاڙهي ۾ اڇا ڀرون ڪنبڙ وندڙ ٿي، وائڙن وانگر اڏامي التجائون ڪري رهيا هئا. سندس دل ۾ چريائپ واري ڪوڪ اٿي -- چڻ تہ ڪَل ٽڙي وئي هئي. پانيائين تہ ٽپيون هٽي، اندران ئي اندران، وڃي عائشہ جي قبر کي جهليان: وڃي ڪو ٿانئيڪو ٿيان؛ وڃي آرام وٺان! ... پاڻس ڪٽي ٻانهن کان جهليس. سومر گهلبو ويو. سندس قدم قدم ڳوٺ جي متيءَ سان چنبڙندو ٿي ويو. چڻ تہ ڪاغذ جا ٻہ پتا ڪَونر سان چنبڙيل هئا؛ زوريءَ ڏار ڪرڻ ۾ چچرجي، ڦاتي ليڙون ليڙون ٿي ويا.

مهيني کن کان پوءِ ڏاتر ڏنو مليو. ڳالهہ ڪيائين تہ سومر مري ويو!

”ڇا ٿيس؟“ چي، ”ڪارو مُنهن آ عرس جو... ويچاري کي سِڪائي ماريائين! ايمان کان ئي نڪري ويو. مانيءَ ٽُڪر جيڪي ٻار ٻچائن، سو بہ لڪائي رکي. حياءُ نہ پويس جو ڳپو ڪٽي پاءُ کي ڏئي! ويچاري چار پنج ڏينهن اَنُ نہ ڏٺو ٻُکون ڪيڏي مئو!“ ڏاتر ڏني شد مد سان ڳالهہ ڪئي. چي، ”پوئين ڏينهن پوڙهي سومر پاڻ اٿي وڃي ڪاري هيٺان پاروتو ٽُڪر ڪنيو. عرس جي زال ست ڏيئي ڪسي ورتس! عرس بيٺي ڏٺو. ويچارو.... وڏو پاءُ محتاج ٿي مُئو... هڏ ئي رلي ويس!“

اسان عرس کان پڇيو. سندس پيٽ خود پٽيءَ سان لڳو پيو هو. اکيون ڏرا ڏيئي ويون هيس، منهن تي وحشت، چڻ تہ ڪٿو نہ چکيو هئائين. ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيائين. سندس اکين مان پاڻي ٿي وهيو... ڏسندڙن جي اکين مان پاڻ ٿي وهيو... ٻڌندڙن جي اکين مان پاڻي ٿي وهيو. پاڻي ڪٿو تہ رت وهڻ لڳو. نارا هئا، نيسارا هئا -- نديون ٿي ويا. اڏون ۽ ڊڪيون ٽپي ويا. بند ۽ ڪوٽ ڊاهي ٻوڙي وڌائون. گنبذن ۽ مُنارن جا بنياد نڪري ويا. هيناهيون، مٿاهيون هڪ ٿي ويون. زمين نري ڳگ ٿي پئي. هيءَ ٽين ٻوڏ هئي.... ڳاڙهو پاڻي!

⊙⊙



### مير محمد پيرزادو

پيٽي ڪهڙي آهہ پري،
خيال نہ تنهنجو جاءِ اچي ٿو.
سڏڪا ڏيندي آهہ سري وئي،
ساروٽين جي ڪانہ سري،
خيال نہ تنهنجو جاءِ اچي ٿو.
لاڳاپن کي نظر لڳي وئي،
گهر گهر جڻ آ باهہ ٻري،
خيال نہ تنهنجو جاءِ اچي ٿو.
حال تہ پنهنجو ڏهہ ڇهہ آنا،
توکي ڪهڙي خبر چري،
خيال نہ تنهنجو جاءِ اچي ٿو.
ٽِتڪئين واچوڙي ۾ پن جيان،
واهيري جي ويل وَري،
خيال نہ تنهنجو جاءِ اچي ٿو.
ڇيڙي پوءِ پڇتائيندين تون،
قانڻ تي آ دل پري-
خيال نہ تنهنجو جاءِ اچي ٿو.
من- موجي آ منڙو تنهنجو
ڇا جي ڪنهن جي ڪَلَ ڪَري-
خيال نہ تنهنجو جاءِ اچي ٿو.
”ڏِياري“ ياد نہ ڏياري تو آ،
ڏيئو ساري هٿ ٺري-
خيال نہ تنهنجو جاءِ اچي ٿو.

□

### ادل سومرو

آئيني ۾ پاڻ ڏس تون،
تنهنجي ڇهري کي،
منهنجون ئي آهن اکيون.
ڪيئي راتيون تو سوا،
ستيون ناهن جي،
منهنجون ئي آهن اکيون.
تنهنجي گهر ڏي جي وجن،
سيني رستن تي،
منهنجون ئي آهن اکيون.
اوسيئڙي ۾ ٽيون ٻرن،
ڏيئن وانگر، سي،
منهنجون ئي آهن اکيون.

□

## سعيد ميمڻ

آڌي وٽن ۾
آن هلڪيون ڳالهڙيون
لِڪِي ٿيا چو رهن
داخل ڏٽن ۾
آهن هلڪيون ڳالهڙيون
ننڊڙي هُتّ هنيس پئي
هر هر ٿٽن ۾
آهن هلڪيون ڳالهڙيون
پِڇندي آءُ ٻڌان پيو
مينهن جي ڪٽن ۾
آهن هلڪيون ڳالهڙيون.
آهن هلڪيون ڳالهڙيون.

## خليل عارف سومرو

رِڻ ۾ مٿان رات
سامي ويهه سُجاڳ ٿي.
جيسين اچي جوءِ ۾
پِرهه ڦُٽي پرڀات.
سامي ويهه سُجاڳ ٿي.
ديپ وسائي ٿي هوا،
هيڏي آ هيهات.
سامي ويهه سُجاڳ ٿي.
هاچا راڳا هر گهڙي،
هاسا ٿيا حالات.
سامي ويهه سُجاڳ ٿي.
ميڙ ڪنو ڪر مچ ٿي،
تن من ۾ رک تات.
سامي ويهه سُجاڳ ٿي.
عارف اُجالو ڏسي،
لوندا پکي لات.
سامي ويهه سُجاڳ ٿي.

ماڻڪ ملاح

## گيت

### جيون ماڪ ڦُڙوڙي يار!

جيون ماڪ ڦُڙو
ڙي يار
ڪڏهن جرڪي جوتي موتي،
ڪڏهن جهونجهڪڙو
ڙي يار
جيون ماڪ ڦڙو!

ڪڏهن سپني جهڙو سينو ڪڏهن سينو سينو سپنو،
ڪڏهن ٻولي پيار پپيهو ڪڏهن هينئڙو گهاگهرو ينو
ڪڏهن ٻٽجي ڪن جون ڳالهيون،
ڪڏهن چنگ چڙو
ڙي يار
جيون ماڪ ڦُڙو!

هِن ڌرتيءَ جي پيار ڪهاڻي، رُوپا جو ڪو رسُ ڏسي ها،
سِنڌ ورن ۾ سونهن ساماڻي، مومل جو ڪو هسُ ڏسي ها،
راڻي جو ڪو ڳسُ ڏِسي ها،
ميي جو ٻه مڙهو
ڙي يار
جيون ماڪ ڦُڙو!

ڪڏهن ريڪا واليءَ جهڙي، چندرماجي چال لڳي تي،
ڪڏهن مانيءَ جو اڏُ ياسي، ڪڏهن سوني تال لڳي تي،
ڪِتي ٻه پنهنجيءَ ٻرِ ۾ پائي،
تارن جو تہ پڙو
ڙي يار
جيون ماڪ ڦڙو!

هي جڳ رستو رولاڪين جو جنهن ۾ جيون جاڙ جيئي ٿو
ڪنهن جي سپني ۾ ٿي، هر ڪو پنهنجي تاڙ جيئي ٿو
جنهن کي چاهيو توڙ نڀايو—،
جيڪو جوڙ جُڙو
ڙي يار
جيون ماڪ ڦڙو!

مينهوڳيءَ ۾ ڪارونجهر ٿي، رنگ رنگ جا روا ٻريا،
ماڪُن مُند ۾ موتي پائي، ڪنوءَ رتا لوا ٻريا،
مور جي پر تي چنڊ ٻريو ٿي،
جهڙو لال ٻُڙو
ڙي يار
جيون ماڪ ڦڙو!

ديوارن جون اُوچايون ٿيون، ماضي ياد ڏيارين اهڙو
ماڻهوءَ جو جڻ اندر خالي، ڪوهه جتي ڪيڪارين اهڙو
چوڙيلين جا چاڳ ٿو ساري،
موهن جو تہ دڙو،
ڙي يار
جيون ماڪ ڦڙو!

تهذيبن جي ماءُ هئاسين، عقل جا ٿي وير سڏياسين،
مُلڪن ۾ مشهوري ماڻي، هن ڌرتيءَ جي ڏير سڏياسين—،
ڪنهن ٿي جاتو هيئئن سناٽو
چانهونءَ جو تہ پڙو
ڙي يار
جيون ماڪ ڦڙو!

چاندوڪيءَ ۾ بنديا چمڪي، نڪ ۾ ڦُلڙي ڳل ٻريا ٿي،
جهُڙ جون ڪڪريون جڻ ڪي تڪڙيون، چلڙا مُکُ تي وار وريا ٿي،
نلڪو گيڙيندين هُن پريو—،

خيالن جو تہ گھڙو
ڙي يار
جيون ماڪ ڦڙو!

ٻگھہ پکيڙي پک بہ وينا، طوطن لوڏ لُڏي تي ڪيڏي،
ٻُوڪيل تاري ياري ياري، انبن ساڻ نمي تي ڪيڏي،
ماڻهوءَ جيان ٿو وقت ٻڻائي،
وڻن کي ڊوندڙو
ڙي يار
جيون ماڪ ڦُڙو!

پنهنجيءَ ڪل خوشيءَ ۽ غم جي، آسمان کي ڏادي ڳڻتي،
ڪڏهن تارن سان گڏ چمڪي، ڪڏهن بادل ٻُوندون برسي،
ڪڏهن برف ڳڙو تي ڪڙڪي،
ڪڏهن وڏ ڦُڙو
ڙي يار
جيون ماڪ ڦُڙو!

سوناري جي نت گھڙيل جيان، ٽُنهنجو سُهڻو ڳل هجي پلُ،
جُواني ڪائي سنهڙي چڙهندڙ چنبيليءَ جي ول جي پلُ،
هي جڳ سپنو تنهن ۾ ماڻڪ!
گُلڙن جيئن نڙو
ڙي يار
جيون ماڪ ڦڙو!

■



# مڪيءَ جو ماڻهو - چاچو لونگ ملاح

منظور ملاح

سانگھڙ شهر ڪان سڌ پنڌ تي اتر اوڀر طرف مڪيءَ جو علائقو مال جي ڌڻن، مالوند ماڻهن، جهنگلي ۽ آبي جيوت، منفرد ايڪو سسٽم، ماضيءَ جي گھاٽي ٻيلي ۽ ڍنڍ ۽ انگريزن سان مهاڏو اٽڪائڻ دؤران حرن جي مسڪن طور مشهور رهيو آهي. ڪنهن دؤر ۾ هتان ڪان هاڪڙو درياءُ، پوءِ ان جي ڇاڙيا ڍوروءِ آخر ۾ انگريز جي دور ۾ ٻڌيل نارو ڪئنال گھوگھٽ ڪندو وهندو رهيو آهي، ۽ پريان لڳولڳ ڪڇ ۾ اچڙو ٿر، پنهنجي حُسناڪين سان گڏ هڪيو تڪيو حاضر رهندو آيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو ڪنهن دور ۾ هن علائقي ۾ زرعي سماج بدران مالوند ماڻهن جو انوکو سماج موجود هئو جتي ڪيڻ، گوبل، هَر بجاءِ لٺ ۽ ڪهاڙي عام جام هئا. ڪنهن ٻنيءَ ڪيرڻ يا فصل بجاءِ، گاهن جون چراگاهون، ڪنڊي، نم، ٻېر، سَرنهن جا جُنگ گھاٽا وڻ هئا ۽ هيٺ پاڻيءَ جون ڇَرون. نتيجو: هڪڙي پاسي ماکي، مکڻ، کير جا ڍؤ ته ٻئي پاسي مڇي، پکي، ٻِهن، لوڙهن جا وارا نيارا هوندا هئا.

وقت گذرڻ سان گڏ اهو سماج، زرعي سماج ۾ تبديل ٿيڻ لڳو. جڏهن انگريزن ناري کي بند ٻڌي، ان مان جمڙائو منڙائو ۽ کپرو واهه به هن ئي علائقي مان ڪڍيا. اها ڳالهه 30_1920 جي آهي. اهو جهنگ به سرڪاري ماڻهن جي هٿن جي ور چڙهيو ته پاڻيءَ کي به انهن ئي هٿن ڳنڍيو ڏنو. آخرڪار هن علائقي ۾ هر، تر منهن ڪڍيو. هاڻي اهو علائقو مڪمل زرعي سماج ۾ تبديل ٿي چڪو آهي، پر اڄ به اتي ڪي ماڻهو اهڙا موجود آهن، جيڪي ٻني ٻاري يا دڪان دڙي ۾ هٿ وجهڻ بجاءِ پنهنجي پراڻي ناڙيو اچن.انهن مان هڪڙو چاچو لونگ ملاح به آهي. سندس ڳوٺ ۽ منهنجو ڳوٺ ساڳيو

مياڻ، جيڪو اندازي مطابق ڪلهوڙن جي دور ۾ ان وقت جي مڪي ڍنڍ ڪناري آباد ٿيو پر هاڻي اتي جي غالب اڪثريت ٻني ٻاري جي ڪم ۾ نوڪرين ۾ آهي.

قد جو پنج هٿيو رنگ ڪڻڪائون، جسم ٿنب سنهڙو هلڻ جو چڙڪ، ڇهري تي ٻه ٻه ڏيپ ڇڏي ڏاڙهي، مٿي جا وار ڪنهن اجڙيل شهر وانگر پکڙيل، جسم تي قميص پر هميشه گوڏ ٻڌل. زندگيءَ جون 75_70 بهارون گذاريندڙ هيءُ پهلوان مڙس هن عمر ۾ به ڏاڍا ڪائيندڙ ڇورن ڇنيرن کي گوڏن هيٺيان ڏيو وجي. پنهنجي قوهه جوانيءَ ۾ ملهه، ٻيلهاڙي ۽ ونجهوتي جو ڪاريگر، هي جهونو جوان اڄ به ان ئي رفتار سان پنهنجي روزگار سانگي پيرن هيٺيان ڏوڙ اڏائيندو وتي ٿو. اڳ ٺڪر جي سلفي ۽ هاڻي پن جي ٻيڙي پيئڻ جو انداز ڪنهن هالي ووڊ جي مووي ۾ ڪائو بواءِ جي سگار پيئڻ جهڙو. ٻيڙيءَ کي آڱوني، ڏسٽي ۽ وچين آڱر ۾ جهلي، چپن ۾ ڏئي اهڙو ته ڪش هڻندو ڄڻ دنيا جون سڀ مصيبتون ۽ ڏک پنهنجي اندر ۾ اوتيندو هجي.

وڏي اسر جو ننڍ مان اٿي، گهر پرسان وهندڙ واتر ۾ وهنجي، ڀهرين رخ رکندو مسجد ڏانهن. اسر جي آذان مصر جي پيروي سُر ڏيڻ بدران روايتي لوڪ لهجي ۾ ڏيندو. رب جي سامهون سجدن کان پوءِ به چار ڪوپ چانهن جا پي، پوءِ ڏوڪيندو اتر ناري جي بندن ڏانهن. مڙس جهڙو واچوڙو. ڪنهن سان ڏيٺي نه ونٺي، رستي ۾ ڪو ملي ويو ته ساڳئي رفتار سان هلندي سلام ڪبو پر بيهبو نه. جاپان ۾ بس اسٽاپن تي لکيل ان دلچسپ جملي وانگر ته "هتي صرف بسون بيهن ٿيون. پر توهان جو وقت نه. سو پنهنجي منزل ڏانهن پنڌ جاري رکو." سو سندس منزل ناري ڪناري پاڻيءَ جا دٻا، جن ۾ پيڻ پيدا ٿيندي آهي يا جن جي پاسي کان سَر ٿيندا آهن. موسم مطابق ڪڏهن ڪوڏر سان وڏا ڪڏا ڪيدي پيڻ جي پاڙن مان ٻِهه ڪيندو يا وري ٽڪيون پٽيندو. جي صفا ڳالهه هٿن مان وئي ته پيرون پٽبا يا سَرن مان ڪانا وڍي، سٽي ڪٽائي اڇبا. انهن کي وڪڻي پيٽ پاريندو. گرمي هجي يا سردي، جهُڪون ۽ جهولا هجن يا اتر جو مٿي ۽ ڪنن کي ڏک هڻندڙ ٿڌو واءُ، چاچي لونگ کي پرواهه ناهي. سندس پوشاڪ ۾ تبديلي، نه وقت ۾ اهي ئي ساڳيا پنڌ. مون ڪيس ڪڏهن ناري ڪناري پير گسائيندي ڏٺو آهي ته ڪڏهن پٽن مان پير ڇڏائيندي. ڪيڏي به ٿڌ هجي يا ڪاڙهو اها ئي ساڳي ڇڳل تانڪا لڳل هوائي چپل.

هو ٺپ اٽپڙهيل هوندي به انساني آزادين جو علمبردار آهي. هن کي پنهنجي "پريڻ" جي غرض آهي، ٻئي ڪنهن جي به پرواهه نه. ته ڪير ڇا پيو ڪري، ڇو پيو ڪري، 21هين صديءَ ۾ رهندڙ ويهين صديءَ جو هيءُ ماڻهو رياءُ ۽ رک رکاءَ کان ٻنهه پري، ڳالهه ڪبي سڌي، پوءِ پلي پنهنجو پٽ هجي يا پرائي جو. هن وٽ ڪنهن به ذات پات، رنگ نسل، مذهب جو فرق ناهي، سڀ انسان آهن.

سپ "پنهنجا" آهن. ڪڏهن گڏجي کائبو ۽ گڏجي ڪچهري بہ ڪبي. هن اڄڪلهہ گيڙو ڪپڙا پائي هلندڙ روايتي صوفين بجاءِ پنهنجن روين ۾ سچو صوفي آهي. سندس پنڌ ۽ سفر بہ ساڳيا صوفين وارا. اهو ئي سبب آهي جو جيئن لطيف سائين جهڙو جينيس صوفي جوڳين ۽ سامين کان انسپائر ٿو لڳي، تيئن مونکي هيءُ بہ ان سٽ وانگر لڳندو آهي تہ "جوڳي نہ ڪنهن جا مٽ.." يا " جوڳي رمتا ڀلا."

21هين صديءَ ۾ جڏهن اسان وٽ فيملي سسٽم پڃي پورا ٿي چڪو آهي ۽ بقول جهونن جي تہ "هاڻي ننڍي وڏي جو حياءُ ناهي رهيو. پٽ، پوڙهي ماءُ پيءُ کي مانيءَ جو ٽڪر کارائڻ لاءِ بہ تيار ناهي"، تڏهن هيءُ يار ڪنهن مٽ مائٽ يا اولاد تي ميار ڏيڻ بجاءِ "اپڻي گهوٽ تہ نشا ٿيوي" جو قائل آهي. سياست ۾ هو ذوالفقار علي ڀٽي جو مداح آهي. بقول سندس تہ "هيستائين ڀٽو هجي ها تہ غريب ائين در در جا ڌڪا نہ کائين ها." ڪيڏي مهل خاموش تہ ڪنهن مهل ڳالهين جا واهڙ وهائيندڙ هيءُ جهونو چوي ٿو تہ "نہ ڪنهن سان وهياسين نہ وڳياسين تہ پوءِ جهيڙا ڇا جا، دشمنيون ڇا جون؟!! مالڪ سڃڻ، دشمن کي جهجهو ڪري ڏئي". اڄوڪي پڙهيل لکيل ۽ وائيٽ ڪالر ماڻهن جي هائپوڪريسي ڏسو ۽ هيڏانهن هن جهوني پائو جون سڌيون ۽ سهڻيون ڳالهيون تہ ٻڌو! جتي سنڌ جا نوجوان رڳو نوڪرين جي آسري ۾ ڪنهن هنر ۽ مزدوريءَ ڪرڻ کان ٻڙ ڪيڏي بينل آهن، اتي اڄ بہ حسد ۽ ساڙ کي پنيءَ ير اڇلائي، چاچو لونگ چوي ٿو:"يار ڳالهہ ٻڌئي! ماڻهو تہ گهٽيئي چون ٿا تہ هاڻي پُٽ ڏاڙهيءَ سان اٽئي، پاڻهي کارائيندا، هرپيرو پيو لوڙين ۽ ڌڪا کائين. پر پاڻ جو جواب هوندو آهي تہ بابا! پُٽ هجي يا ياءُ، ڪنهن جي غرض ڪانہ ڪيبي، ڪنهن اڳيان هٿ نہ ٽنگبا، پنهنجو ڪمائبو ۽ پنهنجو کائبو".

هن تي اسڪاٽش شاعر چارلس ميڪي جي نظم جون هي سٽون ڪيڏيون نہ ٺهڪي اچن ٿيون تہ:

Thy mealy cap is worth my crown, thy mill my kingdom's fee; such man as thou, are England's boast.

اڄ جي هن دور ۾ جتي منافقي، ڪرپشن، شارٽ ڪٽ جهڙيون بلائون چڳن پلن جو پيٽ پرڻ لاءِ وات ڦاڙي وينل آهن، اتي چاچي لونگ لاءِ بہ وڏي واڪي نعرو هڻي سگهجي ٿو تہ "تنهنجي جسم مان وهندڙ پگهر، تنهنجي ميري گوڏ، مٽيءَ هاڻا هٿ ۽ پير، انهن سيني اڄوڪين شين کان اعليٰ ۽ اوچا آهن، انهن تي اسان کي فخر آهي".

□□



# گرامو فون جي پونپوءَ مان نڪرندڙ آواز

ممتاز مهر

تخليقي ادب جون مختلف معنائون ڏنيون ويون آهن. مان لائنل ٽريلنگ(Lionel Trilling) جي هينين جاچنائن کي صحيح ٿو سمجهان ته ادب فرد(Self) جي داخلي ۽ خارجي حقيقتن کي سڌيءَ ريت ۽ فرد بابت حقيقتن کي سڌي ۽ اڻ سڌيءَ ريت بيان ڪري ٿو. ساڳيءَ طرح ادب فردن ۽ سندن مخصوص حالتن کي به اظهاريندو آهي. هيگل فرينچ انقلاب کان متاثر ٿي چيو هو ته انهيءَ انقلاب انسان جي حالت کي ڀرپور نموني بدلائي ڇڏيو آهي. تاريخ ۾ پهريون ڀيرو عقل، خيال، نظريي ۽ تخليقي تخيل انساني قسمت کي بدلائڻ ۾ سوڀ پاتي آهي. هيگل تخليقي تخيل (Creative Imagination) جو اصطلاح تخليقي ادب ۽ آرٽ جي معنيٰ ۾ استعمال ڪيو. ڇاڪاڻ ته ادب ۽ آرٽ جو دارومدار تخليقي سوچ ۽ تصورات تي آهي. بقول هيگل،"ادب زندگيءَ جي تنقيد آهي." ان جو مطلب اديب زندگيءَ جو نقاد آهي جيڪو ڏيل ۽ لڪيل معاملن کي فني ۽ تنقيدي نموني ظاهر ڪري ٿو. هيگل ادب ۽ فن جو وڏو مداح هيو جنهن رڳو جماليات (Aesthetics) جي موضوع تي هڪ وڏي ڪتاب جيترا ليڪچر ڏنا. هن ئي چيو ته "ادب هميشه لاءِ دائمي ۽ پائيدار نه ٿو رهي. ادبي تخليق جو اصل محرڪ پيڙا ۽ خواهشن جي اڻ پورائي آهي." اهي سڀ بحث طلب ڳالهيون آهن، پر بنيادي اهميت زندگيءَ کي تنقيدي نظر سان ڏسڻ جي آهي، جنهن ڏانهن اشارو ڪندي ڪانٽ چيو هو ته:

The path of Criticism is the only one still open to us.

(فقط تنقيد جي راهه ئي اسان لاءِ کليل آهي.)

ليڪ ۽ فنڪار لاءِ ڪانٽ جي ان اصول تي ڪار بند رهڻ لاءِ ذهن جي آزادي ۽ اظهار جي آزادي لازمي آهي. ويهين صديءَ ۾ ٻن مها ڀاري جنگين، هٽلر جي فاشزم ۽

استالن جي دهشت واري ڊڪٽيٽرشپ کي ڏسندي، جرمن فلاسافر ايڊورنو چيو هو تہ "سياسي لاڙا ۽ رجحان مادي ۽ ذهني آزاديءَ کي گُهٽي رهيا آهن."

پاڪستان ۾ خاص طور ضياءالحق جي دور ۾ اظهار جي آزادي داءُ تي لڳل هئي. ايران ۾ شهنشاهہ جي وڃڻ کان پوءِ اظهار جي آزادي وڌيڪ داءُ تي لڳل آهي. اهڙيءَ صورتحال کي ڏسندي، ترائنيڊڊ ۾ رهندڙ نوبل انعام يافتہ ناول نويس وي ايس نئپال چيو هو تہ "مون وٽ جيڪڏهن نان فڪشن جو وسيلو نہ هجي ها تہ آئون شايد ڪوڪلو رهجي وڃان ها..... رڳو نان فڪشن ئي هن دور جي مونجهارن تي قابو پائڻ ۾ مدد ڏئي سگهي ٿو. اهميت گلوبل سياسي صورتحال جي ۽ بينڪيت کان پوءِ وارن معاشرن ۾ موجود عقيدي ۽ انڪار جي وچ ۾ هلندڙ ٽڪراءَ جي آهي." ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ سياسي مونجهارن جو حل سياسي عمل ۽ سياسي صحافتي انداز ۾ لکيل تحريرن ۾ آهي. امر جليل پوين ٽيهن سالن کان بہ وڌيڪ عرصي کان اخباري ڪالمن ۽ ڪالم ڪهاڻين جي صورت ۾ لکڻيون لکي پيو سي منهنجي خيال ۾ ڪنهن بہ صورت ۾ تخليقي ادب ۾ ڳڻائي نہ ٿيون سگهجن. البتہ سندس ڪجهہ اوائلي دور جون ڪهاڻيون جهڙوڪ "هولي" ۽ "اروڙ جو مست" تخليقي ادب جون شاهڪار ڪهاڻيون آهن. غالبن وي ايس نئپال وانگر امر جليل سنڌ جي سياسي حالتن جي ردعمل ۾ ۽ اظهار تي پابنديون هئڻ سبب پنهنجي لکڻين جو نئون اندازِ بيان اختيار ڪيو. جن لکڻين کان سائين جي ايم سيد پڻ متاثر ٿي ڪيس پاڻ وٽ گهرائي ڀُني ٿپري هئي. امر جليل جي ان سنڌ دوستيءَ واري عمل کي ساراهڻ جي باوجود اسان ان امر جليل کي وساري نہ ٿا سگهون، جنهن "هولي" ۽ "اروڙ جو مست" جهڙيون ماسٽر پيس ڪهاڻيون ڏنيون. پهرين ڪهاڻيءَ ۾ ورهاڱي جو درد ڏيکاريل آهي، تہ ٻي ڪهاڻيءَ ۾ طنز مزاح جي صورت ۾ سنڌ ۾ رائج وڏيرڪي سماج جو تضاد. هاڻي ان بحث جي تناظر ۾، فڪشن ۽ نان فڪشن جي حوالي سان ڏسون تہ نين ڪهاڻين جي مجموعي "فونو" جو خالق رسول ميمڻ ڪٿي بيٺو آهي؟

رسول ميمڻ جي ڪهاڻين تي نظر وجهڻ کان اڳ ۾ هڪ پيرو ٻيهر ادب بابت هڪ نُڪتو پيش ڪرڻ چاهيندس. تخليقي ادب ۽ فن توڙي جو انساني ٻيڙا ۽ خواهشن جي پورائيءَ جو اظهار آهن، تنهن ڪري پائيدار ڪونهن. پر سوال پيدا ٿو ٿئي تہ انسان هن وڏيءَ جڳت ۾ ڪٿي پائيدار آهي؟ توڙي جو فيٿا غورث جي قول مطابق، "انسان پنهنجو ماپو پاڻ آهي." سو انساني وجود لاءِ (خاص ڪري وڌيڪ حساس ۽ باشعور ماڻهوءَ لاءِ) پيار موت، فن (لطيف فن) ۽ انهن جو هڪ ٻئي سان لاڳاپو گهڻي اهميت رکن ٿا. ڪيٽس جي مشهور چوڻي Truth is beauty, beauty is truth (سونهن سچ آهي، سچ سونهن) کي پڻ فرد (Self) جي حوالي سان پيار موت، فن ۽ انهن جي لاڳاپي جي مدنظر ڏسڻ گهرجي. فرد، خاص ڪري تخليقڪار جي جڏهن ذهني، روحاني ۽ مادي اوسر انتها

تي پهچي ٿي، تڏهن شديد غم يا خوشيءَ واري حالت ۾ سونهن ئي سندس تسڪين جو سبب ۽ سهارو بڻجي ٿي. اعليٰ مشاهدي جي سطح تي ادب جو ڪارج سونهن ۽ سچ تي مشتمل تسڪين ۽ عميق خوشي ئي آهي، جنهن کان سواءِ انساني زندگي جيڪر خشڪ ۽ بنجر بڻجيو وڃي. ان حوالي سان نئپال جي فڪشن بجاءِ نان فڪشن کي ترجيح سندس ڪمزور جمالياتي حس کي ظاهر ڪري ٿي.

هاڻي رسول ميمڻ بطور تخليقڪار، منهنجا ڪجهه سوال ۽ نا مڪمل جواب. رسول ميمڻ جي ڪهاڻين ۾ فرد/فردن (ڪردارن) جي حوالي سان سماجي بي چيني ڪيتري قدر موجود آهي؟ رسول ميمڻ جي ڪهاڻين ۾ رومانيت جي ڪيتري جهلڪ نظر اچي ٿي؟ ڪهاڻيون ڪنهن حد تائين شخصي آزمودن جو عڪس هونديون آهن ته پوءِ شخصي محبت/ محبتن جي حوالي سان ان پيار جي خوشبو ۽ سوز ڪهاڻين ۾ نظر ايندو. پر ڪيترو ۽ ڪهڙي انداز ۾؟

رسول ميمڻ جي ڪهاڻين جي فضا ڇو گهڻو ڪري ڳنڀير هوندي آهي؟

مٿس غالبن خليل جبران جو گهڻو اثر آهي. ڪهاڻين جي موضوعن ۾ پڻ اظهارِ بيان ۾. خليل جبران وٽ اظهار بيان گهڻو ڪري ڳالهه (Tale) جهڙو هوندو آهي. خليل جبران عشق ۾ ناڪامي ۽ ٻيا ڏک به ڀوڳيا. جلاوطنيءَ جو عذاب پڻ. رسول ميمڻ معاشي لحاظ کان سگهارو آهي، پر ذاتي صدما هن به ڀوڳيا. سندس عشق بابت ڪجهه به چئي نه ٿو سگهجي- پر سندس ڪهاڻي "ڊاڪٽر ربنواز پوڙهو ڪيئن ٿيو؟" ممڪن آهي ته نيم- سوانحي هجي! ٻين ڪهاڻين جي ڀيٽ ۾ مون کي اها ڪهاڻي گهڻي پسند آئي آهي. ڇو ته ان ۾ سچي پچي زندگي پنهنجي ڀرپور توانائيءَ سان موجود آهي، توڙي جو ڪهاڻيءَ جو انت دکدائڪ آهي. مذڪوره ڪهاڻي پنهنجي ڪينواس ۾ ناول جيترو ڦهلاءُ رکي ٿي. عام طرح رسول ميمڻ جي ڪهاڻين ۾ ڪِل ڀوڳ تمام گهٽ، پر حسرتن ۽ ناتمام خواهشن جو ورجاءُ گهڻو هوندو آهي. ان قسم جي ورجاءَ سبب سندس ڪهاڻين ۾ نواڻ گهٽ هوندي آهي. ائين لڳندو آهي ڄڻ سندس ڪهاڻين جا ڪردار قسمت جا ماريل شطرنج جا مُهرا هجن ۽ ڪين پنهنجي قسمت جو فيصلو پاڻ ڪرڻ واري سگهه ۽ همت نه هجي.

رسول ميمڻ جي ڪهاڻين ۾ اخلاقيات جو درس ته ڪونهي، پر روايتي اخلاقيات جي ٻنڌڻن کان آزادي ماڻڻ جا جتن به نظر نه ٿا اچن. يعني ڪاميو وارا مايوسي ۽ نااُميديءَ جي حالت ۾ نهڪر ڪرڻ وارا باغي(Refels) ڪردار ڪونهن.

يقينن بقول نئپال اسان جي معاشرن ۾ چار سئو سال اڳ واري يورپ جي سجاڳيءَ واري دور جي صورتحال ۽ وڌندڙ تعليم سبب ابتدائي شڪل ۾، "عقيدي ۽ انڪار جي وچ ۾ ٽڪراءُ" وڌي رهيو آهي، پر رسول ميمڻ سميت اڪثر اديب ان مسئلي طرف ڌيان نه ٿا ڏين.

رسول ميمڻ تمام گهڻو تو لکي. سندس ڪهاڻين جا ڪيئي مجموعا ڇپجي چڪا آهن ۽ الطاف شيخ جي پراڻن سفرنامن جي قسطن وانگر تقريبن هر سنڌي رسالي ۾ سندس ڪهاڻي موجود هوندي آهي. ڇا ايترو لکڻ ذاتي تسڪين خاطر آهي يا عادت! سندس ڪهاڻين ۾ جيئن تہ نت نون تجربن جو احوال ڪونهي، رولاڪي ڪانهي، گهڙيال جا ڪانٽا ساڳي دائري ۾ پيا ڦرن. هڪ ورجاءَ جو سلسلو- تنهن ڪري، ممڪن آهي گهڻ پاڙهو ماڻهن لاءِ اُتساهہ ۽ دلچسپي جو سبب نہ بڻجن. سندس تازين ڪهاڻين جي مجموعي "فونو" جي مهاڳ ۾ لکي ٿو تہ هو پڙهندڙن جي بجاءِ پاڻ سان مخاطب آهي، جيتوڻڪ شروعات "دوستو..." چئي ڪري ٿو. بعد ۾ تجريدي قسم جي ڳالهين ۾ محو ٿي وڃي ٿو.

ڪهاڻي "فونو" ۾ (جيڪا ٽائيٽل ڪهاڻي آهي)، رسول ميمڻ بادليئر جي موافقت ۽ مطابقت واري ٿيوريءَ کي ڪٺي فوني تي هلندڙ رڪارڊ مان نڪرندڙ آواز جي تاثريت کي علامتي نموني ڏيکاريو آهي، تہ ڪيئن گرامو فون جي پونپوءَ مان نڪرندڙ آواز اڳتي وڌندو وڃي جاري تي رکيل هٿ بتيءَ کي روشن ڪري ٿو ڇڏي، تہ ٻئي پيري فوني مان نڪرندڙ آواز (رڪارڊ جي تبديليءَ سبب) ساڳيءَ طرح اڳتي ڇُرندو جاري ۾ ٻرندڙ هٿ بتيءَ جي هيڊي شعلي کي وسائي ٿو ڇڏي. شعلي جي وسامڻ سان هڪ بيمار ٻار جي زندگي بہ وسامي ٿي وڃي. ڪهاڻيءَ جي ان بظاهر عجيب غريب منظر نگاري ۽ سيٽنگ ۾ ٿيندڙ واقعا ادبي فڪشن بجاءِ رُڪا، مڪينيڪل ۽ غير موثر ٿا لڳن. ڪهاڻيءَ جي مک ڪردار ۽ گانن جي شوقين ماستر محمد بخش جي وارتا کي وڌائڻ گهربو هو پڻ رڪارڊ فروش پوڙهي چيتانند جي ڪردار کي. رسول ميمڻ اهو بہ ڏيکاري ٿي سگهيو تہ هڪ دور ۾ فوني ڪيئن ماڻهن جي دلين تي راڄ پئي ڪيو پر ريڊيو جي اچڻ سان فوني جو استعمال هميشہ لاءِ ختم ٿي ويو. ڪهاڻيءَ ۾ رومانس، نفاست پسندي ۽ جماليات کي اُجاگر ڪرڻ کپندو هو پر فوني جي نفسياتي ۽ علامتي ڪارج کي بہ رسول ميمڻ مهمل ڪري، ڪهاڻيءَ کي بي ربط واقعن سان پري موضوع کي منجهائي ڇڏيو آهي.

البت بادليئر جي "مطابقت ۽ موافقت" واري ٿيوري ذهن ۾ رکندي ڏسبو تہ مذڪوره ڪهاڻيءَ ۾ فوني مان نڪرندڙ آواز تي نہ رڳو ماستر محمد بخش وجد ۾ اچي ٿو وڃي بلڪ نانگ بلائون، ماڪيءَ جون مکيون ۽ ننڍڙا ٻار پڻ اثر وٺن ٿا. ڪهاڻيءَ جو اهو سريلو نثر وارو حصو ڪهاڻيءَ ۾ رونق آڻي ٿو پر توڙي جو اها ڪهاڻي موضوع جي لحاظ کان نرالائي رکي ٿي، تڏهن بہ موضوع سان نڀايو نہ ويو آهي. تنهنڪري اها مک ڪهاڻي ۽ ٻيون انيڪ ڪهاڻيون مثلن "انڊو ڪوي ۽ عقاب جو اکيون"، نئپال جي لفظن ۾ "ان قسم جي افسانوي صنف کي ڊراماٽائيز ڪرڻ کان سواءِ ٻي ڪنهن بہ قسم

جي سماجي حقيقت نگاريءَ کي ڪو نہ ڇهبو آهي. جيتوڻيڪ زندگيءَ جون حقيقتون خيالي قصن کان وڌيڪ اچرج ۾ وجهندڙ هونديون آهن.“ رسول ميمڻ رسالي ”همرچو“ کي ڏنل هڪ انٽرويو ۾ چيو هو تہ. ”مان عوام لاءِ نہ ٿو لکان، فقط پنهنجي لاءِ ٿو لکان.“ مطلب تہ هو پنهنجي تسڪين لاءِ ٿو لکي. برابر ليکڪ کي پنهنجي رچنا مان تسڪين ملندي آهي، هڪ پورائي جو احساس. پر هو ڪنهن نہ ڪنهن ريت پنهنجي لکڻين کي ٻين سان شيئر بہ ڪندو آهي. ضرورت پوڻ تي ٻين کان راءِ بہ وٺندو آهي يا اهڙن راين جو انتظار بہ ڪندو آهي. جيڪڏهن ائين ناهي تہ پوءِ ساميءَ وانگر ليکڪ پنهنجي رچنائن سان مٺ پريندو رهي، هڪ هابيءَ وانگر.

رسول ميمڻ جي اڪثر ڪهاڻين ۾ سکر شهر جي ڪا نہ ڪا جهلڪ خواب وانگر سڌي يا اڻ سڌيءَ طرح موجود هوندي آهي. سنڌوءَ جو ڪپ، لئنسڊائون پل، معصوم شاهہ جو منارو، ستين جو آستان، ساڌ ٻيلو، شيدي بادشاهہ جي مزار، شيخ شينهن بادشاهہ، آدم شاهہ جو مقبرو بل واهہ. ڇا اُها اميد ڪجي تہ رسول ميمڻ سکر جي تاريخي پس منظر ۾ ڪو نيم تاريخي ناول لکي. پنهنجي ساڪرو هئڻ جو پورو ثبوت ڏئي! هونئن بہ ڪنهن بہ ڪهاڻيڪار لاءِ پنجاهہ سئو ڪهاڻيون لکڻ بعد ناول تي قلم آزمائي ڪرڻ ضروري ٿيو پوي. پر ناول وڌيڪ محنت طلب ڪم آهي. ناول يڪسوئيءَ سان لکجي، گهڻي ڌيرج ۽ خبرداريءَ سان.

خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ هاڻ رسول ميمڻ ناول لکڻ شروع ڪيو آهي. سندس ناول ”نجومي“ جي پهرين قسط ماهوار ”پرک“ ۾ شايع ٿي آهي. پر ناول جي پهرين قسط پڙهڻ سان محسوس ٿيو تہ رسول ميمڻ واقع نگاريءَ ۾ گهڻي تڪڙ ڪئي آهي. شروع وارو حصو جتي نجومي هڪ طوطو هٿ ڪري پنهنجي ڌنڌي ۾ لڳي وڃي ٿو ماحول جي مناسبت سان موزون ۽ دلچسپ آهي، پر جڏهن شهر جي ناظم جو ذڪر شروع ٿئي ٿو اتي واقعن جو فطري تسلسل ٽٽي ٿو پوي. ناظم جو حصو عام رواجي ۽ مصنوعي پيو لڳي. رسول ميمڻ کي گهرجي تہ ان باب تي ٻيهر نظرثاني ڪري ۽ ناول جي بنيادي موضوع کي ذهن ۾ رکي، ان جي نسبت سان ناول جي ڪئنواس ۾ ڪردارن ۽ صورتحال کي نمايان ڪندو رهي، پر ڌيرج ۽ وڏي ذميداريءَ سان. ٻيءَ صورت ۾ ان سموري محنت جي ضايع ٿيڻ جو خطرو آهي. آخر ۾ ان ڳالهہ تي زور ڏيندس تہ ناول، ڪهاڻي يا شعر جي تڪ تور ڪرڻ واري کي بہ بي رحم بڻجي تڪ تور ڪرڻ گهرجي. فن ۽ ادب جي ڀلائي ان قسم جي بي ريا تڪ تور ڪرڻ ۾ ئي آهي.

⊙⊙



# وطن ۾ بي وطن ماڻهن جو شاعر

اشوني سيٺ / سنڌ پڪار؛ گوبند ميگهواڙ

دُنيا ۾ جن شاعرن فن ذريعي پنهنجيءَ قوم ۽ وطن جي تقدير بدلائڻ واريءَ ويڙهه تي اڻ مٽ نشان ڇڏيا، ان ڪي جيئندان ڏنو آهي، فلسطين جو محمود درويش ان صف جو سرموڙ نانءُ آهي. حب الوطنيءَ جي اُتم جذبي سان سرشار سندس بي مثال شاعري فلسطينين لاءِ حوصلي جو سامان رهي آهي. ايڊورڊ سعيد جهڙي اعليٰ پايي جي ڏاهي جيان محمود بہ ڪوڙي حب الوطنيءَ تي چٽي تنقيد ڪندڙ هو ۽ سعيد جيان هُو بہ اسرائيل سان ڳالهين جو حامي هو. جيڪو هڪ شاعر طور هن جي سڄي انسان ذات سان پيار ڪرڻ جو سگهارو دليل آهي.

ڪيترا ئي ايوارڊ کٽيندڙ محمود درويش آگسٽ 2008ع ۾ 67 سالن جي عمر ۾ هيءُ جهان ڇڏيو.

هندستان جائي اشوني سيٺ لنڊن اسڪول آف ايڪانامڪس ۾ پڙهائي ٿي. محمود درويش جي شاعري، شخصيت ۽ سندس نڪتہِ نظر جو خوبصورتيءَ سان احاطو ڪندڙ هيءُ مضمون نيدرليند جي شهر هاگ مان هر سال نڪرندڙ پرنس ڪلازفنڊ جرنل مان ترجمو ڪيو ويو آهي. 2004ع ۾ شايع ٿيل ان جرنل جو ان سال جو موضوع پناهہ گيري ۽ لڏپلاڻ هو. (گ-م)

محمود درويش هڪ شاعر آهي، غير موجود فلسطيني رياست جو قومي شاعر. انهن ماٺ ڪرايل ماڻهن جو شاعر، جيڪي وطن ۾ بي وطن ۽ پنهنجي ئي ديس ۾ پناهہ گير بڻيل آهن. پر هن وٽ عرب دنيا جي پهرئين جوڙ جي شاعر هجڻ واري مستند سڃاڻپ پڻ ٿي آهي. ”عرب دنيا جا ڪيترا ئي ماڻهو اهو سمجهن ٿا تہ سندن ٻولي بحران ۾ آهي. اهو چوڻ ۾ ڪو وڏاءُ نہ ٿيندو تہ محمود عرب ٻوليءَ کي بچايو آهي.“ شام

جو نقاد صبحي حديدي چوي ٿو. قاهره هجي يا دمشق، درويش جتي شاعري پڙهي، اتي هزارين ماڻهو ڪنا ٿيندا آهن. بيروت ۾ تازو جڏهن هُو شاعري پڙهڻ آيو تہ هڪڙي فوٽ بال اسٽيڊيم ۾ 25 هزار کان مٿي ماڻهو کيس ٻڌڻ لاءِ پهتا هئا. جن ۾ ڊاڪٽر، مزدور، گهرداري توڙي نوڪرين سان لڳل مايون، ٽئڪسي وارا، تعليمدان، هر قسم جا ماڻهو شامل هئا. اها غير معمولي ڳالهہ ماڻهن ۽ شاعر وچ ۾ جڙيل مضبوط ناتو ڪن سياسي ۽ ادبي لاڙن کان الاهي مٿانهون آهي، جنهن جون پاڙون همعصر دؤر ۾ ان سڄي خطي ۽ خاص ڪري فلسطين ۾ موجود بي چيني، انتشار ۽ جاري ڏاڍ ۾ کُتل آهن.

سخت مزاج آزاد محمود درويش فلسطيني وطن لاءِ مسلسل جدوجهد ڪئي آهي. هو اسرائيلي قبضي جو سخت مخالف رهيو آهي، پر ايڊورڊ سعيد جيان هو عرب ڪنڌ تي پڻ بي رحم تنقيد ڪندو رهيو آهي. جيڪو هن چواڻي "استحصالي حڪومتن هيٺ اگهور ننڊ ۾ ستل آهي." ۽ جتي هاڻ فلسطين بجاءِ فوٽ بال راند عربي جذبي جي نمائندگي ڪري ٿي.

هڪ شاعر طور هُو پنهنجي هُنر ۾ پڻ ۽ بي مثال شاعراڻو حُسن رکندڙ طور سڃاتو وڃي ٿو. غنائيت پري سادگي، نغمگي ۽ حسن سندس شاعريءَ جا اهم محرڪ آهن. توڙي جو هو هڪ مزاحمتي شاعر طور ڄاتو وڃي ٿو پر هُو وطن دوستيءَ جي ڪنهن ڪارڻ تحت مليل ساراهہ نٿو چاهي. 60ع واري ڏهاڪي جي پڇاڙيءَ ۾ تہ هن لکيو بہ هو تہ "اسين چاهيون ٿا تہ توهان اسان کي شاعر طور ڏسو نہ ڪي مزاحمتي شاعر طور." پر هڪ شاعر طور هن جي سڃاڻپ بهرحال فلسطيني ماڻهن جي جدوجهد سان سلهاڙيل آهي. هڪ شاعر جي حيثيت ۾ ماڻهن سان اهڙيءَ ريت ڳنڍيل هئڻ ڪري سندس تخيل، تصور، منظر ۽ لفظن جي معنائن سميت سڀ ڪجهہ فلسطين جي آزاد نہ هجڻ واري حقيقت وٽ گروي پيل آهن. پيار ۽ جدوجهد جي خيالن ۾ ٻُڏل هن جي شاعري پڻ بظاهر ان حقيقت جي قيد خاني ۾ باندي بڻيل نظر اچي ٿي.

آئون اعتراف ٿو ڪريان تہ مون جڏهن پهريون ڀيرو محمود درويش جون پنهنجي ماءُ لاءِ لکيل مشهور سٽون پڙهيون هيون تہ هر سِٽ، هر خيال ۽ لفظن جي تند مان مون کي گهر جي تانگهہ بکندي نظر آئي هُئي. يقينن اهي لفظ هر فلسطيني توڙي ڪنهن بيءَ ماءُ جي جائي کي ٻڏايا ويا هوندا، پر پڙهندڙ جي احساس کان قطع نظر ان حوالي سان درويش احتجاج ڪندي چوي ٿو:"مون کي ڪڏهن ائين لڳندو آهي تہ آئون لکڻ کان اڳ ۾ ئي پڙهيو ويندو آهيان. آئون جڏهن پنهنجي ماءُ تي ڪو نظم لکان ٿو تہ فلسطيني سمجهن ٿا تہ نظم ۾ "ماءُ" فلسطين جو استعارو آهي. پر آئون هڪ شاعر طور لکان ٿو ۽ منهنجي ماءُ فقط منهنجي ماءُ آهي، ڪو استعارو ڪونهي. پر اهو نظم "ماءُ" اصل ۾ هڪ شاعر آهي جيڪو اعتراف ڪري ٿو تہ هو پنهنجي ماءُ سان تمام گهڻو پيار ڪري ٿو. پر اهو نظم هڪ اجتماعي نغمو ٿي پيو. منهنجو سڄو

پورهيو ائين ئي آهي. آئون اهو فيصلو نٿو ڪريان تہ آئون ڪنهن جي نمائندگي پيو ڪريان، سواءِ پنهنجي پاڻ جي. پر اهو ”پاڻ“ بذاتِ خود گڏيل يادن سان ٽمٽار آهي.“

درويش هٿڪڙيون لڳل ان شاعراڻي تخيل جي آزاديءَ جي ڳولها ۾ آهي ۽ اها ڳولها سندس زندگيءَ سان پڻ واڳيل آهي. ”فلسطين تي قبضي وارو موضوع هاڻ بار بڻجي چڪو آهي.“ هو ڪاوڙ وچان چوي ٿو:”آئون هڪ شاعر ۽ هڪ انسان طور فلسطين کان آزاد ٿيڻ چاهيان ٿو پر ٿي نٿو سگهان. جڏهن منهنجو ديس آزادي ماڻيندو تہ آئون بہ آزاد ٿي ويندس.“

درويش جي شاعري ٽڪل ۽ هيٺن ماڻهن کي يادن جي اٿل آئينن جي درد کي محسوس ڪرڻ ۽ دفن ٿي ويل يا واڙيل جذبن جي ڪوتائيءَ سميت سندن تصور ۾ جوڙيل ان گهمنڊڙ ڦرندڙ Space ، جنهن کي وطن چوں ٿا، تنهن کي جيئارڻ ۽ ياد رکڻ لاءِ همٿ ۽ اُتساهہ ڏئي ٿي. هن جي شاعري رڳو ويراني، استحصال ۽ ضايع ٿيل ڪوششن بابت ناهي، پر اها ساڳئي وقت سچ، اميد ۽ ميلاپ جو سنگم پڻ آهي. ڪايل ترپءَ تي درويش هڪ چاپي آڇي ٿو.

ايڊورڊ سعيد سڄي عمر فلسطين پاران جلاوطنيءَ ۾ نئين سر قومي سڃاڻپ جو جهنڊو کوڙڻ واري ذڪئي ۽ ڪمزور ڪري وجهندڙ مرحلي لاءِ گهڻو پاڻ پتوڙيو. ”جلاوطنيءَ جي اهڙي حالت منجهان سڃاڻپ کي نئين سِر جوڙڻ جي اها ضرورت محمود درويش جي شروعاتي نظمن ۾ بہ نظر اچي ٿي. اهو درويش جنهن جي شاعريءَ جو ڳچ حصو وڃائڻ جي نغمن کي اڻچاتل مدي تائين ملتوي ٿيل واپسيءَ جي تجسس ۾ تبديل ڪرڻ جي ڪرشماتي ڪوشش آهي.“ سعيد چوي ٿو.

هيءَ اها شاعري آهي جيڪا سڀ نئين سر جوڙي ٿي ۽ ان کي زنده رکي ٿي، جيڪا ياد ڪري بہ ٿي تہ ياد ڪرائي بہ ٿي، جيڪا تنقيد بہ ڪري ٿي تہ چئلينج پڻ. ۽ ساڳئي وقت اها انهن راهن ۽ موقعن جي ڳولهائو پڻ آهي، جن سان ذڪ ونڊي سگهجي، مفاهمت ڪري سگهجي ۽ اهو سڀ فلسطيني وجود ۽ سڃاڻپ جي غير متضاد ۽ تاريخي سچائيءَ جي بار جي ڪليل سڃاڻپ ۽ قبوليت سان جُڙيل آهي. تصور ۾ ٻئي جي تذليل جي شايد آسانيءَ سان تشريح ڪري سگهجي ٿي، يا وري ان کي ان فساد جي تناظر ۾ ڏسي سگهجي ٿو جنهن ۾ سوين جانيون ضايع ٿيون هجن. ۽ توڙي جو درويش هر نئين ڏاڍ جي پاڻيءَ سان آباد ٿيل ڪاوڙ جي پاڙن کي سڃاڻي ٿو پر هُو پڻ انڪار يا لڪائڻ بجاءِ انهن پابندين کي وڌائي پيش ڪري ٿو. البتہ هو انهيءَ حالت کي ٻنهي ڌرين جي نقصان ۽ مونجهاري ۽ امن سان گڏجي سڏجي رهڻ جي اميد جي تناظر ۾ ڏسي ۽ پيش ڪري ٿو.

پنهنجي پراڻي يار ۽ نامور ڏاهي ايڊورڊ سعيد لاءِ لکيل الوداعي سٽن ۾ درويش ماضيءَ ڏانهن موٽ کائي ٿو: ”تڏهن وقت جيڪڏهن رڳو تجربي جو نانءُ آهي تہ پوءِ مستقبل کي ڪا معنيٰ ۽ مقصد ڏجي. تصور جي صاف گوئيءَ تي ويساهہ رکندي هلو تہ سياڻي ڏانهن ڪاهيون.“ ان خيال جي پٽ رهجي آئي ۽ درويش ڳالهين ذريعي مامرا

نبيرڻ جو بهادراڻو فيصلو ڪيو آهي. هئي کي سمجهڻ، ان جي پس منظر ۾ حقيقتن کي مان ڏيڻ جو فيصلو- تہ جيئن بي رحماڻي انداز واري قتلام ۾ فساد جي ڇمي ڪاري داغ ۾ تبديل ٿي ويل نشانن کي ڌوئي صاف ڪجي. ۽ ان لاءِ هو منسوخ ڪيل حقن ۾ فسلطين جي ويجهي ماضيءَ جي تاريخ جي روشنيءَ ۾ ٻنهي ڌرين جي سچ جي گڏيل قبوليت ۾ مان ڏيڻ جي رستي جو حامي آهي.

فلسطيني وطن جو ڪيس ان طريقي سان ئي سمجهڻ گهرجي. توڙي جو اها راهہ اختيار ڪرڻ وارا تمام ٿورا آهن، پر اهي تمام وڏا نالا آهن. ايڊورڊ سعيد ۽ ڊينيئل بيرنبوئم گڏجي ان مقصد کي پنهنجو ڪندي، سرحد جي ٻنهي پار جي نوجوانن کي موسيقيءَ ذريعي ويجهو آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

محمود درويش جا ڪيترا ئي ڪتاب عبراني ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿي چڪا آهن ۽ هن پنهنجي ڪجهہ يهودي دوستن ۽ چاهيندڙن جا نرم ۽ معنيٰ ۽ احساس جي نازڪ فرق جي لفظن سان خاڪا پڻ لکيا آهن. مارچ 2000ع ۾ اسرائيل جي تعليم واري وزير هن جي ڪجهہ لکڻين کي اسڪول جي نصاب ۾ شامل ڪرڻ جي تجويز ڏني هئي، پر اسرائيلي پاليسي پنهنجي نوجوانن لاءِ "ٻئي" جي ڳالهہ ٻڌڻ/ پڙهڻ جا دروازا بند ئي رکيا- پر اهو وقت ضرور ايندو ۽ خاص ڪري ميلاپ لاءِ ڪوشان اهڙن نشانبر ۽ مثبت سوچ رکندڙ ماڻهن جون ڪوششون ضرور رنگ لائينديون.

جڏهن اسرائيل جي قابض فوج ان ساڪا ڪيني ڪلچرل سينٽر جي ڀيچ ڊاهہ ڪئي، جتان درويش پنهنجو تماهي مخزن Al_Karmel ڪڍندو هو تہ انهن سندس ۽ ٻين ڪيترن شاعرن جي شاعريءَ جي مسودن کي پيرن سان لتاڙيو هو. "آئون ڄاڻان ٿو تہ هو ڏاڍا آهن. ڪنهن تي بہ هلان ڪري سگهن ٿا، ان کي ماري سگهن ٿا، پر اهي منهنجي لفظن کي توڙي نٿا سگهن، منهنجي لفظن تي قبضو نٿا ڪري سگهن." اهو ان ماٺ ڪرايل جو سرڪش آواز هو، جيڪو ڪنهن سياستدان جي بڪ بڪ ۽ گوليءَ جي آواز کان وڌيڪ گونجندڙ آهي.

درويش تازو نوبل انعام يافتہ وول سوئينڪا سميت مشهور اديبن کي فلسطين گهرائي، کين دعوت ڏني تہ اهي پاڻ اچي پنهنجي لاءِ قبضي جون حقيقتون اکين سان ڏسن. اتي هن پنهنجي آجياڻي واري تقرير هنن لفظن سان ختم ڪئي: "اسين اميد جي لاعلاج مرض ۾ مبتلا آهيون. محڪوميءَ کان نجات ۽ آزاديءَ جي اميد. اهڙي نارمل زندگيءَ جي اميد تہ اسان جا ٻارڙا روز صبح جو حفاظت سان اسڪول وڃن. اها اميد تہ ڪا ڳورهاري عورت ڪنهن فوجي چيڪ پوسٽ جي سامهون مئل ٻجاءِ هڪ اسپتال ۾ زندهہ ٻار کي جنم ڏئي. اها اميد تہ اسان جا شاعر ڳاڙهي رنگ جو حسن رت بجاءِ گلاب جي گلن ۾ ڏسن. ۽ اها اميد تہ هن ڌرتيءَ کي پنهنجو نانءُ ملي: يعني پيار ۽ امن جي ڌرتي."

بدقسمت فلسطيني ماڻهو مات جي ڪاٺ ۾ آهن. اهڙي خاموشي جيڪا رڳو ماڻهو مارڻ لاءِ بندوق مان اوڳاڇيل گولين جي آوازن، سڀ ڪجهه ڇيهاڇيهه ڪندڙ ٽئنڪن جي گوڙ هڪ ٻئي کي مارڻ لاءِ اڪسائيندڙ نعرن ۾ ماتم ڪنا مائرن ۾ تازو بيواهه ٿيل عورتن جي آهن سان ٽٽي ٿي.

خاموشيءَ جي اهڙي گونگي ۾ بي حس ڪري ڇڏيندڙ ڏرتيءَ تي ماڻهو پنهنجي بحالي ۾ انساني ڪيفيتن ڏانهن واپسيءَ لاءِ آخر ڪهڙو در ڄاڃين؟ محمود درويش چوي ٿو اهي شاعريءَ ڏانهن اچن. "شاعري ۾ حسن سدائين امن پيدا ڪندا رهيا آهن. جڏهن اوهان ڪا خوبصورت سٽ پڙهو ٿا ته اوهين سرحدون ختم ٿيندي ڏسو ٿا. شاعري ديوارون/ سرحدون ڪيرائي، ڀائيچاري سان رهڻ جو درس ڏئي ٿي." هو چوي ٿو.

ته پوءِ آئون ڪير ٿيندي آهيان محمود درويش جهڙي ڀهرئين جوڙ جي شاعر کي مخاطب ٿيڻ واري؟ هڪ اهڙي انسان لاءِ جنهن ڪڏهن هڪ سٽ به نه ڇپرائي هجي، اها هڪ بنهه وڏائي واري ڳالهه ليکبي. پر آئون اهو ان فرد جي حيثيت سان چوان ٿي، جن لاءِ درويش لکي ٿو. ۾ جنهن وٽ درويش جا لفظ ائين جيئرا جاڳندا اچن ٿا ڄڻ هو منهنجي ڪنن ۾ سرگوشي ڪندو هجي. اهو ڄاڻندي به ته آئون هڪ هندستاني آهي، مسلمان به ناهيان ۾ عربيءَ ۾ به صفا ڪوري ڄٽ. فلسطيني ڪئمپن جي ڄمار مون جيتري ئي آهي. اُتي آئون به رهي پئي سگهيس. جو ان ساڳي ئي دور ۾ نندي ڪنڊ جا ماڻهو به هڪ ٻئي لاءِ رحم دل نه رهيا آهن. آبادين جون آباديون پاڙان پٽي هِتي انتشار جا ڪکر ڇانيل رهيا آهن. آفريقا کنڊ پڻ ساڳيو دک ناٽڪ ڪجهه وڏي پئماني تي پيش ڪري رهيو آهي. نيون جڳهيون گهر ٻڻجن يا گهر ٿيڻ گهرجن ۾ پراڻا گهر مزو ورتل ۾ وقت سان گڏ ڏنڌلائجي ويندڙ تصويرن جهڙين يادن ۾ تبديل ٿين- پر انهن مان ڪجهه تبديليون رضاڪاراڻيون آهن. وڳوڙ دربدري، سجاڻپ وڃائڻ، اتي حياتيءَ لاءِ ويڙهاند ڪرڻ. جتي اها تباهه ڪئي وئي هجي ۾ جتي روز ان کي ٻيهر ناهڻو پوي، مرتبي ۾ ڏاڍ سان لاڳاپيل اهڙين حالتن آباديءَ جي هڪ وڏي حصي کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي رکيو آهي. درويش انسان ذات جي ان چوٽين حالت بابت ڳالهائي ٿو/ آواز اٿاري ٿو. "جلاوطني جاگرافيءَ جي محتاج نه هوندي آهي. توهان پنهنجي وطن، پنهنجي گهر، پنهنجي ڪمري ۾ جلاوطن ٿي ٿا سگهو. اهو رڳو فلسطيني سوال ڪونهي." محمود درويش تون صحيح آهين!

ابدي جلاوطن! جيڪو بنا ٽڪيٽ جي سڄي جهان جو سفر ڪري ٿو. تنهن جو تخيل، تنهن جا پَر لڪ ڇپ ۾ سيني سرحدن کي مسمار ڪندا ٿا وڃن. جنهن وٽ ڪو سجاڻپ ڪارڊ آهي، نه وري ڪو چمڪندڙ پاسپورٽ. جنهن تي صرف تنهنجا لفظ ويزا جيان اُڪريل آهن. محمود درويش! تون بلڪل درست آهين!

"آئون اتان آيو آهيان ۾ مون کي ياد آهي ته مون سمورا لفظ سکيا ۾ مٽايا آهن، رڳو هڪ لفظ جوڙڻ لاءِ- وطن."

Sagargovind@yahoo.com



# جاني اسحاق ملاح
# روايتن جو باغي شاعر

ڊاڪٽر حميد سومرو

”موڪيءَ مٽ اُپٽيا“ ۾ جانيءَ ڄاڻايو آهي تہ هن شاعريءَ جي باقاعدي شروعات 1990ع کان ڪئي آهي. 1983ع۔ 1986ع جي شاندار عوامي تحريڪن کان 1988ع جي عام چونڊن ۾ هن ملڪ جي ماڻهن جون اميدون ڏيئا ڏيئا لاٽ ٻڌجي جمهوريت جي اڏوگابري بحالي ۽ عوامي راڄ جي آسري تي هٽي هنڌ ڪن ٿيون. ۽ پوءِ جي سياست ۽ نعرن ۾ نااميدي، ۽ سياست ۽ نظريي سان ڪمٽمينٽ جي رشتي جي پڄاڻي ٿئي ٿي، جيڪو سلسلو اڃا تائين بہ جاري آهي. اميدون ۽ آسرا پُرنديءَ ڍهنديءَ ڪِر ڪٽنديءَ ڪرنديءَ مرنديءَ معاشري ۾ گهر ڪري وڃن ٿا. انهيءَ دور ۾ انهي سماج تي ويساهہ بجاءِ دوکو اتساهہ بجاءِ نراسائي، ماٺ بجاءِ اڪيلائي، يگانيت بجاءِ ويڳاڻپ، نظريي، ڪمٽمينٽ ۽ جستجو بجاءِ ڪم ڪڍڻ جي ريت وقت جو رواج ٻڌجي آئي. انهي رواج جو سينو چيري جيڪو ادب سرجيو جيڪا شاعري منظر عام تي آئي، اها اڳ جي دور جي ڪمٽمينٽ ۽ تبديليءَ جي تڙپ کان بنهہ مختلف هئي. جنهن ۾ صرف پنهنجو سور، لهجو پيار ۽ پنهنجي وارتا هئي. سماج ۽ عوام کان ڪٽيل ادب ۽ شاعري لوڪ ۽ تاريخ کان ڪٽيل هئي، ائين جيئن ماضيءَ جي تاريخ ڪي مورخن صرف بادشاهن، اميرن جي اٿڻي ويهڻي ۽ ڪرت ڪي ئي تاريخ سڏيو. جڏهن تہ تاريخ جوڙيندڙ ۽ ان جا خالق لکين ڪروڙين ماڻهوان کان ٻاهر هئا. آس جي جاءِ تي نراس ٻڌجي ويل/ لوڪ کان ڪٽيل شاعري پوءِ اسان جي سماج جي سڃاڻپ ٻڌجي وئي.

ان رجحان تخليقڪار کي موت ۾ عوام کان ڪٽي ڇڏيو. اِهو 1990ع کان پوءِ جو عهد جاني ملاح جي شاعري/ تخليق ۾ ڳالهائيندي ملي ٿو جڻ زماني جا ڇِڪيل چاڪ پُڻ پُڻ ڪن ٿا. درد ڪراهجي تو ۽ پوءِ درد دوران بہ ڳوليندي ملي ٿو. جاني يقينن رومانس جو بہ خوبصورت شاعر آهي، ليڪن مان چوندس تہ جاني ملاح پنهنجي دور جي اسٽيٽسڪو ۽ 1990ع جي دور جي روايتن جو باغي شاعر آهي. هن جڏهن بيت لکيا تہ سندس درد جي لهجي، ڪيس لوڪ جي درد سان جوڙي ڇڏيو. مايوسي ۽

نراسائي سندس وائي ۾ غزل سان چيرجي ٿي پوي ۽ هن جا شعر تخليق، تخيل ۽ تبديليءَ جو سنگم بڻجي، چيلينج ڪندي ۽ بغاوت ڪندي نظر اچن ٿا. ان ڪري جاني روايتن، ناانصافين جو باغي شاعر ياسي ٿو. اڪثر هنڌن تي، سماج ۾ آيل مانار تي ڪويءَ جو قلم ڪر ڪندي مِلي ٿو:

ساڳي ڦاٿل گودڙي، تنهنجي اوا سامي
اجا نہ اُجهامي، آڳ تنهنجي پيٽ جي.

يا وري مانئي سماج تي ٽوڪ هيئن ٿي ملي:

ساڳي ڦاٿل گودڙي، رُکي پيو ڪائين
پوءِ بہ نپائين، ساڳيا نانگ گود ۾.

سماج جڏهن ماٺيو وڃائي ويهي تہ پوءِ شاعر هيئن چوڻ تي مجبور ٿئي ٿو:

رات ڏٺو مون خواب، ڪٿجي پيو ٿو ڪنڌ
مان ۽ منهنجو هنڌ، رڳجي وياسين رَت ۾.

مانار واري ماحول ۾ جڏهن خيال وائيءَ جو ويس پهري تہ هيئن عڪس ايرن ٿا:

دنيا ڪهڙو دنگ
اُڪري ويو آڪاس _ هڪڙو جهُور خيال.

انهي وائيءَ جو هينيون بند ڪيڏو نہ خوبصورت آهي:

مٽيءَ سان ٻڪجي ويو
ڪٽي آس نراس _ هڪڙو جهُور خيال.

ساڳي ڪيفيت جڏهن غزل جو روپ ڌاري ٿي تہ جانيءَ جي شاعريءَ ۾ چار چنڊ لڳي وڃن ٿا.

هي بہ ڪوئي جيون آ
پُرندي پُرندي سوچي ٿو.
ڇا مان هن ڪان ڌار ٿيان
اُپ ڪان ڪِرندي سوچي ٿو.

ليڪن تڏهن، جڏهن سماج ۾ خاموشي هوندي آهي تہ تخليق ۽ تخليقڪار آواز ڏيندا آهن:

ڪاتب ڪنهن جي قلم مان، سوچي سچ سدا
اچي تان نہ گلا، ڌاها ڪنهن جي ذات تي.

جڏهن بيت ۾ پيغام هجي تہ وائي بہ واڪا ڪندي نظر اچي ٿي:

اچوڙي اچو
واڪا ڪنديس ووءِ
هٺو نعرا نينهن جا
نچوڙي نچو _ واڪا ڪنديس ووءِ

هيئين وائي تہ پاتال تائين وڪوڙيل وجود کي بہ سهارو ڏئي ٿي:

جيئن ٿو ڏونگر ڏئي



# اڪيلائيءَ جي 75 سالن جي ڪهاڻي!

اشفاق لغاري

پنهنجن ۾ ڪنهن اجنبيءَ وانگر اڪيلائيءَ جي عذاب جا 75 سال ڪاٽيندڙ حليم بروهيءَ سان آخرڪار 28 جولاءِ اربع جي ڏينهن پنهنجي دل بہ گڏ هلڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ وفا جي پيڪر حليم سان پنهنجي دل بہ بيوفائي ڪري وئي. انگريزي، اردو ۽ سنڌي، ٽنهي ٻولين ۾ مهارت سان لکندڙ هن مزاح نگار، سنڌ جي تاريخ جي وڏي نقاد، لسانيات جي ماهر ۽ سوشل سائنس جي علمن جي ڄاڻو حليم بروهيءَ جو آئيڊيل ليڪڪ ڪئناڊا جو مشهور مزاح نگار، سياست، معاشيات ۽ لسانيات جو شاگرد اسٽيفن بٽلر ليڪاڪ (1944_1869) هو. اسٽيفن ليڪاڪ جي آئيڊيل ليڪڪ هجڻ جو اظهار حليم ڀلي ڪٿي ڪڏهن سڌيءَ طرح ڪٿي نہ ڪيو هجي، پر هو هر ملندڙ پڙهئي لکئي ماڻهوءَ کي ۽ پنهنجن ڪالمن ۾ آخر تائين ائين چوندو رهيو تہ. جنهن اسٽيفن ليڪاڪ نہ پڙهيو تہ معنيٰ ان ڪجھہ نہ پڙهيو. ائين ئي هن وٽان شاعريءَ جي دنيا مان حوالي طور اڪثر جنهن جو نالو ڪڇندي ٻڌو ويو، اهو عمر خيام هو. جنهن جي رباعين جو حليم ترجمو پڻ ڪيو جيڪي هن جي ڪنهن چاهيندڙ حليم جي وڊيو رڪارڊنگ جي صورت ۾ "يُو ٽيوب" Youtubeتي پڻ رکيون آهن.

سڀ ڄمار ڇڙ وڇڙ ۽ بي ترتيب گذاريندڙ حليم پسند ۽ ناپسند جي معاملي ۾ وري مڪمل ترتيب رکندڙ هو. ڪو بہ نااهل ماڻهو هن سان وري وري هٿ ملائڻ جي شايد ئي جرئت ڪري سگهيو هجي. ان ڪري ئي هو سدائين اڪيلو رهيو ۽ خنجر هٿن وارا ڪئين سٽ سندس سامهون رهيا، پر هو زماني جي سمجهوتي واري ڪوٽي

روايت تحت هڪ سيڪنڊ بہ جيئرو رهڻ لاءِ تيار نہ هو. جڏهن بہ ڪو نااهل ماڻهو نوازيو ويندو تہ ڪتي نہ ڪتي سندس لکيل اهو مشهور جملو ضرور دهرائبو تہ "الله سائين گڏهہ نواز آهي". هن خود دار ۽ کري ليکڪ ڪنهن ادبي بورڊ يا ٻوليءَ جي بااختيار اداري کي ڪڏهن نہ چيو تہ منهنجا ڪتاب ڇپرايو يا ثقافت کاتي وارن کي ڪا ميار نہ ڏنائين تہ منهنجي سار نہ لڌن. هن پنهنجيءَ پگهار جي پئسن مان ڪتاب ڇپرايا، جن تي ڪيس آخر ۾ ڏاڍو پڇتاءُ پڻ ٿيو جنهن جو اظهار هن هڪ ڪالم ۾ بہ ڪيو.

رومن اسڪرپٽ واري ڪتاب کان وڌيڪ هو پنهنجي ڪتاب Seed کي پسند ڪندو هو ۽ چوندو هو تہ، خدارا منهنجي هن ڪتاب کي ضرور پڙهو پر اتفاق سان هي سٽون لکڻ تائين جيڪو ڪجهہ حليم تي لکيو ويو آهي، ان ۾ Seed جو ذڪر نہ هجڻ برابر آهي. هن جي سڄي ڪم تي سندس رومن رسم الخط بابت لکيل ڪتاب حاوي ٿي ويو. حليم جي هڪ وڏائي اها بہ هئي تہ هو پنهنجي لکڻين ۾ جيڪا بہ ملامت ڪندو هو اها بجاءِ ڪو ڪردار چوندي ان تي ڪرڻ جي، پاڻ تي ئي ڪندو هو جيڪا جرئت نرگسيت جي مرض ۾ مبتلا سنڌي ادب ۽ صحافت جي دنيا جي "تارزنن" ۾صرف اڪيلو درويش حليم بروهي ئي ڪري سگهيو ٿي.

سنڌ جي روايتي محققن جي ڪم کي هن پنهنجي سائنٽيفڪ دليلن سان رد ڪيو. جنهن تي "ڪرسي" ۽ "سرڪاري ڪاڄن" ۾ پڄڻ لاءِ وقت جي پابنديءَ جو خاص خيال رکندڙ سنڌي ادب جي ياجوجن ماجوجن سندس خلاف اخبارن ۾ گهڻو ڪجهہ لکيو پر هن کي انهن جي ڪا پرواهہ نہ هئي. هن پنهنجي "اجايون ڳالهيون" جي عنوان سان هڪ ڪالم ۾ لکيو: "تاريخ چئبو آهي Date کي، تاريخون چئبو آهي Dates کي، ۽ تواريخ چئبو آهي History کي." هو ضمير لکندو هو ظالم سان. هڪڙي ڪالم ۾ لکيائين تہ هر پيري سنڌي ادب جي "مختصر" تاريخ ڇو ٿي لکي وڃي، ڇا سنڌي ادب جي مڪمل تاريخ آهي ئي ڪو نہ؟ اهڙيءَ طرح هن Narratives (هٿرادو ٺصن، ڪهاڻين) تي يقين رکندڙ ماڻهن تي بہ يادگار تبصرا ڪيا. هڪڙي پيري چيائين تہ "مون وٽ هڪ ماڻهو آيو. موڪلائڻ وقت چيائين سائين دعائن ۾ ياد رکجو." مون جواب ۾ چيومانس، "جيڪڏهن دعائون هلن ها تہ منهنجو اهڙو حشر ٿوروئي هجي ها. پاڻ کي نہ ڪريان ها. توکي ڇا لاءِ ڪريان ها. دعا ٻئا ڪجهہ نہ ٿيندي آهي. اصل ۾ سڀ ڪجهہ ماڻهو جا افعال ٿيندا آهن". هڪڙي انٽرويو ۾ چيائين تہ "جنهن ماڻهو ماضيءَ ۾ توهان جي غربت ڏٺي هجي، ان وٽ ڪڏهن بہ نوڪري نہ ڪجو. اهو توهان کي اڳتي وڌڻ نہ ڏيندو ۽ سدائين ذليل ڪندو. ماضي ڪڏهن بہ سٺو نہ ٿيندو آهي". عورت جي حوالي سان بہ هن جا مزيدار خيا هُئا. چوندو هو. ڪيس خدا ئي اهميت نہ ڏني آهي، ٻيو ڪير ڪيئن ڏيندو؟! هي برابري

سرابري واريون سموريون ڳالهيون بڪواس ۽ دوکو آهن. سندس چوڻ ھو تہ اهڙو ڪهڙو مذهبي ڪتاب آهي، جنهن ۾ آدم بدران حوا کي مخاطب ڪيل هجي، ڪو بہ ناهي. صنفي اٽبرابري جي حوالي سان اهڙا ڪئين ڏيندو هو.

قبرن جي پوڄاري سنڌي ماڻهن جي نفسيات جو حليم بروهي وڏو نقاد هو. هوائي تاريخ لکندڙ ڪنهن قبر جي مجاور جهڙن سنڌي تاريخدانن لاءِ تہ هن جون لکڻيون لوهہ تي ليڪَ هيون. ايم ايڇ پنهور کان پوءِ شايد هو سنڌ جو اڪيلو ماڻهو هو جنهن جو خيال هو تہ سنڌ جي تاريخ سوشل سائنس جي ريسرچ جي اصولن موجب لکي وڃي. هٿ جي گهڙيل قصن، ڪهاڻين تي بيٺل تاريخ جي عمارت گهڻو وقت جٽاءُ نہ ڪري سگهندي هن جي لکڻين ۾ مزاح سان گڏ طنز جي تکي تيز ترار پڻ موجود آهي. هن کي عربي رسم الخط ۾ لکي ويندڙ سنڌيءَ کان نُڪتن ۽ زيرن زبرن جي ڪري ڏاڍي چِڙ ٿيندي هئي. چوندو هو تہ هر لفظ جي مٿان نڪتن جا ڇڻ تہ ڇيڇڙا ڇنبڙيا پيا آهن.

⊙⊙



# حليم بروهيءَ جون ڪجهه يادگار لکڻيون!

## عورت ۽ سماج

عورت ۽ سماج تي گهڻو ئي لکيو آهي، سو مان به ڇو نه لکان؟ مون ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي سماج يا عورت جو جو مان سماج ۽ عورت تي نه لکان؟ ۽ مون سماج يا عورت جي ڪا ٻلي ماري آهي، جو مان سماج ۽ عورت تي نه لکان؟ هي ٽي سوال ڪي ورهيه منهنجي ذهن کي جهنجوڙيندا رهيا، ۽ آخر جڏهن مون کي خاطري ٿي ته مون سماج يا عورت جي ڪا به ٻلي نه ماري آهي، تڏهن مون هي ڪتابچو لکڻ جو فيصلو ڪيو ۽ الحمدالله اڄ مان فخر سان هي ڪتابچو پنهنجين پيئرن ۽ سماج جي قدمن ۾ رکان ٿو.

هي ڪتابچو دراصل تحقيقاتي تجربن جو نچوڙ آهي. پڙهندڙ پاڻ اندازو ڪندو ته مون نه عورت جو پاسو ورتو آهي ۽ نه سماج سان ڪا زيادتي ڪئي آهي. سماج ۽ عورت جا پاڻ ۾ تعلقات عالم آشڪار آهن. جو رستن ۽ چوواٽن تي به اڪثر عورت جا چنبا سماج جي نرگهٽ ۾ ڪتل هوندا آهن ۽ ٽرئفڪ جئم هوندي آهي. پر تنهن سان سائنسي تحقيقات جو ڪهڙو واسطو؟ سائنسي تحقيقات ۽ تحقيقاتي تجربن جو بڻ بنياد آهي، نوس حقيقتون آهن. جيڪي اسان جي سامهون هونديون آهن. پر اسان نه ڏسي سگهندا آهيون. جو نڪ اڃي ويندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو پڙهندڙ پيئرن ۽ سماج کي هن ڪتابچي مان نڪ جي مخالفت جي بوءِ ايندي. تنهن ڪري پيئرن ۽ سماج کي عرض آهي ته هي ڪتابچو پڙهڻ وقت پنهنجو نڪ ڪپڙي يا اڱڙي سان ٻڌي ڇڏين.

فقط رب تو ڄاڻي ته ڪير ڏوهاري آهي ۽ ڪير نردوش آهي. سو مون هن ڪتابچي ۾ پاڻ کي نڄ نه بڻايو آهي ۽ آخري فيصلو پڙهندڙن تي ڇڏيو آهي ته زال کان ڏجي عورت جي پاسي ٿئي يا سماج جي پاسي ٿئي. هوئڻ هن ديباچي جو ڪو به واسطو هن

ڪتابچي سان ناهي. باقي ماءُ جي پاسي ٽيڻ سان ٻي شادي بہ ٿي سگهي ٿي. زال جي پاسي ٽيڻ سان ٻي شادي جا چانس ختم ٿيو وڃن، جيڪو سراسر ظلم آهي. هن حقير ۽ خطير ديباچي سان هي تحقيقاتي ڪتابچو شروع ڪريان ٿو. بسم الله ۽ في امان الله.

پر پهرين هڪ ڳالهہ هيءُ ڪتابچو لکندي منهنجو ايترو تہ گهڻو واسطو عورتن ۽ سماج سان رهيو خاص ڪري سماج سان. جو ڪتابچو لکندي مان پاڻ کي ڪڏهن ادو تہ ڪڏهن ادي سمجهندو رهيو آهيان. عورتن کي دوش ڏيڻ اجايو آهي. جو هو تہ هونئن بہ پرواهہ نہ ڪنديون، سو منهنجو خيال آهي تہ سڄو ڏوهہ سماج جو آهي، جنهن کي ادي ۽ پينر چوندي مان پاڻ بہ ادي ۽ پينر ٿي ويو آهيان. هاڻ ماشا الله.

پر پهرين هڪ ٻي ڳالهہ هن ڪتابچي جو نالو هڪ وڏو مسئلو هو. مسئلو هي هو تہ نالو سماج ۽ عورت هجي. يا عورت ۽ سماج. سو مون سوچيو تہ سماج ۾ عورت نالو رکان، پر پوءِ سوچيم تہ عورت ۽ سماج ڇو نہ رکان؟ آخر اهي چارئي نالا چئن چٽڪين تي لکي، ٽوپلي ۾ وڌم ۽ اکيون ٻوٽي هڪڙي چٽڪي ڪڍيم، جنهن تي لکيل هو: عورت ۽ سماج.

ائين پينر منهنجو مسئلو حل ٿيو. آمين

## پيچ ۽ خم

چڪ پويان چر پر ٿي تہ مون چڪ کي غور سان ڏٺو ڪير هوندو؟ ڪابي هٿ جي آڱرين سان پيشاني مهٽيندي، مون سوچيو تہ اهڙي چر پر چڪ پويان ڪڏهن ٿيندي آهي؟

پر ياد نہ آيو تہ اهڙي چرپر چڪ پويان ڪڏهن آهي، سو مان سوچڻ لڳس تہ اهڙي چڪ پويان چر پر ڪڏهن ٿيندي آهي. پهرين مون ٻنهي هٿن سان پنهنجو مٿو جهلي سوچيو. پوءِ مون ٻنهي هٿن سان پيشاني مهٽيندي سوچيو ۽ پوءِ مون ذهن تي زور ڏيئي لونڌڙين وٽ آڱرين سان دٻائيندي بہ سوچيو پر ياد نہ آيو تہ اهڙي چر پر چڪ پويان ڪڏهن ٿيندي آهي. سو هٿ پڪوڙي، نونشو ناهي، پيشاني کي نونشا هنيم تہ من ياد اچي وڃي. پر ائين بہ ياد نہ آيو. سو ٻئي هٿ ڪياڙيءَ پويان ٻڌي، ڪياڙي وٽ رڳن کي دٻائڻ لڳس تہ رت جي دٻاءُ وڌڻ ڪري شايد دماغ ڪم ڪري ۽ ياد اچي وڃي تہ اهڙي چر پر پويان چڪ جي ڪڏهن ٿيندي آهي. پر تہ بہ ياد نہ آيو. مان لاچار ٿي، نااُميدي مان هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳس.

اوچتو منهنجي نظر ٽيبل تي رکيل پيپر ويٽ تي پئي ۽ منهنجي نا اميدي هڪ پلڪ ۾ اميدي ۾ تبديل ٿي وئي.

مون بلند حوصلي ۽ پروقار اعتماد سان هٿ وڌائي ٽيبل ويٽ تان اهو پيپر کنيو ۽ ان سان پيشاني تي آهستي آهستي ڌڪ هڻندي، ڌڪ پچائيندي، زوردار ڌڪ هڻڻ لڳس

تہ من ائين ڪنهن ڏڪ تي ياد اچي وڃي تہ اهڙي چر پر چڪ پويان ڪڏهن ٿيندي آهي. پر تہ بہ ياد نہ آيو. سو مون بلند حوصلي، پروقار اعتماد، ۽ اعتقاد، اتحاد اور تنظيم سان همٿ حوصلي، پر وقار اعتماد ۽ اعتقاد اتحاد اور تنظيم سان هٿ وڌائي، ٽيبل تان اهو پيپر ڪٽر کنيو جنهن سان مون لفافا تہ گهڻئي کوليا هئا، پر جنهن جي هٿيي کي مون مٿي تي نہ آزمايو هو. ٻئي لمحي مان ان پيپر ڪٽر جو هٿيو پنهنجي پيشاني تي ٺڪ ٺڪ ڪري وڃائيندو سوچي رهيو هئس تہ اهڙي چر پر چڪ پويان آخر ڪڏهن ٿيندي آهي؟ تہ ايتري ۾ چڪ مٿي تي ۽ هڪ منهنورت ڪڍيو. منهنجو مطلب آهي تہ ايتري ۾ چڪ مٿي ۽ هڪ عورت منهن ڪڍيو ۽ اوچتو مون کي ياد اچي ويو تہ اهڙي چر پر چڪ پويان تڏهن ٿيندي آهي، جڏهن چڪ پويان ڪا عورت هوندي آهي.

"وڪيل صاحب تون آهين؟" هن عورت پڇيو.

"ها" مون پيپر ڪٽر ٽيبل تي رکندي چيو.

"توکي وڪيل ڪرڻو اٿم" هن عورت ٽيبل وٽ رکيل ڪرسيءَ تي ويهندي چيو "مون کي پنهنجي مڙس کان طلاق وٺڻي آهي"

"ڪورٽ طلاق نہ ڏياريندي آهي" مون قانون جا پيچ ۽ خم ٻڌائيندي چيو. "ڪورٽ فقط نڪاح منسوخ ڪندي آهي. جنهن کي عام ماڻهو طلاق سمجهندا آهن"

قانون جا اهي پيچ ۽ خم مون کي ياد تي ويا هئا جو پنهنجي زال کي روز ٻڌائيندو هوس.

"نيڪ آهي" عورت چيو. "ڳالهہ ساڳي آهي جا مان سمجهان ٿي. مون کي پنهنجي مڙس مئي کان نجات کپي. تون منهنجو وڪيل ٿي منهنجو ڪيس تيار ڪر"

"تو کي نہ فقط پنهنجي مڙس مئي کان نجات ملندي" مون چيو "پر ٻيا مڙس مٺا بہ عبرت حاصل ڪندا." قانون جا پيچ ۽ خم ٻڌائڻ وقت مان اها ڳالهہ پنهنجي زال کي ٻڌائيندو هوس. "پر" مون قانون جا پيچ ۽ خم سمجهائيندي چيو "نڪاح منسوخ ڪرڻ لاءِ يا جنهن کي عام سنڌي ٻولي ۾ ڇٽبو آهي تہ نڪاح رد ڪرائڻ لاءِ ڪو قانوني سبب هئڻ گهرجي." اها وري اهڙي ڳالهہ هئي جا مان پنهنجي زال کي روز سمجهائيندو هوس.

"منهنجو مڙس نالائق، واهيات ۽ بيهودو آهي" هو عورت ائين هڪ ساهہ ۾ چئي وئي جيئن منهنجي زال وٽان رٽي آئي هجي.

"اهو جذباتي سبب آهي" مون قانون جا پيچ ۽ خم سلجهائيندي چيو "جنهن کي ڪا بہ قانوني حيثيت ڪانهي، مڙس جو نالائق، واهيات ۽ بيهودو هجڻ نڪاح کي رد يا منسوخ نٿو ڪري سگهي، ڇو تہ هر هڪ مڙس پنهنجي زال جي معاملي ۾ ڪجهہ نالائق، ٿورڙو واهيات، ۽ تمام گهڻو بيهودو ضرور هوندو آهي جنهن جي نتيجي ۾ رستا، گهٽيون ۽ پاڙا ٻارن سان ڀريل نظر ايندا آهن. ڪي مڙس تہ نالائقي، واهياتپڻ ۽ بيهودگي ۾ آپي

کان ٻاهر نڪريو وڃن جنهن جو نتيجو آهي سوين، هزارين ۽ لکين ڀار آهن جيڪي ڪنهن ڪرڪيٽ مئچ يا فٽ بال مئچ يا والي بال مئچ وقت گڏ نظر ايندا آهن.“ قانون جي اهڙن پيچن ۽ خمن تي مون کي مهارت هئي جنهن جي نتيجي ۾ منهنجو گهر ٻارن سان سٽيل هو. ”قانون جو افسوسناڪ نقطو هي به آهي.“ مون قانون جا پيچ ۽ خم واضح ڪندي چيو ”ته جتي مڙس نالائق به ڪونهي، واهيات به ڪونهي، ۽ بيهودو به ڪونهي، ته اتي قانون اهڙي زال مڙس کي پينر پائر قرار ڏيئي نڪاح منسوخ يا رد ڪيو ڇڏي“ قانون جو اهو افسوسناڪ نقطو مون پنهنجي زال کي ٻڌائي، پوءِ افسوس ڪيو هو جو هر هڪ آئي وئي کي چوڻ لڳي ته ”منهنجو مڙس نه نالائق آهي، نه واهيات آهي، ۽ نه بيهودو آهي- صفا جهڙو منهنجو سڳو پاءُ.“

”ته پوءِ“ هن عورت قانون جو افسوسناڪ نقطو جهليندي چيو. ”مان به ڪورٽ ۾ چونديس ته منهنجو مڙس نالائق به ڪونهي، واهيات به ڪونهي، ۽ بيهودو به ڪونهي. تون ڪيس ۾ اهو ئي لکي، منهنجو نڪاح رد ڪرائي ڏي.“

”ته پوءِ“ مون قانون جا پيچ ۽ خم جاري رکندي چيو ”ڪورٽ تو کان پڇندي ته اهي تنهنجا ٻار ڪٿان آيا“ عورت وات ڦاڙي مون کي ڏسڻ لڳي. منهنجي زال به تڏهن آئي وئي اڳيان پنهنجي ٻڪ بند ڪئي هئي، ۽ مون کي ڳرانڙي پائي چيو هئائين ته ”تون وڏو نالائق، وڏو واهيات ۽ وڏو بيهودو آهين.“ جنهن تي مون پنهجي زال کي شڪ سان ڏٺو هو چو ته مان هرو ڀرو ايڏو نالائق، ايڏو واهيات، ۽ ايڏو بيهودو به نه هوس جيڏا گهڻا هو ٻار ڄڻي وئي هئي.

”وڪيل صاحب“ هن عورت تڏي ۽ سڏي آواز ۾ چيو ”قانوني سببن ۽ جذباتي سببن جي مون کي خبر ناهي ۽ مان ڄاڻڻ به نه ٿي چاهيان. مو کي منهنجو نڪاح رد ڪرائي ڏي. جنهن لاءِ حقيقي سبب هي آهي ته مون کي پنهنجي مڙس جو نه ڳالهائڻ ٿو وڻي نه سندس اهو ئي آواز ويهن سالن کان ڏسندي اچان. هو ڳالهائي ٿو ته منهنجي مرضي ٿيندي آهي ته پادر لاهي منهن تي هڻانس، ۽ هن جي شڪل تي نظر پوندي ئي منهجو هٿ پاڻ مرادو پونڊو بنجي ويندو آ هي.“

”بس فقط اها ڳالهه آهي“ مون پنهنجي ڪرسيءَ تان اٿيندي چيو ”منهنجي زال مون کي سمجهائي نه سگهي آهي- منهنجو گهر ويجهو آهي. تون به منٽ ويهه مان گهر وڃي پنهنجي زال کي طلاق ڏيئي اچي تنهنجو ڪيس تيار ٿو ڪريان.“

## سيارو

سياري ۾ سيءَ کان احتياط ڪرڻ گهرجي. سيءَ جو سڄو حملو ڪنن تي هوندو آهي. تنهنڪري گهران ٻاهر نڪرڻ کان اڳ پنهنجا ڪن گهر ۾ لاهي رکجن.

سياري ۾ وهنجڻ کان پرهيز ڪجي. جيڪڏهن اڄ سيارو آهي ته بهار به پري ڪونهي (فقط ٽي مهينا) سياري ۾ جوراب به نه لاهجن. گنجي جنهن کي پاڻ بنيان چوڻ به

سکي ويا آهيون (بلي!) سا بہ نہ لاهجي، ۽ پتلون اندر پاتل ڪڇو بہ نہ متائجي. جيڪڏهن اڄ سيارو آهي تہ بهار بہ پري ڪانهي (فقط ٽي مهينا).

### سسپينس

مون ڪنڌ ورائي پوئتي ڏٺو بہ ماڻهون هئا جيڪي بہ بتيون پوئتي هئا.

رات جا بہ لڳا هئا ۽ رستي تي موت جهڙي ماٺ هئي. مون هلندي هلندي پوئتي ڪنڌ ورائي ڏٺو. ٻئي ماڻهون بتيءَ جي روشنيءَ کان پرتي، جڳهين جي خوفناڪ پاڇن ۾ مون ڏانهن وڌي رهيا هئا. مون وک تکي ڪئي.

بہ بتيون ٻيون بہ لنگهي، مون ڪنڌ ورائي پوئتي ڏٺو. فقط هڪ بتي پوئتي هئا. هنن پنهنجي وک مون کان ٻيڻي وڌائي هئي، جيڪا ڀهرين گهٽي نظر آئي، تنهن ۾ مان گهڙي ويس، ۽ وني ڊوڙ پاتم. ۽ هڪدم هنن جي ڊوڙڻ جو آواز آيو. هاڻي ڊوڙڻ اجايو هو مان ٿنڀي هيٺ بتي جي روشني ۾ بيهي سگريٽ دکائڻ لڳس. ۽ منهنجي ڪلهي تي هٿ محسوس ڪندي ئي ڏڪي ويس. مون ڏٺو تہ ساڳيا هئا. منهنجي جسم مان ساهہ نڪري ويو. هڪ جي وات ۾ سگريٽ هئو. هن منهن اڳتي ڪري منهنجي هٿ ۾ ٻرندڙ تيلي مان سگريٽ ٻاريندي مهرباني چيو ۽ سگريٽ مان سوٽو هڻندي وري بہ مهرباني چئي ٻئي ڄڻا اڳتي وڌي ويا، الائي ڪير هئا.

### عاشقن لاءِ سمجهاڻي

افواهہ آهي تہ عشق ٿي ويندو آهي، ڪبو ڪونهي. اهو غلط ۽ بي بنياد افواهہ شرپسند عناصرن فقط اوهانکي ڪامپيٽيشن کان ٻاهر رکڻ لاءِ هلايو آهي. عشق ڪو نزلو زڪام آهي جو ويٺي ويٺي پاڻيهي ٿي ويندو؟ عشق ڪو ريڊيو پاڪستان آهي جو پاڻيهي ٻارڻ وڄڻ لڳندو!

چڱيءَ طرح نوٽ ڪري ڇڏيو تہ عشق ڪبو آهي، فقط ڪبو آهي، ۽ ضرور ڪبو آهي. پاڻيهي ٿي ويندو واري آسري تي ويهڻ وارن کي اسان صلاح ڏينداسين تہ وڃي رڍون چارين. جن ۾ همت آهي، سي عشق ڪندا آهن، پاڻيهي ٿي ويندو جي آسري تي نہ ويهندا آهن. اسان هت هڪ ڀاڪو استعمال ڪرڻ چاهيون ٿا _ همت مردان، مدد خدا. بس.

عشق ڪرڻ کان اڳ فيصلو ڪجي تہ فقط عشق ئي ڪرڻو آهي، يا عشق کانپوءِ محبوبہ سان شادي بہ ڪرڻي آهي. جيڪڏهن ارادو محبوبہ سان شادي بہ ڪرڻ جو آهي. تہ پوءِ مائٽن کي چئجي تہ وڃي پاڻ عشق ڪن. ڇو تہ اوهانجي شادي فقط اتي ٿيندي جتي اوهان جا مائٽ چاهيندا، ۽ نہ اتي جتي اوهان چاهيندا.

ڪا بہ عورت محبوبہ جو ڪم ڏيئي سگهي ٿي. فقط ٻن ڳالهين جو ڌيان رکڻ ضروري آهي. هڪڙو تہ اها عورت سچ پچ عورت هجي، ۽ ٻيو تہ هوءَ ڌاري هجي.

پنهنجين ۾ عشق ڪرڻ تہ نهيو پر پنهنجين ۾ تہ نڪاح ڪرڻ بہ اسانکي سمجهہ ۾ بہ نٿو اچي. چڱيءَ طرح خاطري ڪرڻ گهرجي تہ جنهن عورت سان اوهان عشق ڪري رهيا آهيو سا سچ پچ عورت آهي. اسان وٽ هڪڙو اهڙو مثال موجود آهي جيڪو ان ڏينهن دل ٽٽڻ سبب گذاري ويو جنهن ڏينهن کيس خبر پئي تہ جنهن کي هو عورت سمجهندو هو حقيقت ۾ عورت نہ هئي. الائجي ڇا هئي، شايد جن هئي. سچي ڳالهہ اها آهي تہ اسانکي خبر ڪانهي تہ ڇا هئي! جنن ڀوتن تي اجائي تهمت هڻڻ نيڪ ڪونهي. اسانکي فقط ٿورو شڪ هو تہ شايد جن هئي. پر خير. اسان جنن کان معافي ٿا گهرون. ايترو اسان ضرور چونداسين تہ اسانکي جنن ۽ عورتن ۾ تمام گهٽ تفاوت نظر آيو آهي، ۽ اهو تفاوت بہ اسان اجا ڏٺو ڪونهي. (هاڻ جن تمام گهڻو ڪاوڙجي ويا هوندا. ۽ هاڻ معافي گهرڻ اجايو آهي).

الائجي ڪهڙي سماج دشمن شرپسند عناصرن بازارن ۾ هوڪو ڏياريو آهي تہ محبوبہ هرويرو سهڻي هجي. اسان قسم کڻڻ لاءِ تيار آهيون تہ محبوبہ جو سهڻو هجڻ هرگز ضروري ڪونهي. جيڪڏهن محبوبہ سهڻي هوندي، تہ اوهان لاءِ مٿي جو سور ثابت ٿيندي. هر وقت اوهانکي کٽڪو رهندو تہ هاڻ وئي ۽ جاڻ وئي، ۽ پوءِ هڪڙي ڏينهن سچ پچ هلي ويندي آهي. پوءِ کٽي اوهان سان ڪهڙا بہ ۽ ڪيترا بہ قسم کنيا هجنس. هونئن اها ڳالهہ ڪامن سينس جي بہ آهي تہ محبوبہ جيڪڏهن سهڻي هوندي تہ ٻين کي بہ وڻندي، ۽ اوهان جهڙا ساڙ سڙيل آهيو- اهو برداشت نہ ڪري سگهندا تہ اوهانجي محبوبہ کي ڪو ٻيو پسند ڪري. صاف ظاهر آهي تہ اوهان اندر ئي اندر ٻڇي سڙي، هڪڙي ڏينهن راهہ رباني وٺي ويندا. جنهن جو سنڌي ادبي بورڊ واري رباني سان ڪو بہ تعلق ڪونهي. اسان ڀاڻ عشق جي معاملي ۾ بدصورت محبوبہ جا حامي آهيون. محبوبہ جو بدصورت هجڻ ئي سندس پاڪيزگي، پاڪدامني، ۽ سيرت جي سچائي جي پهرين ۽ آخري علامت آهي. جيڪڏهن اها ضمانت بہ نہ ملي، تہ پوءِ اسان ٻي ڪا بہ ضمانت ڏيڻ کان لاچار آهيون. (دراصل اڄڪلهہ بدصورت محبوبائون تمام گهٽي ڊماند ۾ آهن. — الائجي ڇو- جيتوڻيڪ اسان پنهنجو وقت ڪافي جهليو آهي. بس فقط اهو هڪڙو ليڪ اسان شايع ڪري رهيا آهيون، ۽ سو بہ پنهنجن ڪن خاص دوستن لاءِ) تنهن ڪري اهو ضد- تہ محبوبہ هرويرو سهڻي هجي- اجايو ۽ نقصانڪار ڪيتو آهي، ۽ هڪڙي اهڙي ئي ڪيتي ڪنهن زماني ۾ اسانجو سر رُلايو هو. اوهان ڏاها ٿيو ۽ ضد تان لهي وڃو.

هاڻي ڀاڻ پهرين سمري ناهيون تہ ڇاڇا پڙهي آيا آهيون، ۽ پوءِ اڳتي وڌون.

هڪڙو تہ محبو بہ جو عورت هجڻ ضروري آهي تہ جيئن ائين نہ ٿئي جو پوءِ جن ثابت ٿئي. ٻيو تہ محبوبہ جو ڏاري هجڻ ضروري آهي، جو پنهنجن ۾ تہ نڪاح بہ اسانکي

سمجهہ ۾ نٿو اچي. ۽ ٿيون تہ محبوبہ جو سهٽي هجڻ ضروري ڪونهي. جو اهو اسانجو ذاتي تجربو بہ آهي. اها ٿي سمريہ هاٽي ڪوٽ.

مٿي ڏنل اصولن تي عمل ڪري ڪا محبوبہ هٿ ڪرڻ ڪانپوءِ اوهان عاشق ٿي ويا. هاڻ اوهان عاشق آهيو ۽ دنيا جي ڪا بہ طاقت (سواءِ محبوبہ جي پيءُ جي) اوهانکي عشق ڪرڻ کان روڪي نٿي سگهي. هاڻ اسان بہ اوهانکي عاشق سڏينداسين.

ذري ذري ڳالهہ تي عاشق جا ڪن ڳاڙها ٿي ويندا آهن. ۽ نتيجو هي نڪرندو آهي تہ محبوبہ عاشق جي ڪنن کي ڪڏهن بئراميٽر تہ ڪڏهن ٿرماميٽر سمجهڻ لڳندي آهي. تنهنڪري عاشق کي گهرجي تہ پنهنجي ڪنن کي ڪنٽرول ۾ رکي. ڪن وڏائي چڙڻ جهڙي تہ ٻي ڳالهہ ئي ڪونهي. محبوبہ سان ملاقات وقت ڏسجي تہ اکيون ۽ نڪ چڱيءَ طرح صاف آهن. (پنهنجو نڪ ۽ اکيون. محبوبہ تہ پنهنجو نڪ ۽ اکيون پاڻ صفا ڪري ايندي آهي. بلڪ هوءَ تہ پائوڊر ۽ ڪريم بہ لڳائي ايندي آهي.) جيڪڏهن محبوبہ جون نظرون عاشق جي ڪنن ۾ جميل مٿيءَ تي آهن. اهو اشارو ئي ڪافي آهي. صاف ظاهر آهي تہ عاشق کي پنهنجا ڪن صاف ڪري اچڻ گهرجن. ڪن وڏائي چڙڻ جهڙي تہ ٻي ڳالهہ ئي ڪانهي.

ڇت تي بيٺل محبوبہ سان اکيون چار ڪرڻ لاءِ نظرون مٿي ڪرڻ کان اڳ سامهون ڏسجي تہ ڪير پيو ڇي. محبوبہ جي گهر وٽ جيڪو ڏاڙهي وارو شخص بيٺو آهي، سو محبوبہ جو چاچو آهي. محبوبہ جي گهر جي سامهون جيڪو سوٽيڊ بوٽيڊ جوان ٿنڀي کي ٽيڪ ڏيو بيٺو آهي، تنهن کان بہ پري رهجي، ڇو تہ هو بہ محبوبہ جو عاشق آهي. اهو ڏاڙهي وارو شخص جيڪو محبوبہ جي در وٽ بيٺو آهي ۽ جنهن لاءِ اسان اوهانکي چيو تہ هيءُ محبوبہ جو چاچو آهي، سو دراصل فقط هڪ عام پينو فقير آهي. اسان فقط اوهانکي ڏيکارڻ لاءِ گشو هنيو تہ محبوبہ جو چاچو آهي. ڏسو نٿا تہ هٿ ۾ وٺو اٿس!

## جيتوٽڪ - پر

جيتوٽڪ هن وٽ ڊگهي موٽر آهي،
۽ مون وٽ فقط پراڻي سائيڪل-
جيتوٽڪ هن جو وڏو بنگلو آهي
۽ منهنجو گهر فقط هڪ ڪکائين جهڳي-
جيتوٽڪ هن جي زال سوسائيٽي گرل آهي
۽ منهنجي زال سادي گهريلو عورت-
پر ڇا، مان پنهنجي قسمت جو سودو
هن جي قسمت سان ڪندس؟
خدا جو قسم مان تيار آهيان.

## نيڪ بندا

مسجد جي در وٽ بيهي
مان سوچي رهيو آهيان
تہ هي خدا جا نيڪ بندا
جيڪي سجدي ۾ وڃڻ لاءِ
وضو ڪري رهيا آهن،
تن کي ڪهڙي خبر تہ مان
سندن قطار ٺهندي ئي
جوتا چورائي ڪسڪي ويندس؟

•

## اي منهنجا همدرد

منهنجا همدرد
منهنجا دوست
توکي خبر آهي تہ مان
ريحانہ سان پيار ڪندو هوس
۽ تنهنڪري تون
منهنجي اکين ۾ پاڻي ڏسي
۽ منهنجي چهري جو هئڊبو رنگ ڏسي
محسوس ٿو ڪرين ۽ سمجهي ٿو سگهين
تہ مان اڄ تائين
ريحانہ جي ياد ۾
پنهنجو اندر جلائيندو رهيو آهيان
پر اي منهنجا دوستا!
اڄ ريحانہ جو ذڪر نہ ڪر
ڇو تہ اڄ منهنجي لڙڪن جو سبب
۽ منهنجي چهري جي هئڊي رنگ جو سبب
پيرن ۾ پاتل هي بوٽ اٿم
جيڪو منهنجي پير کان شايد
هڪ نمبر ننڍو آهي.

•

## سبب

جڏهن بہ ياد ايندو اٿم تہ
آدم کي حوا ڪيئن
بهشت مان ڪيرايو هو-
تڏهن مان پنهنجي زال کي ماريندو آهيان.

•

## بيوفا

بي حيا، بيوفا،
توکي گهر ۾ ڇڏي،
منهنجو آفيس اچڻ
سخت غلط ڳالهہ هئي
هو شڪ مون کي تو ۾
ڪنديئن مون سان دوکو
۽ ملندي ئي موقعو
ڪنديئن ويساهہ گهاتي
او ظالم، او قاتل،
او منهن من جي ڪاري
تنهنجو گهر ۾ هجڻ ئي
سخت غلط ڳالهہ هئي
تکي مينهن وسندي
بارش ۾ پچندي
گهر ڏانهن ڊڪندي
ڏيان۽ پيو مان گاريون
او منهنجي ڇتي!

•

## غلطي

بخار جي غشيءَ ۾ مان
زبيده جو نالو وٺندو رهيس-
اها منهنجي غلطي هئي، ڇو تہ
منهنجي زال جو نالو فاطمہ آهي.

•

## ڪڙڪو

در تي ڪڙڪو ٿيو!
ڪير هوندو؟
جي رفعت هجي
تہ چئجانس مان اهو نہ آهيان
جنهن وچن ڏنو هوس تہ
قيامت ڏينهن بہ الڳ نہ ٿينداسين.
جي نگهت هجي تہ چئجانس
تہ مان اهو نہ رهيس
جنهن چانڊوڪي راتين ۾
سندس جلوي جي تشبيھ
چانڊوڪيءَ سان ڪئي هئي.
جي زرينہ هجي تہ چئجانس
تہ زماني جي سازش ڪري
پاڻ کي الڳ ٿيڻو پيو.
جي بلقيس هجي تہ چئجانس
تہ ان ماضيءَ کي وساري ڇڏي
جنهن جي يادگيرين
منهنجي اندر ۾ وڏا گهاو ڪيا.
پر ترس!
ڏسجانءِ!
جي ڪو قرضي هجي تہ
چئجانس تہ مان گهر ناهيان.

•

## بند ڪمري ۾

مران ٿي
مران ٿي
دريون کول پيارا
دريون کول پيارا
هوا کي اچڻ ڏي
لڳي جي ٿو طوفان
تہ طوفان لڳڻ ڏي
ڏسي جي جهان ٿو
جهان کي ڏسڻ ڏي
مران ٿي مران ٿي
دريون کول پيارا
دريون کول پيارا
هوا کي اچڻ ڏي
پٽيون ڊاھ پيارا
طوفان اچڻ ڏي
تنهنجي پيرن جي ڏيپا!
مران ٿي مان پيارا
پاءِ بوٽ پيارا
دريون کول پيارا.

•



# احمد خان مدهوش: هڪ مسافر شاعر !

خليل عارف سومرو

احمد خان مدهوش جو جنم سگهڙن جي سرواڻ حضرت جلال ڪتي رنگريز جي نُک مان ۽ ڪاڇي جي پوَتر ڪُک مان، 05 اپريل 1931ع تي حاجي فقير شغلي جي گهر ۾، ڳوٺ سلطان چانڊيو ڪان خيرپور ناٿن شاهه ويندي، ڏاند گاڏيءَ ۾ ٿيو. ايئن هن جي زندگيءَ جي شروعات سفر کان ٿي، ۽ آخري سفر تي اسهڻ تائين، هن زندگيءَ توڙي شاعريءَ ۾ هڪ ڏکيي مسافري طئي ڪئي.

سندس ننڍپڻ جوهيءَ جي پُر رونق فضائن ۾ گذريو. 1949ع ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ ورنيڪيولر (فائنل) پاس ڪري، ساڳئي سال نئين گاج جي گود ۾ آيل ڳوٺ "سڄڻ جي پٽي" ۾ استاد مقرر ٿيو. هيءُ ڳوٺ اڄ به ڪاڇي ۾ قائم دائم آهي، جتي لنڊ برادريءَ جي اڪثريت آهي ۽ اڄ به اتي احمد خان مدهوش جي واڪاڻ جا ڍُڪ پريندي، ڳوناٽا ٽڪجن ـ ٿا. ائين پڙهندي پاڙهيندي، 1957ع ۾ پي ٽي سي سان گڏ ڊرائينگ انٽر ميڊيٽ ۽ 1965ع ۾ اديب عالم فاضل پاس ڪري ورتائين. عالم فاضل ٿيڻ سبب ڪيس استاديءَ واري پيشي ۾ هڪ ماهر استاد جي حيثيت ملي وئي. 1990ع ۾ رٽائرميٽ ورتائين. سندس روزي روٽيءَ جي سفر جي ڪهاڻي ايتري ئي آهي.

شاعري هن جي اندر جي سفر جي ڪهاڻيءَ کي بيان ڪري ٿي. ظاهري طور جوانيءَ ۾ عشق جي چڻنگ سندس دل جي دامن ۾ ڏکي، جنهن ڪيس پچائي پار بنائي ڇڏيو. سندس لکڻ جي ابتدا 1961ع کان ٿي. هڪ ادب جي عنايت، ٻيو جلال ڪتيءَ جي جوت (موروثي اثر)، ٽيون عشق جو زور، چوٿون ٻوليءَ جي مهارت ـ سيني گڏجي سندس شاعريءَ کي نکار بخشيو. هڪ پاسي سنڌس شاعريءَ جو پرچو عام ٿيڻ لڳو ته ٻئي پاسي

سندس ئي تر ۾ ساڙس ساڙ ۾ عناد جو ججهڙ بہ ڀرندو رهيو پر هن حاسدن جي ڪا بہ پرواهہ نہ ڪئي، نہ ئي ڪڏهن ڪنهن جي ڪاڻ ڪڍيائين. صرف ايترو چئي ويو تہ :

حاسد ڪري ڪري بہ پلا نيٺ ڇا ڪري،
ڪم هن جو آ ڳِلا، سو پلي پيو ڳلا ڪري

ڏاها ڏات ڏٺي چون ٿا، مدهوش جي شاعري ڪمال جي آهي. ان ۾ فڪر جي گهرائي، خيالن جي نواڻ ۾ تجنيس حرفيءَ جو وڏو ڪمال آهي. سندس ڪلام بي مثال ۽ لازوال آهي. مان چوان ٿو بيشڪ، اها ڳالهہ درست آهي، پر ان کان وڌيڪ ڪمال بابا سائين احمد خان مدهوش جو اهو آهي، جو هن اهڙي ماحول ۾ ويهي شاعريءَ جا گل خلقيا، جنهن ماحول ۾ ماڻهو يا تہ چريا ٿي ويندا آهن، يا تہ خودڪشي ڪري ڇڏيندا آهن- پر هيءَ زندهہ دل، روشن خيال ۽ بهار انسان روين جي رڃ ۾ بہ پنهنجي مقصد سان سچو رهيو. پنهنجي ضمير جي آواز ۽ پنهنجي اڏول اصولن تي قائم رهيو. سندس آڏو رستا ڪنڊا ڪاوا هيا، پر هو اهي سڀ اٽانگا پيچرا مسڪرائيندي، پار ڪري ويو. سندس ڪردار جي بلندي اها هئي، جو مرتئي تي مخالف ۽ منافق بہ پنهنجا لڙڪ روڪي نہ سگهيا. حياتيءَ ۾ ڪيس ڪجهہ ڪين سمجهندڙ سندس تڏي تي ڪيس بار بار نمائنده شاعر چئي رهيا هئا.

احمد خان مدهوش عوامي رنگ جو هڪ منفرد ۽ معياري شاعر هيو. هو ڪو درباري يا سرڪاري شاعر نہ هيو. سندس ڪلام خوش الهانيءَ جو ويس پهري، هوائن جي دوش تي چڙهي، محبتي ماڻهن جي دلين تي ڇانئجي ويو آهي، جنهن سبب هن تي جيڏانهن ڪيڏانهن ميڄائن جو مينهن وسي ٿو.

هن جي زندگيءَ ۾ سندس شاعريءَ جا بہ مجموعا ڇپيا دل جون ڳالهيون (سنڌي ادبي بورڊ، 1993ع) ۽ نظر ۾ نظر بند(سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 2001ع) ئي ڇپجي سگهيا. جڏهن تہ سندس ٽيون ڪتاب "اکين جا سنيها" جلد مارڪيٽ ۾ اچڻ وارو آهي. سندس اڻ ڇپيل ڪتابن ۾ اٽڪل 8 ڪتاب ڪن شامل آهن.

کيس ڪُل 33 ايوارڊ مليا، جن ۾ (P.T.V) ريڊيو (K.T.N) 2: لائي اچيومينٽ ميڊل، سچل سرمست ايوارڊ، شيخ اياز ايوارڊ، استاد بخاري ايوارڊ، تنوير عباسي ايوارڊ، نئين زندگي ايوارڊ، جلال ڪتي ايوارڊ، دانش ايوارڊ، گورک ايوارڊ، الهندو شاهہ ايوارڊ، پرائيڊ آف پرفارنس ايوارڊ وغيره شامل آهن. هي جيڪا بہ عزت افزائي يا همٿ افزائي آهي، سا عوامي ۽ سماجي تنظيمن طرفان ٿيل آهي:

"ابا عوام جي پسند ۽ داد وڏو اعزاز آهي."

غربت جي ڏيڻ ۾ ڦاٿل رهندي بہ ڪڏهن پنهنجي خوداري نہ ڇڏيائين. مون کيس تمام ويجهي کان ڏٺو ۽ سمجهيو. هو پڇاڙيءَ تائين پنهنجي نظريي تي ثابت قدم رهيو.

مون جاٽي ورتو هو تہ هي ماٺهو ٿُتي تہ سگهي ٿو پر ڪڏهن بہ جهُڪندو ڪو نہ ۽ ٿيو بہ ائين. دشمنن کي اها حسرت دل ۾ ئي رهجي وئي تہ هو مدهوش کي جهڪائيندا. هو عزت سان جيئرو رهيو ۽ عزت ۽ ڪارپت سان هيءُ جهان ڇڏي ويو. پاڻ 26 جون 2010ع ڇنڇر ڏهاڙي منجهند جو 12 لڳي 18 منٽن تي هيءُ جوءِ مٽيائين.

## مدهوش جا مقبول گيت

| | |
|---|---|
| ميڏي دلڙي ماندي، تيڏي ڪاڻ تي هَئي. | (زيب النساء) |
| هن دل جي حقيقت ڇا ڪريان، جا شاد بہ آ، ناشاد بہ آ. | (استاد صادق علي) |
| سامهون سڄڻ هجي ۽ نظر ۾ نظر هجي. | (وحيد علي) |
| تن ۾ سڄڻ يار سندي تارَ لڳل آ. | (فقير عبدالواحد) |
| جڏهن کان اک لڳي تو سان، تڏهن کان اک لڳي ناهي. | (برڪت علي) |
| نهاري ناز مان نازُڪ، نماڻي دل نِهوڙي وئي. | (عابده پروين) |
| هئہ هئہ اکيون اياڻيون، هئہ هئہ اکيون نماڻيون | (ممتاز لاشاري) |
| يار ڪنهن کان جدا خدا نہ ڪري | (استاد صادق علي) |
| جي سامهون اچين ٿو تہ تابش تي ماري | (استاد خورشيد علي) |
| ڦس ڳئي هي دلڙي، نڪلڻ محال هي | (حسين بخش ڍاڍي) |
| مرندس تہ اچي يادون ڳوڙهن کي ڇُميون ڏيندءِ. | (ممتاز لاشاري) |
| مرندس تہ خبر پوندئي، مدهوش نماڻي جي. | (غلام شبير شاهاڻي) |
| مان پکي هان پيار جو پيار جي اظهار جو. | (ممتاز لاشاري) |
| سِر لڳي سهڻي سڄڻ سان سر لڳي. | (تعمير حسين) |
| جنهن ويلي تيڏا ٿي ويسان، مين تہ الائي ڪيا ٿي ويسان. | (تعمير حسين) |

# مدهوش جا ڪجھ غزل

جا نظر، نظر ۾ ڪُپي نٿي، نہ پسند ڪر نہ قبول ڪر،
جا نگاھہ دل ۾ چڀي نٿي، نہ پسند ڪر نہ قبول ڪر.

جا ڄٽي ڄٽي سان وتي اڙي۔ يا غرور ۾ وتي آڪڙي،
جي ڏسي تہ پيار گهري نٿي، نہ پسند ڪر نہ قبول ڪر.

جا وصال واري حساب سان، يا فراق واري عذاب کان،
ڦتڪي نٿي ۽ لُڇي نٿي، نہ پسند ڪر نہ قبول ڪر.

جا مصيبتن ۽ ملامتن، يا شڪايتن سندي خوف مان،
ٿي جهڪي پوي تہ اٿي نٿي، نہ پسند ڪر نہ قبول ڪر.

جا هراس ۾ ٿي ڊڄي وڃي، يا دٻاءَ سان ڏٻجي وڃي،
سرِعام پوءِ کڄي نٿي، نہ پسند ڪر نہ قبول ڪر.

مدهوش جي سامهون اچي ڪجھ پيار ڏئي ڪجھ قرب ڏئي
ڪو حوال حال پڇي نٿي نہ پسند ڪر نہ قبول ڪر.

ايترو چو دربدر دلبر زماني ۾ هُجان،
مان اگر سوگهو رکيل دل جي خزاني ۾ هجان.

واءُ جو جهوتو هجان، يا چنڊ جو ڪرڻو هجان،
ڪنهن طريقي يار تنهنجي آستاني ۾ هجان.

روز پيو لتڪان لڏان ۽ روز پيو چاتي چُهان،
ڪاش اي محبوب تنهنجي ڳل جي ڳاني ۾ هجان.

لُطف توکي پيو ملي، مان پيو مزو ماڻي وٺان،
تير تون هڻندو رهين ۽ مان نشاني ۾ هجان.

چو نظر ڪنهن جي لڳي مدهوش تنهنجي ڪي مٺا،
جيڪڏهن ڪارين اکين جي قيد خاني ۾ هجان.

ڪو جڏهن دوست لڏي ويندو آ،
هوش تي هيٺ مٿي ويندو آ.

خالي محفل کي ڪري ويندو آ،
حوصلا چڙهه تہ ڪسي ويندو آ.

موڪلائيندي سڄڻ سيني ۾،
سُور تي سُور سٽي ويندو آ.

رازدارن ۽ مٺن يارن جي،
دل غمن ساڻ پري ويندو آ.

ويندي ويندي هو ويڄڻ وقت بہ ڪا،
پيار جي وات ڏسي ويندو آ.

ڪنهن کي ناراض ڪڏهن ڪين ڪجو
هيءُ پيغام ڇڏي ويندو آ.

رمز سان راز ۾ پنهنجن کي وڏي،
ڪا نہ ڪا ڳالهہ ڏسي ويندو آ.

آهي "مدهوش" دلين ۾ هوندو
توڙي ڪيڏو بہ پري ويندو آ.



# چنڊ، چنڊ آهي

ذوالفقار گاڏهي




شاعري ڏسڻ ۾ جيڏي سولي نظر اچي ٿي، اها اصل ۾ ايڏي سولي آهي ڪا نہ. هونئن بہ جيڪا شيءِ ڏسڻ ۾ سولي نظر اچي، اها سولي هوندي ڪا نہ آهي. تنهنڪري ان ڪي سولو ونڻ ابوجهائپ آهي، ۽ انهيءَ ابوجهائپ اسان کي سور بہ ڏنا آهن. پر اسان کي ان جو ادراڪ آهي ئي ڪو نہ. اسان جي انهن خوش فهمين تہ، اسان ڪان سواءِ ڪير آهي ئي ڪو نہ. اها ئي ابوجهائپ آهي. اسان کي اهڙا ڪئين ابوجهہ خوش فهم واٽ ويندي ملي ويندا. جن جو خيال آهي تہ سچ لهي چڙهي ئي انهن تي ٿو. انهيءَ بي علميءَ جو شڪار پُڇ ٻڌا مهري، هر طرف ڊوڙي رهيا آهن. ۽ اهي بنا لشڪر خزاني جي، سالار لڳا وينا آهن. پر اهي لئيءَ مان لٺ پيچي سالار بڻيل ڪيترو جتاءُ ڪندا؟ مصنوعي سهارا ڪنهن کي ڪم آيا آهن ڇا؟

ماضيءَ جي ورق گرداني ڪندئو تہ توهان کي اهڙا ڪيترا ئي نانءَ نظر ايندا، جيڪي هاڻ رڳو حوالن طور رهجي ويا آهن. اهڙي گهٽ پوسٽ واري ماحول ۾ "چنڊ" جهڙا شاعر اونداهيءَ ۾ سوجهرو بڻجي ٿڌندا آهن ۽ انهن جو مقدار تمام گهٽ آهي. هونئن بہ سوجهرن جا معجزا ڏکيا ئي ٿيندا آهن، ۽ جڏهن ٿيندا آهن تہ اهي ڪنهن بہ قوم جي خوش بختيءَ جو سبب بڻبا آهن.

يوسف سنڌيءَ جي هيءَ راءِ تہ: "فياض جي شاعري سنڌس ڪيترن ئي همعصر شاعرن جي ڀيٽ ۾ نهايت پختي، آرٽسٽڪ ۽ بلند معيار جي آهي". ائين ۽ اجائي ڪانهي. ثبوت لاءِ مان ڪجهہ مثال ڏيان:

اوندهہ وڌي رهي آ،
ساهن جا ديپ ٻاريو.

يا :

تـــو مرڪـــي اڳتـــي وڪ ڪنئـــي،
مـــون پيـــڙا پرڪـــي پيـــري جـــي.

پيريءَ جي پيڙا پوڪڻ، تہ بلڪل ئي نئون خيال آهي، جنهن سان ڪو بہ ريس ڪري سگهي ٿو. ساڳئي وقت اوندهہ جي احساس کي ترڻ لاءِ، ساهن جا ديپ ٻارڻ بہ دل جي تارُن کي ڇهي وڃي ٿو.

ڪـا ڪفـن جـان رات تـي ويڙهـي ڇـڏي،
درد تـــي مهمـــان، مـــاري تـــا وجهـــن.

اهي ئي درد ماڻهوءَ کي ماٺهو ناهن ٿا. نہ تہ هي بہ پيرو جانور، ڪنهن درندي کان گهٽ آهي؟

شعر جو حسن، سٽن جي لفظي ترڪيب ۾ لڪل آهي. شعر جي مٿين سٽن کي اسين ٻن الڳ زاوين ۾ ڏسي سگهون ٿا. ڪا (يعني) ڪا ئي، ڪفن جان رات کي پاڻ تي ويڙهي ڇڏي ٿي، هڪڙو رُخ اهو آهي ۽ ٻيو رُخ، رات: ڪنهن کي ڪفن جا ويڙهي ڦٽي ڪري ٿي. اهڙي ترڪيب، هر شاعر جي وس جي ڳالهہ نہ آهي، ۽ جڏهن هيٺئين سٽ جو اهو "ماري ٿا وجهن" اصل ۾ "ناري ٿا وجهن" لاءِ اڌاري طور آندل آهي، جيڪو هڪ وڻندڙ استعارو آهي. ائين اهو شعر تشبيهہ ۽ استعاري جو مرڪب بڻجي پيو آهي ۽ اهو سڀ ائين ڪيس هٿ ڪو نہ آيو آهي. اهو سڀ سندس آرٽ سان هن جي جنوني عشق جو ثمر آهي، جنهن جو اظهار هن "پنهنجي پاران" ۾ بہ ڪيو آهي. سندس اهو چوڻ تہ:"مان موجوده وقت ۾ محبت، خلوص، پيار، پنهنجائپ ۽ احساسن کان وانجهيل ماحول ڏانهن نهاريان ٿو تڏهن مون کي اهڙيون انيڪ اکيون نظر اچن ٿيون، جن ۾ منهنجي ڏاهپ، قابليت، ڪلا سان حسد ۽ ساڙ جا ڪيئي ٿوهر آهن. جن جي سرگوشين ۾ منهنجي ذاتي زندگي ٺٺول ۽ طنز کان سواءِ ڪا بہ جاءِ والاري نہ سگهي آهي."

تہ ياءُ! ان تي ارهي ٽيڻ جي ڪهڙي ضرورت؟

اهو تہ فطري آهي. ان تي ارهي ٽيڻ بجاءِ توکي خوش ٿيڻ گهرجي، جو اها ئي تہ تنهنجي ڪاميابي آهي، ۽ ڪنهن جي بہ ڪاميابيءَ تي حاسد تہ مُنهن پٽيندا، چٽرون ڪندا. پر حقيقت ۾ اهي چٽرون نہ پر سندن اندر جو ماتم هوندو آهي، جنهن کي اهي چٽرن ۾ لڪائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندا آهن. پر ساڙ ۾ ڪاراٽيل يا جوش ۾ ڳاڙها ٿي ويل چهرا سڀ ڪجهہ واولي ڦٽي ڪندا آهن. ان ڪري ارهي ٽيڻ بجاءِ سرهو ٿي ياءُ، اها تنهنجي ڪاميابي آهي.

باقي اهو تہ توکي سنڌي ادب جو آئيندو ڪو اتساهڪ نظر نہ ٿو اچي؟ اها انتها جي مايوسي آهي. ڏنو وڃي تہ سنڌي ادب جو نہ رڳو ماضي، پر حال بہ شاهڪار آهي، ۽ اسان حال مان ئي ان جي ايندڙ وقت جو اندازو لڳائي سگھون ٿا تہ اهو ڪيڏو ڀرپور ۽ شاندار هوندو. هونئن بہ ترقي آهستي آهستي پنهنجي منزل جي طرف سفر ڪندي آهي. خام مال جي گھٽائي ڏسي مايوس نہ ٿيڻ گھرجي. ان خام مال مان ئي خاص شيءِ تيار ٿيندي. باقي ڪِن ڪچرو ٻارڻ جي ڪم اچڻو آهي. سو پيڙهہ جي پٿر جو ڪم توهان ۽ توهان جهڙن ڪيترن نوجوانن ڪري ڇڏيو آهي، تہ پوءِ ڳڻتي ڇو؟

هڪ دفعو تون پنهنجو ڪتاب ڪول، مان توکي تو سان ملايان- پوءِ تون مايوسيءَ جون ڳالهيون ڪجانءِ

چنڊ جو خواب، خوشحال سنڌڙي ٿئي،
نيڻ نرندا ڪڏهن هِن گهنگار جا؟

ڪا ڪهاڙي نہ اُن جي بدن کي ڇُهي،
جنهن محبت نپائي، سلامت هجي.

خدارا! نہ بارود پوکيو هتي،
رڙيون روز روئي ڪري ٿو جهان.

تون پُڇين ٿو يتيميءَ جو ڇا درد آ؟
ڇڻ تہ سنسار سارو لڏي ٿو وڃي!

اهڙي قسم جون شيون جڏهن سنڌي ادب ۾ داخل ٿين ٿيون پيون ان جو آئيندو اتساهڪ ئي هئڻ گهرجي. مان تہ انهن شعرن جي حسن ۾ ورتو پيو آهيان. ڇا تہ سٽن ۾ رواني آهي، ڇا تہ انهن جي درد جي چُپ آهي. ڇا تہ احساسن جي نرمي آهي انهن ۾. هونئن نہ تہ اهڙي قسم جا شعر نعري بازي ۽ اصلاحي واعظ جي رٽڪ ۾ لڙهي ويندا آهن، پر فياض انهن کي ان پاسي وهڻ ڪو نہ ڏنو آهي. ان ڪري ئي هي اصلاحي واعظ ۽ سڪٽي نعري بازي بجاءِ هڪڙا سهڻا، متحرڪ عڪس ٻڌجي، مٿانهين چوٽيءَ تي بيٺا آهن. منجهن اهو سمورو حسن، سندن سهڻن قافين، رديفن، تجنيس، ترڪيبن پيدا ڪيو آهي. ڪجهہ ٻيا مثال، جن جي محسوسات مٿين کان مختلف آهي.

پاڻ ئي پيڙي، ونجهہ نہ جيسين ٻڌجي ڪو،
ڪنهن جي اڪڙين منجهہ ترڻ ممڪن ناهي.

هوءَ ڪنهن جي حصي جي ٿي ويندي،
روئي روئي هيءَ دل به جي ويندي

سڄي رات بارش جي اڪيوٽ جاري،
سڄي رات هو پياس ماريو جياريو.

۽ ان ئي غزل جو اهو شعر جنهن جي لفظن ڪي ٽورو اڳتي پوئتي ڪري، هن ڪتاب ڪي نالو ڏنو ويو آهي، اهو به اوهان ڪي پڙهايان. جو اهو به پڙهڻ جهڙو آهي.

سڄي رات ڪو چنڊ ايريو نه دل تي
سڄو وقت لڙڪن ۾ لڙهندي گذاريو.

اچا به شعر جي چونڊجن ته الاهي ملي ويندا. پر مان ايتري تي اڪتفا ڪندي، هن ڪتاب جي ٻين اسمن جي باري ۾ اهو چوندس ته اهي به ساهه ۾ سانڍڻ جهڙيون شيون آهن، سواءِ بيتن جي.

بيتن جي لاءِ منهنجي اها راءِ آهي ته بيتن ڪي جتي شاهه لطيف ڇڏيو آهي، اتان ڪٿي وٺي هلي سگهو ٿا ته ڪٿو نه ته انهن کي ڇُهو به نه. اها راءِ منهنجي سچل لاءِ به آهي ته هن ڪي بيت نه لکڻ کپندا هئا.

هاڻ منهنجي مضمون پڙهڻ يا ٻڌڻ ڪان پوءِ منهنجا دوست اها راءِ ڏئي سگهن ٿا ته فياض ۾ ڪميون پيشيون ڪونهن؟ يقينن آهن. ۽ اهي ڪميون پيشيون هر ڪنهن وٽ رهجي ونديون آهن. پر فياض ۾ خوبيون ايتريون آهن جو سندس خاميون انهن هينان دٻجي ويون آهن. ان ڪري اهي نظر انداز ڪري سگهجن ٿيون.

ويندي ويندي، اها ڳالهه چوندو وڃان. ته فياض سان مون کي پيار آهي ۽ انهيءَ پيار ڪري دل ۾ هڪ ڌهڪو به لڳو رهي ٿو ته ڪٿي فياض به پنهنجي ٿهيءَ جي تمام سٺن نالن سعيد ميمڻ ۽ وسيم سومري جيان ٽڪ جو نه شڪار ٿي وڃي – ۽ اهو ٽڪ رڳو وسيم ۽ سعيد جي حصي ۾ ڪو نه آيو آهي. اهڙا ڪئين نانءَ آهن جيڪي چڻ هڪ خاص جاءِ تي پهچي جامد ٿي ويا آهن، بيهي رهيا آهن. هتي مون جيڪي نالا ناهن ڪنيا، انهن کي ڇڏيان ٿو. باقي به نانءَ قلم جي نوڪ تي اچي ويا آهن. انهن جي ڏهه/ٻارنهن سال اڳ جي شاعري ۽ اڄ جي شاعريءَ جي ڀيٽ ڪندا ته اهي توهان کي به وکون پوئتي ئي نظر ايندا. نه ڪي اڳتي. ان جو ڇا سبب آهي؟

مڃتا ملي، بس! ڪتاب ڇپيا. هاڻي محنت جي ڪهڙي ضرورت آهي؟!

هاڻي صرف اڳئين پورهئي جو کٽيو کائڻو آهي!

◘◘

# سنڌ ۾ رهندڙ ذاتيون، قومون ۽ قبيلا

فضل الله فدا چانڊيو

اياز پاڳت "سنڌ ۾ رهندڙ ذاتيون، قومون ۽ قبيلا" جي عنوان سان ڪتاب لکيو آهي، جنهن ۾ هن بنا تحقيق جي مختلف ذاتين لاءِ هڏل سڏل روايتن کي حقيقتن جي طور تي پيش ڪري، نهايت غير علمي روش جو بنياد وڌو آهي. جڏهن ته هن قسم جي ڪتاب ۾ اهڙيون ڳالهيون لکڻ ان جي معيار ڪيرائڻ برابر آهي. هونئن ته هي ڪتاب جابجا غلطين سان ڀريل آهي، پر مان هتي ان جا پنهنجي مطالعي جي آڌار تي چند مثال ڏيئي، مٿين ڳالهه کي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس.

ليکڪ پنهنجي ڪتاب ۾ چانڊين کي غير بلوچ ڄاڻائيندي، من گهڙين روايتن جي بنياد تي صفحي نمبر 30 تي لکي ٿو ته:"چانڊيا قبيلي ۾ مقامي ماڇهو جن ۾ چن، سانگي، سومرا، ميربحر، ابڙو وغيره انهن چاند سان گڏجي اجتماعي طور چانڊيا سڏجڻ ۾ آيا." حيرت آهي ته اڄ ڏينهن تائين ڪنهن به محقق، ڪنهن به تاريخدان ڪنهن به قبيلي کي ڇهن، ستن قبيلن مان اجتماعي طرح نه ڄاڻايو آهي. نه رڳو اهو پر هُن ته ڪوسن، ٽالپرن، مگسين، جمالين، ڊومڪين، گچڪين، ڪلقين، بگٽين، مزارين، مرين، لاشارين، لغارين سميت ڪنهن به بلوچ قبيلي کي بلوچ مڃڻ کان صاف انڪار ڪيو آهي. گڏوگڏ هو پنهنجي تحرير ۾ انتهائي اٽوٽندڙ ۽ نازيبا زبان استعمال ڪندي لکي ٿو ته:"ڪوسا معنيٰ جبل جا ڪتا. رند معنيٰ بدمعاش." لغارين لاءِ لکي ٿو ته هو چاڪر خان جي حجامڻ گهر واري جي بنياد مان آهن. هڪ طرف هو چوي ٿو ته لغاري بلوچ نه آهن، "لغاري معنيٰ گند گڏ ڪندڙ" ٻئي طرف وري لغارين کي چاڪر اعظم جي حجامڻ زال مان ظاهر ڪري ٿو جنهن لاءِ هن وٽ ڪو به تاريخي ثبوت ۽ حوالو به ناهي. پاڳت جو سڄو ڪتاب پڙهڻ سان بخوبي اندازو ٿي ويندو ته هي ڪتاب ڪنهن محقق ۽ مورخ جو لکيل ئي ڪو نه ٿو. هيءُ ڪتاب ذاتي پسند ۽ نا پسند جي بنياد تي لکيو ويو آهي. پاڳت صاحب ٽالپرن لاءِ لکي ٿو ته:"انهن ڪلهوڙن سان غداري ڪئي هئي."

حقيقت ۾ ڪلهوڙن ٽالپرن سان زيادتيون ڪيون هيون. سنڌ جون سيئي تاريخون انهيءَ ڳالهه تي متفق آهن.

ڪتاب "تاريخ سنڌ" مصنف غلام رسول مهر صفحي 722 تي لکي ٿو ته: هتي هيءَ ڳالهه غور لائق آهي ته جيڪڏهن ميان عبدالغني ميربجار جو قاتل نه هو ته پوءِ هُن پڇڻ جو رستو ڇو اختيار ڪيو؟

حد درجي جو افسوس هن ڳالهہ تي آهي تہ ميان عبدالغني پنهنجن پٽن ۽ ٻين عزيزن کي جوڌپور ڇو روانو ڪيو؟ جوڌپور وارا تہ ميربجار جا قاتل هئا. جيڪڏهن اهو قتل مهاراجا جوڌپور جي اشاري سان ٿيو هو تہ عبدالغنيءَ کي تہ جوڌپور جي راجا کان بدلو وٺڻ گهرجي ها. ميربجار جي ٻين عزيزن بابت چوڻ تہ مشڪل آهي، پر مير عبدالله خان کي جو مرحوم جو پٽ هو کيس ان وقت تائين عبدالغني ۾ ڪو بہ شڪ نہ هو. عبدالغني اطمينان سان وينو رهي ها! پاڻ عبدالغني ۽ مير عبدالله گڏجي جوڌپور جي راجا کان بدلو وٺن ها. حالتن مان صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ عبدالغني قصور وار هو ۽ بدلي جي خوف هن کي ويهڻ نہ ڏنو. سخت رنج ان ڳالهہ تي آهي تہ هو خود ان طرف ڀڄي ويو ۽ پنهنجي پٽن کي وري انهيءَ حاڪم وٽ موڪلي ڏنائين، جنهن جي گردن تي ميربجار جو خون هو. ان مان صاف ظاهر آهي تہ غداري ڪلهوڙن ڪئي هئي. جوڌپور جي راجا سان صلاحي ٿي، خوامخواه هڪ خدا ترس ۽ دور انديش مير کي ڪلهوڙن قتل ڪرايو. نہ رڳو ايترو پر ڪلهوڙن تہ حد ڪري ڇڏي، سنڌ جون سيئي تاريخون لکن ٿيون تہ ڪلهوڙن قرآن پاڪ مٿي تي کڻي ٽالپرن کي اعتبار ڏيئي، پوءِ کين قتل ڪرايو. هيءَ ڳالهہ تہ مشهور آهي. هو صاحب بلوچ ۽ بروچ کي بہ الڳ الڳ ٿو لکي. چاڪاڻ تہ سنڌ ۾ اڪثر ڪري بلوچ کي بروچ سڏيو ويندو آهي. اصل ۾ بلوچن کي غير بلوچ سڏڻ لاءِ هن لاءِ اهو ضروري هو تہ بلوچ ۽ بروچ کي الڳ ڪري، ٻيءَ صورت ۾ تہ سنڌ جي سيني مورخن ۽ محققن بلوچن کي سنڌ ۾ بروچ سڏيو آهي. هاڻ سندس من گهڙت روايتن کي ميڄرائڻ لاءِ ضروري هو تہ هو بروچ ۽ بلوچ کي الڳ الڳ ڪري. حالانڪ سنڌ جو ڪو بہ پڙهيل ماڻهو سندس اهڙين روايتن سان متفق نہ آهي. انگريز سرڪار خلاف بلوچ قبيلا هميشہ برسر پيڪار رهيا. خود انگريز مصنف لکن ٿا تہ ساڻن جنگيون بہ بروچن ڪيون ۽ خطرو بہ کين انهن مان ئي آهي. هن صاحب فقط انهن دشمن انگريز مصنفن جا ڪجهہ حوالا ڏيئي، بلوچ قبيلن کي غير بلوچ ڄاڻائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي آهي. گڏيل طور بلوچن جي نسلي شعرن کي هو خامين وارا بلوچي شعر چوي ٿو.

بلوچن جو قديم ترين شعر جنهن کي بلوچي حسب نسب جو بڻ بنياد چئجي سگهجي ٿو سو مير خدابخش بجاراڻي مري بلوچ پنهنجي ڪتاب "ازمنہءِ" بلوچ ۾ ڏنو آهي. هو ان شعر جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪندي، ان ۾ هيراڦيري ڪري ٿو. ان بلوچي قديمي شعر ۾ چانڊين بابت پورو بند غائب ڪري ڇڏيائين. انهيءَ بند جي معنيٰ آهي:

"چانڊيا هي بہ حلب کان آيا آهن ۽ ڪلامتي قبيلي جي ويجهو آباد آهن." هاڻي جيڪڏهن هي بند شامل ٿو ڪري تہ چانڊين بابت سندس من گهڙت روايت واريءَ جي ڀت وانگي ڪري پٽ ٿي پوي.

بلوچ واقعي امير حمزه جو اولاد سڏائن ٿا، ۽ انهيءَ ڳالهه ۾ ڪو به شڪ شبهو نه آهي ته حضرت امير حمزه جو نرينه اولاد نه هو مگر حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي لکي ٿو ته:"شايد اين حمزه ديگر باشد." شايد اهو حمزه ٻيو هجي. مطلب ته مخدوم صاحب انڪار نه ڪيو آهي ته بلوچ حمزوي نه آهن. هن مڃيو آهي ته بلوچ بنيادي طرح عرب آهن.

اڳتي پاڻ پنهنجي حسد جو کليءَ طرح اظهار ڪندي، بلوچن جي معنيٰ ۽ مفهوم ڪندي لکي ٿو ته:"راج ڪراڙي جا ماڻهو جيڪي ڳوٺاڻا ٻهار تي ٻين پاران وڙهن." وڌيڪ لکي ٿو ته: "اسان جي تحقيق موجب سنڌ ۾جيڪي به بلوچ آيا آهن، اهي شاهه بيگ ارغون جي حملي وقت ان جي فوج ۾ ڀاڙيتو هئا." هو رند ۽ لاشارين جي طويل جنگ کي به هڪ افسانو چوي ٿو. چاڪر اعظم سان به کليءَ طرح نفرت ڪري ٿو. اهڙي نموني لکيل ڪتاب کي تاريخي ۽ تحقيقي ڪتاب ڪنهن به صورت ۾ نه ٿو مڃي سگهجي. هو بلوچ جي معنيٰ ڪندي لکي ٿو: "برو معنيٰ پري کان آيل، ڌاريون، غير ملڪي، اوچ معنيٰ جبل، پهاڙ معنيٰ پري کان آيل ڌاريو لشڪر هو."

هو لکي ٿو:"ارغون، خان بلوچ سڏيا ويا." هاڻي نمبر وار اهڙين من گهڙت روايتن کي رد ڪرڻ لاءِ دليل پيش ڪريان ٿو.

ڪتاب لاشاري گلدسته، مصنف ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. لاشاري بلوچ جي معنيٰ هيئن ٿو ڪري:

"بلوچن جي ٽيتاليهه پاڙن ڪيچ مڪران جي حدن ۾ سڪونت اختيار ڪئي ته انهن بهادريءَ جا وڏا ڪارناما سرانجام ڏنا. ان وقت جي علائقائي زبان ۾ بل معنيٰ بهادر اوچ معنيٰ وڏو. بل اوچ معنيٰ وڏو بهادر. بل اوچ مان بلوچ ٿيا.

2: بلوچن جا ٽيتاليهه پاڙا ڪيچ مڪران جي پهاڙن جي دامن ۾ رهندا هئا ۽ پهاڙ جي دامن واري علائقي کي ان وقت جي زبان ۾ بلوح سڏيندا هئا ۽ اتي رهڻ وارن کي بلوحي سڏيندا هئا، بلوح لفظ جي ئي صورت بلوچ آهي.

3: بلوچن جا ٽيتاليهه پاڙا سڀ مسلمان ڏاڙهي رکندڙ باريش هئا. تي سگهي ٿو ته باريش مان بريش بروش ٿيندو. آخر ۾ وڃي لفظ بلوچ ٿيندو نظر اچي ٿو.

ڪتاب "سنڌ، بلوچستان ۽ افغانستان ۾ رهندڙ مسلمان قبيلن جو تاريخي ۽ روايتي خاڪو" مصنف شيخ صادق علي شير علي انصاري، صفحي نمبر 54 تي لکي ٿو:"چانڊيا ۽ ڪرمتي جلال خان جي ٽئين نمبر پٽ هوت خان جو اولاد آهن. چانڊين جو نالو گهڻو ڪري سنڌن بزرگ جي نالي چانڊيو مان ورتو ويو آهي."

شام جي حلب وارين پهاڙين جي وچ ۾ هڪ وادي جو نالو آهي "البوص وادي" ۽ ان ۾ رهندڙ قبيلن کي بلوحي، بلوشي، البوش چوندا هئا. اڄ به اتي جي رهاڪن کي بلوش (بلوچ) چوندا آهن. ڇاڪاڻ ته عربي ۾ "چ" نه آهي، ان ڪري بلوش سڏيندا آهن. اتي چوٽي مشهور آهي "البلوش من اولادِ محمد." هي الفاظ مسقط جي تمام وڏي عالم فقيه، مصنف ۽ مورخ جناب شيخ علي الهوتي جا آهن. پاڻ نسب ۾ هوت بلوچ آهن.

اتي ڪو نوجوان ڪنهن جنگ ۾ بهادري ڏيکاريندو آهي ته عرب چوندا آهن "نَعمُ البَلوشُ هُم شُجاعُ." من اولادِ محمد بلوش يا بلوچ پاڻ کي محمد جو اولاد ان ڪري سڏائن ٿا جو عربي تاريخ سبائڪ الذهب موجب بلوچن جي نسل جي شروعات محمد کان ۽ ڇيڙو عدنان تي ٿئي ٿو. جناب محمد جو شجرو چوڏهن واسطن سان رسول ڪريم صلي الله عليہ وسلم سان ملي ٿو. "مروج الذهب" حصو ٻيون صفحو 123 "الاَڪرَد اِنَهُم مِن وَلَد رَبِيعَت بِن نَزَار" يعني ڪرد ربيع بن نزار جو اولاد آهن. اهڙيءَ طرح ڪردن ۽ بلوچن جو نسل جناب نزار بن معد سان ملي ٿو. جناب ربيع ڪردن جو ۽ جناب مغربن نزار بلوچن ۽ سيني قريشن جو وڏو آهي. مطلب ته بلوچ ۽ ڪرد ٻئي هڪ ئي وڻ جون ٽاريون آهن. ٻنهي کي حضرت ابراهيم خليل جو اولاد هجڻ جو شرف حاصل آهي. سبائڪ الذهب ۾ محمد جو نسب حضور صلي الله عليہ وسلم جي پڙ ڏاڏي جناب عدنان سان هيئن لکيو آهي:"محمد بن نزار بن ذيبان بن بکيض بن ريش بن سعد بن غطغان بن سعد بن قيس بن غيلان بن مُضر بن معد بن عدنان رحمت الله عليہ اجمعين. بلوش يا بلوچ ڇاڪاڻ ته اهل تشيع شيعا هئا. ان ڪري امير معاويہ ۽ يزيد جي مسلسل حملن کان بچڻ لاءِ مڪران ۽ ڪرمان لڏپلاڻ ڪري آيا. فارسي ٻوليءَ ۾ ڇاڪاڻ ته "چ" آهي، ان ڪري بلوش مان بلوچ سڏجڻ لڳا." هيءَ تحقيق ئي سيني کان وزندار ۽ جاندار لڳي ٿي.

ڪتاب "بلوچي قبائل" مصنف مسٽر لانگ ورٿ ڊيمز مترجم ڪامل القادري صفحو 37 تي لکيل آهي ته"تاريخ ۾ پهريون دفعو بلوچن جو ذڪر ڏهين صدي عيسوي مطابق چوٿين صديءَ جي عرب تاريخدانن ڪيو آهي. فردوسي پنهنجي شاهنامي ۾ چوٿين صدي هجريءَ ۾ عرب تاريخدانن کان به اڳ ڪيو آهي." ساڳئي ڪتاب جي صفحي نمبر 63 تي چانڊيا، دشتي، ڊومبڪي، درشيڪ، گبول، گوپانگ، گورگيج، هوت، جتوئي، ڪلمتي، ڪيرد يا ڪرد، ڪوسا، لاشاري، مزاري، ڪورائي، نوحاڻي، ٻڙ، رند، بگٽي، بليدي، لنڊ، مري، رئيساڻي، عمراڻي، زرڪاڻي، گشڪوري، ٽالپر، ڪولاچي، گهراماڻي، سنجواڻي سيني کي بلوچن ۾ شمار ڪري ٿو. ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" مصنف ڀيرومل مهر چند آڏواڻي صفحو 112 تي لکي ٿو:"چانڊيا ۽ مگسي ذات جا مسلمان لاڙڪاڻي ضلع ۾ آهن. جو اڳي انهن چانڊين

جي نالي پنيان چانڊڪو سڏبو هو.“ هن مان ثابت ٿيو ته چانڊڪو پرڳڻو چانڊين جي ڪري چانڊڪو سڏائو ۽ پاڳت لکيو آهي ته چانڊين جي ڪري چانڊڪو نالو ناهي پيو. ڪتاب ”جنگ نامه“ مصنف ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. هن ڪتاب ۾ فقير قادر بخش جويو جا بيت ڏنل آهن. جيڪو 1913ع ۾ فوت ٿيو. 85 سال عمر هئس. بيتن مان ظاهر آهي ته چانڊڪو پرڳڻو چانڊين جي ڪري سڏائو:

رات پيئي هُئن وچ ۾ تاٽا ڏين ترٽل،
چڙهيا لشڪر چانڊڪا، ڪنڌي سان ڪرڳل،
چانڊيا مگسي پاڻ ۾ محڪم گڏيا مل،
اڙينگ شير اچي لٿا، جُهلي رسيا منجهه جهل،
ٻڌي هاڪ هڪل، مرد هڪو دشمن ڪي پوي.

ڪتاب ”سوانح حيات نواب سرغيبي خان“ مصنف خليفو نبي بخش چانڊيو. مولانا غلام مصطفيٰ قاسميءَ جي حوالي سان لکيو آهي ته سنڌ ۾ چانڊيا قوم (قبيلو) وڏي طاقت رکندڙ قوم (قبيلو) آهي. هن بلوچ قوم (قبيلي) جو سردار ديري غيبي ۾ رهندو آهي. هن مان صاف ثابت ٿيو ته چانڊيا بلوچ آهن. صفحي 43 تي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکيو آهي ته بلوچ قبيلا سنڌ ۾ گهڻو آڳاتو آيا، پر چانڊيا جيڪي هوت جو اولاد آهن، اندازن ٻين صديءَ جي آخر يا ٽين صديءَ ۾ آيا. انگريز آفيسر ايچ ٽي لئمبرڪ لکي ٿو ته نواب غيبي خان هڪ مثالي بلوچ آهي.

ڪتاب ”تاريخ معصومي“ مصنف مير معصوم بکري صفحو 149 تي لکي ٿو ته:”بگٽي ۽ رند بلوچ آهن.“ صفحي نمبر 155 تي لکي ٿو ته:”مرزا شاهه حسن جي غلبي جو آواز جڏهن ملتان جي حاڪم سلطان محمود لانگاهه جي ڪن تي پهتو، تڏهن بلوچ قبيلن رندن، دوردائن، ڪورائن، چانڊين ۽ ٻين کي گڏ ڪري سيني سرحدن ڏانهن موڪليو.“ هن مستند ۽ قديم ترين ڪتاب جي شاهدي کي نه مڃڻ لاءِ ڪو به جواز نه آهي.

چانڊيا قبيلي جي سردارن وٽ جيڪو پشت به پشت شجرو آهي، اهو پنج سئو سالن کان سرداري گهراڻي وٽ محفوظ هلندو ٿو اچي. اهو شجرو ڪتاب ”سوانح حياب نواب سر غيبي خان“ جي صفحي نمبر 56 تي ڏنل آهي.

جيڪڏهن هن ڪتاب جا پيرا ڪٽبا ته لڳ ڀڳ اڪثر ذاتين متعلق ڏنل معلومات مشڪوڪ ملنديون ۽ لڳندو ته ليکڪ تحقيق بجاءِ هتان هتان ميڙيل اڻ تصديق ٿيل جاڻ ڏئي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن سبب ڪتاب کي علمي اثاثو چئي نٿو سگهجي.

□□

# درد جي ساڳي ڪتا

## محبت جي شاعري

فرحان اجڻ




درد، ڏک، پيڙا تہ هر ماڻهوءَ جي اندر ۾ هوندي آهي، پر هرڪو انهيءَ جو انوکو اظهار نہ ڪري سگهندو آهي. شاعر اهو ڪم ڪندو آهي، جيڪو ڪنهن طبيب/ ڊاڪٽر کي ڪرڻ گهربو آهي. شاعر ئي هر دل جي درد جو دارون ڳولي ٿو تہ ان جي ترجماني بہ ڪري ٿو. بخشل باغي بہ هڪ اهڙو شاعر آهي، جنهن جي هر لفظ، هر شعر ۾ درد جو درياهہ سمايل آهي. ڪيترا ئي شاعر ڏک، درد جي پيڙا برداشت نہ ڪري سگهندا آهن، تہ موت جي خواهش جو اظهار ڪندي ٻڌبا آهن، پر بخشل انهن ارڏن ۽ مهاڏو اٽڪائيندڙ شاعرن مان آهي، جيڪي زندگيءَ سان، ڏکن جي هوندي بہ جنگ جوٽيندا آهن.

درد گل جيئن ٽڙي پيا آهن،
زندگيءَ جي اُداس تاريءَ ۾.

بخشل جي شاعريءَ ۾ درد تہ آهي ئي، پر هن وٽ جيڪو رومانس آهي، اهو بہ ست رنگي وانگر آهي، جيڪي رنگ گڏجي من کي رنگينيون بخشيندا آهن.

رنگ، اندلٺ جان ٿي ڪڙئين، جهڙ مان،
بيابانن ڏنو پئي توکي.

شاعري حساس ماڻهوءَ جي ڪومل احساسن، جذباتن جي نمائندگي هر ريت ڪئي آهي:

تون ملين ها تہ جيئڻ جي بہ ابتدا ٿئي ها،
چو تہ آغاز کان محروم ٿي ويا آهيون.

پيار- پيارن محبوبن سان ٿيندو آهي ۽ اهو محبوب جي ملي وڃي ٿو تہ زندگيءَ جي هر راهہ سڦل ٿيو وڃي، ۽ جي نٿو ملي تہ ماڻهو جيئن ازل کان آيو آهي، بلڪل ائين پيار بنا ڪورو ڪاغذ رهجيو وڃي. اهو احساس بخشل جو نئون مجموعو ”درد جي ساڳي ڪتا“ پڙهي ٿئي ٿو. شاعر جي شاعريءَ جو ڪمال ئي اهو هوندو آهي تہ اها عام پڙهندڙ کي پنهنجي روئداد لڳي، ۽ انهن ئي سٽن ۾ پنهنجي پنڌ پيچري جي ڳولا ڪري تہ واقعي اها منزل منهنجي آهي، ۽ ائين مون سان ٿي گذريو آهي. لطيف سرڪار چنڊ کي مخاطب ٿي چيو هو:

چنڊ تنهنجي ذات، پاڙيان نہ پرينءَ سين،
تون آچو ۾ رات، سڄڻ نت سوجهرا.

باغي بہ يڪتائيءَ کان متاثر تو لڳي ۽ لکي ٿو:

سارو آڪاس آرسي تنهنجي،
هر ستاري ۾ نور تنهنجو آ.

باغيءَ جا بيا بہ ڪيترا ئي اهڙا شعر آهن، جيڪي لطيف، اياز ۽ ٻين جي شاعريءَ جي تتبع ۾ چيل آهن.

باغيءَ وٽ درد رڳو محبوبِ مجازيءَ لاءِ نہ بلڪ سدا سهڻي سنڌ لاءِ بہ آهي، جيڪا هڪ زبردست تهذيب رکي ٿي ۽ جنهن پنهنجي وڏيءَ عمر ۾ ڪيترا ئي درد، هاڃا سَنا ۽ برداشت ڪيا. سنڌ جي مهراڻ جي موجن جو ذڪر تہ رگويد ۾ بہ آهي، پر باغي مهراڻ جي مستيءَ جي درد ڪٿا ڪجهہ هن ريت ٿو ٻڌائي:

ونجهہ هٿا ٻانهون، سنڌوءَ سان ياڪرين،
ڳالهڙيون ڪن ٿا، ٻتيلا پاڻ ۾،
روز پکين کان پري ٽيندا وَڃون،
وڍجندي سوچين ٻيلا پاڻ ۾.
پتڻ ۾ پور هوندو هو،
دريا پرپور هوندو هو.

سنڌ سان عشق ۽ سنڌ جي وڻن، ٽڻن، گلن ٻوٽن، ماڻهن سان محبت واري روش سنڌي شاعر جي فطرت رهندي آئي آهي، ۽ باغيءَ جي شاعري بہ فطري ۽ شعوري طور سنڌ سان محبت جو درس ڏئي ٿي. ان ۾ ڏک درد بہ آهي تہ رومانس بہ آهي ۽ ڪيترين ئي نيون تشبيهون ۽ استعاره بہ ڪم آيل ملن ٿا. باغيءَ جي شاعريءَ جا موضوع بہ گهڻو ڪري هن جي دؤر ۾ عام جام ڳائجندڙ موضوع ئي نظر اچن ٿا، جهڙوڪ عشق محبت، قوميت ۽ سماجي سجاڳيءَ جهڙا.

هن جي شاعريءَ جي نمايان گڻن ۾ شهري ماحول جي اندروني تضادن ۽ پيچ ڌاهہ وارين ڪيفيتن جي ذڪر کان سواءِ ٻهراڙيءَ جي حسن جو هڳاءُ، پکي، وڻ، نديون، رند راهون، گل، ٻوٽا، مندون ۽ اهڙا ڪيئي عڪس بہ هن جي تخليق جي نمايان رنگن ۾ شامل آهن، جيڪي هن جي حسن شناس هجڻ جي نشاندهي ڪن ٿا.

بخشل جي شاعريءَ ۾ عام زندگيءَ جا عڪس چِٽا چِٽيل آهن ۽ هو پنهنجي اوسي پاسي جي ماحول تي گهري نظر رکي ٿو. پنهنجي ماروئڙن جي مفلسيءَ،

مسڪينيءَ ۽ سرمائيدارن جي سياهه ڪاريءَ کي هڪ ئي هنڌ فنڪاراڻي انداز ۾ پيش ڪيو اٿس.

مون ڏٺو رئندي بکايل ٻارڙو
بک جهڙو هي سڄو عالم لڳو.

هيڙي سائنسي دؤر ۾ زندگي بي انتها مصروف ٿي وئي آهي ۽ انسان کي انسان جي پرک ناهي رهي. زنده ماڻهو تہ هڪ ٻئي سان ساڙ حسد ڪن ٿا، پر جيڪي هن دنيا کي ڇڏي ٿا وڃن، ظالم انسان انهن کي بہ نٿا بخشن.

اَڄ اتي هڪ پلازه آ تعمير ٿيو
ڪالهہ جاتي ڪي بي نام هُون تربتون.

اهڙا ڪيترا ئي شاعر آهن، جيڪي متاثر ٿي شاعري ڪندا آهن. شيخ اياز بہ پنهنجي شاعريءَ ۾ مشرق ۽ مغرب جي ڪيترين ئي شخصيتن کان متاثر ٿيو آهي. ”هرڻ اکي ڪيڏانهن“ ۾ ڪيترائي نظم آهن، جيڪي شيخ اياز ڪِن عظيم شخصيتن لاءِ Tribute طور لکيا آهن. بخشل باغي، گانڌيءَ جي شخصيت کان تمام گهڻو متاثر ڏسجي ٿو. هن بہ گانڌيءَ کي تربيوٽ پيش ڪيو آهي:

اَهنسا جي آبرو ميان ارڪيئي خوبُ،
پنهنجي فطرت ۾ رهئيين، سدائين مجذوب،
بنجي وئين محبوب، گانڌيا هر هڪ گيان جو.

تخيل جي گهرائي ۽ اندر جي انسان جي دنيا ئي ڪجهہ الڳ هوندي آهي. جڏهن اهي ٻئي گڏجي ٿا پون ٿا، لوهہ کي بہ پارس بڻايو ڇڏين. شيخ اياز ۽ تاجل بيوس تہ ٿر جي منظر نگاري دلفريب انداز ۾ ڪئي آهي، ايئن جيئن منظر اکين اڳيان گهمندا ڦرندا هجن. ٿر جي ثقافتي توڙي جاگرافيائي بيهڪ جو چٽ شاندار نمونو چٽيل ملندو ۽ ايئن ئي اهڙا ڪيترا ئي منظر آهن، جن بخشل کي بہ بي انتها متاثر ڪيو ۽ بخشل پنهنجي تخليقي قوت سان ٿر جي ڏينهن، راتين، شامن، ۽ منجهندن جي من موهيندڙ انداز ۾ منظر ڪشي ڪئي آهي.

”گِڊيءَ“ اوچو ڳاٽ، سونهين ”منيءَ“ جي مٿان،
ڀِٽن وچان واٽ، سانجهيءَ جو هئي سرمئي.

باغيءَ جي نظمن ۾ نرملتا، سادا سودا احساس سهڻن سؤلن لفظن ۾ جڙ تہ عام ڪچهري/ ڳالهہ ٻولهہ جي انداز ۾ هجن، پر تخيل وسيلي سماج جي عڪاسي ڪري ٿو. هو ٻڌائي ٿو تہ شهر فطرت کان ڪيترو نہ ڪٽجي مصنوعي زندگي بسر ڪري رهيا آهن.

گهر تہ مسواڙتي آهي ننڍڙو مگر
ان جي آڳر مٿان، نيرڙو آهي
تڪرو تنگيل...

.....

شهر فطرت کان ڪيڏو نہ ڪٽجي ويا...

باغيءَ جو نظم، خيالن جي تڙيل پکڙيل هئڻ بجاءِ هڪ ئي ڳالهہ جي پٺڀرائي ڪري ٿو. امن آچپي، سک، شانتيءَ بجاءِ هر جاءِ رڳو دنگا فساد، جهيڙا جهٽا لڳا پيا آهن، ۽ بخشل ان لاءِ بہ ڪيترا ئي مؤثر استعارا ڪم آندا آهن، "حادثن جو ٿيٽر" انهن جي مڪمل منظرڪشي ڪري ٿو.

حادثن جي وسيع ٿيٽر ۾،
هي جيئاپو بہ جڻ تہ آ ڪرتب.

.....

ذلتن جي ٽڪيٽ جاري آ،
پيهہ ۾ پورجي ويو جيون.

باغي جي نظمن ۾ "بي سڪوني وياج وانگر ٿي وڌي" "سچ"، "رُڪاوٽ"، "ميونسپالٽي" اهڙا نظم آهن، جيڪي مايوس زندگيءَ جا چٽا عڪس ڏين ٿا. اهي نظم عام ماڻهوءَ جي دل جي ترجماني ڪن ٿا ۽ منجهن نوان استعارا ۽ تشبيهون نظمن جي خوبصورتيءَ کي وڌائين ٿا. "اسٽاپ"، "ليڊي وايوليٽ"، "ندا"، "چا چوان" رومانس سان پريل نظم آهن.

◘◘

SARANGAA

HYDERABAD
Regd. No. 5132
www.sarangaa.com




Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.